نيڻين ننڊ حرام



منوهر بيدي - جگديش لکاڻي

شری منوهر بیدی جی پروفیسر جگدیش کی

جی تخلیق "نیشی بندهن"

کین جی بیش کیمتی ذهن بندی کی

ذاتی خوشی جی رهی آهی .

میم جیم
سندو نگر
۳۱ آکتوبر ۱۹۹۳

ويڊيو فلم اسڪرپٽ

نيڻن ننڊ حرام

(شاهه جي رسالي، ڪلام ۽ تخليقي تصورات جي آڌار تي)

رچناڪار :

منوهر بيدي - جگديش لڌاڻي

وينا پبليڪيشن

٧٠١، راجهو اپارٽمينٽ،

گول ميدان، الهاسنگر - ٤٢١٠٠١.

فون : 540103

نيڻين ننڊ حرام : هڪ نئون ڪرشمو

— پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

”نيڻين ننڊ حرام“ هڪ ويڊيو - ناٽڪ آهي، جو منوهر مهدي ۽ جگديش لکاڻيءَ جي قلم جو هڪ نئون ڪرشمو آهي. هنن اڳ به ڪن نامور هستين تي اهڙا ناٽڪ پيش پئي ڪيا آهن جي اڃا ٽائمن پردي تي پيش نه ٿيا آهن پر عام اڳيان پيشڪش جي روپ ۾ پڌرا ٿيا آهن ۽ مقبوليت حاصل ڪئي اٿن. هنن کي اهو امتياز حاصل آهي جو هنن سنڌي ادب ۾ اها هڪ نئين صنف ايجاد ڪئي آهي. اهو به هڪ معجزو آهي جو هو بنا ڪنهن رقابت ۽ دلي صداقت سان اهڙيون رچنائون رچيندا رهن ٿا. اهو هڪ حيرت انگيز مثال آهي؛ نه ته هن رشڪ ۽ حسد جي زماني ۾ ڪيئن جڳر هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيندا اچن! اهو به هڪ راز آهي ته هو ڪهڙي طريقي سان ڪنهن موضوع جو احساس ٿا ڪن ۽ ان کي لباس پهرائڻ ۾ ڪهڙو فنڪاريءَ جو نمونو ڏيا وٿن. ٻنهي جو روحاني مطلب آهي ۽ ڄڻ روحاني ٻوڳ آهي.

هي ويڊيو ناٽڪ شاهه ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ سنڌس سير-و-سياحت جي نسبت ۾ آهي ۽ ان کي مطالع ڪرڻ سان ٻروڙجي ٿو ته هنن نه رڳو خود رسالي جو احساس ڪيو آهي، پر رسالي ۽ شاهه جي سوانح عمريءَ تي عالمانه ادب به کوڙائي پڙهيو اٿن ۽ موزون هنڌن تي شاهه صاحب جي ڪلام سان اثر انگيز مثال پيش ڪيا اٿن. جوڳين جي صحبت ۾ سنڌس قلب ڪيئن روشن ٿي ڪيميا جي صورت ورتي، سو سائنس ڪمال سنياسين جي گفتار سان پڌرو آهي.

عنوان : نيڻين ننڊ حرام
رچناڪار : منوهر بيدي ۽ جڳديش لڇاڻي
سال : ١٩٩٣
تعداد : ٥٠٠ ڪاپيون
قيمت : ٩٩ رپيا

ڇپائيندڙ : راجيش لڇاڻي، وڻتا پبليڪيشن،
٧٠١، راجيو اپارٽمينٽ،
گول ميدان، الهاسنگر - ٤٢١٠٠١.
فون : ٥٤٠١٠٣
ڇپيندڙ : ديپ پرنٽرس،
٦، اما ساگر اپارٽمينٽ،
بابا ڍولورام دربار جي سامهون،
الهاسنگر-٤٢١٠٠١. فون : ٥٤٨١٦٣

Title : NENEN NIND HARAM
(Video Film Script on the Life, Poetry & Creative Imagination of Shah Abdul Latif)
Authors - Manohar Bedee & Jagdish Lachhani
Year : 1993
Copies : 500
Price : Rs. 99/-

Publisher : Rajesh Lachhani
701, Rajiv Apt. Goal Maidan,
Ulhasnagar-421001. Tel. 540103
Printers : DEEP PRINTERS
6, Amma Sagar Apartment,
Opp. Baba Dholuram Darbar,
Ulhasnagar-421001, Ph. 548163

حوالي ۾ وڌو ويو. قدرت کي شايد منظور هو ته ڪنهن محبت جو ڦهري ڪاٽ لڳي ۽ سندس قلب ۾ سمايل شاعراڻي خزاني جي ڪليد ڪنهن عطا ٿئي. اهو ڀوريون واقعو هو جنهن مٿس ايڏو اثر پيدا ڪيو ۽ جوڳيءَ جو مارڳ ورتائين. سنياسين جي صحبت جي اثر ۽ مجاز جي اثر کي ناٽڪ ۾ اڏوائي نروار ڪيو آهي:

يار سڄڻ جي فراق،
ڙي جنڊيون! آئون ماري...!
عبداللطيف چئي هرين اسان جو،
هميشه آ حسناڪ!
يار سڄڻ جي فراق...

منهن سهڻي واڻي موزون هند تي آڻي شاه جي دلي ڪيفيت کي آئيني مثل روشن ڪيو اٿن.

شاه گنجي ٽڪر کان هنگلاج تائين ڪاپڙين جي قافلي سان جهڪي نظارا ڏٺا، تن کين سهڻيءَ جي ڪشالن جي ياد ڏياري ۽ ڪنجهر ڀرپاسي تي نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي عشق وَ محبت جو نظارو اچي اکين اڳيان بيٺس، موڪلي دريا جي دهشت جو درشن ڏنائين. دل جي آئيني ۾ سهڻيءَ جو حال پڙهو ڙيائين. موڪلي گجرات ڪڇ، ڪاٺياواڙ، ٿر جو سير ڪندي، مومل ۽ راڻي، پنهل ۽ راءِ ڏياچ، ليلا - چنيسر ۽ مارئيءَ جي قصن کي دلنشين ڪيائين ۽ پنهنجي ڪلام ۾ وقت-آميز نموني پيش ڪيائين. انهن سڀني سرن مان هن ناٽڪ ۾ سندن ڪلام مان اثر - پذير اهم آندا ويا آهن فردوسي جنهن شاهنامو لکي، ايران کي امر ڪيو، سو ڇولندو هو ته جهڪي ڀي جڳهون يا نظارا وغيره مون بيان ڪيا آهن، سي منهنجي تصور جي پردي تي عيان اچي ٿيندا هئا. مهاڀارت ۾ سنجيه جو مثال ڏيکاري ٿو ته - اهڙن پهتل شخصن جو قلب

آلائشان اڳي ٿيا، موٽي ٿين نه مس-

هو ناپاڪائيءَ کان آجا هئا ۽ موٽي مٽن کا ميراڻ نه چڙهي. روميءَ سچ چيو آهي - گرچه سنگ خاره...

”جيتوڻيڪ تون سخت پٿر هجين ته به ڪنهن درويش جي صحبت ۾ گوهر ٿي پوندين.“ پنهنجي لکڻ تي اُن، ساڳيو اثر پاتو پيو آهي.

اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته شاه صاحب جي هٿ اکري ڪٿي به موجود ناهي پر هو پاڻ سان هميشه روميءَ جي مثنوي ۽ شاه ڪريم جو رسالو گڏ رکندو هو. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڪنهن سندس تڙ ڏاڏا شاه ڪريم ۽ ڀٽ واري هنڌ تان لنگهندي پيشنگوئي ڪئي هئي ته ”اسان جي پوين مان هڪ لاثاني گوهر پيدا ٿيندو.“ ظاهريءَ طرح پنهنجي اُستاد نُور محمد ڀٽي وٽ الف کان زياده اڳتي نه وڌيو پر اهڙن خدا دوستن تي علم لدني نازل ٿيندو آهي، جنهن ۾ سڀئي علم سمايل هوندا آهن. مون کي خوشي آهي، جو جگديش ۽ منوهر الهيءَ جو ذڪر آندو آهي. الهيءَ مان ثابت آهي ته سندن مطالعو وسيع ۽ صحيح آهي. روميءَ جو مشهور سخن شاهديءَ طور پيش ڪيو اٿن:

علم اهل - دل نه از مڪتب بود،
بلڪ از تعليم هاتف رب بود.
بي ڪتاب و بي حساب و بي ادب
اوليا را حق ڪند علمي نصيب.

مطلب ته درويشن جي تعليم ڪنهن مدرسي مان ناهي، پر سڌو ڪين رب کان عطا ٿيل آهي، باقي ڪنهن حساب ڪتاب ۽ اُستاد جي ڪين هيءُ علم عطا ٿئي ٿو.

مرزا جي دفتر جي حليمائيءَ ۾ دنيا طلبيءَ لاءِ ڪمس سندن

پنهنجي پاران:

اسان پڻ ادب - دوستن جي "نيڻين ننڊ حرام" اسڪرپٽ فارم ۾ ڇهن گڏيل رچنا آهي. هيءَ رچنا شاهه جي (نامڪمل ئي سهي!) تصوير آهي. هن تصوير ٺاهڻ ۾ پڻ ڇهن پاڻ ورتو آهي. هڪ لڪيرون ڪڍيون آهن ٻين رنگ ڀريا آهن. هڪ دل لڳائي آهي، ٻئي دماغ لڳايو آهي- تڏهن ئي وڃي شاهه جي هيءَ نامڪمل تصوير مڪمل ٿي آهي

سنڌ جي پوتر ڀوميءَ تي سن ١٦٨٩ ۾، هڪ اعليٰ درجي جو، مهان سنت ڪوي شاهه عبداللطيف پيدا ٿيو، جو دنيا جي مشهور ۽ معروف شاعرن ۾ هڪ ممتاز هستيءَ جو مالڪ آهي هنکي شاعراڻي قوت اعليٰ پيماني تي عطا ٿيل هئي، جنهن کيس هر طرح ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر بڻائي ڇڏيو. شاهه جو شعر انيڪ ادبي جوهرن سان معمور آهي، جنهن تي سنڌ ۽ هند جي سنڌين کي ناز آهي.

شاهه ڀٽائيءَ جي امر ڪوتا ۾، سنت ڪوي ڪبير، سورداس، تلسي ۽ ميران وانگر ڀڳتي، ويراڳ، يوگ ۽ گيان جو ميل آهي. هن پنهنجي وقت جي مذهبي تنگدليءَ، تعصب ۽ ڪٽرپڻي خلاف آواز اٿاري، عالم جي صحيح نموني رهنمائي ڪئي. حسام الدين راشدي شاهه لاءِ ٺيڪ ئي فرمايو آهي، "... درحقيقت هن جي ذات يا هن جو پيغام نه ڪنهن خاص طبقي جي ميراث ۽ نه ڪنهن خاص ملڪ جي ملڪيت آهي. هن جو ڪلام هر انساني برادريءَ جي ميراث آهي ۽ هن جو پيغام سڀني انسانن لاءِ آهي، ڀل هو مشرق ۾ رهندا هجن يا مغرب ۾."

ٿي آئندو آهي؛ انهيءَ ڪري هو سنتوش ۽ ترانشنر کي ڪرڪيتر جي پڙ سماچار ڏيئي سگهندو. ملٽن ۽ هومر نابين هئا پر باطني نظر سان پرٿوي ۽ آڪاش جا درشن ڪيا اٿن. شاه جو ڪلام به اهڙي نموني الهام جي صورت ۾ آهي، جنهن جو ڳجهي پرو ٽيڪا ٿو فرمائي. مطلب ته شاه جا سڀ تجربا ۽ تيرٿ-ياترائون ناٽڪ ۾ آيل آهن ۽ درويشن سان ملاقاتن سان گڏ شاه سان جوڳين جي گيان-گوشٽ ۽ قاضين ۽ مخدومن جي دنيوي ۽ روحاني گفتار جو به ذڪر آندو ويو آهي. رسالي جي جدا جدا سرن مان به مثالي بيت پيش ڪيا ويا آهن.

وڌيڪ وستار جي ضرورت ناهي ڇو ته "عيان را چه بيان" يعني جيڪي پڌرو آهي، تنهن کي بيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ناٽڪ پڙهڻ سان شاه بابت سموري ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ ناٽڪ ڏسڻ سان (جي پيش ٿيو) حاضرين تي سنڌ جي اعليٰ شخصيت جو سڪو دل تي دائم قائم رهندو. مان لڳاٽي ۽ پيڊيءَ کي ايتد مبارڪون ٿو ڏيان جو هنن ناٽڪ جي صورت ۾ شاه کي زنده روپ ڏنو آهي.

حافظ سچ ٿو چوي ته:

هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد به عشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما (حافظ.)

"هرگز اهو نه ٿو مري، جنهن جي دل عشق سان زنده آهي. دنيا جي دفتر ۾ اسان جي اَمرتا هميشه لاءِ اُڪري ويئي آهي."

سئنيما جي ايجاد جتي ناٽڪ - ڪلا کي ڪافي ڌڪ هنيو، اُتي ريڊيو جي ايجاد "براڊ ڪاسٽ اسٽوڊيو" ۾ اُن جو ڄڻ نئون جنم ٿيو. پهريون دفعو ناٽڪ - ڪار کي مٿو رلڻ جي معاملن جي سڀني، ڏاڍين ۽ گوڙ شور کان ڇٽي ملي. ريڊيو لاءِ ناٽڪ لکڻ وقت ناٽڪ - ڪار کي ٻڌندڙن جو منهن اڳيان رکڻ ۽ فرنيچر ٺاهڻ کان باز اچڻ لاءِ Sexual Bribery ڏيڻ جي ضرورت نه هئي. تنهنڪان سواءِ ريڊيو - ناٽڪ، ليکڪ کي اسٽيج جي پابندين ۽ زمان ۽ مڪان جي پابندين کان به مڪت ڪري ڇڏيو، ڇو ته ريڊيو - ناٽڪ ۾ زمان ۽ مڪان جي سوچنا صرف آوازن (Sound Effects) ذريعي ئي ڏني ويندي آهي. پر اڄ جي يُگ ۾ سائنس اسان کي اڃا به وڌيڪ سهولتون ميسر ڪري ڏنيون آهن ۽ اهو سائنس جي سهولت جو اُپيوگ ڪلا جي کيتر ۾ به ٿيڻ لڳو آهي. اڄ وگيان ويڊيو - يُگ کي جنم ڏنو آهي ۽ ويڊيو - يُگ جو اهم ذريعو آهي ٽيليويزن، جا تمام تيزي رفتار سان سئنيما تي به حاوي ٿيندي ٿي وڃي. اڄ اسان کي وگيان جي بدولت اها به سهولت ميسر آهي جو اسين پنهنجي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ ويهي، پنهنجي مرضي مطابق پنهنجي دل - پسند ڪا به ويڊيو ڪئسيٽ ڏسي سگهون ٿا. مطلب ته گهر ۾ ئي انسان کي وندر جو ذريعو ميسر ٿيڻ لڳو آهي

اڄ راماڻ ۽ مهاڀارت دنيا کي پاڳلپڻي جي حد تائين عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي، اها سڀني کي خبر آهي. "بنياد" جي رستي پنجابي تهذيب جي سڳند سرحدون لتاڙي دور دور تائين ڦهلجي چڪي آهي. "تمس" سالن جا سال ماڻهن کي ياد ڏياريندي رهندي ته پنجاب جي سکن ورهاڱي جي آگ ۾ ڇا ڇا سواها ڪيو ۽ ڪيتري حد تائين شعلن جي تپش سٺائون ۽ قربانيون ڪيائون. "چولي دامن ۽ ساڃها چولها"

صحيح معنيٰ ۾ شاعر اُهي ئي سڏي سگهبو آهي، جنهن جو ڪلام زمان و مڪان جي پابندين کان ٻاهر، هر دؤر ۽ هر ماحول سان ٺهڪندڙ هجي. شاهه صاحب کي شعر چئي ٽن صدين کان مٿي عرصو ٿيو آهي پر پوءِ به سندس ڪلام جي ڪشش ۾ ڪمي ڪونه آئي آهي. اڄ به سندس ڪلام اسان لاءِ ساڳي موزونيت ۽ مناسبت رکي ٿو. شاهه، پنهنجي ڪلام ۾ جذبات جي اها تند تنواري آهي، جا اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۽ هند جي باشندن جي ڪنن ۾ گونججي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان هن دفعي پنهنجي اسڪرپٽ جو مرڪز شاهه کي ئي بڻايو آهي. پر اسان "نيڻين ننڊ حرام" ۾ شاهه جي حياتيءَ جي هڪ اڻ ڇهيل باب کي ئي ورتڪ ڪيو آهي، جنهن جي اپٽار اسان جي سنڌي عالمن خير ڪا ڪئي آهي. شاهه صاحب هنگلاج ڏانهن ويندي سڄا سارا ٽي سال جوڳين جي سنگ ۾ رهيو. اسين سمجهون ٿا ته اهو عرصو شاهه جي زندگيءَ جو هڪ اهم ترين عرصو آهي، جنهن شاهه کي ٺاهيو، ٺپيو ۽ نکاريو. اسان شاهه جي شعرن کي آڌار بڻائي ئي ان جي اپٽار ڪئي آهي ۽ موزون هنڌن تي شاهه صاحب جي ڪلام مان مثال پڻ پيش ڪيا آهن. ائين برابر آهي ته اسان ڪلپنا کان ڪم ضرور ورتو آهي، ليڪن ڪلپنا به اها، جنهن کي ڪو ٺوس آڌار آهي. جيڪڏهن هن ڏس ۾ اسان جي همت-افزائي ٿي ته شاهه جي تصوير کي ايندڙ جلدن ۾ مڪمل ضرور ڪيو ويندو، اها منهنجي توهان کي خاطري آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته اسان شاهه کي اسڪرپٽ فارم ۾ ڇو لکيو؟ جواب تمام سولو آهي. اڄ جو زمانو صرف ڪتاب پڙهڻ يا ريڊيو ۽ ٿيٽر ٻڌڻ جو ناهي. اڄ جو زمانو آهي ڏسڻ-ٻڌڻ جو، يعني ٽي. وي. ۽ ويڊيو جو. ٽي. وي. اڄ جي يُگ جو هڪ زوردار ماڌيم آهي.

عاشق آنگن چڑھبا

(شاہ : سہرو سفر ۽ تخلیقی تصورات)

۾ سکن جي تهذيب کي سنڌن ذاتي گڻن کي نکاري سنواري پيش ڪيو ويو آهي. ”مرزا غالب“ ۽ ”گفتگو“ ۾ اردو ادب ۽ اسلامي تهذيب ۽ ان جا تجليدار پهلو اجاگر ٿيل ملنا آهن. ”امير خسرو“ ۾ صوفي مت کي پرڪاشت ڪيو ويو آهي ته ”پارٽ ايڪ ڪوچ“ ۾ پيرس جو اتهاس دلچسپ ۽ پر اثر نموني دنيا جي اڳيان جلوه نما ڪيو ٿو وڃي.

هر جن سنڌين آزاديءَ جي صدقي سڄي سنڌ قربان ڪري، پيرس ۾ شرڻارٿي ٿيڻ قبول ڪيو، ڪٿي آهي انهن جي دکن، دردن، ارمانن ۽ تڙپ ڀاون جي تصوير؟ جن سنڌين پيرس ۾ اچي مٽيءَ مان سون بڻايو، پنهنجي عقل ۽ محنت سان نه فقط پاڻ کي سکيو ستابو بڻايو، پر هزارين هندستانين کي روزگار ڏنو، ڪٿي آهي انهن جي پرشارٿ ۽ پرمارٿ جو داستان؟ جيڪڏهن سنڌي ان طرح نظرانداز ڪيا ويا ته نه صرف دنيا پر اسانجون ايندڙ پيڙهيون به اسانجي گڻن، قربانين کان اڻ-واقف رهجي وينديون.

انڪري اچ اسانکي پنهنجين مهان-هستين، سنڌين جي گڻن ۽ ڪلائن جو پاڻ پرچار ۽ ڦهلاءُ ڪرڻو آهي. ٻيو ڪوئي واندو ڪونهي، جو اسان سنڌين جي گڻن، ڪلائن ۽ مهان شخصيتن کي ويهي پڌرو ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪري.

اسانجي دلي تمنا آهي ته سنڌي ڪلائون، سنگيت، گيت، لوڪ-ڪهاڻيون، لوڪچرڻ ۽ مهان-هستين جا جيون-چرتر روچڪ نموني پنهنجي اڳيان پيش ڪريون. ان لاءِ اسان ٽيلي-اسڪرپٽ ماڌيم چونڊيو آهي. جيڪڏهن ڪو سنڌي دانشور ۽ سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو شيدائي اڳيان وڌي ۽ ويڊيو فلمون يا ٽي. وي سيريل ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ته اسان ان سان هر ڪنهن قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

— پروفيسر جگديش لڇاڻي

(هڪ وڏو سائو پن وچ مان ان طرح ڏيکاريل آهي جو هڪ ڳرائونڊ مان آسمان ”اَللهُ“ لفظ لکيل آهي.)

مرداڻو آواز: سنڌ جي عظيم ترين شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڏاڏو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هڪ دفعي نون هالن ڪان ٻه ڪوهه پري ڪراڙ ڍنڍ ڀرسان لنگهي رهيو هو. آس پاس واريءَ جا دڙا هئا....

(شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو واريءَ جي دڙي جي ڀرسان لنگهي رهيو آهي. ڪراڙ ڍنڍ ۾ ڪنهن ڪنهن وقت هوا لهرون پيدا ڪري رهي آهي. ٻيءَ حالت ۾ پاڻي شانت آهي. آس پاس جي زمين تي ڪجهه ٻڪي ڇهڪي رهيا آهن. دور دور تائين واري ئي واري ڦهليل آهي. اوچتو هوا جي رفتار ڪجهه تيز ٿيندي ٿي وڃي ۽ آسمان لٽجي ٿو وڃي. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو آسمان ڏانهن نهاري ٿو ۽ ريتيءَ ڪان منهن ۽ اکين کي بچائڻ لاءِ هٿڪي جو ڇوڙ ڪٽي ٿو منهن تي وجهي ۽ ڪجهه ڌيمي رفتار سان اڳتي وڌي ٿو.

اوچتو اَذان اقامت جو آواز چئني هوائن تي ڙندو ڙندو سڄي ماحول تي ڇانئجي ٿو وڃي.)

اَلله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر

اَشهد آن لا اِلا الله....

مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.

شاه :

سچيريان جي سونهن جي، ڳالهه ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي، سوري سر هڄي،
عاشق انگن چڙهيا، پير سيڪو لاهي،
لاهيج ڀوءِ ڀريٽون، ڀوران سر سهي،
عاقل ٿي اوڇون ٿيا، پورو ڪين لهي.

(سر يمن ڪلياڻ داستان ٧)

ڪيو آهي ۽ اسان کي قيامت جي روز شفاعت نصيب
ڪجانءِ.
بيشڪ تنهنجو واعدو ڪوڙو ناهي پنهنجيءَ رحمت سان
او سڀ ڪان وڏا رحم ڪرڻ وارا!

(شاهه عبدالڪريم اٿيءَ وارو ڪعبه شريف ڏانهن منهن ڪري سعادت مندانا انداز ۾ بيٺو آهي)

شاهه عبدالڪريم: نيت ڪئي آهي مون....

(ڪجهه دير چپن ۾ ڪجهه ٻڏبڏائي ٿو.)

الله اڪبر

(شاهه عبدالڪريم الله اڪبر چئي ٻئي ٻنهي هٿن کي ڪنن تائين آڻي ٿو ۽ ٻوهه دن کان ڪجهه هيٺ کابي هٿ جي مٿان ساڄو هٿ رکي ٿو ۽ هيٺان کابي هٿ کي پڪڙي ٿو. هو نماز ادا ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهي. ماحول ۾ ثنا جي گونج.)

ثنا: تنهنجيءَ پاڪيءَ سان گڏ اي الله منهنجي دل
توکي ياد ٿي ڪري
۽ تنهنجيءَ تعريف سان گڏ
مبارڪ نالو آهي تنهنجو
۽ بلند آهي تنهنجو شان
۽ توکان سواءِ ٻيو ڪوئي معبود ناهي.

اعوذ بالله من الشيطان الرجيم

بسم الله الرحمان الرحيم

(شاهه عبدالڪريم نماز پڙهي رهيو آهي. سوره فاتحه جي ماحول ۾ گونج)

سوره فاتحه: الحمد لله رب العالمين
الرحمان الرحيم .....

نماز جي لاءِ حاضر ٿيو !
نماز جي لاءِ حاضر ٿيو !
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو !
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو !

اَلصلوٰة خير من النوم ....

نماز سمهڻ کان بهتر آهي.
نماز سمهڻ کان بهتر آهي.

(ڪجهه وقفي کان پوءِ)
قد قامت الصلوٰة ....

يقيناً نماز قائم ٿي وئي .
يقيناً نماز قائم ٿي وئي .

الله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر

(ڪجهه وقفي کان پوءِ)
اَللهم رب هذه ....
الاهه تون پروردگار آهين انهن سڀني مانگهن کي سڏائڻ جو ،
۽ قائم ٿيندڙ نماز جو.
ڏي محمد صلي الله عليه و سلم جي وسيلي سان المدد
درجو عطا فرماءِ ۽
انهن کي مقام محمود بر ڪرڙو ڪوٺاڻو جنهن جو تو واعدو

۽ نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪندس
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪندؤ.
توهان کي توهان جو
۽ مون کي منهنجو
بدلو ملندو

لکم دينکم ولي دين.
الله اکبر ....

(الله اڪبر جو پڙاڏو جڻ ته هر هنڌ گونجي رهيو آهي. ڪراڙ ٻني. واريءَ جا دڙا، آسمان. شاهه عبدالڪريم هڪ واريءَ جي دڙي جي ڀرسان بيٺو آهي، هن جي سامهون ڪجهه الله لوڪ فقير ۽ صوفي لاڪوفي بيٺا آهن)

شاهه عبدالڪريم: اَلله لوڪو! فقيرو! صوفيو! هوُ سامهون وارو
واريءَ جو دڙو ڏسو ٿا نه؟ انهيءَ
دڙي جي ڀرسان اسان نماز پڙهي هئي....
(ڪجهه دير دڙي ڏانهن نهاري ٿو.)
..... اسان جي اولاد مان هڪ ولي ۽ وڏو
شاعر هن هنڌ پنهنجو آستان جوڙيندو.

(شاهه عبدالڪريم جون اکيون! اهي جڻ مستقبل کي صاف صاف ڏسي ۽ پڙهي رهيون آهن.)

✻

(واريءَ جا دڙا.)

آواز: شاهه عبدالڪريم جي واريءَ جي اها پيشنگوئي لفظ بہ لفظ سچ ثابت ٿي. ٿورڙي عرصي کان پوءِ. جڏهن سنڌ

هر قسم جي تعريف الله جي لائق آهي
جيڪو تمام عالم کي پالڻ وارو آهي
وڏو مهربان
۽ نهايت رحم وارو آهي
روز جزا جا مالڪ (اي الله)
اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا
۽ توکان ئي مدد وٺون ٿا
اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ
انهن ماڻهن جي رستي تان جن کي
تو انعام سان نوازيو
۽ نه انهن جي رستي تان
جن تي تنهنجو غضب نازل ٿيو
۽ نه ئي گمراهن جي
رستي تان
آمين
بسم الله الرحمان الرحيم

(شاه عبدالڪريم الحمد شريف کان پوءِ سوره الڪفرون پڙهي ٿو.
سوره الڪفرون جي ماحول ۾ گولاءِ.)

سوره الڪفرون: قل يا ايها الڪفرون....
چئي ڏيو
اي ڪافرو!
نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪريان ٿو
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪريو ٿا

٣- اُهيان ئي آهون ڪريان، نعرو منجهه نصيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٤- ڪاهل آهيان ڪوڙي، رسي لاءِ رقيب:
درد جديدي، حب حبيبي!
٥- حاذق آهئين هن جو، اڇين شال عجيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٦- دوا آهئين دل جي، ٻيو ٻيو رهيس، طبيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٧- اُلا! عبداللطيف ڪي، ڪوڙي لاءِ، قريب!
درد جديدي، حب حبيبي!

(شاهه جي بيت جا فقير وائي اهڙي تلفظ ۾ ڳائن ٿا جو شايد ئي ڪنهن کي چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي. پر ڳائڻ جو نوع اهڙو ته دلسوز ۽ دردناڪ آهي جو درد جي تصوير اکين جي سامهون اڀري ٿي اچي.
دلسوز موسيقي ماحول کي لرزائي رهي آهي.)
”شاهه جو رسالو“ جو ڪلوز - اپ
پنا اٿلائجندا وڃن ٿا.
هڪ صفحي تي لکيل آهي:

سوانح عمري
۽
سير و سفر

بئڪ گرائونڊ ۾ شاهه جي تصوير.
اکين جو ڪلوز - اپ.

✻

1689ع ۾، ڪاهوڙن جي صاحبيءَ ۾، حيدرآباد ضلعي
جي هالا تعلقي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو جنم ٿيو ....
شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽
دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ! شاهه عبدالڪريم
جي اها پيشنگوئي ان وقت سچي ثابت ٿي جڏهن
سندس ڏڦ پوٽي شاهه عبداللطيف خلوت پسنديءَ جي لحاظ
کان ڪوٽڙي ڇڏي ٽڪ اُنهيءَ جاءِ تي اچي پنهنجن
فقيرن صوفين لاڏوفين سان گڏ واريءَ جي دڙي مٿان
چيڪي مٽيءَ وجهي پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙو اَڏيو. هڪ
ننڍڙي مسجد. اُها سيد حبيب شاهه ۽ امڙ لاءِ حويلي.
فقيرن ۽ صوفين لاڏوفين لاءِ مٽيءَ جا حجرا. اهو هو ڀٽ
جو اصلوڪو روپ ....

وقت بدلبندو رهيو ۽ ان سان گڏ ڀٽ جو روپ رنگ
پڻ تبديل ٿيندو رهيو ....

(چيڪي مٽيءَ جو جهوپڙو بدلجي سادي سوڍي ڀٽ جي شڪل
اختيار ڪري ٿو ۽ .... پوءِ .... موجوده ڀٽ اُڀري ٿي اچي.
ماحول وجداني موسيقيءَ سان ڀرپور آهي، اُحاطي ۾ فقير شاهه
جي وائي ڳائي رهيا آهن- ٽن-ادن کان بيخبر، وجداني عالم ۾
ڄڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا سان جڙيا پيا آهن.)

وائي: معلوم حال حبيب!

مون کي درد ڏنهي، ورا
درد جدائي، حب حبيبي!
١- الودي آزار کان، تو لئه ٿيس طبيب!
درد جدائي، حب حبيبي!
٢- شادي ڏٺيم شمع جي، غمي لاءِ غريب!
درد جدائي، حب حبيبي!

نورمحمد : چؤ اي ...
شاه : ٻي وري چا جي؟ الف کان پوءِ ته ٻيو ڪجهه آهي ئي
ڪونه .
(نور محمد کان هلڪو چرڪ نڪري ٿو وڃي . هڪ پل لاءِ هن
جي چهري تي عجب جا نشان نمودار ٿين ٿا. پوءِ هوُ شاه جي
اکين ڏانهن نهاري ٿو. شاه هن جي اکين ڏانهن اول ئي نهاري
رهيو آهي. ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. ڪجهه دير ملڻ ئي
رهن ٿيون نياڻن جي اچ وڃ ٿئي ٿي. پوءِ نور محمد هلڪي مرڪ
مرڪندي ڪنڌ ٿو اکيون هيٺ ڪري. ان وقت ماحول ۾
هلڪي مرداڻي آواز ۾ هيٺ ڏنل بيت اوور لئپ ڪن ٿا.)
بيت : اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
(ڏيمو سنگيت)
هلائيج هيين ۾، الف سندي اوڙ،
ته ڪتابن جي ڪوڙ، سمجهاڻي معلوم ٿئي.
نورمحمد : ابا، تون ٻنهي جي حق تي آهين.

۵

شاه حبيب جي گهر ۾ ڪمرو/ اندر/ ڏينهن

(شاه حبيب جي چهري جو ڪلوز - اپ)
شاه حبيب : تون بيشڪ حق تي آهين. اول ۽ آخر الف ۽
فقط الف ئي آهي ...
(شاه حبيب پٽ کي پاڪر ۾ ڀري بيٺو آهي.)
شاه حبيب : پٽ، انهيءَ علم جي مون کي ڳروڙ آهي. ۽ دنيا
جي ريت نباهڻ لاءِ ظاهري علم ضروري آهي.
(ٻئي ۽ پٽ جون پاڻ ۾ نظرون ملن ٿيون.)
شاهحبيب : مان اعتقاد سان چئي ٿو سگهان ته توکي پڻ لدني
علم جي تحصيل آهي .... عام ماڻهن کي اها خبر
ڪونه هوندي آهي.

وائي ڳوٺ / آخوند نور محمد ڀٽيءَ جو گھرو مدرسو / اندر / ڏينهن

پنجن ڇهن سالن جي ٻالڪ شاھ عبداللطيف جو ن معصوم اکيون، ڪئميرا جي ٻل ٻنڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ وائي ڳوٺ جي مشهور عالم آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي گھرو مدرسي واري صفحي جي وچ ۾ ٻالڪ لطيف کي هٿ کان پڪڙي هڪ ماڻھو بيٺو آهي. سامهون کاٽ جي چوُرس منجهيءَ تي نور محمد ويٺو آهي.

ماڻھو : سائين، شاھ حبيب صاحب سلام مڪو اٿو.

نور محمد : اچ ابا، ويجھو اچ. هيءَ ٻار تہ شايد ...

(ان وچ ۾ اهو ماڻھو نور محمد جي اڳيان اچي هن جي پيرن جي ڀرسان ويهي ٿو رهي. ٻالڪ شاھ لطيف هڪ طرف ادب سان بيٺو آهي.)

ماڻھو : هائو سائين، هي ٻار اٿو شاھ حبيب جو نور نظر لطيف... شاھ صاحب جي مرضي آهي تہ سندن جگر جي ٽڪري کي وائي ڳوٺ جو مشهور عالم فاضل سائين آخوند نور محمد ئي دنيوي علم عطا ڪري.

نور محمد : اها شاھ صاحب جي وڏي قدر شناسي ۽ عزت-افزائي آهي جو هو اسان جهڙي ناچيز کي ان لائق سمجهن ٿا ....

(نور محمد شاھ لطيف کي پيار سان هٿ کان پڪڙي پنهنجي ويجهو آڻي ٿو. مٿي تي هٿ گهمائيس ٿو. لطيف جي چهن تي معصوميت ڀري مرڪ آهي.)

نور محمد : پٽ، تنهنجو نالو آهي؟

شاھ : لطيف - عبدل لطيف ...

نور محمد : اڇا، چؤ الف ...

شاھ : الف .

لاڏلي ۽ نوراني فرزند شاهه عبداللطيف کي موڪلي رهيا آهيون ....

(گماشتو شاهه حبيب ڏانهن ان طرح نهاري ٿو جڻ ڪجهه چوڻ چاهيندو هجي پر پوءِ هڪدم پاڻ کي روڪي ٿو وٺي.)

شاهه حبيب : (ڪجهه زور سان) نورا - ميان نورا آآآ ....

(شاهه حبيب جو خذمتگار نورو اوطاق ۾ داخل ٿو ٿئي.)

شاهه حبيب : پٽ نورا، لطيف آهي اندر؟

نورو : هائو سائين، ننڍو شاهه صاحب اندر ويٺو آهي - ڪجهه پڙهي رهيو آهي.

شاهه حبيب: پڙهندو هوندو پير روميءَ جي مثنوي - ذرا سڏينس ته سهي ...

(نورو وڃي ٿو.)

شاهه حبيب اسانجو فرزند پنهنجي عمر جي لحاظ کان ننڍو هجي پر نوراني آهي نوراني.

(شاهه عبداللطيف اوطاق ۾ داخل ٿئي ٿو. هن جي عمر ويهه کن سال آهي. قد ۽ بت ۾ پورو پنو ۽ سندس چهرو ڪڻڪ رنگو ۽ ڪجهه ڪجهه ڦڪاڻ ڏي مائل آهي. پر سندس اکيون جڻ نور سان ٽمٽار لڳيون پيون آهن ۽ انهن مان ذهانت ۽ فهم جڻ وسي رهيو آهي لباس سادو سودو ۽ تفريبا” پيءُ جهڙو ئي پيل ائس. مٿو اگهاڙو، وارن ۾ ڪجهه گهنڊ يون. ڏاڙهي ۽ مڇون چهري جي رونق ۾ اظافو آهن. پنهنجي هلت چلت ۽ ڳالهائڻ جي طور طريقي مان هو ڪافي سنجيده ۽ حشمت وارو لڳي ٿو.)

شاهه حبيب : پٽ لطيف، مرزا مغل سائين جو نياپو آيو آهي. سندن دختر ڪجهه عليل ٿي پئي آهي ۽ دعا ڦيڻي لاءِ اسان کي گهرايو اٿائون. اج اسان وڃي سگهڻ جي حالت ۾ ڪونه آهيون سو تون ئي هليو وڃ.

ڪوٺڙي / شاهه حبيب جي اوطاق / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز شاهه حبيب جي چهري تي. هو ڪجهه بيمار لڳي رهيو آهي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

شاهه حبيب: ميان، اسان کي هلڻ ۾ ته نه عار آهي نه اعتراض. پر اڄ طبعيت ذرا ناساز آهي. ڪيڏانهن وڃڻ تي نه دل ٿي ٿئي ۽ نه وري بدن ۾ طاقت ٿي محسوس ڪجي.

(ڪئمرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته شاهه حبيب پنهنجي گهر جي منڍ ۾ اڏيل اوطاق ۾ ڪاٺ جي مسند تي طول وهاڻي جي سهاري ليٽيو پيو آهي. عمر پنجاهه کن سالن جي ارد گرد اٿس. سلوار ۽ قميض ۾ ملبوس. سندس پڳڙي مسند تي ڪنڊ کان پئي آهي. هو گماشتو لڳندڙ هڪ ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو آهي جيڪو ادب سان مسند جي پاسي ۾ ويٺو هو.)

گماشتو: سائين، منهنجي مالڪ مرزا مغل بيگ صاحب جو توهان ۾ ڪامل ويساهه آهي. توهان کان سواءِ هو صاحب دعا ڦيڻي لاءِ ڪنهن کي گهر گهرائيندا ئي ڪو نه آهن. توهان ڪامل مرشد آهيو ۽ سوال مرزا صاحب جي نياڻيءَ آئشه جو آهي. ويچاري بيماريءَ سبب بيحال پئي آهي.

شاهه حبيب: ادا، اسان ته هميشه کان سائين مرزا جي هڪ سڏ تي اچي حاضر ٿيندا آهيون. پر اڄ اسان بلڪل لاچار آهيون- بس مان بيزار ۽ زندگيءَ مان ڪڪ لڳا پيا آهيون....

گماشتو: (هٿ جوڙي) سائين....

شاهه حبيب: (گماشتي کي وچ ۾ ڪٽي) پر اسان مرزا صاحب کي انڪار به نه ٿا ڪري سگهون... اسان پنهنجي

ڪوٺڙي / مرزا جي حويليءَ جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(ميڊيم شاٽ: مغل بيگ ارغون جي ڌيءُ آئشه ڪپڙن ۾ ويڙهي سيڙهي بستري ۾ پئي آهي. چهري مان صاف صاف بيمار ۽ ڪمزور لڳي رهي آهي. پر، لڱ هوندي به چوڏس جي چنڊ جهڙو هن جو حسن بيماريءَ جي حالت ۾ به نکرجي بيٺو آهي. آئشه جي پيرانديءَ کان سندس ماءُ ويٺي آهي ۽ ڌيءُ جي پيرن جون ترين ڪپڙي سان مهٽي رهي آهي. اوچتو هڪ داشته ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي.)

داشته: مرزا صاحب ڪمري ۾ اچي رهيا آهن- هنن سان گڏ ننيو سيد صاحب به آهي.

(آئشه جي ماءُ ڌيءَ جي پيرن جون ترون مهٽڻ بند ڪري ڌيءَ کي ڍڪي ڍومي ٿي ۽ پاڻ به لباس ٺيڪ ڪري ٿي. داشته ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ادب سان بيهي ٿي رهي. اوچتو دروازي تي لڳل چلمن هٽائي مرزا ۽ شاه لطيف اندر داخل ٿين ٿا. هنن کي اندر ايندو ڏسندي ئي آئشه جي ماءُ پلنگ تان لهي زمين تي بيهي ٿي رهي.)

مرزا: (شاه لطيف کي) شاه صاحب، هيءَ اٿوَ منهنجي نور-نظر آئشه- ڪافي ڏينهن کان بخار ۾ پئي آهي. دوائون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون، هاڻي دعائن جو ئي ڀروسو آهي.

(شاه لطيف آئشه جي ويجهو وڃي هن جي منهن ۾ چتائي نهاري ٿو. آئشه به اکيون کڻي شاه ڏانهن نهاري ٿي. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون ۽ شاه بيخوديءَ جي حالت کي رسي ٿو وڃي. اُن بيخوديءَ ۾ ئي شاه جو هٿ اڳتي وڌي ٿو ۽ آئشه جو هٿ پڪڙي، چيچ کي کڻي ٿو هٿ سان سوگهو جهلي: سڀ عجب

شاهه لطيف : جي ابا... جيڪو توهان جو حڪم.

شاهه حبيب : پٽ، تون پهريون دفعو مرزا سائين جي دولتخاني ڏانهن وڃي رهيو آهين...

(پيءُ پٽ جون اکيون پاڻ ۾ ملن ٿيون)

... مرزا مغل بيگ ارغون آهن ۽ سندن گهر ۾ سخت پردو آهي. وڏا ماڻهو آهن، ڪافي رسوخ ۽ رسائيءَ وارا، پر اسان کي عزت سان ڏسندا آهن- اسان جا، ائين کڻي سمجهه، چڱا معتقد آهن. اسان سيدن کان سواءِ ڪنهن به ٻئي بشر کي سندن گهر جي چائنٺ اورانگهڻ جي اجازت ڪا نه آهي...

(پيءُ پٽ جون نظرون وري هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.)

.... پٽ لطيف. تون وڃ ۽ الله کان اهڙي دعا پن جيئن مرزا صاحب جي دختر جي علالت بلڪل دور ٿي وڃي ۽ صحتياب ٿي پوي....

(هڪ دفعو وري پيءُ پٽ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه دير ماٺيون ٿي رهن ٿيون. پوءِ شاهه لطيف ڌيمو ڌيمو سر لوڏي ٿو ۽ ڪجهه به ڪڇڻ کان سواءِ ئي اوطاق کان ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو. گماشتو تڙ تڪڙ ۾ شاهه حبيب کي سلام ڪري شاهه لطيف جي پٺيان پٺيان وڏيون وڏيون ورانگهون ڀريندو ٻاهر نڪري ٿو وڃي. شاهه حبيب ڪجهه دير ٻاهرئين دروازي ڏانهن خال ۾ نهاريندو ٿو رهي پوءِ اکيون ٻوٽي ليٽي ٿو پوي.)

شاهه حبيب : (بيحد ڌيمي آواز ۾)

علم اهلِ دل نه از مکتب بوَد،
بلکه از تلقين صاحبءِ رب بوَد.
بي کتاب و بي حساب و بي ادب،
اوليا را حق کند علمي نصيب.

لاڏلي ۽ نوراني فرزند شاه عبداللطيف کي موڪلي رهيا آهيون ....

(گماشتو شاه حبيب ڏانهن ان طرح نهاري ٿو ڄڻ ڪجهه چوڻ چاهيندو هجي پر پوءِ هڪدم پاڻ کي روڪي ٿو وٺي.)

شاه حبيب : (ڪجهه زور سان) نورا - ميان نورا آ آ آ ....

(شاه حبيب جو خدمتگار نورو اوطاق ۾ داخل ٿو ٿئي.)

شاه حبيب : پٽ نورا، لطيف آهي اندر؟

نورو : هائو سائين، ننڍو شاه صاحب اندر ويٺو آهي - ڪجهه پڙهي رهيو آهي.

شاه حبيب: پڙهندو هوندو پير روميءَ جي مثنوي - ذرا سڏينس ته سهي ...

(نورو وڃي ٿو.)

شاه حبيب اسانجو فرزند پلي عمر جي لحاظ کان ننڍو هجي پر نوراني آهي نوراني.

(شاه عبداللطيف اوطاق ۾ داخل ٿئي ٿو. هن جي عمر ويهه کن سال آهي. قد ۽ بت ۾ پورو پنو ۽ سندس چهرو ڪڻڪ رنگو ۽ ڪجهه ڪجهه ڦڪاڻ ڏي مائل آهي. پر سندس اکيون ڄڻ نور سان ٽمٽار لڳيون پيون آهن ۽ انهن مان ذهانت ۽ فهم ڄڻ وسي رهيو آهي لباس سادو سودو ۽ تقريبا" پيءُ جهڙو ئي پيل اٿس. مٿو اگهاڙو، وارن ۾ ڪجهه گهنڊ پيل. ڏاڙهي ۽ مڇون چهري جي رونق ۾ اضافو آهن. پنهنجي هلت چلت ۽ ڳالهائڻ جي طور طريقي مان هو ڪافي سنجيده ۽ هشمت وارو لڳي ٿو.)

شاه حبيب : پٽ لطيف، مرزا مغل سائين جو نياپو آيو آهي. سندن دختر ڪجهه عليل ٿي پئي آهي ۽ دعا گهڻي لاءِ اسان کي گهرايو اٿائون. اڄ اسان وڃي سگهڻ جي حالت ۾ ڪونه آهيون سو تون ئي هليو وڃ.

مان شاهه جي ان حرڪت کي جاچي رهيا آهن.)

شاهه : (بي - اختياريءَ ۾) جنهنجي آڳر سيد هٿ ۾
تنهنکي لهر نه لوڏو ....

(مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي ٿو وڃي. ٻڙ ٻوءِ هڪدم پاڻ سنڀالي ٿو وٺي. آئشه جي ماءُ جي چهري تي ان غصي ۽ عجب جون لڪيرون اڀري ٿيون اچن. هوءَ ڪجهه چوڻ ٿي چاهي ته مرزا اشاري سان بيگم کي روڪي ٿو ۽ ڏيري ڏيري شاهه جي ڀرسان اچي هن جي ڪلهي تي هلڪو هٿ ٿو رکي.)

مرزا : شاهه صاحب، توهان جا لک لک شڪرانه - منهنجيءَ دختر
جي دوا به ٿي وئي ۽ ڪيس دعا به ملي چڪي.

(اشارو صاف آهي ته هاڻي وڃو. مرزا ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو. شاهه به ڏيري ڏيري هن جي پٺيان پٺيان هلندو چلمن هٽائي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. چلمن جنبش ڪانپوءِ پنهنجيءَ جڳهه تي اچي ٿي وڃي. آئشه خالي خالي نگاهن سان چلمن طرف نهاري رهي آهي.)

(شاهه عبداللطيف جي دل ۾ آئشه جي چهري واري تصوير جو پردي تي Statue . مرداڻو آواز اوور لئپ ڪريٽو.)

آواز : شاهه عبداللطيف، ويهن ورهين جو نوجوان، آئشا جو ماهه
منير چهرو ڏسندي ئي بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي
ويو ۽ بي اختيار سندس زبان مان هي لفظ نڪري ويا.

جنهنجي آڳر سيد جي هٿ ۾،
تنهنکي لهر نه لوڏو.

اهي لفظ ٻڌندي ئي مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي

ڪوٺڙي / مرزا جي حويليءَ جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(ميلم شام: مغل بيگ ارغون جي ڌيءَ آئشه ڪپڙن ۾ ويڙهي سيڙهي بستري ۾ پئي آهي. چهري مان صاف بيمار ۽ ڪمزور لڳي رهي آهي. پر، ان هوندي به چوڏس جي چنڊ جهڙو هن جو حسن بيماريءَ جي حالت ۾ به نکرجي بيٺو آهي. آئشه جي پيرانديءَ کان سندس ماءُ ويٺي آهي ۽ ڌيءُ جي پيرن جون ترين ڪپڙي سان مهٽي رهي آهي. اوچتو هڪ داشته ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي.)

داشته: مرزا صاحب ڪمري ۾ اچي رهيا آهن- هنن سان گڏ نيو سيد صاحب به آهي.

(آئشه جي ماءُ ڌيءَ جي پيرن جون ترين مهٽڻ بند ڪري ڌيءَ کي ڍڪي ڍومي ٿي ۽ پاڻ به لباس ٺيڪ ڪري ٿي. داشته ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ادب سان اُٿي ٿي رهي. اوچتو دروازي تي لڳل چلمن هٽائي مرزا ۽ شاهه لطيف اندر داخل ٿين ٿا. هنن کي اندر ايندو ڏسندي ئي آئشه جي ماءُ پلنگ تان لهي زمين تي بيهي ٿي رهي.)

مرزا: (شاهه لطيف کي) شاهه صاحب، هيءَ اٿوَ منهنجي نور- نظر آئشه - ڪالهه ڏينهن کان بخار ۾ پئي آهي. دوائون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون، هاڻي دعائن جو ئي ڀروسو آهي.

(شاهه لطيف آئشه جي ويجهو وڃي هن جي منهن ۾ چتائي نهاري ٿو. آئشه به اکيون کڻي شاهه ڏانهن نهاري ٿي. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون ۽ شاهه بيخوديءَ جي حالت کي رسي ٿو وڃي. اُن بيخوديءَ ۾ ئي شاهه جو هٿ اڳتي وڌي ٿو ۽ آئشه جو هٿ پڪڙي، چيچ کي کڻي ٿو هٿ سان سوگهو جهلي. سڀ عجب

شاه لطيف : جي اَبا ... جيڪو توهان جو حڪم.

شاه حبيب : پٽ، تون ٻيهريون دفعو مرزا سائين جي دؤلت خاني
ڏانهن وڃي رهيو آهين ....

(پيءُ پٽ جون اکيون پاڻ ۾ ملن ٿيون)

... مرزا مغل بيگ اَرغون آهن ۽ سندن گهر ۾ سخت
پردو آهي. وڏا ماڻهو آهن، ڪافي رسوخ ۽
رسائيءَ وارا، پر اسان کي عزت سان ڏسندا آهن-
اسان جا، ائين ڪٿي سمجهه، چڱا معتقد آهن. اسان
سيدن کان سواءِ ڪنهن ٻئي اشر کي سندن گهر
جي چائنٺ اورانگهڻ جي اجازت ڪونه آهي...

(پيءُ پٽ جون نظرون وري هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.)

.... پٽ لطيف. تون وڃ ۽ اَلله کان اهڙي دعا
پن جيئن مرزا صاحب جي دختر جي علالت ڪلم
دور ٿي وڃي ۽ صحتياب ٿي پوي....

(هڪ دفعو وري پيءُ پٽ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه
دير ملهيون ٿي رهن ٿيون. پوءِ شاه لطيف ڌيمو سر لوڏي ٿو
۽ ڪجهه به ڪڇڻ کان سواءِ ٿي او طاق کان ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو
گماشتو تڙ تڪڙ ۾ شاه حبيب کي سلام ڪري شاه لطيف جي
پٺيان پٺيان وڏيون وڏيون ٻرانگون ڀريندو ٻاهر نڪري ٿو وڃي
شاه حبيب ڪجهه دير ٻاهرئين دروازي ڏانهن خال ۾ نهاريندو ٿو
رهي پوءِ اکيون ٻوٽي ليٽي ٿو پوي.)

شاه حبيب : (بيحد ڌيمي آواز ۾)

علم اهلِ دل نه از مکتب بوَد،
بلکه از تلقين خاصهٔ رب بوَد.
بي ڪتاب و بي حساب و بي ادب،
اوليارا حق کند علمي نصيب.

ويو پر ٻاهران ماٺ ۽ صبر اختيار ڪيائين ۽ ان وقت
پنهنجي مرشد جي نورچشم کي ڪڇ ۾ کڻي چيائين.
مرزا مغل بيگ سمجهي ويو تہ دعا جي ٻهاني آئشہ جي
ڇيڙ پڪڙي ڄڻ اشاري ۾ شاہ لطيف هن سان
شادي ڪرڻ جي خواهش جي پڌرائي ڪئي آهي.

(پردي جي تصوير بدلجي ٿي. هاڻي اسان ڏسون ٿا تہ مرزا مغل
بيگ ارغون ۽ شاہ حبيب هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. مرزا
جي چهري تي ڪٺورتا مليل گنڀيرتا آهي ۽ شاہ حبيب جي چهري
تي نرمائي ۽ خاڪساري ڇانيل آهي. مرداڻو آواز اوور لئپ
ڪري ٿو.)

آواز : جڏهن شاہ حبيب کي خبر پئي تہ سندس لخت جگر جي
دل وڃي مرزا مغل بيگ ارغون جي دختر جي حسن و
شباب جي ڪنڊي ۾ اڙي آهي تہ کيس ڪو خاص عجب
ڪو نہ لڳو. هو خود بہ هڪ پهتل شخص هو، شاعر هو،
جهانديدہ هو ۽ کيس اول ئي اهڃاڻ ٿي نظر آيا تہ
لطيف سان اهڙو ئي ڪو عجيب و غريب حادثو ٿيندو.
کيس خبر هئي تہ اهي حادثا ئي زندگيءَ ۾ موڙ آڻين ٿا
۽ انسان ڪٿان جو ڪٿي وڃي ٿو پهچي. مجاز حقيقت
جي پل آهي.

اَلمجاز قنطرة الحقيقة

شاہ حبيب کان پٽ جي عشق جو درد سٺو نہ ويو. هو،
لڄ لاهي مرزا جي چائنٺ لتاڙي سندس گهر وڃي پهتو
۽ سندس ڏيءُ جو هٿ پنهنجي پٽ لاءِ طلبيائين. مرزا
کي ان وقت بہ ڏاڍو غصو آيو پر پي ويو. ٻنهين
ڏندن مان هڪ لفظ نہ ڪڍيائين. فقط ايترو چيائين :
ڏسنداسين.

ماں شاهه جي ان حرڪت کي جاچي رهيا آهن.)

شاهه : (بي - اختياريءَ ۾) جنهنجي آڱر سيد هٿ ۾
تنهنکي لهر نه لوڏو ....

(مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي ٿو وڃي. پر پوءِ هڪدم پاڻ سنڀالي ٿو وٺي. آئشه جي ماءُ جي چهري تي به غصي ۽ عجب جون لڪيرون اڀري ٿيون اچن. هوءِ ڪجهه چوڻ ٿي چاهي پر مرزا اشاري سان بيگم کي روڪي ٿو ۽ ڌيري ڌيري شاهه جي پرسان اچي هن جي ڪلهي تي هلڪو هٿ ٿو رکي.)

مرزا : شاهه صاحب، توهان جا لک لک شڪرانه - منهنجيءَ دختر جي دوا به ٿي وئي ۽ ڪيس دعا به ملي چڪي.

(اشارو صاف آهي ته هاڻي وڃو. مرزا ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو. شاهه به ڌيري ڌيري هن جي پٺيان پٺيان هلندو چلمن هٽائي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. چلمن جنبش کائي پنهنجيءَ جڳهه تي اچي ٿي وڃي. آئشه خالي نگاهن سان چلمن طرف نهاري رهي آهي.)

(شاهه عبداللطيف جي هٿ ۾ آئشه جي چهري واري تصوير جو پردي تي Statue . مرداڻو آواز اوور لئپ ڪريٿو.)

آواز : شاهه عبداللطيف، ويهن ورهين جو نوجوان، آئشا جو ماهه منير چهرو مٿهن ڏسندي ئي بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو ۽ بي اختيار سندس زبان مان هي لفظ نڪري ويا.

جنهنجي آڱر سيد جي هٿ ۾،
تنهنکي لهر نه لوڏو.

اهي لفظ ٻڌنديئي مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي

٢- جا ٿي ڪا ٿي محبوبن جي،
آه حسن جي هاڪ!
يار سڄڻ ....
٣- سرمو سهي ڪر اکين جو،
خاص پرين جي خاڪ!
يار سڄڻ ....
٤- عبداللطيف چئي، پرين اسان جو،
هميشه آ حسناڪ!
يار سڄڻ ....

(شاه رتيءَ جي دڙي تي چڙهي رهيو آهي. هو سڄو رت سان لٿجي ويو آهي.)

شاه حبيب جي حويلي / اندر / ڏينهن

(شاه حبيب مسند تي طول وهاڻي جي سهاري ليٽيو پيو آهي- پنهنجن خيالن ۾ گم، غم ۾ غلطان، حيران پريشان. چلمن هٽائي، شاه حبيب جي وڏي بيگم ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي پر شاه حبيب کي سڌ به ڪو نه ٿي پوي. ڏيري ڏيري هلندي هوءَ اچي پٿار جي پرسان بيهي ٿي. هاڻي شاه حبيب جي خيالن جي تار ٽٽي ٿي ۽ هو بيگم ڏانهن نهاري ٿو.)

بيگم : دنيا جا ڏک، درد دور ٿا ڪريو، اگهن کي سگهو ٿا ڪريو، گمراهن کي سنئين دڳ ٿا لڳايو، پر منهنجي لال پنهنجيءَ جان جي جياري کي ڪجهه سمجهائي ان اوڙاه کان آجو نه ٿا ڪريو!...

(شاه حبيب ڪجهه جواب نه ٿو ڏئي فقط پنهنجيءَ زال جي منهن ۾ نهاري ٿو.)

۽ پوءِ سيدن لاءِ ڪرنڙيءَ جي ان گهڙيءَ ۾ رهڻ ئي
مشڪل ٿي پيو ....

(پردي تي ڪاري رات جو نظارو - نه چنڊ، نه تارو. فقط اونده ئي اونده. ڪڏهن ساه جا الا نظر ٿا اچن. ٻيءَ طرح اونده ئي اونده آهي.)

آواز : آرغونن سيدن سان پائي ڪئي. شاهه حبيب لاءِ ان ڪان سواءِ ٻيو ڪوئي رستو ئي ڪو نه اچيو ته هو سڀئي ڪٽنب قبيلي سوڌو اتان لڏي ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهي....

(شاهه حبيب ۽ سندس ڪٽنب قبيلو سامان سوڌو ڪمڙانهن وڃي رهيو آهي.)

آواز : شاهه حبيب مجبور ٿي، ڪوٽڙي ڇڏي، اتر طرف، ڪجهه مفاصلو پري وڃي ٿار حويلي اڏي ويٺو.

(شاهه حبيب ۽ هنجو ڪٽنب نئين حويليءَ ۾ ويٺا آهن. شاهه جو اداس چهرو ۽ غم ۾ ٻڏل اکيون.)

واريءَ جا دڙا / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه عبداللطيف ويڳاڻن وانگر ريگستان ۾ پنهنجي محبوب کي پڪاري رهيو آهي. شاهه لطيف جو درد وائيءَ جي صورت ۾ اظهار پائي رهيو آهي.)

شاهه : (وائي ڳائي ٿو.)

يار سڄڻ جي فراق،
ٿي جيڏيون آئون ماري!
يار سڄڻ جي فراق!
اندر دوس جي ڪئين جو هوندا،
سون جهڙا مشتاق!
يار سڄڻ ....

پنهنجي اصل ۽ نسل کي ياد ڪر، تون معمولي عورت ڪو نه آهين. تون مخدوم ديائي عربيءَ جي دختر آهين. مخدوم ديائي جهڙو مجذوب هو. خدا جو مجنون، الله جو ديوانو.

بيگم : پر سائين، منهنجو پهريون پٽ ته....

شاهه حبيب: درويش جي دعا کان پوءِ جهڙو پهريون پٽ ڄائو ۽ خدا کي پيارو ٿي ويو. اهو ان لاءِ جيئن ان جو عقل، ان جو فهم، ان جي ذهانت ۽ ان جي عمر اسان جي هن ٻئي لطيف کي ملي وڃي. ڌيرج ڌار ويڪور نه وڃ.

بيگم : سائين، توهان ڀلي مون کي سؤ سمجهاڻيون ڏيو ۽ هزارين حيلا هلايو پر ماءُ جي دل ماءُ جي دل آهي .... مون کي ڪجهه به ڪريو، ڪهڙي به طريقي سان لطيف آڻي ڏيو - سائين لطيف آڻي ڏيو.

(بيگم روئي ٿي وڃي. شاهه حبيب به رومال جي ڪنڊ سان آليون اکيون اگهي ٿو. مسند تان هيٺ لهي ٿو. پيرن ۾ جتي پائي ٿو ۽ زال جي منهن کي ٻنهي هٿن ۾ پڪڙي، اکين سان آٿت ڏيئي، ڌيري ڌيري ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. بيگم جون اکيون اڃا آليون آهن.)

٥

واريءَ جا دڙا / ٻاهر / ڏينهن

(دور دور تائين ڦهليل ريگستان. واريءَ جا دڙا. آسمان ۾ سج. زمين تتل. چؤطرف واري ئي واري. واريءَ جا طوفان. شاهه حبيب پنهنجي پٽ جي ڳولها ۾ نڪتو رهيو آهي. هو سڄو

بيگم: مان لطيف کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهان. سائين ڪو ٻلو ڪريو. ڪجهه ڪريو. اڄ ٻيا ٽي ڏينهن ٿيا ويا آهن جو لال جو مکڙو ڪو نه ڏٺو اٿم. سائين ڪجهه ڪريو نه ته مان مري ويندوسانو....

شاهه حبيب: (گنڀير ۽ ڏکي آواز ۾) جنهن جگر جي ٽڪري نور - نظر کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون لکين جتن ڪيا، هڪ ٻئي جي پٺيان ٽي شاديون ڪري تنهنجي سهڻي جي مٿان ٻن ڀاڄن جو بوجهه وڌم، ڇا ان کان هڪ پل به پري رهڻ مون لاءِ ممڪن آهي؟ بس، هڪ ڀڄنو آهي، هڪ وساهه آهي ته جيڪو لطيف، سائين لطيف جهڙي الاهه - لوڪ جي دعائن سان مليو آهي، ان جو ڪڏهن، به ڪنهن به حالت ۾ وار به ونگو ٿيڻ وارو ناهي....

(شاهه حبيب چپ ٿي ٿو وڃي. سندس زال ڪجهه ڪڇي ڪو نه ٿي فقط خاوند جي منهن ڏانهن نهاري ٿي.)

شاهه حبيب: ياد اٿيئي لطيف سائينءَ ڇا چيو هو؟ چيو هئائين - وڃ، وڃي خوشيون مناءِ ميان حبيب! توکي هڪ پٽ ڄمندو جيڪو پنهنجي وقت جو قطب ٿيندو پر ان جو نالو منهنجي نالي پٺيان رکجانءِ - يعني عبداللطيف- دلجاءِ رک، اسان جي لطيف کي ڪجهه به ٿيڻ وارو ناهي. هن کي ته پنهنجي وقت جو قطب تارو ٿي ڪري سڄيءَ دنيا کي رستو ڏيکاريڻو آهي....

بيگم: سائين، دنيا کي رستو ڏيکارڻ وارو، مون کي ته ائين ٿو لڳي، اڄ پاڻ ئي رستو ڀلجي ويو آهي.

شاهه حبيب: تون ائين نه چئو، خدا جي نالي ائين نه چئو.

شاهه لطيف : ٻڪري ڪٽي ٻساهه، ٻسڻ ڪارڻ ٻرڻ جي.

(شاهه حبيب بيحد حب ۽ پيار مان ٻڪ کي ڪٽي ٿو گلي لڳائي ۽ پوءِ ٽڪرو ٽڪرو واريءَ جا تهه هٽائيندو ٿو وڃي. ان وقت ۾ شاهه لطيف جون نظرون دور-تمام گهڻو دور ڪجهه تلاشي رهيون آهن.)

*

ساڻگرو واهه / ٻاهر / ڏينهن

(ساڻگرو واهه جي ڪپ تي شاهه لطيف ويٺو آهي. هو پنهنجي خيالن ۾ ايترو ته گم آهي جو هن کي اها به سمجهه ڪو نه ٿي پئي ته هن جا هٿ ڪڏهن ٿا ننڍڙا ننڍڙا پٿر - پٿر چونڊن ۽ ڪڏهن ٿا واهه ۾ اڇلي لهرون پيدا ڪن. اچانڪ ٻڪريون پياس ٻجهائڻ لاءِ دور ڪنان واهه طرف ڊڪنديون اچي رهيون آهن. ٻڪرن جي "مين مين" جو آواز، ڊڪڻ جو آواز ۽ ڳچي ۾ ٻڌل گهنڊڙين جي ڪن ڪن جو آواز شاهه لطيف جي محويت جي تار ٽوڙي ٿو ڇڏي. هو ٻڪرين ڏانهن نهاري ٿو.

ٻڪريون واهه ۾ منهن وجهي پياس ٻجهائن ٿيون. شاهه ڪين ڏسندو ٿو رهي.

پياس ٻجهي وڃڻ کان پوءِ اهي ئي ٻڪريون واهه ۾ ڦولڙيون ٿيون وجهن.

شاهه لطيف ڏسندو ٿو رهي.

واهه ۾ ڦولڙيون ڪرنديون ٿيون رهن.

شاهه ڏسندو ٿو رهي. شاهه جون اکيون ڪنهن سوچ ۾ گم آهن.

واهه ۾ ڦولڙيون وجهي ٻڪريون واپس هليون ٿيون وڃن. شاهه سوچ ۾ گم آهي.

واريءَ سان ڍڪجي ويو آهي. هر هر اکين کي پٽڪي جي ڪنڊ سان صاف ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاريو رهيو آهي ته من ڪو لطيف جو نشان پتو ملي.

اوچتو هڪ جت اچي ٿو اتان لانگهائو ٿئي. هو شاهه حبيب جي پرسان اچي ٿو لهي. طوفان جي آوازن سبب اسان کي ڪجهه به ٻڌڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي پر اشارن مان ائين ٿو لڳي جڻ عليڪ سليڪ کان پوءِ جت شاهه حبيب کي هڪ طرف اشارو ڪري ڪجهه ٻڌائي ٿو. جت سلام ڪري پنهنجي راهه وٺيو ٿو وڃي. شاهه حبيب ان طرف ڏانهن وڃي ٿو جيڏانهن جت اشارو ڪري ڪجهه ٻڌايو هوس.)

(شاهه عبداللطيف نيم بيخوديءَ جي حالت ۾ واريءَ جي دڙي ۾ اڌ دٻيو پيو آهي. واري سندس بدن تي ته چاڙهيندي ٿي وڃي پر شاهه لطيف کي ڪائي ڪل ڪو نه ٿي پوي.

شاهه حبيب دور کان اچي رهيو آهي.

شاهه لطيف واريءَ ۾ پيو آهي.

شاهه حبيب جي نظر پٽ تي پوي ٿي. هن جا قدم ڪجهه تيز ٿي وڃن ٿا.

شاهه لطيف جي نيم - بيخود جسم جي مٿان شاهه حبيب جو پاڇو پوي ٿو. شاهه حبيب پٽ جي اهڙي حالت ڏسي ڪجهه دير لاءِ ته سڪتي جي حالت ۾ اچي ٿو وڃي. هو پٽ جي اڌ پوريل بدن ڏانهن خالي نگاهن سان نهاريندو ئي رهي. شاهه لطيف کي ڪجهه به خبر ڪا نه ٿي پوي.)

شاهه حبيب : (نهايت ئي دردناڪ انداز ۾) :

لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لڇي.

(شاهه لطيف ان سوزناڪ صدا تي محويت جي حالت مان چرڪ ڀري سجاڳ ٿئي ٿو ۽ پيءُ کي وراڻي ٿو ڏئي.)

شاهه حبيب ۽ شاهه لطيف پيءُ پُٽ جو
مڪاميلو عارضي ثابت ٿيو. هڪ ڏينهن موه ۽ ممتا
جا سڀ بندن ٽوڙي اوچتو ئي اوچتو، بنان ڪنهن
کي ٻڌائڻ-چتائڻ جي شاهه لطيف جهنگ-منهن ڏئي،
ماڻهن کان الوپ ٿي ويو. دنيا جي سچي ۽ حقيقي
تصوير ڏسڻ لاءِ دنيا کان دور هٽي. ڪنارو ڪري
ويٺو.

(شاهه عبداللطيف ريگستان ۾ واريءَ جي هڪ دڙي تي چڙهي
رهيو آهي. Statue شاهه کي سادي سودي پوشاڪ پهريل آهي.
بدن تي ڪاري ڏاڪي سان سبيل هڪ گيڙوءَ رتي ڪفني، مٿي
تي سفيد رنگ جي وڏي ٽوپي ۽ ڪلاهه ۽ ان جي مٿان ڪاري
رنگ جو ڪپڙي جو ٽڪر ويڙهيل. سندس هٿ ۾ جوڳين جي
بيراڳين جهڙي لٺ آهي. ڪاڏي پيتي لاءِ ڀاڄ سان هڪ ڪشڪول
کنيو اٿائين. پيرن ۾ جتي ڪولهه اٿس. شاهه جي ان تصوير سان
گڏ ئي شاهه جي باري ۾ هيٺ ذڪر بيان ڏنو وڃي ٿو.)

بيان : (مرداڻي آواز ۾)
ڀيرومل مهرچند "لطيفي سٽ" ۾ لکيو آهي ته-
سٽ ۾ تعليم آهي. پر جو اکيون کولي نه هليو تنهن
جهڙو سٽ کيو تهڙو نه کيو. سچو سٽلاني سدائين
اکيون کولي هلي ٿو ۽ هيءَ ساري قدرت، جا هڪ
کليل ڪتاب جي مثل آهي تنهنجو هر هڪ جزو
چڱيءَ ريت جاچي، خسيس خسيس ڳالهين مان به
وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اهڙو سچو سٽلاني شاهه
لطيف هو. عام خلق رواجي ڪتاب پڙهي ٿي پر

شاهه لطيف : (پاڻ سان) ٻڪرين جي واڌ مان پياس نه ٻجهائن
ها ته واهه کي گندو نه ڪن ها....
(ڪجهه دير بعد)
ڳولهيندي ٿي ڳولهيندي رهان.
شل نه ملان هوت!
ڇو ته سائين!
جيڪو فراقان سو وصالان نه ٿئي!

(شاهه جو گنڀير چهرو - سوچ ۾ ٻڏل اکيون. واهه. هاڻي واهه جو پاڻي صاف آهي. ڦولڙين جو ڪٿي به نالو نشان آهي ئي ڪونه. شاهه لطيف واهه ۾ اڀرندڙ لهرن ڏانهن نهاريندو ئي رهي.)

※

(پردي تي شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز- اپ)

آواز : شاهه عبداللطيف تي عشق جو خمار اهڙو ته غالب ٿيندو ويو جو هن لاءِ گهر ۽ شهر ڄڻ شمشان ٿي پيا ۽ بيابانن صحرائن ۾ ڀٽڪڻ ۾ ئي هن جي دل کي عجيب سڪون ٿي ملندو ۽ بي-انداز راحتون ٿي ملنديون.

شاهه جو اندر ته اول ئي اجرو هو. عشق جي جلون ان اجالي ۾ بي-پناهه جلوه ۽ رنگ ڀري ڇڏيا. عشق جي ڪيف وسرور شاهه لاءِ روحانيت جون راهون کولي ڇڏيون ۽ روحانيت شاهه جي عشق ۾ اٿاهه اونهائي ڀري ڇڏي، بيحد اڏار ڀري ڇڏي، گنڀير گهرائي ڀري ڇڏي ۽ پرستش جي قابل پاڪيزگي ڀري ڇڏي.

شاهه جو عشق فقط شخصي عشق نه رهيو. هاڻي اهو سڄي عالم لاءِ روحانيت جو رهبر بڻجي پيو.

(شاهه اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو ڪيس ڪي جوڳي ڏسڻ ۾ ٿا اچن جيڪي پنهنجي ئي مستيءَ ۾ مگن، دنيا کان بيخبر ريگستان لتاڙيندا ڪنهن منزل ڏانهن هلندا ٿا وڃن.

شاهه اڳتي وڌي رهيو آهي - ڪجهه تيز رفتار سان. جوڳي هلندا ٿا وڃن .

شاهه جا اڳتي وڌندڙ پير .

جوڳين جا اڪيچار پير .

شاهه جوڳين سان ملي ٿو وڃي ۽ مستيءَ ۾ اچي ڳائي ٿو.)

شاهه : ڏوٺي سا ڏورين، جا جوءِ سڃي، نه پڌي،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڃا اُس ووڙين، جت ٿاپس ناهه ڪا.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : ڏٺ نه ڪئو ڏوٺين، جيڪي ڏٺ ڪرين،
اهڃاڻيون عالم جون، اوريان لـــي آڻين،
تهان پوءِ ڏسين، پريان سندي ڳالهڙي.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : سدائين سفر ۾، رهــن مٿي راهه،
پرين پُرب پند ڏي، منجهه موالي ماهه،
جن الکہ سين آگاهه، هلوا تڪيا پيرون تن جا.

(جوڳين ۽ شاهه جو سفر جاري آهي.)

شاهه : سامي ڪامي پرينءَ لڳ، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪسي، تهڙو تـــن ثواب،
اوتين آرتي گاڏئـــون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، تون ڪٿن پڇين تن کي؟

(سفر جاري آهي)

هن اڪثر قدرت جو ڪتاب پڙهيو هو ۽ قدرت جو نظارو هن جو مڪتب هو. شاهه صاحب جو انهيءَ اول ئي ڪليل هو باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي ڪماليت حاصل ڪئي هئس.

قدرت جي مڪتب مان ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب جي پڙهڻ جو نمونو ئي پنهنجو هو. هن جون اکيون، ڪن ۽ ٻيا حواس سڀ ٻيءَ طرح جا هئا ۽ هن جي خيال جي رفتار به نرالي هئي.

شاهه صاحب جيڪي سير سفر ڪيا سي سڀ سچي سائينءَ جي اُڪنڊ ۽ اُڪير وچان... سفر جي آزمودن ۽ اثرن سندس حقيقي عشق کي تحريڪ ۽ ترقي ڏني. هو اڳ ئي سون هو، پر هاڻ پارس ٿي پيو... اهڙو سهڻو ۽ سنجيدو، مٺو ۽ من موهيندڙ ڪلام هو تڏهن چئي سگهيو آهي جڏهن هرهنڌ اکيون کولي هليو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي هن کي سچو سيلاني سڏجي ٿو.

(فوٽو ٽيل تصوير ۾ حرڪت پيدا ٿئي ٿي ۽ اسان شاهه لطيف کي واريءَ جي ڀٽي تي چڙهندو ڏسون ٿا. چوگرد واري ۽ واريءَ جا ڀٽا. دور دور تائين ڦهليل ريگستان. خاموشيءَ ۽ تنهائيءَ وارو ماحول. شاهه واريءَ تان اُٿي ويندو ٿو وڃي. فضا ۾ هڪ ڏوهيڙو گونجي ٿو.)

ڏوهيڙو: هنڌڙي سڄڻ ساريا،
ڪٿي هو لالڻ هيڻ؟
اچي لالڻ ان ڏيهن،
مٿي پلنگن پير؟
ٿي ورونهڻ وير،
گهگر هيان ڪر سين؟

گنجي ڏکر کان پوءِ شاهه جي رسالي ۾ ڪنجهر ڍنڍ جو
ذڪر اچي ٿو. ٺٽي تعلقي ۾ "هيلايا" نالي ڳوٺ آهي.
هيلاين واري ٽڪريءَ جي هيٺان ڪنجهر ڍنڍ پئي وهي.

هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي ۾ وڻراهه،
اچي وڃي وچ تماشيءَ جي ساءُ،
لڳي اُتر واءُ، ڪنجهر هندورو ٿئي.

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ لوڪ ڪٿائن جي رستي
جيڪو روحاني راز ۽ آتمڪ اُنڀون جو وستار ڪيو
آهي، اُن جي شروعات، لڳي ٿو، اِتان ئي ٿي.

(شاهه لطيف هيلايا ٽڪريءَ تي ويٺو آهي. اڪيلو، پنهنجي خيالن
۾ گم.)

هيلايا ٽڪريءَ تان شاهه صاحب ڪلپنا جي اکين سان اهو
نظارو هو-بهو ڏٺو....

شاهي محلات. هيٺان وهندڙ ڪنجهر ڍنڍ. گلن ڦلن کي
رقص ڪرائيندڙ اُتر جي هوا. چانڊوڪيءَ جيان چمڪدار
لهرون. ڪنجهر ڍنڍ تي هڪ ٻيڙو جنهن ۾ لڏندي
لڏندي جام تماچيءَ نوريءَ سان پيار جون سرڪيون
ڀريون هيون.

نوري هئي نه مهاڻي ٻر:
جنهن سڳو وڄ سرندڙي تنهن راڻين ۾ راڻي.

(ڪئميرا هيلايا ٽڪريءَ تي ويٺل شاهه لطيف جي نظر جي ڪنڌ
کان ڪنجهر ڍنڍ کي ڪور ڪري ٿي. ڪنجهر ڍنڍ ۾ هڪ شاهي
ٻيڙو تري رهيو آهي.

ٻيڙي ۾ جام تماچي ۽ نوري پريم - ليلا ۾ مگن آهن. ٻئي ڄڻ هڪ
ٻئي تان صدقي وڃي رهيا آهن. آس-پاس کان بيخبر. لڳي ٿو ڄڻ
ڪامديو ۽ رتي هڪ وڏي عرصي جي وڇوڙي کان پوءِ هڪ ٻئي

شاهہ : جي پاڻئين جوڳي ٿيان تہ سڳ سپيرين چئن،
وڃي در دوستن جي، نانگا ! ڪير لسن؟
پٽ تنهين جي ٻـن، جن ڏٺي نہ ڏٺو.
جي پاڻيئن جوڳي ٿيان تہ سڳ سپيرين ٽوڙ،
جي جاوا نہ جاڻندا، جيءَ تنهن سي جوڙ،
تہ تون ٿڪيون ٽوڙ، محبت جي ميدان ۾.

(سفر جاري آهي)

شاهہ : پٽ چڙهيائون پٽ ۾، ڏنب چڙهيائون ڏس!
آلا لڳان اڳي ليا، مرڪي ٿين نہ مس،
هيءَ چڙهيائون حس، وڃي ڪالهہ ڪل ليا.

(جوڳي ۽ شاهہ اڳتي وڌندا ٿا وڃن. نظارا بدلبا ٿا رهن. واري، ميدان، پهاڙ، جهنگ ۽ درياهہ. سفر جاري آهي.)

جابلو پرڳڻو / ٻاهر / ڏينهن

(شاهہ لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ. هو جابلو رستا پار ڪندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

آواز : (مرداڻو) شاهہ عبداللطيف پنهنجي رسالي جي سر ڪاهوڙيءَ ۾ گنجي ٽڪر جي واکاڻ ڪئي آهي، جو تہ الهيءَ ٽڪر رستي تي هو ڪن جوڳين جي سنگ ۾، هنگلاج جي تيرٿ تي ويو هو. گنجي ٽڪر تي روحاني اسرار ۽ ڏاڻين ۽ ڪاپڙين جي هر ٻہ جاچيا لهن. هتي "گنجي" جي معنيٰ "روحاني ڏس ڏسا راهہ" وٺڻ گهرجي. گنجو ٽڪر حيدرآباد سنڌ جي ڏکڻ طرف آهي ۽ ان جي دامن ۾ ڪاليءَ جو مندر آهي.

٢- گندگيءَ گوشو ڪيو
عطر اوس او تيائين :
هيري ....
٣- انڊا، منڊا آئيا
سخا سڌ وڌائين !
هيري ....
٤- پسو جوُد جوان جو
ڪر هنڌ ڪو نه مڃيائين!
هيري ....
٥- قيمت ڪمٽن سين،
جهڙي وٽ و ٺيائين !
هيري ....
٦- موتي مڇيءَ هٿ تي،
ڪوڏن جڃن ڪيائين !
هيري ....
٧- ماڻڪ مهاڻن ۾
چاڙهن جڃن چڙهيائين !
هيري ....
٨- ڏاڏي سون سوال ۾
راهي رانـد ڪيائين!
هيري ....
٩- پاڻمت آڻي پاڻ سين،
لعلون سـب لٽيائين !
هيري ....
١٠- فيروزا فقيرن تان
گهوري سب گهوريائين!
هيري ....

نوُريءَ سان جام جي شادي.
شاد مانا.

مهاڻا ماڻا مال تي نـا وڃن.
سڀن خوشيون ايمثال آهـن.

نوري ۽ جام جي سهاڳ رات.
ٻئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾.

نـوُري سخاوتون ٺڻي لي
ڪري. سب هن مان خوش آهن.

سڀئون نوريءَ وٽ سلام لاءِ
اچن ٿيون. نوُري ٺمرتا سان
ٺمش اچي ٿي.
بسٿري تي نوُري جام جي پيرن
تي سر رکي ليٽيل آهي. جام
ٻاڪر ۾ ٻرپس ٿو.
سڀئون خوب سينگاريل. نوُري
اباڻي وڳي ۾. جام نوُريءَ کي
ٻاڻ سان وٺي ٿو وڃي.
نوُري ٺـت-راڻي.

ٻيڙيءَ ۾ نوُريءَ ۽ جام جي
ٻر ٻير - ليلا.

سان ملي رهيا آهن.
شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ. هو ٻه ٽڪ ٻئي ڏانهن
نهاري رهيو آهي.
شاه : (چڻ ڏهرائيندي ھ)

سر سلامت سپرين، مرڪڻا تون م مريج!
آهين لار اکين جو، ڏٺان مون م وڃيج،
تماچي! تڪيج، ڪو ڏينهن ڪنجهر ڪنديين.

(شاه ٻئي ڏانهن نهاري ٿو، ٻئي ۾ نه ٻيڙو آهي نه جام ۽ نه نوري. لهرون، لهرون ۽ فقط لهرون.)

❋

هيلايا ٽڪري - ڪنجهر ڍنڍ/

(لانگ شاٽ، ٽڪريءَ تي شاه اڪيلو ويٺو آهي. ڪنجهر ڍنڍ وهي رهي آهي. سنگيت.)
شاه : هيري هٿ و ڌائين،
وٺي سائين وچ ۾!
(سنگيت. وائيءَ سان گڏ ئي نوري-جام تماچيءَ جو سچو عاشقاڻو قصو ڏهرائجي وڃي ٿو.)

وائي	درشيه
هيري هٿ و ڌائين،	شاهي ٻيڙيءَ ۾ سوار جام-
وٺي سائين وچ ۾!	نوريءَ تي نظر ٿي پويس-
هيري....	
۱- نوازش نوريءَ جي،	نوريءَ جا نيڻ جام کي گهائي
آهي تماچيءَ تائين!	ٿا وجهن - نظرون ملن ٿيون.
هيري....	

هندو : هائو سوامي‌جي، اهو ٺٽو نگر ئي آهي.

(ڪجهه ڏيهي آواز ۾)

ٺٽو، جتي ست سؤ سال اڳ ٻاهي مرڪ راڄ ڪندو هو جنهن هندن سان ٻائي ڪنئي هئي ۽ جنهن کي ورونڻ ديو جي اوتار امر لال سهڪت ڏيئي سنئين دڳ لاتو ۽ سمجهايو ته هندو - مسلم هڪ ٻئي جا ويري نه پر ڀائر آهن، ڀائر.

شاه لطيف: ابا، جي توکي ست سؤ سال پراڻين ڳالهين جي خبر آهي ته سهڻي ميهار جي پريم - ڪٿا جي به ڄاڻ هوندءِ، ڪين؟ اسان ته ٻڌو آهي ته سهڻيءَ جي قبر هتي ٺٽي ۾ ئي ڪٿي آهي.

هندو : سائين. سهڻيءَ جي قبر ته ٻرابر هتي به آهي. پر سهڻي-ميهار جي قصي بابت ڪيئين ڳالهيون مشهور آهن.

شاه لطيف: اَبا، جيئن ته؟

هندو : سائين، ڪي چوندا آهن تہ اهو پنجاب جو قصو آهي. اُتي سهڻي-ميهار کي چون سوني-مهيوال. ڪن جو وري چوڻ آهي ته اهي ٻئي پريمي شهداد پور ۾ ٿي گذريا آهن. شهداد پور مان اڳي درياه وهندو هو. سهڻيءَ جي قبر شهداد پور شهر جي ٻاهران جڙيل آهي ۽ ميهار جي قبر ته شهداد پور شهر جي وچ ۾ هڪ ٻاڙي ۾ آهي.

شاه لطيف: اسان جو خيال آهي ته اها پريمين جي جوڙي لڳو ٺٽي ۾ ٿي گذري آهي. ابا، اسان سهڻيءَ جي قبر جو ديدار ضرور ڪنداسين. اَبا، سهڻيءَ جو ساهڙ سان ازلي ناتو هو. ڏٺيءَ جي عاشقن جي محبت

١١- اُٺي، عبداللطيف ڇٽي
اُڀلي اَمـل ڏنائين !
ھري ....

جام اڳيان نـوُريءَ جو نرتيه
ڪرڻ. جام هن تيان صدقي
وڃي رهيو آهي.

ڪڇو رستو / ٻاهر / شام

(جوڳي ۽ شاهه لطيف ڪڇا رستا، دڙا، جهنگل ٻار ڪندا اڳتي وڌندا ٿا وڃن ۽ مرداڻو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز : سنڌ ۾ جڏهن سمن جي صاحبي هئي تڏهن سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڀريائين ساموئي نگر هو. اڄ اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي جيڪو مڪليءَ ٽڪريءَ جي اتر طرف، ٻه ميل ڇيڙي تي، هڪ مٿاهين پٽ تي قائم آهي. ڄام تماچي ۽ نوريءَ جون تربتون اڄ تائين اتي آهن. ساموئيءَ کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ ڪلان ڪوٽ ٿيو ۽ ان کان پوءِ ٺٽي جو شهر سنه ١٣٤٠ع ڌاري ٻڌو.

ٺٽو اڳتي هلي ان ڏن سان ڀرپور هڪ وڏو نگر ٺهجي پيو، جتي ۾ نواب جو محل به هو. نواب جي محل جي چوگرد سدائين رونق لڳي پئي هوندي هئي. جيئن ٺيڪ ٺٽي جون گهٽيون سوڙهيون هيون پر ته به اٺائي واپار جو مرڪز هو ٺٽو. سرسبز کيت، گهرو هنر ۽ لهري بندر، چاهي ٻين ساموندي بندرن تان ڏيساورن سان واپار جو سلسلو. ان وقت ٺٽو سنڌ جو نڪ هو....

(جوڳي ۽ شاهه ٺٽي جي ويجهو پهچي چڪا آهن. هڪ ماڻهو جيڪو هٿ ۾ چلم ماندو لڳي رهيو آهي، سامهون کان اچي رهيو آهي. جوڳين جي ويجهو اچي هو همت جوڙي سڀني کي پرڻام ڪري ٿو.)

جوڳي : اَبا، هو سامهون ٺٽو نگر ئي آهي نه ؟

شاهه لطيف: نہ ڪاتيءَ نہ ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو،
انگ اُتهئي لکيو، جت نہ رسي پانهن،
ڪنهنکي ڏيان ڏانهن؟ قضا قلم وهائيو.

(سنگيت. ماحول ۾ وائي گونجي ٿي ۽ سهڻي-ميهار جي زندگيءَ جا خاص خاص واقعا ڏيکاريا وڃن ٿا.)

وائي

مدت ٿي ميهار! يار!
ساهڙ! سائر سير ۾!
مدت ٿي....

١- اونها ڪن، اتانگ تڙ.
اڙلـي هڻ، آڌار!
مدت ٿي....

٢- ڏينهن ڏهلا ڏم سين،
آهيان اوهان ڌار!
مدت ٿي....

٣- پهل پاڻيءِ پار ڪري.
اُت اُيا آر!
مدت ٿي...

٤- تني گهڙي سهڻي،
آڳهہ رءِ آڌار!
مدت ٿي....

٥- ڪاري رات، ڪچو گهڙو،
تونڊيءَ ڪي تنوار!
مدت ٿي....

درشيہ

سهڻي درياهه ۾ لڙهندي لڙهندي ميهار کي سڏي رهي آهي.

سهڻيءَ کي ڏسندي ئي عزت بيگ هوش وڃائي ٿو وهي.

سهڻيءَ کي ڏم سان نفرت. عزت بيگ تلا ڪنير وٺ نوڪر ٿي رهي ٿو.

عزت بيگ ميهار. سهڻي ۽ ميهار تي فدا ٿي وڃي ٿي. پيار.

سهڻيءَ جي ڏم سان شادي. ميهار سنياسي ٿي وڃي.

سهڻي ميهار کي جوڳيءَ جي ويس ۾ سڃاڻي ٿي.

۽ ازلي آهي...
عدد ناهه عشق، ڄاڻي ڄاڻ لهي-
ڄڀن جي مهار ڪي، ڄڀي سي مهار،
تڙهو تنهن ٻار، عشق جنهن کي آڪرو.

(هندو شاهه لطيف جي اکين ۾ عجيب چمڪ ڏسي ٿو. جوڳين جي مقناطيسي ڪشش کان ۽ هو ٻچي نه ٿو ۽ آخر سڀني کي سلام ڪري پنهنجو رستو وٺي هليو ٿو وڃي.
سج لهڻ وارو آهي. جوڳي ٿر جي هڪ جهوڙ وڻ جي پاسي ۾، زمين تي ئي ڍيرو ڄمائي ويهي ٿا رهن.
شاهه لطيف جوڳين کان ٿورو پريرو وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهي. هن جي ڪلپنا جي اکين ۾ سهڻي-مهار جي پريم-ڪهاڻي رقص ڪري رهي آهي.)

شاهه لطيف: ڦڻ تڪ، واهڙ تڪ، جت نينهن، تت لڙالي،
جن کي عشق عميق جو، خلوت خيالـــي،
وارنين سي، والـي اهنڊو جن هٿ ڪيو.

(شاهه جي تصور ۾ اهو نظارو ڦري ٿو وڃي جنهن ۾ سنڌس هٿ ۾ آلنهه جي ڇيڇ آهي. شاهه جي اکين جو ڪلوز - اپ.)

درياهه / ٻاهر / رات

(لانگ شاٽ. درياهه ۾ دهشت آهي ڪچو گهڙو پرزا پرزا ٿيل ٽڪر آهي. سهڻي لڙهندي لڙهندي مهار کي پڪاري رهي آهي. پر درياهه جي دهشتي شور و غل سبب هن جو آواز لهرن ۾ لڪي دفنائجي ٿو وڃي.)

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ)

جابلو ۽ اڙانگا رستا / ٻاهر / ڏرتتي

(ڪئميرا جبلن، پهاڙن، اڙانگن رستن، بيابانن ۽ جهڙ - جهنگلن کي
ڪور ڪندي ٿي رهي. مرداڻو آواز اوور، لئيپ ڪري ٿو.)

آواز : سڄ ألهي سڀئي، رس ـ وڙسو روح،
ٻهي نه پانڌي ڪو، جنهن کر ٻيئي لوح،
موڙهي وڃي توه، مونڻ جي ڪاڻ ڪري.

هٿان هڏ نه چنهان، صبر شڪرانو،
ذوق زمانو، مون وَرا و ٻو وسري.

شاه صاحب گهڻن ئي عاشقن بابت ايمت چيا آهن، ٻر
جيترو ڪلام سسئيءَ بابت چيو اٿس، اوترو ٻئي ڪنهن
عاشق بسمت ڪو نه چيو اٿس. ان جا ٻه سبب آهن.
ٻهريون ۽ مکيه سبب هي آهي ته شاه صاحب جي دل
جون حالتون سسئيءَ جي دل جي حالتن سان بلڪل گهڻو
ملي ٿي آهون....
ٻيو مکيه سبب هي آهي ته ڪيچ ڏي وڃڻ لاءِ جهڪا
وامد سسئيءَ ورتي هئي، سا گهڻو ڪري ساڳي شاه
صاحب کي لاهوت ۽ هنگلاج ڏانهن وڃڻ لاءِ وٺڻي ٿي
هئي.

(شاه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز- اَپ، هو جوڳين سان گڏ ٻيور
طرف وڃي رهيو آهي.)

شاه لطيف: ٻـرپائي ته ٻار، ڦوڪ ته لڳي ٻرلن،
هڻي جي هٿڙ جون، ڦٽون سيئ وسار،
سمورِي سرڪار، ليئي رکج لساه ۾،

(پانيرواه جي ٻر ۾، ٻنهنجي ڪيچي مڪان جي هڪ ڪمري ۾

٦- سپيرو ڙو سهڻاڻ سهڻ،
سُکهو رس سنگهار !
مدد ٿي...

سهڻي دلي تي چڙهي، درياهه پار ڪري ٿي.

٧- او واران آهون ڪريان،
ڀهچان شل ڀـــرار !
مدد ٿي....

سهڻي ۽ ميهار جي ڳرڀـليا.

٨- سٽيو جهانءِ جهڄي هڏون،
ساڻهاراڻ سنيار !
مدد ٿي...

سهڻيءَ جي نراڻ ڪيس دلو ڪڍي رات جو پاهر وڃندو ۽ درياهه پار ڪندو ڏسي ٿي.

٩- آيم ولهي ريءَ سهڻ،
اَللهَ تو آڌار !
مدد ٿي....

نراڻ سمجهائيس ٿي. وري ۽ رات جو هوءَ ميهار سان ملي ٿي.

١٠- تار تراڏيس، لڙ لنگهنديس،
وڃنديس وڻ وچار !
مدد ٿي....

نراڻ ڪچو دلو رکي ٿي.

١١- ٻوڙ ٻڏنديس پار متي،
سهڻين جي سينگار؛
مدد ٿي...

ڪچو دلو ڳري ٿو. سهڻي ٻڏي رهي آهي!

١٢- ڪولي ڪهاڪهائي ڪوڙي
جڪن ٿا جانار !
مدد ٿي....

ميهار درياهه ۾ ڇلانگ لڳائي ٿو. ٻئي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ ٻڏندا وڃن ٿا.

اڪچار واڳهو، سيسار، مڇ ۽ ڪڇ شڪار ڏانهن ڪاهيندا اچي رهيا آهن.

❋

هڪ ڏوٻي: يا الله! هيءَ ڇوڪري ته سونهن ۾ سج-چنڊ آهي.
ڪهڙي سنگدل ماءُ - پيءُ هن کي هيئن ڪٺي لهرن جي حوالي ڪيو آهي.

ٻيو ڏوٻي: آها، هل ته هلي هيءَ درياه جي سوکڙي لالا محمد جي حوالي ڪريون.

(ڏوٻي صندوق ۾ ٻي ڪنيا کي وجهي، ٻڪ ڪولي، محمد جي گهر طرف وڃن ٿا. محمد پنهنجون ٻئي ٻانهون وڌائي ڪنيا کي هنج ۾ کڻي ٿو. هو ڏاڍو خوش آهي.)

محمد: ڀنڀور جي شهر ۾، محمد ڏوٻيءَ جي گهر اسان تو جهڙي هيري جو استقبال ٿا ڪريون. ڌيئڙي، تون خدا تعاليٰ جي نعمت اڄ لالا جي گهر جيءُ آئين، نچ آئين. مان پاڻ اولاد جو سڪايل آهيان. مون کي ته ٻن - گهڙيني ٻي ٻها خزانو ملي ويو. خزانو.

هڪ ڏوٻي: سائين، سونهن ۾ ته نڍڙي سائڻ سان چنڊ نه پڄي...

محمد: رجبي يار، جڏهن چنڊ جو نالو کنيو اٿيئي ته هن ماڻڪ جو نالو به ٿا کڻي رکون سسئي. ڇوڏس جو چنڊ سسئي.
(سنگيت.)

وائي: ١- پنهل! ٻيو پاڻ سان، ٻو رهيس ٻر نهاڻي!
ڇوري ....

(راڌيون ڪندي ڪندي، ٻڪندي ٻڪندي سسئي جوان ٿي وڃي ٿي. سونهن ۽ جوڀن جهڙ شمع ۽ شعلو.)

وائي: ٢- ٻو رهيو ڪنڌيس ٻر جو،
پرينديس پاڻي!
ڇوري ....

(پنهون پنهنجي تنبوءَ ۾ شان سان گاديلن تي ويٺو آهي. هن جي سامهون هڪ ماڻهو بيٺو آهي.)

مندر ڪٽ تي سمهي پئي آهي. سندس ٻر ۾ ٿئين چانور ڪنيا ليٽي پئي آهي. ڪٽ جي پاسي ۾ مندر جو پتي نائون ٻاهر بيٺو آهي.)

نائون: مندر، مان پرڻ آهيان، جوتش جو ڄاڻو آهيان. هن ڪنيا جي گرهن جو گهرو ابياس ڪيو آهي. اسان ٻنهي ۾ هڪ ماڻڪ-موتيءَ جهڙيءَ ڪنيا کي جنم ته ڏنو، پر...

مندر: پر ڇا سائين؟

نائون: هن ڪنيا جو انگ هڪ اجنبيءَ سان لکيل آهي.

مندر: اجنبي؟ ڀلا ڪير؟

نائون: ڪوئي به ڏاريو - ٻئي ديس جو، ٻيءَ ڄاتي جو، يا ٻئي ڌرم جو... ڪوئي به ڏاريو ماڻهو...

مندر: پوءِ؟

(ٻئي جڻا اکيون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه ٽڪ ٿي وڃي ٿو.)

(نائون هڪ صندوق پاڻيءَ واهه جي لهرن جي حوالي ڪري ٿو. صندوق ترندي اڳتي وڌندي ٿي وڃي. نائونءَ جي اکين ۾ پاڻي آهي. هو ڏوتيءَ جي ڪناريءَ سان اکين جون آليون ڪندو اگهي ٿو ۽ واپس وري ٿو. صندوق ترندي رهي ٿي. سنگيت.)

وائي: ڇوري چنڊ ۾ ڇپريل
ٻارو چل ٻانهي،
جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني!
ڇوري ....

(ٻيءَ ڏينهن جي ڀر ۾، درياءَ جي ڪناري تي ڪجهه ڌوٻي ڪپڙا ڌوئي رهيا آهن. اوچتو هڪ صندوق ترندي ترندي اچي ٿي ڪاري تائين پهچي. ڌوٻين جي نظر صندوق تي پوي ٿي. صندوق ڪناري تي آڻي کولن ٿا ته اندر هڪ ننڍڙين چانور ڪنيا ٿا ڏسن.)

(پنهون درياهه جي ڪناري تي ڪپڙا ڌوئي رهيو آهي. سسئي هن جي پرسان بيٺي آهي. پنهونءَ جي هٿن ۾ زخم ٿي ٿا وڃن ۽ ڪپڙا به ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ٿا وڃن. پنهون ملول آهي.)

سسئي: (پنهونءَ جي هٿن ۾ پيل ڇالن ۽ ٿيل زخمن کي چمندي)
صدقي وڃانءِ تو تان، قربان وڃانءِ تنهنجي همت تان...
فڪر نه ڪر. هر هڪ ڪپڙي جي تهه ۾ هڪ-هڪ اشرفي
وجهي ڇڏ ته پوءِ ڪنهن وٽان به شڪايت ڪو نه ايندي.

(سسئي ۽ پنهونءَ جي شادي وڏي طومان ۽ شان مان سان ٿئي ٿي. آري جام بيهوش ٿي ٿو وڃي. سندس ڀائر چڪري، هوتي ۽ نوتي ڪيس هوش ۾ آڻين ٿا.)

چڪري: ابا، مان توهان جي سر جو قسم ٿو کڻي چوان ته اسان
ٽئي ڀائر پنهونءَ کي هر حال ۾ واپس وٺي ايندا سين.

(مجلس چالو ٿي. خان ڀائر رقص به ڏسي رهيا آهن ۽ شراب به پي رهيا آهن.
پنهونءَ کي باقي ٽئي ڀائر گهڻو شراب پيئارن ٿا. پنهون بيهوش ٿي ليٽي ٿو پوي.
اڌ رات جو خان ڀائر پنهونءَ کي اٺ تي کڻي ڪيچ مڪران ڏانهن هليا ٿا وڃن.
سسئي ننڊ ۾ الوٽ آهي.
اٺ ڊڪندو ڊڪندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.
سسئي ننڊ ۾ غلطان آهي.)

وائي: ٤- اڌ ٻون! عبداللطيف چئي،
ايندم آرياڻي !

چوري....

(سسئي زاروزار روئندي ٻرپٽن، جهنگلن ۽ جبلن ۾ پنهنجي پنهونءَ کي ڳولهي رهي آهي.)

ماڻهو: قبلا، ڪيچ مڪران کان وٺي سنڌ-هند تائين هتي اکين
هزارين-لکين حسن جا شهپارا ڏٺا آهن. پر حضور، سسئي،
سسئي آهي. آهي ته محمد ڌوٻيءَ جي دختر پر رهندي
آهي محل جهڙي مڪان ۾.

پنهون: اَڇا!

ماڻهو: پنهنجن ساهڙين جي وچ ۾ ائين لڳندي آهي جيئن جيئن...

پنهون: (مرڪندي) ستارن ۾ ماهتاب!

ماڻهو: (سر لوڏي) جي، جناب!

پنهون: ته هل ميان! دير ورڻ ڇا جي؟ هاڻي اسان جو قافلو
ڀنڀور ۾ ٿي هلي منزل ڪندو.

(سسئي ساهڙين سان گڏ مشڪ ۽ عنبر خريد ڪرڻ لاءِ پنهونءَ جي
قافلي ڏانهن اچي ٿي.
سسئي ۽ پنهونءَ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون.
ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهن ٿا.
سسئيءَ جون ساهڙيون هن کي گهلي وٺي ٿيون وڃن. پر ٿو ٻه
اڳتي وڃي سسئي ورِي پنهونءَ ڏانهن نهاري ٿي.
ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. چپ مرڪي سلام ڪن ٿا.)

وائي: ٿي هوت! م ڇڏيو هيڪلي
هيءَ جا وندر وڪاڻي!
ڇوري....

(محل جي هڪ ڪمري ۾ سسئي پلنگ تي ويٺي آهي. محمد
بيٺو آهي.)

محمد: مان تنهنجي شادي ڪنهن به حالت ۾ اهڙي شخص سان
نه ٿو ڪرائي سگهان جيڪو نه فقط پرديسي اجنبي آهي
پر تنهنجي ذات جو به نه آهي.

سسئي: ابا، پنهون به ذات جو ڌوٻي آهي. جي اعتبار نه
اچيوَ ته آزمائي ڏسو.

کي پڪاريو، جنهن ڦاٽي کيس پنهنجي گود ۾ الٽو
وشرام ڏنو. پنهوار جو الهداد ڏسي سـمئي ۽ بـ
پرماتما در پاڏيو. پرماتما سندس پت رکي. پهاڙ
ڦاٽو ۽ سـمئي اندر سمائجي ويئي.

ٻيو جوڳي : اهو برهمواسي. مان ٻي برهم آهيان. پاڻ کان الڳ
نه برهم آهي، نه پرجاپتي، نه پرماتما ۽ نه پرميشور.

شاهه لطيف : ڪواهي اٿس ڪرهيار، جنهن تون پوري! پاڻيو،
پنڌ ۾ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ڻي وڪار.

جوڳي : الک نرنجن...

(ونيد رات. دور کان جوڳين جو گرو مهايوگي پرونتناٿ اچي
رهيو آهي. هن جي عمر جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. سنهڙو
سڪل شرير پر ان مان شڪتي ۽ چستي جون چڻ لاٽون نڪري
رهيون آهن. قد ڪجهه ڊگهيرو، ڳچي لنبي، ڪمر سنهڙي، مٿي تي
جٽالون، ڏاڙهي مڇون صاف، ڪلهي تي رڌراڪش جي لنبي مالا،
اکين ۾ تيج، نراڙ تي ترپنڊ. هو ان طرف وڌندو ٿو اچي جنهن
جي ڇايا ۾ جوڳي ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن. سڀ کان اول شاهه
لطيف جو ڌيان مهايوگي پرونتناٿ ڏانهن ڇڪجي ٿو. ان کان
پوءِ ٻيا جوڳي به گروءَ ڏانهن نهارن ٿا. مهايوگي ويجهو ايندو
ٿو وڃي. سڀ جوڳي ۽ شاهه هن جي سواگت ۾ اٿي ٿا پون.)

شاهه لطيف: جنهن نه پکيءَ پير، تنهن ٽمڪي ٽاڪڙي،
پيو پاريندو ڪير ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري؟

(پرونتناٿ سڌو اچي ٿو شاهه لطيف جي اڳيان بيهي ٿو ۽ ٽمڪندڙ
اکيون کڻي ٿو شاهه جي اکين سان اٽڪائي. شاهه پڻ گمڀير
آهي. ڪجهه ئي پلن ۾ پرونتناٿ جون ڪوجهي اکيون پنهنجي تڪ
ڇڏي مرڪڻ لڳن ٿيون. ساڳي وقت هن جي چپن تي به هلڪي
مرڪ اڀري ٿي اچي.)

(شاهه لطيف ۽ جوڳي هڪ شاهي وڻ جي هيٺان ويٺا آهن.)

شاهه لطيف: اي ڪير ڪمبيلڙن، جنن سمهڻ ٻير ڏکيا ڪري،
لوچين ڇو نه لطيف چئي، هاري! لڳو هوتن؟
لنڊن لياڪين ڪي، او پالا اچن،
سي پنهون ڪوه پڇن؟ جي سنجهي رهن سمهي.

هڪ جوڳي: تون ڪوي آهين. تنهنجي ڀيڄ ڀري ڀري تانين آهي، سرسوتيءَ جي توتي ڪرپا آهي. سنگيت ۽ مدرتا تنهنجيءَ ڪوتا جون خاص خوبيون آهن. هنگلاج هلين ٿو. اتي ڪالي ماتا سمهيل مدرا ۾ آهي. ڪاليءَ جي ڪرپا ٿيڻ ته تنهنجيءَ ڪوتا ۾ اوج گڻ به اچي ويندو. سورج ٿي چمڪندين، جڳ متان، سورج ٿي، الک چند پيدا ڪندين، الک چندن ۾ پرڪاش پسرائيندين، الک چندن کي ڪلانون دان ڪندين.

(شاهه لطيف سر جهڪائي ٿو. هن جي چپن تي هلڪي مرڪ آهي.)

ٻيو جوڳي: الک ...

سڀ جوڳي: نرنجن ...

جوڳي: جئه گورکناٿ ...

سڀ جوڳي: جئه گورکناٿ...

شاهه لطيف: سٽين سنجهائي، منهن ورڙهي مٿن جتن،
او جاڳو اکين کي، جاتوه نه ڏئي،
هتان تو ٻڌي، ٿي ڪيو ڪهڙين ڪرين!

هڪ جوڳي: سمئي اڻاٿ شهي. شڪتي ٿيو چندرما. سرسئي پنهي چندرمکي. سمئيءَ جي ڪهاڻيءَ تي سمها ماتا جي جيون ڪٿا جي پوري ڇاپ آهي. جيون ٻار ڏکه سهي اُتم ۾ سمها ۽ ماتا ٻارڙيءَ

قرآن کي الاهہ جو ڪلام مڃيو ٿو وڃي، بلڪل ٺيڪ آهي. انهن گرنٿن جي رچنا ڪندڙن جو ايشور سان سڌو سمپرڪ هو. هنن پنهنجين ساڌنائن ۽ تپسيائن سان پنهنجيءَ آتما جو، پنهنجيءَ چيتنا جو ايترو ته وڪاس ڪيو هو جو هو ايشور سان گفتگو ڪري ٿي سگهيا، پنهنجي سامهون گهرائي ٿي سگهيا ۽ ساڻس هن وقت وهي ٿي سگهيا .... پٽ لطيف، اهو سڀ چمتڪار مانسڪ استر تي ٿيندو آهي جنهنکي صوفي تصوف سڏيندا آهن ۽ اهم برهماسمي يا انالحق جنهنجا لفظي چٽر آهن. اهي منتر پڙهائيندا آهن ته چوندڙ جي ڪيتري آتمڪ اُنتي ٿي آهي- روحانيت جي رستي تي ڪيترو اڳتي وڌيو آهي.

شاه لطيف: پر سوامي جي، اهي منتر ته ڪير به چئي ٿو سگهي.

پروهت: (مرڪندي) پر، ڪوئي به چئي ٿو سگهي پر پوءِ انهن منترن مان آتما لڪري ويندي. پوءِ اهي فقط لفظ هوندا، منتر نه. لطيف، من-وچن-ڪرم جو مطلب ٿي شبدن کي منتر بڻائي ٿو.

شاه لطيف: گيان جو، وديا جو آهي ڪوئي انت؟

پروهت: نه ڪو آد، نه ڪو انت! ايڪ ڪوئي جنم ڪڇن هن وشو، هن سرشٽيءَ کي ڪجهه سمجهڻ لاءِ. پوءِ ان رشمن چيو آهي- نيتي نيتي. هي به نه، هو به نه!

شاه لطيف: ڪامل پرکن انهن به چيو آهي ته پاڻ سڃاڻي لهه پرماتما-

پروهت: ها، پاڻ سڃاڻڻ ايترو سولو ٿو سمجهين؟ جو پڙهي، سو پرهمندي.... جيڪو برهمانڊ ۾ آهي سو تنهنجي شرير ۾ به آهي. پر، مان وري ٿو چوان: ها پاڻ کي،

پروتدات: پٽ لطيف، مٺا وارو آهين، پر ڪجهه الٽ چڙهيل
اٿئي- سڄاري سنڌ جي لٽ. سنڌو آهي، تمام سنڌو
آهي. جنهن چالاڪ ماري آهي، اهي ڪڏهن ڪڏهن
پٽ به اچي پيا آهن. ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهڻ ئي
سچي گيان جو صحيح مارگ آهي.

شاهه لطيف: (اکيون جهڪائي) سوامي، منهنجي من ۾ توهان
جي باري ۾ نه ڪو سنسو آهي نه سنديه...

پروتدات: (شاهه کي اُٿي ۾ ڪٽي، ساڄو هٿ مٿي ڪڍي) پٽ
لطيف، ٻوڳي ترڪال درشٽا ٿيندا آهن. هڪ ٻوڳيءَ
لاءِ نه ڀوت آهي نه ڀوشيه - پر هڪ لڳاتار ورتمان آهي.
هڪ ٻوڳيءَ جي سامهون جڏهن ڪال جي ڪاري
لڪير آڏي ٿي وڃي ته ان جو سڄو اتهاس ٻوڳيءَ
جي ڪلپنا درشٽيءَ جي سامهون گهمي ٿو وڃي.
اتهاس- وڻ جي پڄ کان وٺي ان لڪيرءَ جي شوڀ
۾ ليٽي ٿي وڃڻ تائين سڄو اتهاس- سڄي ياترا....
لطيف، تون اهو ٿي سوچي رهيو هئين نه ته ڪهڙو
سڪل، بکايل ۽ ڪمزور شرير ۽ ڪارو پروتدات!

شاهه لطيف: سوامي جي، مون کي ترس هو. توهان لاءِ من ۾
ڪائي گستاخيءَ جي ڀاونا ڪو نه هئي... مان
خدا جو....

پروتدات: نه، پٽ نه، قسم نه کاءُ. تون قسمن، شاهدين ۽
ثبوتن کان گهڻو مٿي آهين. تنهنجو ٻول ئي
پرماڻ آهي، ساکشي آهي.

شاهه لطيف: ته ڇا سوامي جي، ويد قران ان ڪري ٿي....

پروتدات: هائو، ان ڪري ٿي. بلڪل ان ڪري ٿي ... ويدن
کي ايشور- رچت چيو ويو آهي. بلڪل ٺيڪ آهي.

آهن. ڇو ته هنن لاءِ به ڪيترائي نقطا لاڳاڪاري ۽ روشني-بخش آهن.)

پروتناٿ: آتمڪ مارگ ۾ ڪيئي موڙ آهن، ڪيئي طلسمي دوکا آهن، ڪيئي گمراهه ڪندڙ شڪتيون آهن، ڪيئي سبز باغ آهن ۽ ڪيتريون ئي مرگ-ترشنائون آهن. انهن سڀني آڙاڻين مان فقط هڪ پورڻ گروءُ ئي جگياسوءَ جي رکيا ڪري ٿو سگهي.

(شاهه لطيف پروتناٿ ڏانهن ان طرح ٿو نهاري ڄڻ ان گفتي جي ڪيس اڃا به وڌيڪ سمجهاڻي گهرجي- وضاحت گهرجي.)

پروتناٿ: ٺيڪ آهي ڀٽ لطيف، اَسان توکي اِها حقيقت سؤلي نموني ٿا سمجهايون .... آتمڪ مارگ تي ڪجهه ئي قدم کڻڻ کان پوءِ تماشا شروع ٿي ٿا وڃن .... اسان اهڙين ٿيندڙ گهٽنائن کي تماشا ٿا چئون جيتوڻيڪ جگياسو انهن کي چمتڪار سمجهندو ۽ ان مايا ڄار ۾ ڦاسي اِئين سوچيندو ڄڻ ته کيس ڪي الؤڪڪ شڪتيون مليون آهن. حقيقت ۾ اُهي مايا جا رنگ هوندا آهن، شيطان جون شرارتون ۽ ڪارستانيون هونديون آهن- هڪ جگياسوءَ کي، هڪ طالب کي گمراهه ڪرڻ لاءِ، همت ڪيرائڻ لاءِ جيئن اهو جگياسو پنهنجي منزل تائين نه پهچي سگهي- نه ايشور ۾ ليِن ٿي سگهي ۽ نه الاهه جي اڳيان سرخرو ٿي سگهي- اُن سرو شڪتيمان سان هڪ ٿي سگهي.

شاهه لطيف: شيطان جي ڪارستانين کان ته مان به واقف آهيان. ان کان بچڻ جو طريقو آهي- خاڪساري، تواضع، سوامي جي، جا سڀني گڻن ۾ مُول گڻ آهي. جنهن وٽ هوندي نوڙت اُن وٽ ڀلا ڪڻ ڀاڙهي ڀڄندا ايندا

پنهنجي پند کي، پنهنجي هستيءَ کي سڃاڻڻ سولو
آهي؟

(شاهه لطيف ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم ٿي ٿو وڃي. لڳي ٿو ڄڻ هو ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ پهچي ويو آهي. پروهت ڪجهه دير ٽڪٽڪي لڳائي هن جي چهري کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ پاڻ به خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. اتي ڪٿان ٽمل پيا جوڳي جيڪي ڌيان سان پنهنجي گروءَ ۽ شاهه لطيف جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا، هاڻي انهن ۾ به ڪجهه چرپر پيدا ٿئي ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳن ٿا. ٻه-ٽي جوڳي اڳتي وڌي وڃي هڪ وڏي پٿر تي ويهي ٿا رهن. انهن جي ڏسا ڏيکي ڪجهه ٻيا جوڳي به آس پاس ڪٿي نه ڪٿي ويهي ٿا رهن. پر سڀ آهن پنهنجي گرو پروهت ۽ شاهه لطيف جي ويجهو ئي.)

شاهه لطيف: گروءَ ٻنا گت ڪونهي.

(پروهت خاموش آهي)

شاهه لطيف: ڏوڏ دل تان دور ڪري،
ڪر ساڄن! صفائي،
من لا شيخ له فشيخه الشيطان،
ان ڏي اونداهي.

پروهت: هائو لطيف، گروءَ ٻنا، مرشد ٻنا اونداهي ئي آهي. آتمڪ ياترا ۾ اڻڪ وکهيون واٽاليون آهن، خوف ۽ خطرا آهن. جڳياسوءَ کي، طالب کي جيسين ڪو سچو گرو، ڪامل رهبر نه ٿو ملي تيسين هن لامنزل تي رسڻ ممڪن ناهي....

(شاهه لطيف پوري ڌيان سان مها سوگي پروهت جون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي. جدا جدا مدرائن ۾ ويٺل ۽ الڳ الڳ آسڻ جي ڪمن ۾ لڳل جوڳي به هن جي گفتگو ڪن لائي ٻڌي رهيا

شاهه لطيف: سوامي جي، مون قرآن شريف جو مطالعو ڪيو آهي
مڪمل صدق سان. جلال الدين روميءَ جي مثنوي
ته به زباني ياد اٿم. پنهنجي پڙڏاڏي شاهه عبدالڪريم
ٻلڙيءَ واري سائين جو ڪلام ته رڳ رڳ ۾ رچيو پيو
آهي. پر، سوامي جي، هيءَ اونڌي منهن وارو
اُپرست کنڊ.... چندر تنتر... انهن جو لاڳاپو شايد
يوگ وديا سان آهي.. مون لاءِ اهي نيون ڳالهيون
آهن....

پروتنات: سنسار ۾ گهڻو ڪجهه نئون ناهي- فقط نالا بدليل آهن.
مول وستو ساڳي آهي، فقط جدا جدا ڪنڊن ۽ جدا جدا
پاسن تي جدا جدا ودوانن ۽ وچارڪن پنهنجي درشٽي
وڌي آهي.... تو پنهنجي پڙڏاڏي جي باري ۾ ٻڌايو
هو ته تنهنجي باري ۾ هن هڪ اڳڪٿي ڪئي هئي...

(شاهه لطيف جواب ڏيڻ جي بجاءِ هاڪار ۾ سر لوڏيندو. هن جون
اکيون ٻهريون هيٺ آهن پوءِ منهن ٿورو مٿي ڪري پروتنات
ڏانهن نهاريندو.)

پروتنات: ان کي يوگي پوشيده درشٽي ۽ سنڪلپ شڪتي چوندا
آهن. ٿي ٿو سگهي تنهنجي پڙڏاڏي جي آئينده
ڏسندڙ اک توکي ۽ تنهنجي آستان کي پنهنجي سامهون
مورت-روپ ۾ ڏٺو هجي.... يا ائين به ٿي ٿو سگهي ته
هن جي من ۾ اِها اِڇا پيدا ٿي هجي ۽ هن پنهنجي
سڀني روحاني قوتن کي ڪٺو ڪري سنڪلپ ڪيو
هجي ته هيئن ٿئي ۽ ائين ٿي ويو- تنهنجي پڙڏاڏي
جو اهو سنڪلپ ته پورو ٿي ويو. تون سنسار ۾
اچي وئين....

(پروتنات مرڪندڙ نظرن سان شاهه لطيف ڏانهن نهاريندو. هن جي

۽ شيطان جو ڪلا بازيون، هن جو وار نه ونگو نه ڪري سگهنديون. سوامي جي، مان ته هر هو پاڻ کي اهوئي چوندو آهيان ته:

پايو منهن مونن ۾ غربت ساڻ گذار،
مٽي منجهه وهار، ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين.

(اوم جو آواز اوور اٿمب ڪريٿو. پروتناٿ ۽ شاه آواز طرف نهارن ٿا.

ٿورو ئي پريرو هڪ جوڳي ٻئي ٻانهون پٺيان ڪري، هٿن جي ٺرن جي آڌار تي زمين تي پٺيرو ليٽيو پيو آهي. هو پدمصن ئي خيال ۾ مڇو آهي ۽ ان حالت ۾ ئي هن جي منهن مان ٻ-چار دفعا اوم-اوم جو آواز نڪري ٿو وڃي. اوچتو، آسمان طرف نهاريندي هو ڪبير جو هڪ دوهو آلاپي ٿو.)

جوڳي: گگن منڊل ۾ اونڌا ڪٽان،
تهه امرت ڪا واسا!
سگرا هوئه سي جهر جهر پيا،
نگرا جاه پياسا!!

(شاه لطيف سوالي نگاهن سان مهايوگي پروتناٿ ڏانهن نهاريٿو.)

پروتناٿ: گگن-منڊل ۾ اونڌي منهن وارو هڪ امرت ڪنڊ آهي. ان کي جوڳي چندر تتو به چوندا آهن. ان امرت-ڪلش مان لڳاتار امرت-ڌارا وهندي رهندي آهي. جيڪو ان امرت-ڌارا جي چکي پيندو آهي، اهو اجر-امر ٿي ويندو آهي. پر اهڙو نصيب ڪنهن سڪمت-يوڳيءَ جو ئي ٿي سگهندو آهي، جنهن کي ڪو ئي پورڻ-گرو مليو هجي. ڪبير ان دوهي ۾ ناٿ پنٿي يوگين جي ان مهما جو ئي ورڻن ڪيو آهي.

٣. ڪاھُوڙين وٽ رات گذار

(شاهه: يوگ - مارگ، تي ڪجهه قدم)

چوڻ تي به هلڪي مرڪ آهي. شاهه لطيف بلڪل چپ آهي.)

پروتناٿ: پرماتما چاهيو ته تون آستان به جوڙيندين. آخر، پٽ لطيف، هي سڄو برهمانڊ پرميشور جي سنڪلپ جو ئي ته نتيجو آهي. قرآن ۾ به ته اهڙو ورڻن آهي. ڪين ؟

شاهه لطيف: هائو. آهي - ڪن فيڪون. ڌڻيءَ حڪم ڪيو ته ”ٿيءُ“ ۽ ڪائنات پيدا ٿي وئي. پر، سوامي جي، ايتري طاقت ڇا ڪنهن ماڻهوءَ ۾ به ٿي سگهي ٿي؟ آخر ولي ۽ جوڳي به ته انسان ئي آهن....

پروتناٿ: ڪنڊلني... پٽ لطيف، ڪنڊلنيءَ جي جاڳ.

شاهه لطيف: ڪنڊلني؟ ڪنڊلنيءَ جي جاڳ؟ ڇاهي اها ڪنڊلني؟

پروتناٿ: سڀ ڪجهه هڪ ئي ڀيرڪ ۾ ڄاڻڻ وڃڻ ٿو چاهين پٽ لطيف؟ ڌيرج رک. ڦل کي پچڻ ڏي. انتظار ڪر اُن گهڙيءَ جو جنهن گهڙيءَ کان وٺي تنهنجيءَ جيون ۾ وشيش گهٽنائون ٿيڻ شروع ٿينديون. ان سمي جي پرتيکشا ڪر.

(شاهه لطيف کي اُٿي ئي ڇڏي پروتناٿ اڳتي وڌي ٿو وڃي. شاهه لطيف جو ڪلوز-اپ.)

شاهه لطيف (پڻ پڻ ڪندي) ڪنڊلني....

(شاهه لطيف جي سوچ ۾ ٻڏل اکين جو E.C.U)

موڙي جو مقام / ٻاهر / پرڀات

(وائيڊ شاٽ. ڪراچيءَ کان ٻه ڪن ميل ٻاهر، جبل جي دامن ۾ جهڙ-پل ”موڙي جو مقام“ جي آس-پاس جو منظر افق ۾ صبح ٿي رهيو آهي. اونداهي-اجالي جو ڇهه ڇهه ميلاپ اکين کي آنند ڏيئي رهيو آهي. هڪ ساڌو ٻڪتاري تي ڪبير جو ٻد ڳائيندو منظر لتاڙي جبل طرف وڌندو وڃي رهيو آهي.)

ساڌوُ: اَوَ ڌوُ جوڳي جڳ سي نيارا !

مدرا نرت سرت ڪر سنگي ناد نہ کنڊے ڌارا !!

اَوَ ڌوُ ....

(پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف منظر طرف اچي رهيا آهن. ساڌوءَ جي گيت جو آواز اوور لئپ ڪريٿو.)

ساڌو: بسي گگن ۾ دلي نہ ديکي چيتن چوڪي انتا !

چڙهه آڪاس آسن نهين ڇاڏي، ٻيوي مهارس مينا !!

اوَ ڌوُ ....

(شاهه لطيف ڪجهه رکجي مها يوگي پروتناٿ جي منهن ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري ٿو. پروتناٿ مطلب سمجهي ٿو وڃي. هٿ جي اشاري سان سمجهي کي رکجڻ لاءِ چوي ٿو. سڀ جوڳي رکجي ٿا وڃن.)

پروتناٿ: ان ٻند ۾ ڪبيرداس سهج-يوگيءَ جو اصلوڪو روپ سنسار جي سامهون رکيو آهي....

ساڌوُ: ٻرگٽ ڪنٿا مانهين، جوڳي، دل ۾ دريا جو وي!

سهس اکيس ڇهه سئہ ڌاگا، نهچل نيکي ٿو وي !!

اَوَ ڌوُ ...

پروتناٿ: سهج-يوگيءَ جو ساهه ڪڍڻ ۽ ڇڏڻ ٻہ جاپ ٿي آهي. جڏهن اهڙا اکيهه هزار ڇهه سؤ جاپ پورا ٿيندا آهن تہ پاڪمرادو ”ناد“ پيدا ٿيندو آهي.

مون سين ڏنا، ماءُ! جنهن ڏنو پرين کي،
رهي اُهي رالڙي، تن جنگن سندي جاءِ،
تنهن جهڙي سا جاءِ، ترهو ٿئي تار ۾.

(سُر ڪاهوڙي-١)

اَڄ نه اوطاق ۾، جاڳڙ جوڳيئڙن جو،
ساري سنياسين کي، روندين تان رو،
بس! ٻاريان ٻو، لاهوتي لڏي ويا.

(سُر رامڪلي-٨)

ڪڏهن تان پاڇهه ٿئي، ساجن! مدد ملار،
سڪ تنهنجي سوريون! ڪهو ڪسن تمام،
هٿين هاج وه لئي، لهڻين لڏ حرام،
دوس! ڌه سهان دام، توڻ ولڙ لڙ ويلا ڪريئن!

(سُر ڏيسي-٧)

۾. اهو ئي شايد مورڙي جو مقام آهي جتي ست
ئي ڀائر دفن ٿيل آهن.

(ڪئمرا مورڙي جي مقام کي ڪور ڪري رهي آهي. هن وقت مقام بلڪل سنسان لڳو پيو آهي- نه مجاور ۽ نه ڪو مسافر.)

پروهت: هاڻي ڪلاچي پري ناهي- ڪوهه ڪن پنڌ مس هوندو.

شاهه لطيف: هنگلاج ته ڪلاچيءَ جي اولهه طرف آهي نه؟

پروهت: هائو، اٽڪل ست پنجهٺ ڪوهه پري.

(جوڳي جئه جئه ڪار ڪن ٿا.)

سڀ جوڳي: جئه شو شنڀو-
جئه امبي پاروتي-
جئه هنگلا ديوي-

هڪ جوڳي: الک....

سڀ جوڳي: نرنجن.

پروهت: پٽ لطيف...

شاهه لطيف: (ڇرڪ ڀري) هاڻي سواميجي توهان سڀ
سوريه - نمسڪار ڪندا ڇو ته...

پروهت: سوريه-ديوتا درشن ڏيئي رهيو آهي.

(شاهه لطيف هڪ پٿر کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهي. هو پنهنجن
ئي خيالن ۾ گم آهي.)

پروهت: (سوريه نمسڪار ڪندي سڌو بيهي ڇاتيءَ جي سامهون
ٻئي هٿ جوڙي)
اوم مترا يا نمه
(ٻئي هٿ مٿي آڻي ڪري ڪمان وانگر بيهي)
اوم راوَيئا نمه...

(سڀ جوڳي هيٺ جهڪي پنهنجن هٿن جون ٻئي ترين ڌرتيءَ
سان لڳائي جهڪن ٿا. پروهت به ان مدرا ۾ جهڪيل آهي)

شاهه لطيف: ناد - انهد ناد؟

پروتناٿ: هائو، انهد ناد - انهي ۾ انهد ناد مان ئي پرڪاش
ٿيندو آهي ۽ ان پرڪاش جو ظاهري روپ آهي
"مها بندو" مها بندو ٽن قسمن جو ٿيندو آهي - اڇا،
ڳاڙها ۽ ڪارا. يوگي انهن کي ئي ڪڏهن سورج،
چنڊ ۽ اگني چوندا آهن ته ڪڏهن برهما، وشنو ۽ شو
به سڏيندا آهن.

(ساڌو جي گيت جي وچ وچ ۾ پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ۾ جهڪا
گفتگو ٿئي ٿي، ان وقت به گيت سان واسطو ڏيندو ڏيندو سنگيت
چالو آهي. گيت اڳتي وڌي ٿو.)

ساڌو: سرهو اگن ۾ ڪايا جاري ترڪٽي سنگم جاڳي!
ڪهي ڪبير سوئي جوڳيسو، سهج سن لئو لاڳي!!
اوُ ڏوُ....

(ساڌو يڪتارو وڄائيندو وڄائيندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪبير
جو پد پورو ٿي چڪو آهي پر يڪتاري جو ڏيندو ڏيندو آواز
ماحول ۾ اڃا ڦهليو پيو آهي.)

پروتناٿ: ترڪٽي ۾ ٽي ناڙيون ڪندڙ ۽ شرير جا سڀ پاپ برهم-
اگني ۾ ڀسم ڪندڙ يوگي ئي يوگيشور ٿيو پد پراپت
ڪري ٿو.

شاهه لطيف: وڏو گورک ڌنڌو آهي.

پروتناٿ: سو ته آهيندو ئي - آخر به يوگمارگ کي هيڏي وڏي
اوچ تي پهچائيندڙ يوگيشور گورکناٿ ئي ته آهي.

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌن ٿا. باقي جوڳي به هنن جي
پٺيان هلڻ لڳن ٿا. ڪجهه دير اڳتي وڌندا ئي رهن ٿا.)

شاهه لطيف: سوامي جي، لڳي ٿو اسان موري جي مٿان ناٿن
پهچي ويا آهيون هو ڏسو سامهون، جبل جي دامن

ڪنڌ ۽ ڪيلا ماڳر مڇ جي ڄاڙهن ۾ وڃي ٿا اٽڪن ۽ ٻيڙا سبب هو ٿڙڪڻ لڳي ٿو. نيڪ اُن وقت مورڙو وڃي ٿو رسا لوڏي.
ٻاهر مورڙي مير بحر جا همراهه ساڻس ساڻ پاڃاريون جوڙي وڃي ٿا انهن جي ٻنن تي ٻوڙل مڇا رکن. ساڻ وٺي ٿا لڄن ۽ انهن ساڻ ڳڏ ني رسا مٿي ڇڪيا ٿا اچن.

شاهه لطيف جي ڇپري جو ڪلو زاپ. هو خيالن ۾ گم آهي. اوچتو هو ڏيري ڏيري اکيون کولي ٿو ۽ ساماهون نهاري ٿو.
ميدان ۾ جوڳي آسڻ ڪري رهيا آهن. ڪي ارڌ متسيندر آسڻ ته ڪي اُشتراسن ڪري رهيا آهن. ڪي پروتاسن ڪندي انساني ٻهاڙ لڳي رهيا آهن ته ڪي وري سکاسن جو آنند ماڻي رهيا آهن. مهايوڳي پروتنات پدماسن ۾ ويهي ڌيان ڪري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اُنهن جا لڏو لوڏ...
ڪن ڪلاچيءَ ڪوڏ...

(ڪجهه دير چپ چاپ جوڳين ڏانهن نهاريندو ٿو رهي جهڪي ٻوگهه - آسڻ ڪرڻ ۾ مگن آهن.)

شاهه لطيف: اُنهن جا لڏو لوڏ،
ايءَ ٻر گهاتوُ ٿڙن جي،
ڪن ڪلاچيءَ ڪوڏ،
سڪ نه ستا ڪڏهين.

(شاهه لطيف جوڳين ڏانهن نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: (پاڻ سان ڳالهائيندي) نماز ادا ڪرڻ وقت اسان مومن ته اُتي ويهه ڪندا آهيون... ڏينهن ۾ پنج

ڀوتنيات: اوم سوريا ٻا لمهه...

(شاھ لطيف جوڳين جي سورن - نمسڪار ڪري ڏسي ٿو. ڏيو ڏهو آهي ٻر هن جي چهري مان صاف ظاهر آهي ته سندس خيال ٻئي پاسي لڳي رهيا آهن.)

شاھ لطيف: ڪو جو ڦهو ڪلاچ ۾، گهڙي سو لٿي،
ڪڏهن ڪو نه ڏٺي، ته رڃ ڪهڙي رنڊ پيا؟

(شاھ لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ. هن جي ڪلپنا جي نظرن جي سامهون موريي مير بحر جي زندگيءَ جو اهم واقعو ڦري ٿرندو ٿو وڃي...)

(موريو مير بحر پنهنجن سائين سان گڏ ڪلاچيءَ جي ڪن طرف وڃي رهيو آهي. هن جا سائي پاڻ سان هڪ مضبوط لوهي پڃرو کڻي وڃي رهيا آهن، جنهنجي ٻاهرئين پاسي ٽڪا ڪنڊا ۽ ڪيلا لڳل آهن. هنن سڀني جي چال تيز آهي...

ڪلاچيءَ جي ڪن جو درشيه. مورڙو مير بحر پنهنجن سائين سميت اتي پهچي ٿو ۽ ڪن ڏانهن چتائي نهاري ٿو. هن جا سائي لوهي پڃرو پڙسان ئي رکي ٿا ڇڏين. مورڙو هڪدم وڃي ٿو پڃري جي اندر وهي.)

مورڙو: (سائين کي) ڀاءُرو، پڃري کي ڪن ۾ ڪيرايو. جڏهن رسا لڏندا ڏسو تڏهن ان کي ڇڪي ٻاهر ڪڍجو.

(پڙمڪر مانگر مڇ شڪار لاءِ تيار ويٺو آهي.

پڃري کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪندي ئي، موريي ٿي گرڪائڻ لاءِ واتس کولي پڃري کي جهپٽو ماري ٿو. پڃري ۾ لڳل

جھڙا ڪي افلاطون طالب گهرجن...
ڪنڊي سارِيان ڪان،
يا آمين! آمين!
يا الاهي! پاڄھ ڀلائي پائيان...

پروتناٿ: اندر ۾ پڪ چالو آهي- ڪڏهن، ضرور ڪڏهن...

(اُن وقت دور ڪان ٽولي ۾ ڪوٺا جوڳي جن ڪي ستون پڙهي ۾ اچن لهون. آواز مرداڻو، پر پهڪندڙ ڏيلو آهي.)

چؤپائي: نيند نه پرهه ڦٽڻ جو آوا،
سڀئي ڪمڙاڻي جان ڪوه لاوا!
ڏهه چند اڙ چندن چهروءَ،
ڏڪي ڪري تن پره ڪيهروءَ!
پره ناگ هوءَ سر چڙهه ڏسا،
هوءَ اڳين چندن مهن پسا!

(شاه لطيف چؤپائي ٻڌندو جوڳيءَ ڏانهن نهاري ٿو.)

شاه لطيف: هي ته ڪمل ناٿ آهي... درد-فراق جو قتل لڳو
لڳي ڪر.... ڇا ٿي ڳائين؟

(ڪئمرا ڪمل ناٿ کي ڪور ڪري ٿي جو پڇتائيءَ واري عالم ۾ آهي.)

ڪمل ناٿ: محمد ڪوي جو ٿريم ڪا،
نا ٿن ڪمت نه مالس!
جيئه مک ڏيکا تيئه هسا،
ستا لو آئي آلس!!

(پيا جوڳي ڪمل ناٿ جي پرواه نه ڪندي اڳتي وڌن ٿا. ڪمل ناٿ جوڳين ڏانهن نهاري ٿو ۽ "الک نرنجن" جو نعرو هڻندي اڳتي وڌي ٿو ۽ پڻ جوڳين سان وڃي ملي ٿو.

ڪئمرا پروتناٿ ۽ شاه لطيف کي ڪور ڪري ٿي، هو ٻئي

دعا ... نماز ... يوڳ ... نماز جي اُٿ ويھ ... يوڳ جا
آسڻ ۽ مدرائون ... ڪٿي نماز ۽ يوڳ ۾ ...

(ڪجھ دير لاءِ اونهي ننڊ ۾ ٻُڏجي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: ڌسڻ ڌسمن جي تہ همہ کي حق چون.

(شاهه لطيف اُٿي ٿو ۽ جبل جي دامن ۾ جڙيل "موري جو مقام" طرف ڌيري ڌيري هلڻ شروع ٿو ڪري. جوڳي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ رڌل آهن. شاهه لطيف هلندو هلندو اچي ٿو اُن مقام تي پهچي، جتي موري جا ڇھ ڀائر ۽ موري پاڻ دفن ٿيل آهن. شاهه لطيف مقام ڏانهن خيالن ۾ گم نگاهن سان نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: رام ويو، راوڻ ويو، ڪرشڻ ويو، ڪنس ويو،
حضرت محمد ويو، حسن ويو، حسين ويو، معاويہ
ويو، يزيد ويو.
ادا موري، هر چيز جاسي،
رهي سي خداءِ ... بس رهي سي خداءِ!

(شاهه لطيف خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. هن کي آس پاس جي سمڪ بلڪل ڪونہ ٿي رهي. اوچتو ڪوئي هن جي ڪلهي تي هٿ ٿو رکي ۽ ان سان گڏ ئي مهايوگي پروتناٿ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.)

پروتناٿ: ہت لطيف، هاڻي اسان کي بہ هلڻ گهرجي.

(شاهه لطيف اڃا بہ پنهنجن خيالن ۾ گم آهي.)

شاهه لطيف: (چڻ پاڻ سان ڳالهائيندي جيتوڻيڪ نهاري پروتناٿ
جي منهن ڏانهن رهيو آهي.)
انسان جو نفس مانگرمڇ مثل آهي ۽ سندس طمع
جي حد ئي ناهي .... انهيءَ نفس کي نهوڙڻ لاءِ،
ماري مات ڪرڻ لاءِ، شڪست ڏيڻ لاءِ موري

ڪوي هو. سندس حياتيءَ ۾ دهليءَ جي تخت تي ستا سارا ڇهه بادشاهه ويٺا - ستا سارا ڇهه - بهلول لوڌي، سڪندر لوڌي، ابراهيم لوڌي، بابر، همايون ۽ شيرشاهه ! پر جائسي گڻگان شيرشاهه جو ئي ڪيو آهي. چوندا آهن جائسي ڪاڻو ۽ ڏاڍو ڪروپ هو. هو هڪ ڪن کان ٻڌي به ڪونه سگهندو هو. ٻڌايون ٿا ته جڏهن شيرشاهه جي درٻار ۾ ويو ته درٻاري سندس بدصورت چهري کي ڏسي خوب کليا. جائسيءَ شانت ڀاو سان پڇيو، موهيڪا هنسس ڪه ڪوهره؟ مون تي ٿا کلو يا ڪنڀر تي؟...

شاهه لطيف: واهه ! واهه ! موهيڪا هنسس ڪه ڪوهره... واهه جو سوال آهي.

پروتدات: ٻڌو ته ڪويءَ جو شيرشاهه سان پريم ٻڌجي ويو. ٻنهي جي امر گرنٿ پدماوت ۾ شيرشاهه کي آشيرواد به ڏني اٿائين. صوفي طبيعت وارو انسان هو ۽ عربي، فارسي، سنسڪرت ڀاشائن جو ودوان هو.

شاهه لطيف: پدماوت ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو اٿائين؟

پروتدات: ٺيٺ اوڌي ڀاشا ۾ ... پدماوت جي رچنا جي عربي، فارسي يا سنسڪرت ۾ ڪري ها ته ايڏو پسند نه ڪئي وڃي ها ... ڪوتا اها جا لوڪ جي منهن ۾ واسو ڪري وڃي. جائسيءَ جي ڪوتا سندس جيون - ڪال ۾ ئي پرسڌ ٿي وئي هئي. ڪمل ناٿ ٻڌائي ٿو ته سندس هڪڙو چيلو ناگمتيءَ جو ٻارهماسو ڳائي ڪري ڀڪيا پنندو هو. اميٺيءَ جو راجا ٻارهماسو ٻڌي ايترو ته پرسن ٿي ويو جو چيلي کان ڪويءَ جو نالو - پتو پڇيائين. راجا عزت سان جائسيءَ کي اميٺيءَ گهرايو.

"موزڙي جو مقام" کي ٻولئي ڇڏي اڳتي وڌي رهيا آهن.)

پروتنات: ٻرير ۾ دوکو کائي جوڳي ٻٽيو آهي. ان ڪري ڪڏهن
ڪڏهن دل ۾ هوڪ اٿندي اٿس ته ڪوڪ نڪري
ٿي ويندي اٿس.

شاهه لطيف: اهڙن ماڻهن لاءِ ڀوڳ آهي؟ ڇا اهڙا ماڻهو ڪڏهن به
وقت ٿاٻو کائي ضبط ڪري نه ٿا سگهن؟

پروتنات: ٻت لطيف، ٿاٻو کائي ته هرڪو ڪري ٿو سگهي.
مان به ته توں به. هونئن جپ تپ، ڀوڳ ورلاڳ، گيان
ڳٽي سڀني لاءِ آهي. جيڪو وهنلو سو لهندو. ڪرڻ
جي ٻؤ ڪاڻ ڪو ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڪونه ڏيو. جي
ڪريو ته ورچي ڇڙهڻ جو جتن ڪيو.

شاهه لطيف: هندن کي اهو وڏو سهارو آهي ڇو ته ٻيو جنم ۾
توهان جو وشواس آهي. مومن لاءِ ته ٻيو ڪاڻ ٻوءِ
قيامت ٿي آهي.

(پروتنات ۽ شاهه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. ٻئي هلڪو هلڪو
مرڪي رهيا آهن.)

پروتنات: ان جو ذڪر نه ڪر ٻت! ٻيو جنم هوندو ته سڀني لاءِ
هوندو. قيامت هوندي ته سڀني لاءِ هوندي. پرماتما
جو وڌان سڀني لاءِ سمان آهي. الڪ کي ٻولڳڻ جي
پرواهه ناهي. سچي سرشٽي ئي هن جي آڳر سان ٻڌي
ٿئي آهي.

(ٻئي اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاهه لطيف: هوءِ اڳن چندن مهن ٻيلا... واهه واهه!
اهي سٿون اون اون اون....

پروتنات: جانسي ڪري؟ جون آهن. ڳهڻي تي مون کي جاڻ
ڪونهي آهي. ٻر ڪمل ناٿ جي مکون ٻسڪم ته وڏو

(ڪجهه دير چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا. پيا جوڳي به ٽولي لاهي اڳيان پٺيان هلندا ٿا رهن.)

ڪمل ناٿ: ڪنگڙهه جي راجا راجاسنگهه جي دربار ۾ درباري ڪوي هوس. راڻا جيءَ جو مون تي وشواش پورو هو. پر دربار پنهنجي مصروفن ۽ شاهوڪارن جو گرپ-استان. ڪوئي ڪنهن کي سهي ڪو نه. هرڪو پنهنجي ڪي ڪمزاڻ ۾ ٻئي پنهنجي جيون جي سارٿڪتا پيو سمجهي. منهنجا ته ڪيترا ئي دشمن ها. راڻا جيءَ جا ڪن پرياڻون ته مان فقط ڪوي ڪو نه آهيان پر سٺو گايڪ به آهيان. ڪنهن ڪي وڏيڪ اختو ڪرڻ لاءِ اهو ئي چيائونس ته مان تڏهن ئي ٻهترين ٺمولي ڳائي سگهندو آهيان جڏهن ڪنچنا نرتڪي منهنجي سامهون هوندي آهي. راجائن جي دل ۽ دماغ جو نه دين ۽ نه ايمان. ٻئي ڏينهن دربار ۾ آيس ته ڇا ٿو ڏسان، راڻا جي مون ڏانهن نهاري مند مند مرڪي رهيو آهي ۽ سڀ درباري اڪ-ٽمت ڪري هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن. جان جو اوڏانهن نظر وڌم ته دماغ ڦري ويو. ڪنچنا بيٺي هئي آئي، سورنهن سنگار ڪري نرتيه لاءِ بلڪل تيار...

شاهه لطيف: ته ڇا ڪنچنا سان ڪنهن اڙٻل هئي؟

ڪمل ناٿ: هئي. بلڪل اڙٻل هئي. دشمن به ڇٽي ڇٽي ٽپر هنيو هو.

شاهه لطيف: سو ڪنچنا سورنهن سنگار ڪري نرتيه لاءِ بلڪل تيار بيٺي هئي... پر ڪمل ناٿ! اهي سورنهن سنگار آهن ڪهڙا؟

ڪمل ناٿ: پندرهن ڇوڙ گهرجن. ڇو نه سورهون سنگار آهي

ان وقت کان ڪوئي اُتي ئي رهي ٿو؟ ان ڌرتيءَ
تي ئي ٻراڻ ٿيا آهيان.

شاهه لطيف: عالمن کي آسمان ته سهڻا لڳا هون. پر آخر هيري
کي جوهري ته ملڻ وارو ئي آهي! لال ڪيستائين
مٽيءَ ۾ دٻيو رهندو؟

پروتناٿ: اشتاوڪر جو به اهڙو ئي قصو آهي. وڏو وڏوان هو،
پر شرير ۾ آٺ ونگ هئس. سو جڏهن
اشتاوڪر راجا جنڪ جي دربار ۾ ويو ته سڀ درٻاري
هنس کلڻ لڳا. پر جنڪ سان سندس گيان-گوشٽي ڪئي
اڄالين لاءِ مثال آهي. اشتاوڪر جي گيتا سنسار جي
اُتم پستڪن مان هڪ آهي ۽ ڪن حالتن ۾ گيتا
ڪرشڻ جي گيتا کان به چار قدم اڳتي وڌي ٿي وڃي.

(ان وقت ڪمل نائڪ هلندو هلندو هنن جي پاسي ۾ اچي ٿو
وڃي. هن سان گڏ ڪجهه ٻيا جوڳي به آهن. پروتنائڪ ڪمل نائڪ
کي اشارو ڪري ويجهو اچڻ لاءِ چوي ٿو. ڪمل نائڪ ٻين جوڳين
کي پاسيرو ڪري پروتنائڪ ۽ شاهه لطيف سان گڏ هلڻ لڳي ٿو.)

پروتناٿ: اچا ڪمل! سدا لطيف کي ته ولوڙي ڪڍڻ ونڄ ۽
جوڳي جو لڳن

ڪمل ناٿ: گرديو جا رکيو آهي انهن اڄاڻن ۽ وڏيرن لچائن جي
دهرائڻ ۾ .... جيڪو لکيو هو سو لکيو، جيڪو لکڻ
وارو هوندو سو لکندو. اسان آهيون ئي ڪم جو
وٿنا السنا ٻڌون ۽ حساب-ڪتاب ڪريون.

پروتناٿ: اچا، لطيف جي به تو جهڙي ئي حالت آهي.

ڪمل ناٿ: گرو ديو، توهان کي ته منهنجي ڪهاڻيءَ جي پوري
پوري ڄاڻ آهي. توهان ئي ڪٿي ٻڌايوس

پروتناٿ: ته اچا، تنهنجي مڪون وڏيڪ الڙدار هندي.

(راڻاجيءَ جي سنواد ۾ سمايل حرف-ڇنڊڇاڻ تي ڪي درٻاري واه واه ڪن ٿا. راڻاجي مسڪرائيندي چوڌاري نهاري ٿو ۽ ڪمل ناٿ ڪجهه ڪروڌ ۾ ڀري رهيو آهي.

اوچتو ڪمل ناٿ راڻاجيءَ ڏانهن پٺي ڪري ٿو ۽ ڪنچنا ڏانهن منهن ڪري ڳائڻ شروع ٿو ڪري. سازندا ساز وڄائن ٿا ۽ ڪنچنا سُر تي جون مدرائون پيش ڪري ٿي.)

ڪمل ناٿ: چٽي نه سستا ڪي جهلڪ، جهلڪيو جوڀن انگ؛
هيٺ ڏسو ڏهون مخمل ۾ ڍنڪ سڳنڌا رنگ.

(راڻاجيءَ ۽ درٻاري واه واه ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: ڏيئي تاقتا رنگ وسن برڇي ڪرپا-سي،
چٺرائي لهن چڙهي ٿئو ڪجهه لاج پرڪاسي،
ڏيهه لتيمن پيار اڄون ڪٿ پلي لٿي لهن،
جوڀن آيو جئو ٿئو مڪدتا چٽي لهن.

راڻاجي: واه واه ڪمل ناٿ، واه!... جوڀن آيو جئو ٿئو مڪدتا
چٽي لهن، جواب ناهي...

(درٻاري وچ وچ ۾ واه واه ڪندا ٿا رهن.)

راڻاجي: ڪنچنا ڪامني! تنهنجو ته جواب ناهي! ڪري جي
ڪلپنا ڪي ڏيهه جي مدرائن سان توسياڪار ڪري
ڇڏيو... اسان جي اکين جي سامهون ڏيهه سنڌيءَ جو
چٽر چٽي ڇڏيو هاڻي وت..

(گلي مان موتين جي مالا لاهي ڪنچنا ڏانهن اڇلي ٿو. ڪنچنا مالا کي جهٽي هرديه سان لڳائي گلي ۾ پائي ٿي ڇڏي ۽ جهڪي ڪري پرڻام ٿي ڪري. راڻاجي ۽ ڪنچنا جون نظرون ملن ٿيون. هڪ جي نظرن ۾ پياس آهي ته ٻئي جي نظرن ۾ سمرپڻ. ڪمل ناٿ ڪجهه پريشان نظر اچي رهيو آهي.)

راڻاجي: ڪوي مهاراج، اڄ اسان جي پياس ڪوسٺ اڃهي

اِستريءَ جو ٻڌو، تا هتڙا ۽ هڪ ٽرڪيءَ مان آهيا
آشا رکڻ آهي ٻڌن ڪان ٻيو گهرڻ....

(ٻروتساهه ۽ شاه لطيف هلڪو هلڪو ٻمرڪڻ لڳا.)

ڪمل ناٿ: اوچتو راڻاجيءَ جو حڪم اچڻ ڪري هاڻي اسان جي
دربار جو سرجوڙ ڪري ڪمل ناٿ هڪ مندر ۾
ميوهاڻي ٻڌي - ڪيمت مساڪيءَ جهڙي مٽي سوڙ ۾
ڪاڻيندو ۽ ڪمل ناٿ ڪيئن الهن ٻولن تي لڙي
ڪندي....

(ڪمل ناٿ جي چهري جو ڪلوز-اپ. تاڙين جو آواز. ڪمل ناٿ جي اکين جو ڪلوز-اپ. تاڙين جو آواز جاري آهي. ڪمل ناٿ جون اکيون ملڪيءَ جي واڌن ۾ ڪُوڙي ٿيون وڃن. تاڙيون مسلسل جاري آهن.)

ڏيک - دربار / اندر / صبح

(ڪئميرا ڪمل ناٿ جي اکين تان پل-بيڪ ڪري ٿي. اسان ڏسون ٿا ته هو راڻاجيءَ جي سامهون بيٺو آهي. منتري، سيناپتي ۽ ٻيا درباري عهديدار پنهنجين پنهنجين شاهي ڪرسين تي راڻاجيءَ جي تخت جي سامهون ٻن قطارن ۾ هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. دربار ۾ عام جنتا به ويٺي آهي. دربار جي وچ وارو دائرو خالي پيو آهي جنهن جي هڪ طرف ڪجهه سازندا ويٺا آهن. راڻاجيءَ جي اشاري تي ڪڏهن نازو انداز سان ٽمڪندي ٽمڪندي دائري جي وچ اچي ٿي بيهي.)

راڻاجي: ڪري ڪمل ناٿ، ڪڏهن ۽ ڪامني سامهون آئي.
هاڻي ڏيکار پنهنجي ڪلا-ڪلا جو ڪرشمو...

راڻاجي : ٺمري الڪيا ۽ ڇور ٻيٺي ڪوڙي...
(ڪنچنا خوب ايمانداري ۽ سان ڀاؤ-پرد رشن ڪري ٿي.)
ڪمل ناٿ: ٺمري الڪيا ۽ ڇور ٻيٺي ڪوري!
ان ڇورن ميرو سر ٻس لونو ،
مـسن ليبو جـو را- جـوري !
ٺمري ....
(راڻاجي ۽ درٻاري خوب واه واه ڪن ٿا ۽ ٿاڙيون به وڄائن ٿا)
ڪمل ناٿ: ڇوڙ ڊيٺي ڪـس ٻند ڇوليا ،
ٻڪرن ڇور هر اڀوري !
ٺمري ....
(سڀ واه واه ڪن ٿا .)
ڪمل ناٿ: "ڪمل ناٿ" ان دونن ميري ،
ناحق ڪهي چـٽ چـوري !
ٺمري ....
راڻاجي : بلڪل ٺيڪ. ڪوڙ جو ڪٿو به ناهي
اهو. ان دونن ميري ناحق ڪهي
چـٽ چوري...
(اوچتو گهنگهرن جو آواز راڻاجي ۽ جي سنواد کي ڪٽي ٿو ڇڏي.
ڪنچنا پوري جوش و خروش سان نچي رهي آهي. سڀني جو
ڌيان ڪنچنا ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي.)
ڪنچنا: ميري لڪشت ٿئ آه ڇوس ٺمري سڻ ٻجالون ري ،
تب بس ڪئي رس لئي اڏرن ڪر ڪو ليڻالون ري ،
ڪام-امنگ لڪاس ٻڻ ڪس جهو سوانسون ري ،
ٺنجوي ٻار اپنو ڪر جاڙون لـب ڪهو جانون ري .
راڻاجي ۽ ڪنچنا، جي ڳالهه آهي ته پوي ۽ درٻار ۾ اسان کي
خوش ڪر- اسان جو جوش اڏاه- ايان کـي پهچـو

آهي اڃا پيار، ڪرتا جو امرت گهول

(ڪمل ناٿ جهڪي پرڻام ٿو ڪري.)

ڪمل ناٿ: درگن لڳت، پدمت هيو، پڪل ڪرت انگ آن،
اي تيري سب لي وشم، اهين تيهين بان.

(درباري واه واه ڪن ٿا، پر راڻاجي پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي. ڪمل ناٿ ڪنبليءَ جون باقي چار سٽون ڪجھ جوش ۾ چوي ٿو.)

ڪمل ناٿ: ايهين تيهين بان، آج اُمت اچرج ڀاري،
ملت ڪريجي گهاءِ ڪري، اچري تيه ماري،
ڪاڙهي اوڙه نست پڙهت اُپچار نرڪ دگ،
جيهه لاڳت تيهه لڳن ديت نهن لڳن لاءِ دگ.

راڻاجي: (چِٽ ننڊ مان سجاڳ ٿيندي) هاه! ڪمل ناٿ، هاه!
ڪلهجو ڇيري ڇڏيئه...
جيهه لاڳت، تيهه لڳن ديت نهن،
لڳن لاءِ دگ!... واه واه!!

نِٽ اڙيا ته پوءِ نٿين ننڊ ايندي ڪٿان؟

(ڪنچنا ڇرڪ ڇمڪائي لهرائي ٿي. راڻاجيءَ جو ڌيان ڇڪجي ٿو ۽ ڪنچنا جي شرير ڏانهن پياسين نظرن سان نهاري ٿو. ڪنچنا ڪجھ وڌيڪ اُتيجڪ مدرائون ڏيکاري ٿي.)

راڻاجي: ڪنچنا جهڙي ڪامني سامهون آهي. ڪوي جي،
برهمڻ کي ڪهڙ ...، ڪامنائون جاڳاءِ ڪامنائون-

(ڪمل ناٿ جو منهن سڄو وقت ڪنچنا ڏانهن آهي ۽ راڻاجيءَ ڏانهن نٿي. فقط پرڻام ڪرڻ وقت هو راڻاجيءَ ڏانهن منهن ڪري ٿو.)

ڪمل ناٿ: تيري انگيا ۾ چور بسن گوري!

راڻاجي: واه! واه! واه!

درباري: واه! واه! واه!

(راڻاجي منتريءَ ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري ٿو.)

منتري: ڪري ڪمل ناٿ جي ايتري همت جو هو توهان
ڏانهن هٿي ڏيڻ ڪوتا-ٻانت ڪري ۽ گيت ڳائي!
اسان اهو به سهي ويا هئاسين. ڪجهه به ڪونه ڪيوسين.
هو هاڻي ته حد ٽپي ويو. توهان ڪنهن ڏهاڙيءَ کي
هزارها ڏيئي رهيا آهيو ۽ هي ڪمل ناٿ، توهان
کي هٿي ڏيڻ لاءِ آيو آهي! ان کان وڌيڪ ٻيو
راڄ ۽ راڄ - دربار جو ڪهڙو ٿو اپمان ٿي سگهي؟
آهي، راڻاجي، گستاخيءَ جي به ڪا حد هوندي آهي.
هي ڪمل ناٿ ته مريادا جون سڀ سيمائون پار ڪري
ويو آهي.

ڪيترائي درباري: ها ها، منتري جي ٺيڪ ٿي چئي رهيا
آهن. ڪمل ناٿ گستاخيءَ جون سڀ
حدون ٽپي ويو آهي.

(راڻاجيءَ تي شراب جو نشو صاف صاف ظاهر آهي.)

راڻاجي: گستاخي... گستاخي! ڪري ڪمل ناٿ، تو اسان جو
اپمان ڪيو آهي، اسان جي وفادار درٻارين ۽ امير
امرائن جو اپمان ڪيو آهي... تو... تو... اسان جي خانداني
شانِ... هچ... هچ... اسان جي خانداني شاهي دربار
جو اپمان ڪيو آهي...

(ڪجهه دير چپ ٿو رهي.)

راڻاجي: اسان توکي... اسان توکي هن وقت کان وٺي جلاوطن
ٿا ڪريون... نڪري وڃ... دفع ٿي وڃ. اسان
جي راڄ جي حدن کان ٻاهر هليو وڃ. ورنه... ورنه...
اسان تنهنجو سِرُ هن تلوار سان... قلم ڪري ڇڏينداسين.

(راڻا جي ڪمر سان ٻڌل پنهنجيءَ تلوار کي ميان مان ٿورو ٻاهر

پيالي جو مٿو اُلٽو آهه...

(اشارو سمجهي ٻه ٽي ڇوڪريون ڏاڙهون سونهري جي لوڙهي ۽ سونهري
صراحيون ۽ ٻيا الڳ الڳ شراب کڻي راڻاجيءَ جي ڀرسان پيالي
ڀري ڏيون وڃن. جام ۽ سونهري صراحي آڻين. راڻاجي صراحيءَ مان
شراب جام ۾ اوتي ٿو ۽ جام چپن سان ٿو لڳائي.

ڪنچنا هڪ لهرو ڪالي جهٽڪي سان هٿ ۾ جهلي شراب جي مٿون
ڦيرڻ ڪري هٿ زمين تي ڪري ٿي پوي. هال ۾ نقطو لڳي
۽ الله رسول ۾ راڻاجيءَ جي سامهون ڏاڙهي ۾ ٻيٺي آهي.

درٻاري عجب ۾ ڏسي رهيا آهن.

ڪملاوتي جي پٺي راڻاجيءَ طرف آهي ۽ چهري تي غصو آهي.
درٻاري ان ڳالهه مان سمجهي ويا آهن ته هوا جو رخ ڪهڙي
طرف آهي.

ڪنچنا ان ئي حالت ۾ جهڙوڪ ٿڌو ساهه ڀري وارو ٽرڙ ڪري ٿي.
سازندا هن کي ڏورو ڏورو ساٿ ڏين ٿا. ڪجهه دير تائين اهو
بدتميزيءَ جو طوفان جاري رهي ٿو.

راڻاجي جام تي جام پيئندو ٿو رهي.

آخر راڻاجي ڪنچنا کي هٿ جي اشاري سان ٻانهن وٺي ڪڍائي ٿو.
ڪنچنا راڻاجيءَ جي سامهون اچي بيهي ٿي. راڻاجي پنهنجي ڳچي
مان ڪجهه موتين جون مالائون لاهي ڪنچنا جي ڳلي ۾ وجهي ٿو.

درٻاري خوشيءَ ۾ تاڙيون وڄائن ٿا.

ڪملاوتي راڻاجي ۽ ڪنچنا ڏانهن ڏسندي بيٺو آهي. هن جي
چهري تي ازحد نفرت آهي.

درٻارين ۾ ڪجهه سس-پس ٿئي ٿي.)

هڪ عورت: (آلي ڪري) راڻاجي، هي گهور اپمان آهي...
درٻار جو اپمان، درٻارين جو اپمان ۽ ... کان
وڌيڪ ... جو اپمان آهي...

ڇڏيو. دل، دماغ، جسم سڀ جلي رهيا ها، ٽانڊن
وانگر ٻري رهيا ها. دربار مان نڪتس ته نه
هوش ٽڪاڻي ها نه حواس. جيڏانهن وات ملين،
هلندو ويس. ڪيترائي ڏينهن ويرانن جي خاڪ
ڇاڻيندو رهيس. نه بک نه اڃ. نه سڌ نه سماءُ.
ڪنچنا جا منهن موڙيو، منهنجو ته ڄڻ دين به
ويو، دنيا به وئي.

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن)

ڪمل ناٿ: هڪ ڏينهن بکايل، اڃايل، ٿڪل، ٽٽل، اڌ بيهوشيءَ
جي حالت ۾ هڪ وڻ جي هيٺان پيو هوس ته
سواميءَ جو ديدار ٿيو. هٿ پنهنجي مٿي تي محسوس
ڪيم... پوءِ ته ڄڻ هڪ قسم جو چمتڪار ٿي ويو.
سواميجن پنهنجي ديا ۽ درشٽيءَ سان، ٻرندڙ ٻريل
وچنن سان، پنهنجائپ واري وهنوار سان ۽ گهڻن
گنڀير گيان سان مون ۾ سمپورڻ ڦيرو آڻي ڇڏيو.
ڇا جي ڪنچنا، ڇا جي راج دربار ۽ ڇا جا ٻنڌن!

شاه لطيف: ٺيڪ پر اها به ڪڏهن درد جاڳندو اٿئي.
ڪيئن؟

ڪمل ناٿ: اڃا ڪچو آهيان- ڪجهه ڪچو. ڇڪ ڀلي محسوس
ڪريان ٿو ڦاسڻ وارو ناهيان. ڪرندس ڪونه ۽
نه ڪو ٿاٻو کائيندس.

پروتناٿ: گهمنڊ نه ڪر ڪمل ناٿ. مايا کي گهٽ نه سمجهه.
پرماتما پنهنجون سمپورڻ شڪتيون، سندر روپ ۾
مايا ۾ ڀري ڇڏيون آهن. تنهن جو مثال هميشه ياد
رکندو ڪر.

ڪمل ناٿ: کميا ڪريو گرو ديو، کميا ڪريو.

ڪڏهن وڏي زور سان اندر وڃي ٿو جڏهن دروازو ۾ سس-ٺس شروع ٿي ٿي وڃي. سهڻي جون نظرون ڪري ڪمل ناٿ ٿي آهن. ڪمل جي چهري مان غم ۽ غصو صاف ظاهر آهي. هو ڏيري ڏيري هلندو هلندو ٿو لڪي ڪنچنا جي اڳيان اچي ٿو اچي.)

ڪمل ناٿ: هلين ٿي مون سان گڏ؟

ڪنچنا: (اوچتائي مان) ڪيڏانهن؟

ڪمل ناٿ: پنهنجي ڪوليءَ ۾ مون کي ڏيهه-نيڪالو مليو آهي؟

ڪنچنا: توهان مون کي ٻاهر ٿو ڪڍو، منهنجو سڄو ٿو سڏائين ٻار آهن وڏيون سواليون او ڪري جهڙي جو ٻيو هلندي هلين؟

ڪمل ناٿ: سوارڻي او ٻيو؟ توهان جڏهن جا پڇئي؟

ڪنچنا: مان بالڪل ٺيڪ ٺيڪ رهي آهيان. اڄ ٿي ته منهنجو نصيب ڪيڏو آهي. اڄ ٿي ته ڀاڳ ڦيرو ڪالهه آهي جو راڻاجي ۾ مهاراڻا اشٽي مون تي ٿي آهي. ۽ اڄ ٿي، هاڻي ٿي توهان چاهيو ٿا ته منهنجي سڪ سڄو ڀاڳ ڪي ليڪ هٿي آڏو سان! گڏ هلي ٻن-ان پٽڪان؟

(ڪمل ناٿ ڪجهه ڏهر غم ۽ غصي کان ڀريل نظرون سان ڪنچنا ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ڪنچنا چهري ۽ اکين مان بلڪل اوچتي، معصوم ۽ وچاري لڳي رهي آهي. ڪمل ناٿ زور سان زمين تي پير هڻي ٿي ٿيڪ ڏيڪو ڏيڻ دروازي کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

ڪلهو منظر / ٻاهر / ڏينهن

(پروڪيپيڪ، ڪمل ناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٿي قطار ۾ اڳيئي وڏي هيا آهن. ٻيا ڇوڪري هٿن جي ٻنهن الميان اچن ٿا.)

ڪمل ناٿ: ڪنچنا جي وهنوار مون کي بلڪل پاگل بڻائي

ترسرا جي هتيا ڪري ڇڏي". ترسرا جي پاءُ ورتر اندر کي شڪست ڏني ۽ اندر کي هن سان صلح ڪرڻو پيو. دشمن دوست ٿي ويا. پر اندر آهي هرفني. سام، دام، دنڊ، ڀيد سڀ نيتيون ڄاڻي. هڪ ڏينهن دوکي سان اندر ورتر کي به ختم ڪري ڇڏيو. اندر تي ٻيو پاپ چڙهي ويو- هڪ برهم هتيا ۽ ٻيو وشواس گهات جو پاپ. ان ڪري اندراسن ڇڏي، پراشچت ڪرڻ لاءِ ڪمس ايڪانت جل ۾ سمائي لڪائڻي پئي.

سوال اٿيو ته ديوتائن سرڳ جي رکشا ڪير ڪري ۽ ڪاروبار ڪير هلائي. ان لاءِ ڌرتي لوڪ جي راجا نهش کي هر طرح لائق سمجهيو ويو ۽ نهش پنهنجي جيون-ڪال ۾ ئي اندراسن تي ويٺو!...

(پروتساهن، ڪمل ناٿ، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ڪڇ ديس چپ چاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن. ماحول ۾ مڪمل گنڀيرتا ڀريل آهي.)

پروتساهن: ڀت لطيف، پر ۾ سدائين مد سمايل هوندو آهي. سياڻ جي لحاظ کان ديوتائون سدائين ديوتائون هوندا آهن ۽ دئيت سدائين دئيت. پر انسان جي گت-مت نرالي آهي. هو ڪنهن به پاسي وڃي ٿو سگهي.

هڪڙي ڏينهن نهش جي نظر وڃي اندر جي پتني شچيءَ مٿان پئي. سونهن ڏسي سراپجي ويو. من ۾ وڪار جاڳي اٿيس. وڪار کي دليل سان پختو ڪري ديوتائن کان طلب ڪيائين ته مون کي پورو اندر بڻايو. اندراسن ڏيئي اڌورو اندر بڻايو اٿو. هاڻي اندراڻي ديوي شچيءَ سان منهنجو وواهه ڪرائي مون کي پورو پورو اندر بڻايو.

شاهه لطيف: نهش جو ڪهڙو مثال آهي؟

(ڪجهه دير سڀ چپ چاپ هلندا ٿا رهن.)

پروتناٿ: نهش جو نالو وٺندڪ ڪال ڪان وٺي پکو ويندو آهي ۽ هنجو مثال ڏنو ويندو آهي. ”شرمد والميڪي رامائڻ“ ۽ وياس-ڪرت ”مهاڀارت“ ۾ بہ نهش جي ڪٿا اچي ٿي. ان ڪٿا مان پتو ٿو پوي تہ انسان بار بار مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انساني ڪمزورين بار بار کيس هيٺ گهلي ورتو آهي. انسان کي پنهنجين ڪمزورين تي جيت حاصل ڪرڻي ٿي آهي چاهي ان لاءِ ڪيترائي ڀيرا کيس ڪرڻو ڇو نہ پوي...

شاهه لطيف: ٻيو اها ڪٿا آهي ڪهڙي؟

پروتناٿ: پڻ لطيف! تيمهائن ۽ يوگ-سادنائن جو اڌيشہ هتڻ گهرجي پوهر بہ لين ٿيڻ- آواگمن جي چڪر کان مڪتي ۽ موڪش جي پراپتي. پر ڪي رشي-مني-جپي-تپي اهڙا بہ ٿي ريا آهن جن سک-ڀوڳ ماڻڻ لاءِ ۽ اي-ڪٺڪي عيش-عشرت ڪرڻ لاءِ تپسيائون ڪيون. اهڙو ئي هڪڙو تپسوي هو ترسرا جنهن کي اندر جو تخت حاصل ڪرڻ جي اڇا هئي. اندر ترسرا ڏانهن اپسرائون موڪليون پر تپسوي ان چار ۾ ڪو نہ ڦاٿو...

شاهه لطيف: (مرڪندي) واهه! جي چوڙين ڏٺا چالِ، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا...

پروتناٿ: بلڪل ائين ئيو. لاهوتي لنگهي ويو. پر اندر بہ اندر آهي. پنهنجو راڄ بچائڻ لاءِ هٿيائون ڪرڻ کان بہ جهجهڪندو نہ آهي. اندر وٽ هڪڙو اهڙو ۽ اموگهہ هٿيار آهي وڄر ۽ ان وڄر سان ئي هن تپسوي

مون ڀانيو ڏور گهڻا نهاريا، آخر تون ئي تون.
تون ئي تون سائين!
تون ئي تون!! تون ئي تون!!

پروڦنائت: لطيف، خبر اٿئي نهش جي پالڪي ڪير کڻي هليا شچيءَ جي گهر ڏانهن؟ رشي سڀ رشي. سنها، سڪل ۽ نربل رشي ڏبري ڏبري هلي رهيا ها. ويچارا هر هر پيا ڪنڌ بدلائن. راجا نهش کي تکڙ ته بس اڏامي وڃي شچي وٽ پهچان. سو ڪروڌ ۾ اچي نهش وٺي هڪ رشيءَ کي لت وهائي ڪڍي! لت ته هڪ رشيءَ کي لڳي پر ڪروڌ ۾ سڀ ئي رشي ٽپي ڀاه ٿي ويا. پنهنجين آتمڪ شڪتين کي ڪروڌ جي اگنيءَ ۾ تپائي نهش کي شراپ ڏنائون: "نانگ، اسان توکي ڪهر پهاريو، اوچي پد تي وهاريو، تو اسان کي ئي ڪيو! وڃ، نانگ ٿي ڪري پاتوي لوڪ جي ڪنهن اڙ ۾ وڃي واسو ڪر."

(ڪجهه دير خاموشي.)

پروڦنائت: لطيف پٽ، اهو سڀ ڄڻ هڪ سپنو هو. اندراسن سپنو هو، شچيءَ جي ڪامنا سپنو هو، رشين جو پاراڻو سپنو هو. فقط هڪ ئي سچ هو - سپنن جي ان لاڙ ۾ فقط هڪ ئي سچ هو. اهو سچ هو، انسان جي اندر ۾ نواس ڪندڙ وڪارن جو نانگ. نهش لاءِ ڪرڻ جهڙو ڪجهه ناهي، مگر آهي پاڻ سنڀالڻ. پاڻ سنڀالي اٿڻ. اٿي اڳتي وڌڻ. اڳتي وڌي پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ!

شاه لطيف: (ڄڻ پاڻ سان ڳالهائيندي.)

ونهن لاهه واڪو، ستين ڪولهي سنگ.
هوت هلندا ڪيچ، جن انگن چاڙهيو انگ،

آخر نهش سان شهيءَ جسي شاديءَ جو ذهن مقرر ٿيو ....

شاه لطيف: (پروتناف کي وڃڻ کئي) اوه! شيطان جي اتي ۽ جمع ٿي. سواميجي، انساني من جو نه دين نه ايمان... نهش نفس جي کڌڻ ۾ وڃي ڦاٿو. سو ٻه اُتي جتي چوڌرد سرها گل ٿي گل ها!...

هي من جو چانگو:

ڪاٽي نه ڪٺيار، چندن جا چوڀا ڪري،
اگر اوڏو نه وڃي، سر ڪٺ لهي نه سار،
لاٽـــيءَ جي لغار، ميرو مٺارو ڪيو.

ميا! چانگا! ڪرها!
ٽنهن نـه ســوڪ،
ٽڪيو چڏنهن ٺوڪ،
لڪ لعنتون ٿي دوزخي!

پروتمات: واه ڀٽ لطيف، رچندو ٿو وڃين، پچندو ٿو وڃين، رڳجندو ٿو وڃين! تون دلو ڏسي دلي لساھڻ وارو ناهين. ڪيمياگر آهين. تنهن کي ٿو ٻگڙاٽن.

(شاه لطيف پروتناف جي اکين ۾ نهاري اکين سان سلام ٿو ڪري ۽ اوه پڻي همٿ آسمان ڏانهن کٽي ذٽيءَ جا شڪرانا ادا ٿو ڪري.)

پروتمات: (اکين ۾ چهن ۾ مرڪندي)

گرو گوبند ڏونو کڙي؟

شاه لطيف: ٻلهاري گرو آهٽي...

(ڪجھ دير سڀ خاموشيءَ سان اکٽي وڻلدا ٿا رهن.)

شاه لطيف: (گنگنائي ٿو.)

توٽي تڙٽهن تون، يا الله! تو در توه نـه چڏيان!
موڙڪي سو مشاهدو، جي مٺهن نه ڏٺهن مؤن،

آهي منهنجي اندر جي پريت. سهڻا جي سڪ ۾
سڀ سانگ، نه پرٽا ئي آهن نه! ڪهڙي ڪل نه
لائي هو ڇا ۾ تو راضي ٿئي.

ڪلاچي ڳوٺ جو ٻارهون حصو/ ڏينهن

(وائيڊ شاٽ: ڪلاچي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي جنهن ۾ گهڻي پاڳي مهاڻا ئي رهن ٿا. ڪجهه مهاڻا ڪڪيءَ هاٺيون ڪاريون ۽ ڇڇيءَ هاڻا ڇڇه ڪنهو اچ-وڃ ڪري رهيا آهن. ڪن مهاڻن جي ڪلهن تي جار به آهن، ڪي مهاڻيون مٿي تي مڇين سان ڀريل ڪلوا کڻيو پنهنجن پنهنجن گهرن طرف وڃي رهيون آهن. ڪاون مان بدبودار پاڻي هيٺ وهي رهيو آهي. مهاڻيون رنگ جون ڪاريون شڪل ۾ بدزيبون پر جسماني طور چست ۽ ڦڙت آهن.

شاه لطيف هڪ وڏي پٿر جي وڻ جي ڇانءِ ۾ اڪيلو ويٺو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن وقت جوڳي هن جي آس- پاس ڪو نه آهن. هڪ مهاڻي، جنهن جي مٿي تي خالي کارو آهي، لنگهندي لمندي، ڇيلهه کي مٽڪائيندي شاه لطيف جي پرسان لنگهي ٿي وڃي. هوءَ ڪجهه گنگنائي رهي آهي.)

مهاڻي: لوڪ لاڄ دي فڪر نه ڪيتي،
ستي ني جند وار ڏتي،
مٿن ٿي صدقي جاوان يار تون!
سر گهول گهماوان يار تون!

(مهاڻي ته اڳتي وڌي ٿي وڃي پر شاه لطيف هن جي پٺيان نهاريندو ئي رهي.)

سائين هاڻ ۾ آهي سوٽ ۽ ويهڻ ۾ آهي هار.
جيڪي ٻڌمند سهڻن مٿي لئي ماڻڪ ۽ موتي ميڙين
ٿا. جيڪي رڳو هلڪڙيون ٻوڙيون ٿوليندا آهن جي
هٿ ته رڳو سنڪ ۽ سپون ئي لڳيون آهن. اهڙي
راهه الاهه جي، اهڙي، اهڙي پٽ!

(ٽيروناٿ، ڪمل نات ۽ شاهه لطيف جي پنڌن پنڌن ۽ آس-پاس هلندڙ جوڳي ڏاڍي اتساهه سان "الک نرنجن" جو گهوش ڪن ٿا ۽ ان ڪان پوءِ هڪدم سڱيون ۽ ترهيون وڄائڻ شروع ٿا ڪن. جٽائون ڇوڙيل، ڏيهه تي ڀڀوت مليل، ٻهر اگهاڙا، ڀڳوا ويس اوڍيل جوڳي، ماحول تي پنهنجي عجيب ڇاپ ڇڏيندا ڪريل ۽ ڪوچ ڪندا ڏسيا وڃن.

شاهه لطيف جي ڏاڙهي ڪجهه وڌي وئي آهي ۽ وار به وڌا ٿي ويا اٿس. بدن ۾ ڪجهه لهڪاريل ٿو لڳي ۽ چست. ٻهر اگهاڙا جيڪي مٿي سان لڳجي ويا آهن. هن وقت تائين شاهه لطيف جي بدن تي اڇي سلوار ۽ اڇو چوغو ئي اوڍيل پيئي رهيو آهي. شاهه لطيف ٽڪٽڪي لڳائي جوڳين جي ٽولي ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اڄ ملنديس ماءُ! ته ڇا ڪنديس ڪوڙا،
جيجل! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل ۾ پاهه!
مون کي جهل ۾ پاهه!
اڄ ملنديس ماءُ!

(ٽيروناٿ مرڪندي شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو.)

شاهه لطيف: سوامي جي، هنگلاج واري ڪالي ماتا به ته ماءُ ئي
آهي.... مان ٻالڪ به ته هڪ جوڳياڻي ئي ته آهيان.
منهنجو جوڳ ته آهي اهو هڪ ڏاٽي جنهن جي
ڦراق ۾ جهنگل-جهنگل، ٻرپٽ-ٻراٽ ڀٽڪي رهي

شاهه لطيف: مون پاڻهو مزمان، هميشه هوندا ڀرين،
مون پاڻهو مزمان !...
(سسئي ترنم ڪري ٿي.)
سسئي : مون پاڻهو مزمان !
هميشه هوندا ڀرين ، مون پاڻهو مزمان !
شاهه لطيف: کهي ڪميٽي هليا، کهل ڪيائون ڪان ،
ڏئي ويا ڏاه ڪيي ، سورن جا سامان ،
جورو راسب جوان ، جيڏيون جت ڪري ويا !
(سسئيءَ جو ڀاڱو - ترنم جاري آهي.)
شاهه لطيف: وارو ! ڙر وٺي ويا ، آريچا اظلام !
سسئي : وارو ! ڙر وٺي ويا ، آريچا اظلام !
شاهه لطيف : آندائون آريءَ جا، ٻنهون ڏي پيغام ،
پهه ڪمائون پاڪ ۾ ، منهان مخفي مام ،
سنيوُ را ساٿ ڪٺي ، ويساهي و رسام ،
ڪاڪون! راسب قيام ، جيڏيون جت ڪري ويا!
(شاهه لطيف جي سامهون سسئيءَ جو ديوانا وار ، جنون ڀريو رقص.
رقص غم ۽ عشق جو عجيب سنگم آهي.
اوچتو رقص ڪندي سسئي الوپ ٿي وڃي ٿي.)

(ڪجهه جوڳي ميدان پار ڪري شاهه لطيف ڏانهن اچي رهيا آهن.
هنن سان گڏ هڪ پروهت اڳونو به آهي. اڳوڻي ڪي هڪي ڏوٿي
پهريل آهي، مٿي تي تلڪ، چوٽي، جٽيو ۽ هٿ ۾ هڪ لٺ.)
شاهه لطيف: ولهون ويلا، واڙ ، جوڳين جهليا جان ۾ ،
اَجهو رءِ الاه ، ڪولهي ڪاپڙين جو .
(اُن وقت پروتمات به ڪن جوڳين سان گڏ ايندو نظر اچي ٿو .

شاهه لطيف: سسئي! تنهنجي ۽ منهنجي هڪ ئي راهه آهي.
توکي به ڪنهن جي تلاش هئي ته مون کي به ڪنهن
جي تلاش آهي. تون به دردن جي ماري هئين ته مان
به فراقن ۾ قتيل آهيان.

لکين لوڙائون، سهيون آهين سڀ ۾،
پر ۾ پورائون، ڪڍ پيادي پاڻ سين!

(دور کان فراقن جي ماري سسئي اچي رهي آهي. اگهاڙا، ڏڏر
سان ڀريل ۽ چيڙيل وار، سڪل منهن، اکين ۾ ڏرا پيل، شولو ۾
اسٽائي، لباس لڙڪون ليڙون ٿيل، پير قتيل، سراپا درد و سوز
جي تصوير. هوءَ آهستي هلندي شاهه لطيف جي سامهون
اچي ٿي بيهي.)

سسئي: لطيف، منهنجو پورائو آهي عشق ۽ اڳرو آهي درد
جو سوز ۽ منزل مقصود آهي پنهون.... پورائو جهڙي
ضرورت پوندي توکي، هنگلاج ڪو وڃين نه، ان
ڪري.

شاهه لطيف: ڀل ٿي. چوڪ ٿي. سسئي، شاهه لطيف سلام ٿو
ڪري تنهنجي عشق کي ۽ تنهنجي درد کي!

مند نه منجهان تن، پسي لڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سکي سسئي....
اي عشق ۾ فنا ٿي وڃ سسئي!
سندي لالن لاڳ، مٿان پوءِ مند ٿئي!

سسئي: اهو هرگز نه ٿو مري جنهن جي دل عشق سان زنده
ٿيل آهي. اسان جو نالو هميشه لاءِ دنيا جي دلين ۾
اڪرايل رهندو. وسري ويندو؟

(ماحول ۾ سنگيت جي گونج، ڪلام جو شروعاتي سنگيت. هو
ڌن ان قسم جي آهي جو ان تي رقص ڪري سگهجي.)

شاهه لطيف کي جوڳين جهڙو ئي لباس اوڍيل آهي.)

پروتناٿ: ڀرئون ڀاڻو حب نديءَ تي ڪنداسين.

شاهه لطيف: ڀاڻو؟

پروتناٿ: منزل پڙاءُ. جتي جل-پان ڪجي، ڇپو-ڇرو ڪجي.

شاهه لطيف: جوڳين کي به ڀاڻو ڪرڻ جي لوڙ پوي؟

پروتناٿ: لطيف، ڏنگو به آهين... ڇا جوڳين کي شرير ڪونهي؟ شرير آهي ته شرير جا سڀ بندڻ به هوندا ۽ اهو به نه وسارج ته اسان سان گڏ اڳوڻو به آهي ۽ ويچارو پروهت جوڳي ڪونهي.

شاهه لطيف: ڇرچو سمجهي آهيو سوامي! پيو ڪو مطلب ڪو نه هو...

پروتناٿ: لطيف، جوڳين جو ڀاڻو الڳ ئي پوڳ، ڌيان، پرماتما جو چنتن. سنسار ۾ آيا آهيون ته سنساري ڌرم ته پالڻا ئي آهن... فرق آهي اُڌيشيه جو، انتر آهي وچار-ڌارا ۾. جڳت لاءِ سنسار سچ آهي، هڪ جوڳيءَ لاءِ سنسار جا سچ به مٿيا ئي آهن.

شاهه لطيف: هوءَ ڏسو قافلو. هنگلاج جا جاتري.

(جوڳين کان ڪجهه پنڌ اڳيان هڪ قافلو هنگلاج ڏانهن وڃي رهيو آهي. قافلي ۾ زالون، مرد، ٻار، نياڻيون، ٻڍا، جوان سڀ آهن. ان قافلي جي اڳيان به هڪ اڳوڻو هلي رهيو آهي جنهن جي ٻيٽ سان لٺ ٻڌل آهي.)

شاهه لطيف: سواميجي! حب نديءَ ۾ واڳهوءَ آهن. ڪلاچيءَ جي ڪن وانگر؟

ڪدل ناٿ: ڇو لطيف، اتي به موريءَ جهڙي ڪا ڪهاڻي ڪهڻي ڇا؟

پروتناٿ: نه. حب نديءَ اجا ته واڳهن ۽ مانگرمڇن کان آجي

ڪجهه ئي دير ۾ پروتمانٽ، سڀ جوڳيءَ ۽ اڳوڻو شاهه لطيف مڃي
اڳيان اچي ٿا وڃن. شاهه لطيف ته اُتي ئي بيٺو آهي. پروتمانٽ اڳوڻي
ڏانهن نهاري ٿو. اڳوڻو هڪدم ڪيس پرڻام ڪري ٿو، اڳوڻو شاهه
لطيف جي چهري ۽ لباس ڏانهن عجب ڀريل نظرن سان نهاري ٿو.
شاهه لطيف سڀ سمجهي ٿو وڃي ۽ مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: اڳوڻا سائين! منهنجي منزل ته هنگلاج ئي آهي، هنن
جوڳين سان گڏ ئي مان ماتا جو درشن ڪندس.

(شاهه لطيف اکيون بند ڪري چپن تي مرڪ آڻي هڪ ازغيبي
مستيءَ جي عالم ۾ اچي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: اڄ ملهندس، ماءُ! ڏاڄاءِ ڪندس ڪوڙاءِ،
جيجان! جوڳياڻي ٿيا هئون ڪي جهل ۾ جاءِ،
هوس پروڇي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.

پروتمانٽ: لطيف، پاڻ کي سنڌيءَ سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو
اٿئي. هي تائين پهچڻ جا انيڪ رستا آهن - ڪي ڄاتل
۽ ڪي اڻڄاتل. سنڌيءَ جو پيرو ڪري ته پرماتما
تائين پهچڻ سکيو ٿو. اصل تت آهي اندر جي آڳ.
ٻيو سڀ ته رک آهي رک.

ڪچو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اڳوڻي تي. هو اڪيلو وڌندو ٿو وڃي. ڪئميرا
جي پل ٽِڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته اڳوڻي کي هڪ ڇڙي
پيٽ سان ٻڌل آهي. هو اڳيان اڳيان هلي رهيو آهي ۽ جوڳين جو
قافلو هن جي پٺيان پٺيان هلندو پيو اچي. پروتمانٽ ۽ شاهه لطيف
ميڙ ۾ گڏ هلي رهيا آهن. هنن جي بلڪل پٺيان ڪمل ناٿ ۽ ٻه
ٽي ٻيا جوڳي آهن. باقي جوڳي اُهي جي ٻڌ هلڻ آهن.)

شاه لطيف: (وچ ۾ ڪٽي، پڪڙم) وحده لاشريڪ آهي.

(پروتناٿ، شاه لطيف ۽ ڪمل ناٿ مرڪن ٿا. هنن جي مرڪ آتمڪ سنتوش جو ثبوت ڏيئي رهي آهي.)

پروتناٿ: هو هڪ آهي پر سرشٽيءَ جي ڪڻ ڪڻ ۾ سمايل آهي.

شاه لطيف: (ڪجهه سوچي)

ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، لکين لک هزار،
جيءَ سڀ هڪڙهن جيءَ سين، درسن ڌارون ڌار!
بس، درسن ڌارون ڌار!

اڳوئو: (رڙ ڪري) هنگلاج جا جاترو! سج لٿي اچڻ واري آهي. هاڻو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. جئه هنگلا ديوي!

جوڳي: (هڪ آواز ۾) الک نرنجن.

✻

ڪچو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي)

آهي. باقي هن طرف، حب نديءَ جي آس-پاس
روجهه سنو هوندا آهن.

شاهه لطيف: روجهه؟

پروتنات: روجهه هڪ جابلو هرڻ آهي. روجهن جا پير اُچا ٿيندا آهن. ڏينهن جو ڪٿي به نظر ڪو نه ايندءَ. ويچارا ماڻهن کان ڊڄندا آهن. باقي هميشه لاءِ به رامه جو ئي حب نديءَ تي ويندا آهن. لطيف، تون ڪهڙيءَ ٿيءَ ۾ پئجي ويو آهين؟

شاهه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي)

اوتڙ ڪهن نہ اوليا، سڙ ويا سالم،
هيڪائي هيڪ ٿيا، أحد سين عالم؛
بي پيا بالم، آڪي ڪيا اڳهين.

(پروتنات سڪ ڀريل نظرن سان شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو)

پروتنات: شل وڏي آورجا ماڻين پت لطيف، تون به پاڻ سالم آهين، پوتر هردي وارو آهين. سدائين سڙ ويندين. تنهنجي لاءِ ڪوئي اوتڙ آهي ئي ڪونہ. تون پاڻ سمپورڻ پرڪاش آهين.

شاهه لطيف: سوامي جي، سچن کي ڪو سور ئي نہ رسندو. قرآن پاڪ ۾ به فرمايو ٿيل آهي:
لا خوف عليهم ولاهم يحزنون

پروتنات: سنساري چڪرن مان آزاد آتمڪ اُتم ڪيڻ پرماڻ آهي تنهنجي آتمڪ وڪاس جو ۽ پرڪاشمان آنند جو. تون اگياني سنسار کي پڌائيندين تہ ڪٿ ۽ سمت هڪ ئي آهي، فقط نالن جون چڪرون الڳ الڳ آهن. تون وڏي واڪي چوندين تہ جيو پرماتما هڪ آهي ۽ اُسو آهي تہ الله ۾ [illegible]

پاسو وٺي بيهجي ٿا وڃن. واپسيءَ وارو قافلو هنن جي پاسي کان ڏيري ڏيري هلندو ٿو وڃي.)

شاه لطيف : اِن اَلاهه وتر يحب اَلوتر - ڌڻي هڪ آهي ۽ کيس هيڪڙائي وڻندڙ آهي. ڪلام پاڪ جو فرمان آهي سوامي جي!

ڪمل نات : ايڪو برهم دويتيو ناستي - ان الکه برهم کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه! اهو ويدانت - واڪ آهي لطيف سائين!

(پروتنات ۽ شاه لطيف کلن ٿا. ڪمل نات جي منهن تي شرارتي مرڪ آهي.)

شاه لطيف : مون کي هندو ڌرم ڪافي پيچيدو لڳندو آهي. هندو نرگڻ برهم ۾ به وشواس ڪن ته سگڻ برهم ۾ به! پرماتما الکه به آهي ته اوتار به وٺي ٿو. برهما، وشنو ۽ مهيش شڪتيون به آهن ته شريرو به آهن! سمجهندي ئي مٿو ڦرڻ ٿو لڳي.

پروتنات : پت لطيف، هڪ مکيه منتر وساري ڇڏيئه. سڀ ڪجهه چوڻ کان پوءِ رشين چيو آهي- نيتي نيتي! هي به نه، هو به نه. سچو رهسيه ان سوتر ۾ ئي سمايل آهي وتس! هي به نه، هو به نه.

شاه لطيف : يعني؟ يعني ته...

پروتنات : هائو، اهين. يعني ته فقط تون ۽ فقط تون. تون هڪ بوند مان اڀريو آهين. تون پاڻ هڪ بوند آهين، توکي ئي ساگر ٿيڻو آهي. پر ڪيئن؟ هي سڀ شاستر، هي سڀ ممت-متانتر، هي سڀ ڀوڳ، ورات روپ پراپت ڪرڻ جا ئي رستا آهن. رشين ان کي مکتي به سڏيو

سوتر ڌار (فقط آواز)

هنگلاج جا جاتري هب نديءَ کان پوءِ ٻراليءَ جي کوهيءَ تي منزل ڪندا آهن. هتي ديوي ٻرانيءَ جو ڪوئي مندر ڪونه آهي، فقط ٻالو وکيل آهي. شاهه لطيف به جوڳين سان گڏ اتي منزل ڪري پوءِ اڳتي وڌيو...

ٻراليءَ جي کوهيءَ کان پوءِ واٽ تي ڪافي ور-وراڪا آهن. انهيءَ هنڌ کي عام طرح ”گهٽيڪا“ چوندا آهن. اها سوڙهي واٽ ٻهه تنگ ۽ ور-وڪڙن سان ڀريل آهي.

درشيہ

جوڳين جي قافلي کان اڳ ويندڙ قافلو ميدان ۾ هڪ هنڌ آرام ڪري رهيو آهي. هڪ هنڌ رڌ پچاءُ به ٿي رهيو آهي.

جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌي رهيا آهن.

تنگ ۽ ور وڪڙن سان ڀريل واٽ.

(گهٽيڪا مان گرهستين جو قافلو ۽ انهيءَ پٺيان پٺيان جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڃي رهيو آهي. هڪ ٻيو قافلو هنگلاج جي ياترا ڪري واپس اچي رهيو آهي.
ٻنهي قافلن جي اڳواڻن جي نظر هڪ ٻئي تي پوي ٿي. ٻئي اڳواڻ هٿ جي اشاري سان پنهنجن پنهنجن قافلن کي روڪين ٿا.)

موٽندڙ اڳواڻ : جئه هنگلا ديوي!

ويندڙ اڳواڻ : جئه هنگلا ديوي!

(ويندڙ اڳواڻ هٿ سان اشارو ڪري موٽندڙ قافلي کي رستو پار ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. هنگلاج طرف ويندڙ ٻئي قافلا هڪ

رنڊڪ لاڳو رکندا آهن. صوفين جو مجازي عشق
انسان جي ان مشڪلات کي دور ڪرڻ جو ٻيو
هڪ رستو آهي. ڇو تہ من، ٻيا ڀرم ۽ صدق جي
تہ ڪٿي لڳڻ وارو ئي ناهي. پوءِ بہ ان نامراد
من کي قابوءَ ۾ آڻڻ جو هڪ رستو آهي.

ڪمل ناٿ: لطيف، ڪبير جي هڪ سٽ آهي:

اوه پرش دٻواڻ ٻڌيو،
ڀڳمت هيمت نرسنھ ڀئي!

اهو سڀو ڀڳتيءَ جي ڀاونا جو ئي چمتڪار آهي جو ديون جو ديو وراٽ پرش برهم ڀڳمت پرهلاد لاءِ نرسنھ اوتار ڌارڻ ڪري ساڪار روپ ۾ پرگٽ ٿئي ٿو، پر اسلام پورڻ - روپ ۾ ايڪ - ايشور - وادي ڌرم آهي - فقط هڪ الله ۾ عقيدو رکندڙ مذهب

پروتناٿ: ان ڪري اسلام جي پيروي ڪندڙن ۾ الوکي ايڪتا ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

شاه لطيف: حدون ۽ دائره ايڪتا تہ آڻيندا ئي سوامي جي!

پروتناٿ: پر لطيف، سڀ جي هوائن کي سماٽڻھ - سگريو جي ڀاءُ ڀاليءَ کي ورڌان مليل هو تہ دشمن هن جي سامهون ايندي ئي پنهنجي اڌ شڪتي وڃائي ويهندو. رام جهڙي اوتاري پرش بہ هن جي سامهون وڃڻ ٺيڪ نہ سمجهيو ۽ وڻ جي پٺيان لڪي ڀاليءَ تي تير ڇڏيو. ڀاليءَ ڇٿي بہ ڏنس تہ: رام، مون کي تو ويڙهن وانگر نہ، پر هڪ شڪاريءَ وانگر ماريو آهي. پر، منهنجو اشارو سمجهي ويو هوندين.

شاه لطيف: سمجهي ويس سائين! بلڪل سمجهي ويس. پر،

آهي. وراٽ روپ ۾ ڏکئي، ٻئي ابرا آهي
نه پرماتما جي مايا آڊمبر ؟ ان آڊمبر جي ٻار
وڏو آهي توکي.

شاهه لطيف : سوامي جي، صديءَ جو رچيل آهي اهو مايا جار. پر ويدن ۾ ته پرماتما جو نراڪار روپ ئي پرگٽ ڪيل آهي...... ساڪار روپ ۽ اوتار نه...... پوءِ هي ڪلپنا آهي نه ؟

پروتمات : ائين ناهي، پرماتما جي ساڪار روپ جو بيان سڀ کان اول رگويد جي پرش - سوڪت ۾ ملي ٿو. جئن :

सहस्त्र शीर्षा पुरुष: सहस्त्राक्ष: सहस्त्रपात ।
स भूमिं विश्वतो वृत्वात्यतिष्टद्दशाङ्गुलम ॥

رگويد ۾ پرماتما جي وراٽ سروپ جو ذڪر ڪيل آهي. ان وراٽ پرش جا هزارين مستڪ، هزارين نيتر ۽ هزارين چرڻ آهن. هن پرٿويءَ کي چئني طرفن کان گهيري رکيو آهي ۽ پوءِ به هو فقط ڏهه آڱر آهي.

لطيف، جيتوڻيڪ برهم جو اصلي روپ نرگڻ، نراڪار ۽ الک ئي آهي پر نرگڻ برهم جي اپاسنا ڪٺن آهي. ڀڳوان شري ڪرشڻ ”گيتا“ ۾ صاف صاف چيو آهي : ”اوبيڪت (نرگڻ) ۾ چت کي ايڪاگر ڪرڻ کي تمام گهڻو ڪشٽ ٿيندو آهي ڇو ته نراڪار گتيءَ کي پڪڙڻ / پائڻ، ديهه - ڌاري منشيه لاءِ سواڀاوڪ طور ڪشٽ - ڀريو آهي.

ان لاءِ، ڀڳت لطيف، پرتيڪ سگڻ ساڪار ڌيان

لطيف، تون هن دنيا ۾ پنهنجي هستيءَ کي نور
۾ لپيٽي آيو آهين، تون پرڪاشمان آڳ آهين. ان
آڳ جي تؤ ۾ مايا جا چار پگهرجي وهي ويندا ۽
فريب جلي خاڪ ٿي ويندا.

(قافلي جو سفر جاري آهي.)

شاهه لطيف: هڪ ڏرتي پيو اندر ۾ عشق جي آڳ - عاشق
کي ٻن جيرن جي وچ ۾ پچندي ڏسهن
نماڻو آهي.

پروتمات: اهائي چاشني صوفين جي ڪلام ۾ رنگيني ۽
دلڪشي ڀري ٿي ۽ ڀڳتن جي ڀڳتيءَ کي رس-
ڀريو بڻائي ٿي. يوگ-مارگ ۽ گيان-مارگ ته
سڪل نوٽ رسعا آهن. ڪوئي فولادي هرديه
۽ لوهي شريرو وارو سادڪ ئي انهن مارگن تي
لڳاتار پاترا جاري رکي سگهي ٿو.

ڪمل ناٿ: سمجهه ته لطيف! تون پريم جي ڪري مان جهڪا
ڪرڻي ڏاهيندين ان ۾ يوگ ۽ گيان جو، پسڻ ۽
ڪاڇن جيترو ئي انداز هوندو. چيتا ته ڪر.
تنهنجي ڪرڻي ماڻهو آڳريون چٽي ڇٽي ڪائيندا-
ڪائيندا ۽ گڻ ڳائيندا......

شاهه لطيف: مان ڪرڻي ڏاهڻ وارو ڪير؟

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو!

پروتمات: ڪمل ناٿ، وڏي پد واري ڳالهه آهي اها. اها
فقير جي ڪشڪول ۾ هتان هتان ڪٺي ڪيل
گيان جي متاچري وارتا ناهي. لطيفو، پڙو ته آهي
ته اُڏيو به آهي.

(قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.) ۞

رام ٻلي ٻاليءَ کي لڪي ماريو هجي، هنومان ڪيس
سامهون وهي ماري ها!

(پرونٿاٿ هڪدم ٻهڪي ٿو وڃي ۽ ڪجهه دير ٽڪ ٽڪ شاهه لطيف جي منهن ۾ نهاريندو ٿو رهي. پوءِ مرڪي، ڏاڍيءَ سڪ سان ڪٺي ٿو شاهه لطيف کي ڳلي لڳائي. ڪمل ناٿ پنهنجين اکين جون ڪنڊون اگهي ٿو.)

⁕

(هنگلاج مان واپس ايندڙ قافلي جا سڀ جاتري سوڙهو لنگهه پار ڪري چڪا آهن. گرهستين جي قافلي جو اڳوڻو جاترين کي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪري پاڻ به اڳتي وڌي ٿو. انهنکي اڳتي وڌندو ڏسي جوڳين جو قافلو به اڳتي وڌي ٿو.)

شاهه لطيف: مون کي لڳندو آهي ته هودي ۽ هدا هڪ جاءِ
رهڻ وارا ناهن. توهان جو سنگ ۽ ساٿ ملڻ کان
اڳ مون به ايئن لکيا ها ته:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.

پرونٿاٿ: بلڪل سچ چيو آهي تو لطيف! پنهنجو آپو وڃائڻ
کان پوءِ ئي پرماتما جي وڏائي ڪري سگهجي ٿي.
جيسين اندر ۾ خودي هوندي، اهنڪار هوندو،
مان - پڻو هوندو، تيسين انسان پرماتما جي ناليءَ
۾ فقط پنهنجي پنهنجو وڏائي ڪندو، پنهنجون
صفتون پيو ڳڻائيندو ۽ پنهنجو ڳڻ - ڳان پيو ڪندو.

ڀيون ڇلڪا ڏين. قدرت
هن جڳهه جي نظاري کي
عجيب نزاڪت بخشي آهي.
ٻيڙي لڪ جي نزديڪ
ٽو ٻون ڪوهيون آهن، جن
کي "سيتا ماتا جون ڪوهيون"
ڪري سڏيندا آهن.

سمنڊ جو درشيه

سيتا ماتا جي کوهين
جو درشيه

هنگلاج پراڻ جي انوسار شري
رامچندر جڏهن پنهنجي پتني
سيتا ۽ ڀاءُ لڪشمڻ سان گڏ
چوڏهن سالن جو بنواس ڀوڳي
رهيو هو تڏهن انهيءَ عرصي
۾ هنگلاج به ويو هو. سيتا
ماتا جون ڪوهيون ڪيئون
آهن. تنهنڪري جلد جلد
ڏٺي وڃن ٿيون ۽ مانڊو
اهي وري سوڙي صفا ڪندا
آهن.

ٻيڙي لڪ کان پوءِ ڪارڙي
ناڪو اچي ٿو. شاهه صاحب
جي وقت ۾ انهيءَ ناڪي
تي لس ٻيلي جي ڄام جا
ملازم هنگلاج جي جاترين جو
سامان ڪولائي ڏسندا هئا.
بدن تي ٻيل ڪپڙن کي
ڇڏي ڪري باقي سڀني

ڳرهستين جي قافلي جو سڄو
سامان کليو پيو آهي. ملازم
تخمينو لڳائي رهيا آهن ۽
ان مطابق محصول وصول
ڪن ٿا.

شاهه صاحب جي دکي ڇهري
جو ڪلوز - اپ.

سوتر ڌارا: (فقط آواز)	درشيہ
شاهه لطيف سر ديسيءَ ۾ سسئيءَ جي منهن مان چوايو آهي ته: وررورا ڪا وچ ۾ لکين آڏا لڪ، هوءَ جي آڏا حق، سي ڪندا ڪوهه ڪڏهن ڪي؟	جوڳين جي ياترا جاري آهي.
ٽڪر ۽ وروڪرن واري واٽ جنهنکي عام طرح گهٽڪا چوندا آهن ۽ جنهنکي روحاني معنيٰ ڏيئي شاهه صاحب "سوڙهي سير" ڪوٺيو آهي انهن گهٽڪائن مان لنگهبو ته اول مٿاهون پٽ ايندو ۽ پوءِ لڪن پٺيان لڪ ايندا ويندا. سڀ کان اول ايندو اربدو لڪ.	گهٽڪائن جا ڪجهه درشيہ
اربدي لڪ جو نظارو نهايت وڻندڙ ۽ دلڪش آهي.	اربدي لڪ جو درشيہ
هتي قدرتي طرح هڪ ڏڪري جبلن جي قطار کان ڇڄي، ڌار ٿي، عمدو لقاءُ لڳائي بيٺي آهي.	جبلن جي قطار ۽ ڏڪريءَ جو درشيہ
اربان سمنڊ جون ڇوليون	

تحقيق جي تڪبير ڇڏي، جنهن ڪيائون جواب،
تن کهڙو ڏوهه حساب، جن هنڌڙي هادي هل ٿيا

پرو تنات : پٽ لطيف، تون ڇو ٿو پاڻ کي شرمندو محسوس ڪرين؟ جو ڪريگا سو ڀريگا، هم ڪيون هون اداس؟

شاهه لطيف : دک ٿو ٿئي ته مغلن جي راڄ ۾ هندن کي هيڏيون جزائون مڙهيون ويون......

پرو تنات : مغلن جي راڄ ۾ نه ڇو... ڇو اورنگزيب جي راڄ ۾. پٽ، مغل ته اڪبر به هو.

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن.)

پرو تنات : پرجا جو پيارو ۽ انصاف پسند راجا ٿيڻ به نصيب وارن جي قسمت ۾ لکيل هوندو آهي. اڪبر نصيبن وارو هو. لطيف، سنڌين سمت ۽ پاڻ سان ملندي آهي. سو ته پرسد آهي ته، وناش ڪالي وپريت بڌي. جنهن ماڻهوءَ جو وناش ٿيڻ وارو هوندو آهي، پاڻ ڀڳوان سندس بڌي ڀرشٽ ڪندو آهي.

شاهه لطيف : مون ٻڌو آهي ته اڪبر بادشاهه ستي ٿيڻ جو رواج ئي ڪڍي ڇڏيو هو.

پرو تنات : ماڻهن ۾ ڳهڻو هو. ڄاڻ هئس ته احسان جهڙو ڪو بوجهه ڪونهي ۽ احسان فراموشيءَ جهڙو ڪو گناهه. امرڪوٽ ۾ ڄائو هو، راڻي پرساد جي محلات ۾. ان جي سوڍن جا اڪبر جي پيءُ همايون تي احسان ها. ٺٽي جي حاڪم شاهه حسن ارغون سان لڙائي ڪرڻ لاءِ راڻي پرساد همايونءَ کي پنهنجو لشڪر ڪڍي ڏنو هو. ان لاءِ اڪبر هندن سان سدائين

وڻن چاهي سڀني سامان تي
محصول لڳائيندا ها. جيئن
ته اهو محصول فقط هندن
کان وصول ڪيو ويندو هو
ان لاءِ شاهه صاحب کي ڪافي
ڏک رسيو هو.

(پروڪناٿ، ڪمل ناٿ، ٻيا جوڳي ۽ شاهه لطيف ناڪي وٽ اچي قطار ۾ بيهي ٿا رهن. ملازم جوڳين کي ڏسي کلن ٿا.)

شاهه لطيف: اسان جوڳين - سنياسين تي ڪهڙو چئو ٿا؟ مهرباني ڪري حساب ڪري ٻڌايو ته، اسان کي ڪيترو محصول ڏيڻو پوندو؟

(ملازم مذاقي انداز ۾ جوڳين جي شڪلين ڏانهن نهارين ٿا.)

هڪ ملازم: توهان جوڳي چار ئي پهر درد ۾ ڇڪناچور، توهان جون ڪفنيون مٽيءَ جهڙيون ميريون. توهان جي جسمن جا رسا چڱل، توهان جي بدن تي ڪپڙن جي بجاءِ فقط لنگ. پر ڪڙ لاءِ لنگوٽ ۽ پيوند جا تهه، توهان ٻڌو ۽ ڪانو. اسان توهان کان محصول وٺي توهان جو مان - شان ڪونه وڃائينداسين. وڃو اڳتي، ڇڏيو جاءِ.

(پروڪناٿ، شاهه لطيف ۽ جوڳي ناڪي کان اڳتي وڌي ٿا وڃن. شاهه لطيف ڏاڍو دکي لڳي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: سوامي جي! هي سڀ نادان ڪانئي ۽ هيري ۾ فرق به نه ڪري ڄاڻن. هي اڳياني ڇا ڄاڻن ته جوڳين، سچن جوڳين جي شڪتي ڇا هوندي آهي...

ٻَوُنا جن محراب، جسو جامع تن جو،
قبلي نماءُ قلب ڪري، تن کي ڪياءُون طواف،

جي آهي. ان ڪري انهيءَ
جڳهه کي سڏيندا ٿي آهن
انباولي.

انباوليءَ کان پوءِ ايندي
وندرنءَ. وندرنءَ انباوليءَ ۽
سونمياڻيءَ جي وچ ۾ آهي.
وندرنءَ کان سونمياڻي ٻه
کوه پري آهي.

وندرنءَ جو نظارو.

سونمياڻيءَ کان کوه کن اڳتي
هڪ ڀڳون ٽٽل قلعي جا
نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان
قلعي کي ”بالا وارو ڪوٽ“
ڪري سڏيندا آهن. ان ڪوٽ
جو نمونو د ڙياهي چورن ۽
ڌاڪن تي نظر رکڻ لاءِ ڪيو
ويو هو.

”بالا وارو ڪوٽ“ جا اوشيش ڏيکاريا وڃن ٿا.

سونمياڻي اصل ۾ مهاڻن جي
مياڻي هئي. سمنڊ جي ويجهو
هئڻ سبب هي هنڌ واپار ۾
ايترو ته ڦليو ڦوليو جو مٿس
نالو ئي پئجي ويو- سونمياڻي!

سونمياڻيءَ ۽ سمنڊ جا ڪجهه شاٽس.

سونمياڻيءَ کان پوءِ شاهه لطيف
جوڳين سان گڏ ”گرو چيلي
جي رڻ“ ۾ داخل ٿئي ٿو.
”گرو چيلي جو رڻ...

جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو ڏو وڃي.

سدا ڀٽڪر ڀريا. جڏهن گاديءَ تي ويٺو ته هڪدم
امرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين ته توهان منهنجي
پيتا سان بلڪل وفادار ٿي رهيا هئا ۽ مان هاڻ
امرڪوٽ ۾ ڄائو هوس، تنهنڪري توهان جي
ملڪ مان ساليانو ڍن وٺڻ مان حرام ٿو سمجهان،
ان ڪري توهان کي سڀ ڍلون معاف آهن.

شاه لطيف: اڪبر امرڪوٽ ۾ ڄائو هئي...
نڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏنهه ۾!

ڪمل ناٿ: لطيف، اها ست مان جيڪر ڪوتا ۾ هيئن چوان:
نه ڪوڏن نه پل، نڪو رائر ڏنهه ۾!

شاه لطيف: ڪوي جي! ڏن، پل ۽ رائر — ڌهراڻ ناهي
هڪ ئي معنيٰ ۾ سڀني لفظن جو؟ جهل ۽ پل
لفظ سوڀن کي ملڻ آزاديءَ جو اهڃاڻ ٿا ڏين.
ٿر وارن کي ملڻ سگهن جو ن سيمائون وڌائي ٿا
ڇڏين. توهان جو ڪهڙو راءِ آهي سوامي جي؟

پرونٿنات: هاڻي ٻوڪن کي ڪاوڙ — ڪلا جي پر، چاڻ رکڻي
هوندي؟

(قافلو ڪجهه دير چپچاپ اڳتي وڌندو ٿو رهي.)

✻

سوترڌار (فقط آواز): درشيه

ڪارڙي ٽاڪي کان پوءِ واٽ
ٿي هڪ هنڌ ٿوري ساغاس
آهي. اتي جيڪي وڻ آهن
انهن ۾ گهڻائي انهن جي وڻن

انڀاونيءَ جو درشيه.

پروتناٿ : لطيف، هيءَ اها ٿي ڦوڙندي اُٿي جنهن جي وهڪري جي دهشت سبب سسئي اڳتي نه وڌي سگهي هئي ۽ واپس وري وئي هئي.

شاهه لطيف : سوامي جي، مون کي سسئيءَ کي الائي ڪهڙا سلام ڪرڻا پوندا. عشق جو اوتار هئي ۽ درد جي لهن کان ڇوٽيءَ تائين ڇٽي تصوير... سوامي جي، سورمي سسئي پلي ڦوڙ نديءَ جي وهڪري جي ٽڪ جي دهشت سبب واپس وري هئي، پر اهو نه ڄاڻو ٿي پوندو ته هن درد جي ماريءَ پٻ پهاڙ جا ڏکيا رستا پار ڪيا ها.

(شاهه لطيف ٻئي ٻانهون آسمان طرف کڻي دردڀري آواز ۾ ٻيت ترنم ۾ چوي ٿو.)

شاهه لطيف : ڏونگر! ڏوراپو، ٻيون چوندس ٻين کي:

”پهڻ ٻر لٿون ڪيا، ٽڪون ڇيهون ٽو،
رحم نه پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديس:
وو! مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري!“

ڪمل ناٿ : لطيف، تو ۾ سسئيءَ جي روح واسو ته ڪونه ڪيو آهي؟

شاهه لطيف : شل ڏٺي ڪري اٿين ٿئي، ادا!

(ٺيڪ ان وقت پٻ پهاڙ جي قطارن ۾ ٽڪي ۽ دردڀري زنالي آواز ۾ ”وو او او او او“ جو واڪو ۽ ان جو پڙاڏو گونجي ٿو ۽ ان کان پوءِ ”مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري - مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري - مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري“ جي گونج ماحول ۾ چوڌاري ڦهلجي ٿي وڃي!

شاهه لطيف جي اکين جو E. C. U.

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو پروهتن سان گڏ اڳتي وڌي رهيو آهي، سندن هٿان پٺيان باقي جوڳي ۽ ٻولهون لاهي اچي رهيا آهن)

شاهه لطيف: گرو چيلي جو رڻ! آخر هن جڳهه تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

پروهت: ٻڌايو ويندا آهن ته هڪ گرو پنهنجي چيلي سان گڏ جي، هنگلاج جو درشن ڪرڻ لئي ويو. جنهن وقت ٻئي گرو چيلو هن جڳهه تي پهتا ته اُڃ اچي پريشان ڪين. هنگلاج جي واٽ تي جيڪي به پاڻيا آهن، اُهن سڀني تي پاڻي ملي ٿو سگهي، فقط هن جڳهه جي آس پاس ٿي پاڻي ملڻ ناممڪن آهي. گرو - چيلي کي اُڃ اهڙو ته وياڪل ڪيو جو هڪ ماندا ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيا ۽ اُتي ئي ڦٿڪي پراڻ تياڳيائون. ان کان پوءِ هن استان جو نالو پئجي ويو: گرو - چيلي جو رڻ.

(جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڌندو ٿو وڃي.)

اڳـوڻو: (جوڳين ڏانهن منهن ڪري) جوڳيو! هنگلاج جا جاتريو! گرو - چيلي جو رڻ لتاڙي آيا آهيون. هو ڏسو، سامهون ٿي ڦوڙندي آهي. هن وقت ته چڙهي سگهي ٿي آهي، پر چؤماسي ۾ ڦوڪجي ڪري وهندي آهي. ڦوڙندي هاڙهي جبل جي پيڙهيءَ وٽ آهي. جوڳيو! هاڙهو جبل بلوچستان کان هلي، هتي ڦوڙنديءَ وٽ اچي ڪٽي ٿو.

(پروهت، شاهه لطيف ۽ جوڳي ڦوڙنديءَ جي ڀرسان اچي ٿا پهچن.)

وڃي ڪير نه وڃن،
تن آڏ پسن آرام،
ڏسي ته گڏين رام،
پنڌان چڙهيا ڪانڙي.

تيرٿ آستان جي ياترا تي
وڏي مهمت واري آهي. ڏسي
ته گڏين رام. ياترا ۾ لسي
جڳهاسوءَ کي گيان جا املهه
مانڪ - موتي ملي ٿا وڃن.
قادر جي قدرت جو ڇل - ول
کان آجو ۽ نجو ديدار ساڌڪ
کي سڄڻنءَ جي تمام ويجهو
آڻي ٿو ڇڏي.

هنگلاج جا ياتري چندر ڪوپ
کان هلي "سنگل" تي اچي
منزل ڪندا آهن.
حقيقت ۾ "سنگل" ٻه مڪان
آهن: هڪ ننڍو سنگل، ٻيو
وڏو سنگل.

سنگل ٽالي وارا ٻه مڪان
ڏيکاريا وڃن ٿا. جوکن جو
قافلو اتي رکجي پاٽو ڪري
ٿو.

سنگل کان پوءِ اچي ٿي:
اگهور ندي!
هيءَ ندي هاڙهي جبل جي
هڪ پاسي آهي ۽ ٻئي پاسي
هنگلور يا هنگول ندي!

اگهور نديءَ جو درشن.

اسڪام شاخت. هاڙهي جبل ۽
ان جي ٻنهي پاسن کان وهندڙ

سستيءَ ڳايا ڪاهيندي ڪاهيندي پٺ ڀاڙ ڀار ڪري رهي آهي.)

اڳـوڻـو : جوڳيئو! هتان اڳيرو هلو ته جلد ئي هڪ ڪلراٺو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو. ان ميدان کي چندر ڪوپ ڪري چوندا آهن. اتي جيڪي ٻه کوه آهن، اهي قدرتي آهن يعني ڪنهن ماڻهوءَ جا کوٽيل ڪونه آهن.

(ڪئميرا "چندر ڪوپ" کي ڪَوَر ڪري ٿي. اتي ڪافي گهڻ لڳي پيئي آهي. ان گهڻ جا ڪيترين ته، هڪ ٻئي مٿان جهڙي تمام وڏا ڍڳا ٿي پيا آهن. ان وقت، اتي رکي رکي ڪي آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

جوڳين جو قافلو ڍڳن جي ڀرسان بيٺو آهي.)

اڳـوڻـو : هي آواز ٻڌو ٿا نه؟ هنگلاج ٿي ٻولي، هنگلاج ٿي ٻولي! ڀاڳن وارا آهيو جو آواز ٻڌي رهيا آهيو. جي آواز ٻڌڻ ۾ نه اچن ته سمجهو توهان جي ياترا اجائي وئي، تيرٿ قبول نه پئي.

(رکي رکي پاڻمرادو ڪي آواز ايندا ٿا رهن.)

※

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاهه صاحب سر رامڪليءَ ۾ چيو آهي ته :

ٻرپٽيءَ ٿي ٻير ٿيا،
ڇڏي گڏجو ڳاهه،
ڳروءَ سندي ڳس ۾،
جن ڪيا ڳُڻ تمام،

درشيه

اڳوڻو ۽ جوڳي هنگلاج طرف وڌندا ٿا وڃن.

ڪري ڇڏيندءِ آهي ۽ ماتا جو درشن سڀ ڪشٽ
ني ڪٽي ٿو ڇڏي، سڀ دک-درد دور ٿو ڪري
ڇڏي.

(مهايوگي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هڪ وڏي ڪنڊ ۾ سڌان ڪن ٿا، ڪورو ڪپڙو ٻڌن ٿا، سرن (نڍين غفائن) ۾ اندر گهڙي، ٿورو ڏيئي، ٻئي هندان ٻاهر نڪري ٿا اچن. جيئن ته سرن مان فقط هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جي جاءِ آهي ان ڪري سڀ جاتي هڪ ٻئي جي پٺيان پٺيان قطار ۾ لنگهي ٻاهر اچن ٿا.
هنگلا ديويءَ جي ڀت تي ليٽيل اوسٽا ۾ ٻوڌ مورتي!

هنگلا ديويءَ جي سڄي شرير تي سندر لڳل آهي. ڪيترا ئي هندو چاهي مسلمان درشن ڪري رهيا آهن. هندو ۽ مسلمان جاتي چاهي هنگلاج جا فقير ديويءَ جي شرير تي هر هر ڪير اوتي رهيا آهن. هنن جي اها ئي ڪوشش آهي جيئن ماتا جي شرير تان ڪير سڪي نه ۽ ماتا سدائين ڪير سان آلي رهي. ان وقت پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف به ديويءَ جي استان ۾ داخل ٿين ٿا ۽ ڪجهه گهڙيون، خاموشيءَ سان ديويءَ جي الوڪڪ سندرتا جو آنند ماڻيندا رهن ٿا.

هڪ فقير: يا علي! ناني اي اي اي ... حق! ناني اي اي
اي ... حق! هنگلاج جي نانيءَ جو ڪير نه سڪي!
يا علي، هرگز نه سڪي! ورنه، ورنه، اسان جو
نصيب رٺي ۾ رلي ويندو.

(هنگلاج جا فقير ۽ هندو - مسلمان جاتي ديويءَ تي ڪير اوتڻ لڳن ٿا.)

شاهه لطيف: هيءَ به هڪ عجيب رسم آهي.

پروتناٿ: رسم نه چئو لطيف، صدق آهي، وشواس آهي،
يقين آهي. هنگلاج جي فقيرن، پوڄارين ۽ هندو -

اگھور ندي ورِي ٻين جبلن جي وچ مان وهي ٿي. انهن جبلن مان هڪ کي سڏين "چنڊ" ۽ ٻئي کي "وچنڊ".

ٻه نديون.
چنڊ - وچنڊ جبلن جي وچ مان وهندڙ اگھور نديءَ جو درشيہ.

پراڻن ۾ هڪ ڪٿا ٿي اچي ته چنڊ - وچنڊ نالي ٻه وڏا دئيمس ها جن جو ديويءَ سنهار ڪيو هو.

هنگول ۽ اگھور ندين جي نزديڪ آشاپورا نالي مڪان ۾ ڪالي ماتا جو آستان آهي ۽ ان جي ڀرسان ڏيڍ ڪوھ ڪن پنڌ تي آهي هنگلاج!

آشاپورا جا ڪجھ شاٿس.
ڪالي ماتا جو درشن.

هاڙهي جبل جي ٻاڙ / ٻاهر / پرڀات

(لانگهه شامت. هاڙهي جبل جي ٻاڙ ۾ هنگلا ماتا جي غفا جي ڀرسان زمين جي سڌي اُڪر تي جوڳي ويٺا آهن. پرونيات ۽ شاه لطيف سيڻي ڪان الڳ الڳ ويٺا آهن.)

شاه لطيف: ڇڏيون ڇپر ڪيت، ٻاهر ٻراڙيون ٻالنمان،
جتي رهان راتڙي، مرون مدهيا مت،
سهڻن جيءَ سهت، ڏولڳر ڏولي مون لهو!

پروتنات: پت، هنگلاج جي ياترا برابر اڻانگي ۽ ڇڙر - چڙر

چڪمڪي ويو آهي ۽ سندن چهرن تي عجيب قسم جا جذبا نمايان ٿي رهيا آهن، ان ڪري پروتناٿ اک جي اشاري سان شاهه لطيف کي وڌيڪ ڳالهائڻ کان روڪي ٿو. شاهه لطيف اشارو سمجهي هڪدم چپ ٿي وڃي ٿو ۽ هنگلا ديويءَ ڏانهن نهارڻ لڳي ٿو.)

پروتناٿ : بت لطيف، ڪير جاڻي سچ چيا آهي. اکين تہ ڪنهن ڪجهہ ڏٺو ناهي. ڪنهن پڌو ن پيا ٿا. وري ۾ آخرين سچ تہ صدق ئي آهي. فقط صدق ....

ڪملناٿ : لطيف، هنگلا ماتا تہ سڀني جي آهي- جوڳين جي، سنياسين جي، گرهستين جي، هندن جي، مسلمانن جي، سڀني جي... دل ۾ صدق ۽ شردا رکي هن در تي اچ ۽ مرادن واري جهولي ڪنهن - ڀار ڀري وڃ!

(پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هنگلا ديويءَ کي نمسڪار ڪري قطار ۾ ٻاهر نڪرن ٿا. فقير خالي نظرن سان هنن کي ٻاهر ويندو ڏسي رهيا آهن.)

٭

هاڙهي جبل جي پاڙ / ٻاهر / ڏينهن

(لانگهہ شام. هنگلا ماتا جي غفا جي پرسان زمين جي سڌي ٽڪر ٿي ڪمرا ئي جائي، ماتا جو درشن ڪرڻ کان پوءِ جل- پان ڪري رهيا آهن)

پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هنگلا ديويءَ جي ٿان مان ٻاهر اچي رهيا آهن. شاهه لطيف سڀني جي اڳيان آهي ۽ مجنون حالت ۾ آهي. ڪيس پنهنجي تن بدن جي بلڪل سڌ ڪونہ آهي.

مسلم جاتين جو اهو وشواس آهي تہ جيڪڏهن هنگلا ديويءَ جي چرڻن تان ڪير سڪي ويندو تہ هن لاءِ ٻيو ڄمندو. ڪير سڪي وڃڻ کي هو هڪ قسم جو ڀيانڪ اپسوڻ ڪري مڃيندا آهن.

شاه لطيف: انسان بہ عجيب عجيب قسم جا آڌار ۽ سهارا ڳولهي لڌا آهن... پوءِ بہ آخر ۾ ملي ڇا ٿو انسان کي؟

ڪمل ناٿ: ڪجهہ بہ نہ ـ ڪجهہ بہ نہ...... رڄ رڄ ۽ رڄ.

شاه لطيف: ڪمل، رڄ کي ڀلا ڪٿو ڪيو تہ رڄ ٿي تہ ملندي. رڄ يعني عام لوڪن جي زبان ۾ رڄ... مٽي ۽ ڌوڙ......

پروهت: هنگلا ديوي هندن لاءِ ماتا آهي پر مسلمانن لاءِ ناني! ناني، ماءُ جي ماءُ ـ ناني! ٻيو مسلمان هنگلا ديويءَ کي حضرت عليءَ جي ڌاڙي ڪري مڃيندا آهن.

(شاه لطيف جي اکين ۾ ڇپن تي رهسيہ ڀري مرڪ آهي. پروهت هن ڏانهن نهاري ٿو.)

شاه لطيف: هنگلا ديويءَ کي ڪالي ماتا بہ مڃيو ويو آهي تہ ماتا پاروتي بہ. جنهن حالت ۾ هنگلا ديوي ايتري پراڻي آهي، قديمي آهي تہ حضرت عليءَ جي ڌاڙي ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ شايد توهان کي خبر نہ هجي تہ حضرت علي خليفي عثمان غنيءَ جي خون ٿي وڃڻ تي هجري ٣٥ ۾ چوٿون خليفو ٿاپيو ويو هو. حضرت عليءَ جو هر مسلمان جي دل ۾ خاص درجو ان ڪري آهي جو هو صاحب نہ فقط حضرت محمد جو ناٺي هو پر حسن-حسين جو پيءُ بہ هو...

(جيئن تہ ڪجهہ مجاورن جو ڌيان شاه لطيف جي ڳالهہ ڏانهن

جي ڪانئي طاقت ڪانهي. لطيف، وڏي ڪرپا
ٿي اٿيئي، وڏو مهت ملهو اٿيئي.

شاه لطيف: (المستيءَ ۾ آلاپي ٿو)

سائين سدا ٻار، وو!
تن ٻانڌين سدا ٻار،
توکي آرس اکڙين ۾!
پاتا پاڙ پوارين پڳھ منجھ پاتار،
پنڊ ٿو پور ڪري، آئي تنهنجي وار،
سڄون راتيون سمهين، ڪيو منجھ همار،
ڪ تو ڪنين نه سُئي، هلڻ جي هاڪار؟
تائب ٿيو تڪڙا، سچي ايءَ سنڀار،
ننڊ نه ڪجي ايتري، سڄڻ ادا يار!
سائينءَ مڪين سچ، ڪي، تون ڪوڙو منجھ قطار،
ڪ تو ڪنين نه سُئي، ڪُھ جي ڪوڪار؟
گهڙيان ٿي ره گهڙي، الاهي تهار!
هوُ جو شڪ شارڪ جو، تنان رکھ ستار!
ڪل نفس ذائقة الموت، پڙهو اي پچار!
شڪار تون شهباز جو، تون ٿان منجھ شڪار!
يوُم يفرالمرءُ من اخيهِ، جت پڄندا يار،
ڏرهو چنو تار ۾، اچھ تون اوسار!
لکھ مڙيئي لنيا، هنئين ويا هزار،
ڏنڌه جي الاه ڪي، هوند ٿئين پرين پار،
جوڻ مٿان جهڪي، دلي تنهنجي دار،
جيڪو آه حديث ۾، انديءَ "ايءُ" آچار،
وٺيءَ ڪين ولهن سين، ڪنجي پر قهار،
سا ڪيئن هلي تو سين، جا پڳي ڪان پتار؟

مستيءَ جو عالم هنجي دل و دماغ تي طاري آهي. هنجي المست چال مان اهو فيصلو ڪرڻ تمام مشڪل آهي تہ هو هلي رهيو آهي، جهومي رهيو آهي، ڦيرون پائي رهيو آهي يا رقص ڪري رهيو آهي.

جوڳي ۽ ڪملناٿ عجيب نظرن سان شاه ڏانهن نهاري ٿا.

پروتناٿ جي چپن تي ڄاڻڪاريءَ ڀري مرڪ آهي. هن جي اکين جي چمڪ مان ۽ منهن تي ڇانيل سنتوش جي ڀاو مان ظاهر آهي تہ هو سڀ ڪجهہ سمجهي رهيو آهي. هنکي ڄاڻ آهي تہ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇو ٿي رهيو آهي.

پروتناٿ : (شاه لطيف ڏانهن نهاريندي ڄڻ پاڻ سان ڳالهائيندي) پٽ لطيف، ماتا هنگلا ديويءَ جي توتي وشش ڪرپا ٿي آهي......

(شاه لطيف جي المستي جاري آهي.)

پروتناٿ : ماتا توکي وري گهرائيندي... لطيف، توتي ماتا جي مهر جا مينهن سدائين وسندا رهندا... پٽ، جس تنهنجي در جو دربان ٿي رهندو...

(شاه لطيف زمين تان مٽيءَ جي مٺ کڻي ان ڏانهن نهاري ٿو. مٽي ڏيري هن جي آڱرين جي وچين مان وهندي ٿي رهي.)

شاه لطيف : مٽي ملهائتي مولين ڪان،

مٽيءَ جو ڏس مان،
جهڙي پاي لعل پسن پڙن همنان،
مونداڻ تہ سچو پڙن ڀڪيندہ،
رهندہ سدا سر متان سوار ا
مٽيءَ جو ڏس مان،
شان ۽ طومان ا

پروتناٿ : (پاڻمرادو) هنگلا ديويءَ جي مٽيءَ جي مٺ دليا

(شاهه لطيف فقط ڪنڌ ڌوڻي ڪري هاڪار ڪري ٿو.)

پروتناٿ : تنهنجي جيون ۾ وشمش گهڻائون ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن. هاڻي توکي ڪنڊلني ۽ ڪنڊلنيءَ جي جاڳ بابت جاڻڪاري ڏيڻ تمام ضروري آهي - بيحد ضروري .. پر لطيف، اڃا پنڌ پري آهي، منزل دور آهي. هن لنبي ياترا جي انت ۾ ڇا ملندو، ان جي نه توکي خبر آهي ۽ نه اسان کي - پر، اڳتي وڌڻو ضرور آهي، ضرور......

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ڪجهه قدم گڏجي اڳتي وڌن ٿا)

*

پهاڙي رستا / ٻاهر / ڏينهن

پروتناٿ، ڪملناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌندا ٿا وڃن. اڻانگا رستا، لاهيون، چاڙهيون، ڇپن تي چڙهڻ، ڇپن تان گسڪندي لهڻ. هڪ هنڌ ڪجهه ڇايادار اسٿان ڏسي جوڳين جو قافلو اُتي پڙاءُ ڪري ٿو.

ڪملناٿ : سوامي جي، توهان سنر ڪيو جو اڳوڻي ڪان اسان کي آجو ڪيو. هاڻي اسان آزاد آهيون.

پروتناٿ : پر ڪمل، اسان کي ڪو واپس نه ڪلاچيءَ ڏانهن وڃڻو ڪونه هو جو اڳوڻي کي اٽڪائي رکون. اسان رمتا جوڳي، اڄ ڪٿي ته سڀاڻي ڪٿي. ماتا جو درشن ڪيوسين، هاڻي ڏسون ته ماتا ڪيڏانهن ٿي موڪلي.

شاهه لطيف : ته پوءِ سوامي جي، ڪائي منزل ته ضرور خيال ۾ هوندي توهان جي؟

جيڪي جال نه ٻجهي، سڄڻ اي سنڀار،
جَر وساريِن ويسرا! پَرين جي پُڪار.

(شاهه لطيف جي وائيءَ ۾ سمايل درد جي خوشبوءِ نه فقط آس-پاس وينل ماڻهن کي پروتناف سوڌو جوڳين کي به ڇرڪائي ٿي ڇڏي. هر ڪو پنهنجا پنهنجا ڪم ڇڏي پوري پوري ڌيان سان شاهه لطيف جي درديلي صدا کي ٻڌندو ٿو رهي. ڪجهه فقير ۽ جوڳي جاڳي ته طنف به ڪرڻ شروع ٿا ڪن.)

پروتناف: ڪمال آهي، ڏاڍو لطيف جي ڪلام جو ڪمال؟
هي نوجوان اُنهن ٻي ماڻهن کي پنهنجي وس ۾
ڪندو، پنهنجي ڪوتا جو ديوانو بڻائيندو ۽
سنسار ۾ خوشبوءِ ڦهلائيندو.

شاهه لطيف: اُپرندي ٿي سج، پورب جي پسندو ن،
ڪري پيٽي ڏج، اڪريون ڪانگن کي!

پروتناف: اهو اُهي هڪلا ديوءَ جو چمتڪار. ماڻا ٿي
جانهن اکيون ٻئي چاڙهيون، ڏاڍو هوءِ نه ڪمال؟
ڪويءَ جي ڪلپنا ۽ ٻولي جي آگ ٻن سڀني ۾ ٿي
اکين کي مهاڳيوڳي ۽ ان-اُپيوڳي بڻائي ڇڏيو آهي!

(پروتناف ڌيري ڌيري هلندو شاهه لطيف جي سامهون اچي ويهي ٿو. جيتوڻيڪ هن وقت شاهه لطيف شانت آهي ته به سندس اکيون دور دراز آسماني ويرانين ۾ ڪجهه ڳولهي رهيون آهن. پروتناف پنهنجو ساڄو هٿ آهستگيءَ سان شاهه لطيف جي ڪلهي تي رکي ٿو.)

پروتناف: هاڻي وقت اچي ويو آهي ته توهانجي سوال جو
جواب ڏجي، ٻت لطيف!

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتناف ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناف: ڪنڊلني ۽ ڪنڊلنيءَ جي جاڳ - ٻڌاءِ ڀلا، لطيف؟

مهرشي پاتنجليءَ جو يوگ - درشن مکيه استان والاري ٿو...

شاهه لطيف: مون هندن جا چار ويد ته ٻڌا آهن پر اهي ڇهه شاستر ڪهڙا آهن؟

پروفيسر: ويشيشڪ، نياءِ، سانکيه، يوگ، اُتر - ميمانسا ۽ ويدانت. انِ کان سواءِ سؤ کن اُپنشد به آهن، جيڪي اصل ۾ ويدن سان ئي واسطو رکن ٿا...... پر لطيف، تون انِ چڪر ۾ نه پؤ - بلڪل ڦاسجي ويندين. نياءِ ترڪ - وترڪ سيکاريندو، سانکيه ناستڪ بڻائي ڇڏيندو. ايترا ته رستا آهن جو هڪ به رستو هٿ نه ايندو. انِ لاءِ ئي ته آخر هار مڃيندي رشين چيو - نيتي نيتي: هي به نه، هو به نه.

(شاهه لطيف ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي- ڪجهه ڪجهه چڙچڙو ٿو لڳي، شايد انِ لاءِ جو ته کيس انهن سڀني ڳالهين جي ڄاڻ آهي.)

پروفيسر: مهرشي پاتنجليءَ يوگ شبد جي معنيٰ سمجهائي: چت جي ورتين تي روڪ ٿام رکڻ واري ساڌنا. پر اڳتي هلي يوگ جو ارٿ ڪافي ڪشادو ٿي ويو. اُها هرڪا ساڌنا جيڪا آتما جو پرماتما سان ميل - ميلاپ ڪرائي، انِ کي يوگ چوڻ لڳا. انِ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڀارت ۾ ڪيترن ئي قسمن جا يوگ شروع ٿي ويا. خود گيتا ۾ ئي ارڙهن قسمن جي يوگن جو اُپديش ڏنل آهي. پر ساڌنا جي کيتر ۾ مکيه طور اشٽانگ يوگ ئي قبول پيل آهي. انِ اشٽانگ يوگ جي آڌار تي

پروتڦات: منزل نه پڇا، هڪ ئي آهي. باقي سڀ ته وشرام-
گهر آهن. جوڳي رڳون رڱي ۽ ڪاريه ڪرم لاهي
ڪم ڪونه ڪندا آهن. اسان جي جيون جي ناؤ
هوا جي حوالي آهي ۽ هوا جو مالڪ آهي پرماتما.
پنهنجو سڄو جيون هن هڪ جي حوالي ڪري ڇڏ.
لطيف، پوءِ تون مڪمل ٿي ويندين- بلڪل
مڪمل. تنهنجا سڀ ڪم هن جا ڪم ٿي ويندا
۽ پنهنجا ڪم هو پاڻهي پيو ڪندو.

(سڀ جوڳي ڪائي نه ڪائي جڳهه ڳولهي ويهجي ٿا وڃن.
سڀئي ڏاڍا ٿڪل، ماندا، بکيا ۽ پياسا آهن. ڪڙڇي جي ڳوريءَ
مان ڪجهه رکيون سکيون روٽيون ڪڍي هڪ- ٻه گراهي
کائن ٿا ۽ پاڻيءَ جا ٻه- ٽي ڍڪ پيئن ٿا. پروتڦات ۽
شاهه لطيف ڪجهه به ڪونه ٿا وٺن. اُٿي سڀني کان الڳ هڪ
ڇپ جي ڇانوَ ۾ وڃي ٿا ويهن. سندن پٺيان ڪملناٿ به اچي
ٿو ۽ پروتڦات جي موڪ آگيا پائي هنن سان ئي گڏ ويهي ٿو
رهي. هن وقت به شاهه لطيف کي جوڳين جهڙو ئي لباس
اوڍيل آهي.)

پروتڦات: ٻچا لطيف، اسان کي ياد ٿو اچي ته اول به اسان
توکي ٻڌايو هئوسين ته يوگ- پد- پراپتيءَ جا ٽي
مارگ آهن: يوگ- مارگ، گيان- مارگ ۽ ڀڳتي-
مارگ. ڀارت ۾ يوگ- ابهياس تمام پراچين ڪال
کان ٿيندو آيو آهي. يوگ جو ذڪر ويدن ۾ به
ملي ٿو. اُپنشدن ۾ ته يوگ کي اڃا به وڌيڪ
مهتو ڏنو ويو آهي. جنهنڪري اڄ ڪلهه سڀ هندو
ڌرم ٿا سڏائن، اهو اصل ۾ سناتن- ڌرم آهي ۽
سناتن- ڌرم جا ڇهه پراچين شاستر آهن جن ۾

پروتناٿ : ها، ڇو تہ تون هڪ بالڪ وانگر سرل آهين. نروڪار آهين ۽ معصوم آهين.

(شاهہ لطيف اکيون کڻي ٿو جهڪائي)

پروتناٿ : ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار بہ ٿيندي آهي تہ سگڻ ۽ ساڪار بہ ٿيندي آهي. برهم ۽ الله جي ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار ليکبي پر رام، ڪرشڻ، محمد ۽ عليءَ جي ڀڳتي سگڻ ۽ ساڪار ليکي ويندي ...

شاهہ لطيف : پر اسلام ۾ تہ فقط الله جي عبادت ئي جائز آهي...

پروتناٿ : سمجهڻ جي ڪوشش ڪر پٽ لطيف! جڏهن تون حضرت محمد جو گڻ گان ٿو ڪرين يا عليءَ جي تعريف ۾ ڪجهہ چوين ٿو تہ اها سگڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي ليکبي. يا محمد! يا يا علي! چوڻ وقت جي ڪائي تصوير، ڪائي صورت تنهنجي ڪلپنا ۾ اڀري ٿي ۽ ان وقت، ان گهڙيءَ ۾ تنهنجي اها سگڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي آهي. پر جي "محمد" جو نالو تون الک پرماتما جي اَرٿ ۾ ڪم ٿو آڻين تہ اها نرگڻ يا نراڪار ڀڳتي ئي ليکبي. ڪبير جو رام، ياد رکج، "دشرٿي رام" ڪونہ آهي پر "پرم برهم" جي معنيٰ ۾ اچي ٿو ان ڪري ئي ڪبير نرگڻ اُپاسڪ بہ چيو ويو آهي...
اُٿ پٽ، وڌ اڳتي. وڌڻ سان ئي وڌڻ ٿيندو. هل تہ ڪجهہ حاصل ٿئي.

(پروتناٿ، ڪمل ناٿ ۽ شاهہ لطيف اُٿي اڳتي وڌن ٿا. هنن سان گڏ ئي ٻيا جوڳي بہ هنن جي پٺيان پٺيان هلڻ شروع ٿا ڪن. جوڳين جو اڳتي وڌندڙ قافلو.)

۾ ڪجهه ٻيا يوڳ ٻڌايا ويا آهن جيئن ته هٺ-يوڳ، راڄ يوڳ، تپ يوڳ ۽ منتر يوڳ. هاڻي ته يوڳ جي معنائن ۾ وڃي هٺ-يوڳ ۽ منتر-يوڳ رهي آهي.

سو، ڀٽ لطيف، تو ڏٺو ته يوڳ مارڳ ڪيڏو نه تن جي تپسيا سان ڀرپور آهي. گيان مارڳ انهيءَ رکو. ويٺو جيون ڀر درشن- شاسترن ۽ گرنٿن جو اڀياس ڪر، واد-وواد ڪر، ترڪ-وترڪ ڪر ۽ ڀن-ڀن سان ڀيو مٿو ٽڪراءِ. ٻيو، ڀڳتي مارڳ انهيءَ سرس، رس، ڀريو، رس-ڀنڊو ۽ رس-ميو. تون ڪوي آهين. ڪوين کي گهڻو ڪري ڀڳتي مارڳ ئي وڻندو آهي. سورداس کي ڀڳتي مارڳ وڻيو، ميران کي ڀڳتي مارڳ وڻيو، تلسيداس کي ڀڳتي مارڳ وڻيو ۽ ڪبير کي به ڀڳتي مارڳ ئي وڻيو. جيتوڻيڪ هو ڌرم اپديشڪ به هو، سڌارڪ به هو، يوڳي به هو ۽ وڏو وچارڪ به هو، پر هو ڀيو ڀڳت ڪبير جي روپ ۾ ئي مشهور. ڀٽ ڀڳتيءَ ۾ هڪ عجيب قسم جي مستي آهي، شڪتي به آهي ئي.

شاهه لطيف : سوامي جي، توهان مونکي ڪنڊلنيءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ وارا ها...

پروتنات : ڌيرج سان ڀٽ، ڌيرج سان سڀ سلسلو سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. اتاولو ته ٿئين نه، تون آهين ته- ڌير-گمڀير پر هن وقت اتاولو ڇو ٿي رهيو آهين؟

شاهه لطيف : ڇو ته سوامي جي، مان هڪ بلڪل نئين ڳالهه ٻڌڻ وارو آهيان، ڪجهه بلڪل نئون سکڻ وارو آهيان،

پرو ٿنات : ناٿپنٿ کان وٺي وچڙيان تائين ياترا ڪندين تہ پاڻ مرادو سمجهي ويندين تہ انسان ڪڏهن ڪڏهن ڪيئن ٿو پرم-پد-پراپتيءَ جي ڀاڻي پنهنجا سوارٿ پورا ڪري ۽ اندرين جا سک ماڻي. آتمڪ ڪيترن ڪمن ٿيون شيطاني شڪتيون گهسي اچن. اهو بلڪل ڇٽو ٿي ويندو تنهنجن اکين جي سامهون... ان لاءِ اسان توکي چئون هئوسي تہ سڀ کان وڏي سنڌ ۾ سرڪشمہ آهي ڀڳتي مارگ. پرماتما کي نرگڻ ڪري ڪٿين يا سگڻ، ڪوئي فرق ڪو نہ ٿو پوي. سهارو اوم جو وٺين، الله جو وٺين، رام جو وٺين، ڪرشڻ جو وٺين يا محمد جو وٺين. ڪهڙو ٿو فرق پوي. مقصد تہ آهي پنهنجي من جي ورتين کي اونچائين تي پهچائڻ. ياترا تہ توکي پاڻ ٿي ڪرڻي آهي، اِهي نالا تہ فقط نالا آهن- دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ بهانا آهن. چڙهڻو توکي ٿي آهي...

شاه لطيف : پر همت وٺي تہ هوءُ هلندو نہ؟

پرو ٿنات : لولو لنگڙو آهين؟ ڪوئي همت وٺي ڪو نہ هلندو. تون پنهنجو همت پاڻ ٿي پڪڙيندين پر سمجهندين تہ تنهنجو اشٽ ديوتا ٿو توکي هلائي. اهو ٿي راز آهي، اهو ٿي ڀيد آهي. اِهو ڄاڻين تہ سڀ ڄاڻين.

(شاه لطيف سوالي نظرون ڪٽي پروٿنات ڏانهن نهاري ٿو.)

پروٿنات : پتي بت لطيف! جنهن وقت اسان تنهنجي سامهون نہ هونداسين ان وقت جي توکي اسان جي ضرورت پوندي تہ تون اسان کي ياد ڪندين، اسان کي سڏ ڪندين ۽ اسان تنهنجي سامهون اچي بيهنداسين ۽ توسان ڳالهائينداسين بہ... پر، آهي اسان نہ هونداسين،

شاهه لطيف: سگهن سڏ نه سُور جي، تنهن ولکن رلڄوري،
پيا آهن پسڻ ۾، مٿن مامُوري،
لڳن لنءَ لطيف چئي، سدا جي سُوري،
پرس جن پوري، تن روپو وهامي راتڙي!

پروتناٿ : سچ ٿو چوين لطيف! جن جي دلين ۾ پرماتما لاءِ پريم آهي، تن جي رات ته ڇا پر سڄي زندگي درد-سُور سهندي ئي گذري ٿي. پر، جن جي لنءَ لڳل آهي پرماتما سان، انهن جي پريم وهڻ سان ئي ڪشٽ ڪٽيو وڃن، آتمڪ آنند جي سگنڌين سان تن-من وهنجيو وڃي.

شاهه لطيف: وڻان وايون ڳاءِ، رهي اڄڪي راتڙي!

(ڪجهه دير پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ جوڳي چپچاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن)

پروتناٿ : اسان ناٿ پنٿي آهيون.

شاهه لطيف: ناٿ پنٿي؟

پروتناٿ : جوڳين جا ٻه قسم ٿيندا آهن. اسان ناٿ-پنٿي آهيون. اسان شِو ڀڳوان کي آدي-ناٿ ڪري مڃيندا آهيون. ڪي وري ٻڌ-مت کي مڃيندڙ مهاياني ۽ هيناياني هوندا آهن. تنهنڪان سواءِ چوراسي سڌ به آهن. سڌ-پرمپرا ۾ وري ڪي سهجياني ته ڪي وري وجرياني. جوڳ ۾ سڀني جو وشواس آهي پر هر هڪ مت جو جوڳ پنهنجو پنهنجو آهي.

(شاهه لطيف جي چهري مان اهو ٿو لڳي ڄڻ هو سڀ ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي به گهڻو ڪجهه ڪونه ٿو سمجهي سگهي. پروتناٿ هن جي اها الجهن ڏسي هلڪو مرڪي ٿو.)

ٻروٽي راهون / ٻاهر / ڏينهن

(جوڳي ۽ شاهه لطيف ٻروٽي راهون جهاڳيندا اڳتي وڌندا وڃي رهيا آهن. الائي ڪيترو هليا آهن، پر سندن منهن تي ٿڪان جو نشان به ڪونه آهي. ازغيبي المستيءَ جي عالم ۾ هلندا ٿا وڃن. لڳي ٿو ڄڻ هاڻ ۽ هاڻ ئي هنن جي منزل آهي.)

شاهه لطيف : رڻان ٿي، راڻا! هند نهاريو هجرا،
ٻيٽي ڪهه ڪڍين ٿي، ٿيا ڀلنگ ٻراڻا،
ڏرياٿي ڏوڙا ٿيا، وَرِ رهه وهاڻا،
جاڙون، گل، جباس، وڻ تو رهه ڪوماڻا،
ميندرا! ماڻا، تو رهه ڪنديس ڪنسيون.

ڪمل ذات : لطيف، اڃا لڳي پيئي آهيءَ، جيئي ڪاله ٿي..... ڇوڙون نه ڇوٽي، ٿوڙون نه ٿوٽي، اسي لڪن لڳي ساجن سون! ڪيئن؟

پروتذات : هرو ڀرو ائين ناهي. ڀٽ لطيفي جي اندر ۾ ٻاريل جو ساز ته سدائين وڄندو ئي رهندو. پر ان ۾ سُر ۽ ٻول، پرماتما جا هوندا. ڪوبه جي ڪڏهن جهڙي ڪلاڻيءَ جي مول ڪونه وڪامندي. لطيفو ٻريم - مارڳي ڪوي آهي، صوفي شاعر آهي. هن جو عشق الاهه جو ئي هڪ ٻيو نالو آهي.

شاهه لطيف : جڳ جئن ئي چوه، عاشق تئن نه سکيو،
اکين تئن نه روه، ڳوڙهو جئن ڳل ڳڙي.

پروتذات : ٻڌءِ ڪمل ڀٽ؟ لطيفو عاشق ٻراڙ آهي ٻر صبر وارو نه آهيءِ، ڦٽر ڪيهر نه آهيءِ. روئندو، ٻيو اکين مان پاڻي وهي ڳلن تان ڳڙندس ڪونه... نياڻيءَ واڪر جلندو سڙندو ڏيهن، ٻر ٻاهر پاڙ نه ڪڍندو!

آهي اسان نه هونداسين. اهو تون پاڻ هوندين- تون پاڻ هوندين. تون پاڻ ئي، اسان جو روپ ڌاري ڪري، اسان جي گيان ۽ ساڌنائن ۽ شڪتين کي پاڻ سان کڻي پنهنجي سامهون ئي اچي بيهندين ۽ پنهنجي پوڄا ڪندين.

(شاهه لطيف اٿڻو ته گد گد ٿي ٿو وڃي جو هنجي اکين ۾ ڳوڙها ٿو اچي وڃي ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ سوامي پرونانند جا ڪڻي ٿو پير پڪڙي. هڪ عجيب نظارو آهي. سڀ جوڳي اُٻهجي ٿا وڃن ۽ ان نظاري جو آنند ماڻين ٿا.

شاهه لطيف: سوامي جي! سوامي جي!

پرونانند: هائو ٻچڙا لطيف! هائو! تون ئي آهين. تون ئي آهين. تون پاڻ آهين. تو کان سواءِ ٻيو ڪو ئي آهي ئي ڪونه. هن ڏاهين هوڏاهين، هتي هتي، جتي ڪٿي تون جهنڪي ڏسين ٿو، محسوس ڪرين ٿو، اهو ٻيو ڪوئي ناهي- تون، تون ۽ فقط تون ئي آهين. سڄي برهمانڊ ۾ سمايو ٿيو آهين تون. تون پاڻ ئي گرو آهين، پاڻ ئي چيلو آهين ۽ پاڻ ئي گيان ۽ ڀڳتي آهين. تون پاڻ ئي پاڻ کي ئي جدا جدا ڪري ڪندو جدا جدا نظارن ۾ ورهايل ڏسين ٿو. ٻچڙا لطيف، آهين تون ٻر ڪڏهن به "مان" نه چئجانءِ. سڀ ڪجهه، "مان" سوڌو، "هو" جي حوالي ڪري ڇڏجانءِ. ان ۾ تون تان گسندين نه سو چوٿون ڪانئيندين.

(شاهه لطيف آلين اکين سان پرونانند ڏانهن نهاري ٿو. پرونانند شاهه لطيف کي پيار ۾ ڀاڪر پائي ٿو. مها - ملن جو هڪ الوڪڪ درشيه آهي اهو.)

آهي سوئي پنڊ يعني شرير ۾ آهي. پڻ لطيف، انسان جو شرير سموري سرشٽيءَ، سڄي ڪائنات جو هڪ ننڍڙو روپ آهي. ان آڌار تي ئي ڪلپنا ڪئي وئي آهي ته هر منشيه جي شرير جي اندر وشو-شڪتي به آهي ته قسمين قسمين پرڪار به آهن. انهن کي ئي چڪر چيو ويو آهي. سمپورڻ سرشٽيءَ جي سمپورڻ شڪتيءَ کي مها ڪنڊلني چيو ويو آهي. ڪنڊلني شبد هيئن ٺهيو آهي :

कुण्डले अस्या: स्त: इति कुण्डलनी

يعني اها شڪتي جنهن جا ٻه ڪنڊل هجن، ڪنڊلني آهي. اهي ٻه ڪنڊل آهن اڙا ۽ پنگلا - جن کي ڪبير پنهنجي من - موڄ جي ڀاشا ۾ انگلا - پنگلا جي نالن سان پڪاريو آهي.

شاهه لطيف: ڪبير صاحب يوگ جي خاص لفظن جو استعمال نه ڪيو آهي؟

پروتمات : ڪبير جي واڻيءَ ۾ يوگ ۽ تنتر جا جيترا وشيش شبد ڪم آيل آهن، شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪويءَ جي ڪاويه ۾ هجن. اها ڪبير جي ئي وچتر شڪتي آهي جو اڄ به هو ڪوڙين ۾ اڙدان جڳهه والاري ٿو.

شاهه لطيف: (ڌيمي آواز ۾) سچ آهي سواميجي !

پروتمات : اڙا ۽ پنگلا ٻه ناڙيون آهن. انهن جي وچ ۾ سشمنا ناڙي آهي. انهيءَ سشمنا ناڙيءَ مان ئي ڪنڊلني شڪتي مٿي وڃدي آهي.

اڙا ۽ پنگلا ناڙين جو اڀيوگ تــه گهٽ ئي رهندو آهي پر سشمنا ناڙيءَ جي راهه اڪثر بند ئي رهندي آهي. يوگ جون خاص ڪرياڻون ڪرڻ سان ئي سشمنا - پٿ کلندو آهي ۽ ڪنڊلني - شڪتيءَ

شاھ لطيف: سوامي جي! ڪنڊليني ...

(پروتناٿ هڪ پل رکي شاھ لطيف ڏانهن نهاري ٿو. پوءِ مرڪي ٿو.)

پروتناٿ: هائو، ڪنڊليني. اسان کي چڱيءَ طرح ياد آهي.

(ڪجهه دير خاموشي.)

پروتناٿ: ڪنڊليني جاڳائڻ جو ورڻن هٺ - يوگ جي گرنٿن سان گڏو گڏ تنتر جي ڪيترن ئي گرنٿن ۾ ڏنل ملي ٿو. ڪنڊليني جاڳائي ڪري ئي اسان يوگي آتم - جيوتيءَ جو درشن ڪري سگهندا آهيون ۽ انهد ناد ٻڌي سگهندا آهيون.

ڪنڊليني پنهنجو پاڻ ۾ ئي ناد-سروپ، جيوتي-سروپ ۽ شڪتي-سروپ آهي. پر ناد، جيوتي ۽ شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ سادڪ کي چڪر-ڀيدن ڪرڻو پوندو آهي. يوگ-سوتر ۽ شو-سنهتا گرنٿن ۾ ڇهه چڪر ليکيا ويا آهن پر اسان ناٿ-پنٿي ۽ تانترڪ چڪرن جي سنکيا ڇهن کان وڌيڪ مڃيندا آهيون. اهي چڪر ٽوڙڻا پوندا آهن تڏهن ئي سادڪ جي ڪنڊليني جاڳندي آهي ۽ ڪنهن قسم جون سڌيون کيس پراپت ٿينديون آهن.

(ڪجهه دير شانتي)

پروتناٿ: پٽ لطيف! جيئن تہ اهو سڀ گورکنڌو ڪلپنا ۾ هلندو رهندو آهي، سوکم آهي، اسٿول ناهي، ان ڪري مٺن ۽ وچار ڌارائن ۾ ايڪتا ناهي. جيئن جيئن ڀانءِ، تيئن ئي مڃو ۽ پڙهو. پر هڪ ڳالهه ۾ سڀ يوگي شامل راءِ آهن تہ ڪنڊليني - سادنا سڀني قسمن جي يوڳڪ - ڪريائن جو آڌار آهي.

يوگ - شاستر جو سڌانت آهي تہ جيڪو برهمانڊ ۾

ڪنهن به - شڪتيءَ جو ڄاڻڻ هرگز نٿو ٿي سگهي.

شاهه لطيف: بلا شيخ من يمشي في الطريق - جو مرشد کان سواءِ طريقت ۾ هلي ٿو سو ڄڻ انڌا ٻوڙيءَ جي صحبت ۾ هلي ٿو......

(اوچتو هوا جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي. گهوگهاٽ جا آواز اچي رهيا آهن. دور کان واچوڙو اچي رهيو آهي. چوطرف ڌوڙ ئي ڌوڙ ڇانئجي ٿي وڃي. ڀروڀرات، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ٻهاڙ جي ڇپن جو سهارو وٺي ويهي ٿا رهن. چوگرد ڌوڙ جو ڀرڙو ڇانئجي ٿو وڃي.)

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
شاهه لطيف سر سسئي آبري	
جي داستان ٻڌڻ ۾ چئو آهي:	
جهڪس ٻاد ڪماس،	سرسبز زمين جا نظارا.
ور وڃي وڻڪار ۾،	مالري ۽ چراگاهه
جلد جريدي ٻنڌ ۾،	
اڏيون اڄ ڳماس،	
وڃي ڪڇ ٻنياس،	
ٻارو چاڙي ٻاجهه سين.	
۽......	
واقف نه وڻڪار جي،	
ٻاڙي ڪنهن نه ٻاٽ،	"جانو" چراگاهه
جبل جلدايون ڪري،	"جانو" ٻهاڙ...
تنڪ ڏيکاري تاٽ،	

جو مٿانئن پاسي وهڪرو ٿيندو آهي ۽ ڪنڊلني
شڪتي جاڳندي آهي. ان پد تي پهچي سادڪ جا
پراڻ شڪتي تي وڃڻا آهن ۽ هو ان شونيه-پٽ مان
نرنتر انهد ناد پڌلدو رهندو آهي.

(ڪجهه دير لاءِ سڀ چپ چاپ اکيون هڻندا ٿا رهن. او چتو پروتنامڪ هڪ هنڌ ٻهجي ٿو وڃي. شاهه لطيف چاهي جوڳي به ٻهي ٿا رهن.)

پروتنات: ڀٽ لطيف! برهم کي پرڪاش ۾ آڻيندڙ ناد ئي برهم ئي آهي. ان جو سڌن سادن شبدن ۾ اهو مطلب آهي ته برهم ئي برهم کي پرڪاش ۾ آڻي ٿو.

شاهه لطيف: وڏو ڪور ڪڏنڊو آهي.

پروتنات: گور کڏنڊو شبد ئهي ئي نه، ها جي مهاپوڳي گورکنات جو يوگ اهڙو پرسد نه ٿئي ها. لطيف، اسان جهڙو ڪجهه توکي پڌاپوسي ۽ اجا به جيڪو ڪجهه توکي پڌائيندا سين آهي سڀ پستڪ ۽ پوٿيون پڙهڻ سان يا ڪنهن جي پڌائڻ سان سمجهه ۾ اچڻ واريون ڳالهيون ڪو نه آهن. يوگ جي اها جٽل سادنا-پڌتي مان، چتن چاهي ڌيان ڪرڻ سان ئي پراپت ٿيڻ واري ناهي. ان کي ته اکين جي سامهون، رو برو، ڪري ڏيکارڻو پوندو آهي. گرو ڪندو، شش ڏسندو ۽ سکندو. يوگ سادنا ۾ گروءَ جي پد-پد تي ضرورت پوندي آهي. ان ڪري لسي اسان ناٿ پنٿي يوگي، سهجياني، وجرياني، تانترڪ ۽ سنت پورڻ گروءَ ۽ ڪامل مرشد جو اهڙو گڻ-گان ڪندا آهيون. سچي گروءَ ڪانسواءِ سنسار جا چاهي ٻيا سڀ ڪم واس ٿي وڃن پر يوگ-سادنا ۽

واري اراضي ۾ ساوڪ ۽
سرسبز زمين آهي. انهيءَ ماٿري
۾ وسيع چراگاهه آهن. انهن
چراگاهن مان هڪ جو نالو
آهي : جائو!

ماٿري
وسيع چراگاهه.

"جائو" نالي وارو هڪ پهاڙ
ٻيو آهي ۽ انهيءَ پهاڙ جي
پاسي ۾ ٿي "جهر" ۽ "جر"
نالي وارا جبل به آهن.

"جائو" پهاڙ
جهر ۽ جر جبل

"وڏڪار" هڪ ڳوٺ جو نالو
آهي ۽ اهو ڳوٺ لس-ٻيلي
کان کيرٿر جبل جي قطار سان
لڳو پيو آهي.

"وڏڪار" ڳوٺ
کيرٿر جبل جي قطار.

ان کيرٿر جبل مان ٿي "هارن"
ندي نڪري ٿي جا ٻهڙيارا
ٻهت لتاڙيندي، ڪوٽڙي تعلقي
جي ڳوٺ "سال مڪان" وٽان
لنگهي سنڌو ندي ۾ وڃي
ڇوڙ ڪري ٿي.

هارن ندي جو آسمان مان نظارو
هارن ندي جو سنڌو ندي ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو نظارو :

ڪوٽڙيءَ کان "سال مڪان"
سٺن ڪوهن جي مفاصلي تي
آهي ۽ ان ڳوٺ جي آباديءَ
۽ خوشحاليءَ جو دارو مدار

سال مڪان ڳوٺ جو نظارو.

لڳي لڪ لطيف چئي،
معذورن مٿاءِ،
اتي اوڏو آءِ،
جت هوس هيڪلي آهيان.

۽......

وڏا ون وٽڪار جا،
جت نانگ سڄن نيلا،
آلي عبدال لطيف چئي،
ڪيا هيڪلين هيلا،
جت ڪڙم نه قبيلا،
اُت رسيج رهبر! راهه ۾.

"ڏونر" ۽ "جر" جبل......

۽......

ويچاريءَ وٽڪار،
اڳيان ڏٺو ڪڏهين،
مهر نه هئي ماڙهين،
هو سڀ هندوڪار،
جت ڪيائين يار،
سوڙن ڪارڻ سرتيون!

ڪيرٿر جبل جي قطار...
"وٽڪار" ڪوٽ...
"ٻارن" لڪن جو نظارو..

هنگلاج جي ياترا ۽ هنگلا ماتا
جو درشن ڪرڻ کان پوءِ
شاهه لطيف مهايوگي پروتنادت
۽ ٻين جوڳين سان گڏ لاهوت
طرف ويو جنهنجو اصلوڪو
نالو گوڪل هو.

لس - ٻيلي جي ان اتر - اولهه

پرونتناٿ : (گايتري منتر جو جاپ ڪندي.)

ॐ भूर्भुव: स्व: तत्सवितुर्वरेण्यं भर्गो
देवस्य धीमहि धियो यो न: प्रचोदयात ।।
ॐ शांति शांति शांति.......

(آس-پاس جا ڪجهه دِرشيه. ڪجهه قدرتي نظارا. وايو منڊل ۾ ڦهليل "اوم" جي ڌوني. جوڳي پنهنجين جدا جدا يوگ-ڪريائن ۽ ساڌنائن ۾ لڳا پيا آهن. ڪمل ناٿ پدماسن لڳائي ويٺو آهي ۽ پراڻايام ڪري رهيو آهي. نظر نڪ جي چوٽيءَ جي سڌ ۾ اٿس. پر ڪريءَ جو چنچل من لڳي ڪونه رهيو آهي. هو ذري ذري اکين کي کڙو ڪري ان طرف نهاري ٿو جتي مهايوگي پرونتناٿ ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن.

پرونتناٿ ۽ شاهه لطيف به پدماسن ۾ ئي ويٺا آهن پر هو ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن. ڪمل ناٿ پنهنجيءَ جڳهه تان اٿي هنن جي پرسان پدماسن ۾ ئي ويهي ٿو. پرونتناٿ چاهي شاهه لطيف هن ڏانهن بلڪل ڌيان ڪونه ٿا ڏين.)

شاهه لطيف: گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاڻان هو حجاب،
واڄٽ وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ره صواب، آئون گهٽو ٿي گهوريان.

ڪمل ناٿ: (مذاق ڪندي) هاهه! هاهه! لطيف-ناٿ! سنڌيا
جي سمي يوگ-ڪريائن ۾ هي سهڻيءَ جو گهڙو
ڪٿان گهڙي آيو؟ آس-پاس ڪائي لنگهندي
ڏٺءِ ڇا؟

(پرونتناٿ ڪجهه تکين نظرن سان ڪمل ناٿ ڏانهن نهاري ٿو. ڪمل ناٿ هڪدم چپ ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف پنهنجن ئي خيالن ۾ محو آهي.)

"پارن" نديءَ جي پاٽيءَ تي
آهي. ان ڪري ان طرف
ويندا آهن ته:

وسي جي وٽڪار،
نه سرهي ٿئي سار ڏياڙي!

ڪهڙ جبل جي وٽڪار پوڻ
۾ وسڪارا پوندا تہ سار
مڪان جون گهرڙياٽيون
سرهيون ٿينديون.

سار مڪان جي آسودگيءَ جا
ڪجهه درشيه...

شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
جبل جهاڳيندو. پهاڙن تان
پند ڪندو، اڻانگن پيچرن
کي پار ڪندو، خوف ۽
خطرن کان بيپرواهه، اڃي
تس-بکايل هئو.

جوڳين جو قافلو ۽ شاهه لطيف
اڻانگن راهن تان اڳتي وڌندا
ٿا وڃن.

❋

لس بيلو / ٻاهر / سنڌيا

(ڪئميرا ڪلوز مهايوگي پرولناٿ جي چهري تي. هو ڌيان ۾ مگن لڳي رهيو آهي. ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ سان اسان ڏسون ٿا ته پرولناٿ ۽ ٻيا جوڳي دست-چمت ٿي گايتري منتر جو جاپ ڪري رهيا آهن. شاهه لطيف به هنن سان گڏ آهي، پرولناٿ جي پاسي ۾ ويٺو آهي ۽ ڌيان ۾ مگن آهي.)

ڪمل ناٿ : گرديو، توهان بلڪل ٺيڪ چئي رهيا آهيو. ڀڳت جنهن ڪبير جو توهان اُداهرڻ ڏنو آهي انهيءَ ڪبير ني ڪيترن هنڌ آتمڪ گيان جون ڳالهيون رکن ۽ سکن شبدن ۾ ڪيون آهن. شبد-ناد جو ورڻن ڪندي چيو اٿائين:

سبدهن تالا، سبدهن ڪونجي، سبدهن سبد سمايا!
سبدهن سبد سي پرچا پيو، سبدهن سبد سمايا !!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف چپ آهن.)

ڪمل ناٿ : ڪبير ناد-بندو جو ورڻن به تمام رکي-سکي ڀاشا ۾ ڪيو آهي :

अव्यक्त नादैं बिन्दु गगन गाजैं
सब्द अनहद बोले।
अतरि गति नहि देखैं नेड़ा।
ढूंढत बन बन डोले ॥

شاهه لطيف : سوامي جي، ناد ته سمجهيم پر بندو ڇا هي؟ ناد-بندو جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي.

پروتناٿ : ناد-بندو جو پاڻ ۾ اهوئي سمبنڌ آهي جيڪو آتما ۽ پرماتما جو آهي، جيڪو جيو ۽ برهم جو آهي، جيڪو انسان ۽ الله جو آهي.

شاهه لطيف : سو ڪيئن سوامي جي؟

(ڪمل ناٿ منهن لڪائي مرڪي ٿو. شاهه لطيف جو ڌيان ان طرف ڪونه ٿو وڃي پر پروتناٿ ڏسي ٿو وٺي، ڏسي ڪري به هو ڪمل ناٿ جي حرڪت کي نظرانداز ڪري ٿو ڇڏي.)

پروتناٿ : پٽ لطيف، هڪ دفعو وري اسان توکي ناد-بندو جو ارٿ سولي نموني سمجهايون ٿا. اسان جوڳي ناد-بندو شبدن جو پريوگ انيڪ ارٿن ۾ ڪندا آهيون. عام طور ناد جو ارٿ آهي سوکيم شبد

پروتڏات : ڪوي لطيف جو سهڻيءَ جي گهڙي سان ڪوئي
مطلب ئي ڪو نه آهي. ڪويءَ ٻنهجي ٻلڪ سان
انهد ناد جو ورڻن ڪيو آهي... اها ست وري ته
چئبو، ڀٽ لطيف، رباب واري...

شاه لطيف : واحد وڃي وجود ۾،
رهيو روح رباب...

پروتڏات : ڪمل ڀٽ، اها ست فقط ٻڌل-ٻڌايل ڳالهين جو
دهراءُ ڪو نه آهي. اندر جي آنڌهه جي تصوير
آهي... سادڪ جي سچي سادنا جي سڳنڌ آهي. ان
ست ۾... بيجان شبد نه آهن اهي، اهو ته هڪ
جاندار ۽ جاڳرت منتر آهي. سچي هستي لئي ٻرهم
ئي وتي آهي ۽ سچي هستيءَ مان ئي انهد-ناد
گونجي رهيو آهي...
ڀٽ ڪمل، سڀني سنتن مهاتمائن ۽ ڀڳتن ڪونه
اهو ئي طريقو اپنايو آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو
رستو آهي ئي ڪو نه. ڪوتا ۾ ڳالهه چوڻي آهي
ته رس ڀرڻ ئي هوندو، مڌرتا آڻڻي ئي هوندي ۽
سنگيت ڀريا ٻول چوڻا ئي هوندا. ڪبير جو هي
دوهو ضرور ٻڌو هوندو:

لکڻا ڪي ڪر ڪولري، ٻتلي ٻلنگ ٻچاءِ!
ٻلڪون ڪي چڪ ڊالڪي، ٻيه ڪو ليا رجهاءِ!!

ڪوي مهراج، ڇا توهان ان دوهي کي شرنگار رس
۾ ليکيندئون؟ ڀڳتي اتم ۾ ٻرهم جي ساگر ۾ لئي وڃي
سمائجندي آهي. ڀڳت ڪوي ٻاڻي کي استري
ٻڻائي ٿا ٻيءَ ڪٿهن لانڪا جو سهارو وٺي، ڪوئي
فرق ڪو نه ٿو ٿئي.

ڪمل ناٿ : ڪبير جهڙو المست، نڊر، ڦڪڙ، اکڙ، صاف-گو
۽ همٿ ڀريو شايد ئي ٻيو ڪو ڀڳت ٿيو هجي،
هڪ هنڌ چئي ڏنائين :

बिन्दु राम जो तरये पाई ।

दूसरे क्यों न परम गति पाई ॥

ويدن جي رکشا ڪرڻ ۽ ڌرمجڳه پالڻ سان ئي
جي سنسار جي ساگر مان پار پوڻ ممڪن هجي ته
پوءِ جهڪر سڀ ڪدڙا ۽ هيڻڙا پرم-پد نه پائي
وڃن!

(شاه لطيف جي چهري تي به هلڪي مرڪ نمودار ٿئي ٿي.
صاف ظاهر آهي ته ڪبير جي صاف-گوئي ۽ دليل جي پختگيءَ
کيس ڏاڍو متاثر ڪيو آهي.)

پروتناٿ : جوڳ جو مقصد فقط اهو آهي ته اڌياتمڪ انڀوتيءَ
کان سواءِ، روحاني احساس کان سواءِ ڪاڻي به سادنا
ڪم اچڻ واري ناهي. اندر ۾ اگني نه هوندي ته
ڪجهه به پچڻ وارو ناهي.

شاه لطيف : لا تقنطوا من رحمة الله ... ڌڻيءَ جي مهر مان اميد
نه لاهيو.

پروتناٿ : اهو به سچ آهي. پرماتما جي سامهون ته سڀ هلي
هيلو ۽ نه حجت. وٽس ته پن پوڙي چڙهي ۽ وٽس
ته پٿر به تاري ڇڏي!

(ڪجهه وقت يوڳين جو قافلو ۽ شاه لطيف چپ چاپ اڳتي وڌندا
ٿا رهن.)

شاه لطيف : سڀ جوڳي ائين ئي هوندا آهن جهڙين توهان
آهيو؟ پيوست، ماڻون، ڪن ۾ ڪنڊل...

پروتناٿ : اسان يوڳين ۽ اوڌوتن جو سروپ اهڙو ئي هوندو

جيڪو ڌيري ڌيري اسٿول روپ ۾ بدلجندو ٿو وڃي ۽ آنند ۾ سرشٽيءَ جي رچنا جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ناد جو ارٿ انهد ناد به آهي. ان کان سواءِ ناد برهم ۽ پرماتما جي ارٿ ۾ به ڪم ايندو آهي. بندو شبد جو ارٿ آهي ويرج. ان شبد جو پريوگ اسان جوڳي برهمچريه ساڌنا جي ارٿ ۾ ڪندا آهيون. پر بندو شبد سان جيو آتما يعني منش يا پراڻيءَ جو به ارٿ نڪري ٿو -

اسان جي ڀڳوان مها پرڀو گورکناٿ نه ناد - بندو ساڌنا کي ئي رڌيون-سڌيون پراپت ڪرڻ جو هڪ ئي پڪو رستو مڃيو آهي. ڀڳوان گورکناٿ پنهنجيءَ واڻيءَ ۾ صاف صاف شبدن ۾ گهوشڻا ڪئي آهي ته:

नाद बिन्द है फीका सिला
जिहि साध्या ते सिधैं मिला ॥

اسان ناٿ-پنٿي جڏهن ناد ۽ بندوءَ جي سمائجڻ جي ڳالهه ڪندا آهيون ته صاف ارٿ هوندو آهي پرماتما ۾ جيو آتما جو لِيه ٿي وڃڻ، لين ٿي وڃڻ.. اڙي او شيطان ڪملناٿ، تون لڪي لڪي مرڪين ڇا ٿي پيو؟

ڪملناٿ: گرديو، مان اهو سوچي مرڪي رهيو هوس ته توهان بندوءَ جي وياکيا ضرور ڪندؤ پر ”ڪسري“ وارو حصو اڏائي ڇڏيندؤ...

(ان تي پروتناٿ کان هلڪي کل اڪري ٿي وڃي. شاهه لطيف عجب ڀريل نظرن سان پنهنجي ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ: هاڻي پڙهاءِ لطيفي کي، جيڪا شيطاني انهيءَ دماغ ۾ ۽ دل ۾...

يوگي آهيون.
اسان ڪنگريءَ جي بدران هرڻ جي سڱن مان ٺهيل
هي واڄو رکندا آهيون. توکي ته ڄاڻ آهي سنگي
واڄو ڪيئن وڄائبو آهي؟...

(اوچتو سنگي جي وڄڻ جو آواز ٿو اچي. پروتناٿ ۽ شاه لطيف پٺ ورائي ڏسن ٿا ته ڪمل ناٿ هٿن جي ٻنهان ٿنيان اچي رهيو آهي ۽ سنگي وڄائي رهيو آهي.)

پروتناٿ : ۽ هيءَ اٿيئي مهڪلا...

(پروتناٿ ڪمر پر ٻڌل هڪ خاص قسم جي رسيءَ کي ڇهي ٿو.)

پروتناٿ : هيءُ آهي گهنگهاري چڪر...

(پروتناٿ شاه لطيف کي گهنگهاري چڪر ڏيکاري ٿو. لوه جي شڪن کي ٿمڙو مڙو ڪري هڪ قسم جو چڪر ٺاهيو ويو آهي. ان جي وچ ۾ هڪ سوراخ ڪيل آهي. ان سوراخ ۾ ڪوڏي پيئي آهي.)

پروتناٿ : اسان منتر پڙهي ڦوڪ سان هيءَ ڪوڏي ٻاهر
ڪيندا آهيون. ان کي ئي گهنگهاري گورکنڌنڌو
به چيو ويندو آهي...

شاه لطيف: ڇا توهان جو انهن سڀني ٻاهرين ڳالهين ۽ نشانين
۾ وشواس آهي؟

پروتناٿ : خاص ڪ... انڪري مان پنهنجن يوگين کي سمجهائيندو
رهندو آهيان ته چڪر پلي ڌارڻ ڪرڻ پر منتر
پڙهي، ڦوڪون ڏيئي ڪوڏي پيا ڏاڍو ڪيڻ
جي ڪائي ضرورت ڪونه آهي...

(شاه لطيف سوالي نظرن سان پروتناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ : منتر جون شڪتيون ۽ آڌيانمڪ شڪتيون
ڪوڏيءَ جي ڪم ٿي نه وهائڻ گهرجن. اسان

آهي جهڙو ڏسڻ ۾ ٿو. هن تي ٻوٽ ته هوندي ئي آهي ۽ ٻيو سدائين لنگا ئي رهندا آهن. اسان کي ڪن-ڦٽا جوڳي به چوندا آهن جو ته اسان پنهنجا ڪن ڦاڙائي ڪنڊل پائيندا آهيون.

شاهه لطيف: سوامي جي، جي ائين نه لڳو ته توهان ٻڌائيندا ته ان مان ڇا ٿيندو؟ ڪهڙو ٻيو فائدو ٿيندو آخر ڪن ڦاڙائي ڪنڊل پائڻ مان؟

پروتناٿ: پٽ لطيف، هن شرط جي رچنا عجيب آهي. ڪهڙي انگ تي ڇا ڪرڻ سان ڇا نتيجو نڪرندو يا شرط جي ڪرياڻ تي ڪهڙو اثر پوندو ان جو ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏيڻ ممڪن ناهي...... پر ايترو اسان توکي ٻڌائي ٿا سگهون ته ان ڳالهه جي شروعات مهايوگي متسيندر ناٿ ۽ مهايوگي گورکناٿ ڪئي آهي. اسان يوگين لاءِ ڪجهه ٻيون نشانيون ڌارڻ ڪرڻ به ضروري هوندو آهي. مثال طور اسان ڪنگري، ميکلا، سنگي، گهنگهاري، رودراڪش، آڌاري، گودڙي، کپر ۽ جهولو ضرور ڌارڻ ڪندا آهيون.

(شاهه لطيف پروتناٿ جي شرط تي ڌارڻ ڪيل نشانين ڏانهن نهاري ٿو. سندس نظر پروتناٿ جي ڦاٽل ڪن ۽ ان ۾ پيل ڪنڊل تي ٽڪجي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: ڪنڊل ته ڏسڻ ۾ پيو ٿو. ڏس، سڀئي يوگين جا ڪن ڦاٽل آهن. اسان مان ڪنهن وٽ ته ڪنگري ڪول آهي. ڪنگري هڪ قسم جو واڄو آهي ۽ اهو فقط ڀرتريءَ جا پوئلڳ ئي پاڻ سان رکندا آهن ۽ وڄائيندا آهن. اسان گورکنائي ناٿ پنٿي

شاهه لطيف: ڀلا ڪني تر پيند ته توهان جي سنگ ۾ مون اهو لڳايو آهي.

پروتفات: اهي سڀ نشانيون اسان ماڻهن کي ان لاءِ ڏيکاريون ٿيون ڄاڻ ڪرڻ ٿيون ٿون جيئن اسان کي سدائين ياد رهي ته هن سنسار جو اصلوڪو روپ ڇا آهي ۽ اسان جي جيون جو ۽ جڳ وقت جو اندازو ڪهڙو آهي. اسان ماڻهن لاءِ سؤ سال به ڏهن پلن جي برابر آهن.

شاهه لطيف: سؤ سال ڏهن پلن جي برابر ڪيئن ٿا ٿي سگهن سوامي جي؟ آخر به سؤ سال سؤ سال آهن ۽ ڏهه پل ڏهه پل.

پروتفات: ڌيان سان ٻڌجانءِ پٽ لطيف - بلڪل ڌيان سان...

(قافلو اڳتي وڌي رهيو آهي، ڪجهه دير سڀ چپ چاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن. ڪمل ناٿ شاهه لطيف سان گڏو گڏ هلي رهيو آهي.)

پروتفات: پٽ لطيف، ڪڏهن ماڻهو سپنو ڏسي رهيو هو — تمام عجيب ۽ سلسليوار سپنو ڏسي رهيو هو. اسان کي اڪثر سلسليوار سپنا ڪونه ايندا آهن. پر هو ماڻهو سپني ۾ هڪ پوري ڪهاڻي ڏسي رهيو هو. سڀ کان اول هن پاڻ کي هڪ ننڍڙي ٻالڪ جي روپ ۾ ڏٺو. پل ٿي نه گذريو ته هن ڏٺو ته هو هڪ ٺاهوڪو نوجوان آهي سپني ۾ ئي شادي ڪري ٿو، پتنيءَ کي ماڻي ٿو ۽ ٻارن جو پتا ٿئي ٿو. پل مس ٿا گذرن ته هو ڏسي ٿو ته هن جو هڪ پٽ جوان ٿي ويو آهي ۽ شادي به ڪئي اٿائين. نه فقط ايترو پر پنهنجي پٽ کي پتا جي روپ ۾ به ڏسي ٿو- پنهنجو پاڻ هاڻي ڏاڏو ٿي ويو- پوڙهو، وڏي عمر وارو ڏاڏو! لطيف! ڌيان ڏجي. سنسار

ٻوڳي چاهيون ٿا پنهنجن سڌن جي آڌار تي لنڊيءَ
کي اُڀين پار ڪري سگهون ٿا ڇو ته ڌرتيءَ تي
هلي رهيا آهيون. پر ان مان اسان کي ملندو ڇا؟
۽ ان مان اسان وڃايو سين ڪهڙو؟ سمجهيءَ پٽ
لطيف؟ جڏهن ٻيڙي اسان کي ندي پار ڪرائڻ لاءِ
ڪناري تي ڪي اٿي آهي ته مٽون جون
شڪيون ۽ آڌ ياتمڪ شڪتيون ڇو وڃايون.
سڌن کي اُتي ڪم آڻجي جتي ٻيا سڀ رستا بند
ٿي ويا هجن.

(شاه لطيف جي ڇوري تي اهڙا ڀاوَ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن اها ڳالهه نه فقط هنگي وڌي آهي پر هنجي سپاءُ سان ٿڪي به آئي آهي. يوگين جو قافلو هلندو ٿو رهي.)

پرو ٽنات: هيءَ روڊراڪش جي مالا آهي. روڊر ارٿات شو-شنڪر ۽ اڪش ارٿات اک. هيءَ نشان ڏسي ان کي ٽي اک چئبو آهي. جنهن داڻي ۾ هڪ اک هجي اهو مهاشڪتيشالي ٿيندو آهي. لطيف، اسان جي هن سڄيءَ مالا ۾ ايڪ-اڪشي روڊراڪش جا داڻا پويل آهن. ڪنهن ڏينهن روڊراڪش جي مهما ٻڌائيندا سون. لوڻ ڪلهما نه ڪري سگهندين ته هن داڻن مان اسان جي شرير کي ڪيتري ٿي شڪتي ملي ٿي ۽ من، چت ۽ ٻڌيءَ ۾ ڪيترو ٿو سنتولن رهي. اسان جو هي ڳيرو رنگ جو لبو چولو الڪي، گودڙي ۽ ڏنڊو ته سدائين ٻانڊ سان ڪٽيندا ٿي آهيون. جهاڙ-ڦوڪ جي جهاڙ-ڦوڪ ۽ رکيا جي رکيا. اسان هنن ۾ ڪهڙ نه سدائين ڪٽيندا آهيون ۽ ...

آهن ڏاڍو سهاڻو. سچ ته دان ۾ ڏٺا سؤ گهوڙا،
ته سؤ سلامن ۾ ئي ڪم پورو ڪري ڇڏيو! پڪو
ڪري آهن- شبدن جو جادوگر ۽ ڪلپنائن جو
ڪاريگر...

پروقنات: بس، وڌيڪ نه ڇنڊيو... بلڪل نه. لطيفو فقط
شبدن جو شهر ناهي، ڪرم- ويرُ به آهي. ڪجهه
عرصو ترس، ڏهه ٽي ڏسائون هن جي ڀرڪاش
سان اجهون ٽي ويندا يون- اجهون!

(شاه لطيف خيال ۾ گم، جوڳين جي قافلي سان گڏ اڳتي
وڌندو ٿو وڃي.)

✻

لس - ٻيلو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاه لطيف جي چهري تي.
ڪئميرا جي پل اسٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو هڪ
گهاٽي وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو آهي ۽ ڪجهه سوچي
رهيو آهي.)

شاه لطيف: چارڻ لڳو، پند گهڻو، ڪي چوٽائي ڇنيج،
هت ڪي هلائيج، آئي آئون نه اچڻو.
آئي آئون نه اچڻو، هت ڪي هلائيج...

(شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز- اپ. خيال ۾ ٻڏل نظرون)

✻

۾ هڪ ماڻهوءَ کي ڏاڍو اُٺ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ
پنجاهه کن سالن جي عمر گهرجي. جيتوڻيڪ پنجاهه سالن
جو ڏاڍو به ڪي قدر جوان ٿي اڀرندو. پر سپني
۾ هڪ انسان ڏهن-ويهن ڏينهن ۾، ڪجهه گهڙين ۾
ڏاڍو به ٿي ٿو وڃي!
پنجاهه سالن جو اٺوڻو، سپني ۾، ڪجهه گهڙين ۾
ملي ويو سپني ڏسندڙ کي!
لطيف! هن درشٽانت جي گهرائيءَ ۾ وڃ. جاڳرت
اوستا جا پنجاهه سال سپن-اوستا جي ٻن گهڙين جي
برابر آهن!
اسان ٻوڪي اهو ٿي سمجهندا آهيون ته سو سالن جو
جيون ٻن گهڙين جو سپنو ٿي ته آهي!
ان ڪري، لطيف! هي سڄو سنسار، هن سنسار جا
سڀ ٿي الوڙ ٻن گهڙين کان وڌيڪ قيمت ۽ اهميت
رکن ٿي ڪو نه ٿا- سو به سپني جون ٻه گهڙيون!

ڪمل ناٿ: لطيف، هن سپني جي سنسار ۾ مهاداني ”سڄڻ“
جهان کي سمڪارن ڪري وڃڻ گهرجن... چوندا
آهن ته هن لس-ٻيلي جو هڪ حاڪم ٿي گذريو
آهي سڄڻ. هن جي سخاوت، اداريا ۽ دان-پنج
جون ڪيئي ڪهاڻيون مشهور آهن. هڪ دفعي هڪ
مڱڻي چارڻ کي هڪ سؤ تازي گهوڙا دان ۾ ڏنائي
ڇڏيائين... وري چارڻ به ڪهڙو؟ جيڪو نه ڳائي
جاڻي نه وڄائي جاڻي!...

شاهه لطيف: سڄڻ سردار، لس-ٻيلي جي جام کي لطيف جا
سوين سلام!

ڪمل ناٿ: ادا لطيف، ڪجهه سلام اسان لاءِ به بچائي رکو... ۽

چمت جي صفي ۾ گسان جي اٽين جهڙا پٿر جا ڳوڙها هجن- جن مان ڪن جي ڌارا وهندي هجي، ٽغاري جهڙي شڪل جهڙو پٿر هجي، پينگهو ۽ جهولو ٽنگي سگهجي جهڙا پٿر هجن ۽ نوڪا جهڙو پٿر هجي، اهو استان فقط ”گوڪل“ جي نالي سان ئي سڏجي سگهي ٿو- ۽ ”گوڪل“ نالو ئي ان جڳهه کي خاص قسم جي دلڪش معنيٰ عطا ڪري سگهي ٿو.

جنهن انسان کي پرماتما ذرا ۽ ڪلپنا شڪتي ڏني هوندي ۽ جنهن ڀارت جي پراچين اتهاس جو ٿورو ۽ اڌيين ڪيو هوندو ان جي منهن مان هي استان ڏسندي ئي اچانڪ نڪري ويندو: آها! هي ته جسودا-نندن شري ڪرشڻ ڀڳوان جي گوڪل پوري آهي!

(پنج سمڪنڌ شانتي)

ڳائون، ڪنڀ، جهولا... ڪرشڻ ڪنهئي ڪانسواءِ آهي ڪوئي ٻيو دنيا ۾ ماکڻ-چور ۽ راس-رچيا؟

شاهه بلاول جي درگاهه ۽ لاهوت جو درمياني رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاهه بلاول جي درگاهه جي هڪ خدمتگار تي. ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هن جو لباس فقط ڪاري ڪفني آهي ۽ پير اگهاڙا اٿس. شاهه لطيف هن سان گڏو گڏ هلي رهيو آهي، پروتمانت ۽ جوڳي هن جي پٺيان پٺيان اچي رهيا آهن. پروتمانت، جوڳين چاهي شاهه لطيف کي ساڳيو ئي گهرو رنگ جو پهراڻ اوڍيل آهي.)

خدمتگار: شاهه صاحب، توهان سيد آهيو، مومن آهيو،

سوتر ذار (فقط آواز)

شاه لطيف جي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي ته هڪ دفعي هن لاهوت ڏانهن وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو هو ته ان تي سندس پيءُ شاه حبيب روڪيو هوس ۽ چيو هئائينس ته لاهوت وڃڻ يعني مصيبتن ۽ آفتن کي ليڪ ڏيڻ جيو ته الهيءَ پاسي جتن، ڀوتن، نانگن ۽ بلائون آهن. سڄو رستو خطرن سان ڀريو پيو آهي.

انهيءَ تي شاه لطيف پنهنجي پيءُ کي جواب ڏنو:

ابا مهان!

لکو جن جهان ۾، لکو سڄي نانگ......

شاه لطيف جاکوڙن تي هريل هو ۽ مشڪلاتن کان ڀڄڻ وارو ڪونه هو. پر جنهن وقت هو لاهوت طرف، جوڳين جي قافلي سان گڏ وڃي رهيو هو ته کيس به محسوس ٿيو ته سندس پيءُ ڪو وڏاءُ ڪونه ڪيو هو. هن اٽڪلي پاسي، واٽ تي جيڪي خوف ۽ خطرا آهن تن جو ذڪر شاه لطيف به ڪيو آهي:

چيتا چور چڙهن ۾، اڙ ۾ بلائون...

اڙ ۾ بلائون به آهن ۽ ڀٽ جبل پاسي چيتا به جام آهن.

باقي رهيا جن ۽ ڀوت...

چون سڀ ڏاه، ڏٺا ڪنهن ڪوله آهن...

هڪ ٻي ڳالهه، ٻلڪ مکيه ڳالهه...

ڀٽ جبل ۾ واهڻ آهن جن تي انب، انجير، ڏاڙهون، ڪموڙا ۽ نارنگيون ٿين ٿيون. هن جابلو ملڪ ۾ هيءَ باغات سچ پچ هڪ قسم جو معجزو آهي. پر اهو چمتڪار ڪو اڄ جو ڪونه آهي بلڪ ان وقت کان وٺي وجود ۾ آهي جنهن وقت لاهوت کي چوندا ئي ها "گوڪل". ڳائڻ جو ٻولڻ استان: گوڪل! جنهن جڳهه تي ميون سان ڀرپور وڻڪار هجي، باغات هجي،

جبل جو صفو لاهوت / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز لاهوت صفي جي چوٽي ۾ قدرتي نموني ٺهيل گانءِ جي ٿڻن جهڙن پٿر جي ڳوڙهن تي. انهن پٿرائين ٿڻن مان پاڻي ڦڙو ڦڙو ڪري هيٺ ڳڙي رهيو آهي.

ڪئميرا جي پل ٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته صفي ۾ پروتلائف، جوڳي، شاهه لطيف ۽ خادم بيٺا آهن سڀني کي ڪاري رنگ جي ڪفني اوڍيل آهي. خادم لاهوت جو اتهاس بيان ڪري رهيو آهي.)

خادم : جڏهن شاهه بلاول سائين هتي قدم مبارڪ ڌريا، ان وقت هي جبل، هي زمين ۽ هي باغات گوڪل نالي هڪ ديو جي قبضي ۾ ها. گوڪل ديو هن ملڪ جو حاڪم هو ۽ سوا لک ديو هن جي زيردست ها.

سائين شاهه بلاول صاحب هتي اچي چلا ڪيا ۽ پنهنجيءَ عبادت جي زور تي گوڪل ۽ سندس تابعدار ديون کي هتان ڀڄائي ڪڍيو. سائين شاهه بلاول صاحب اولياءَ ها ۽ سائين قلندر لعل شهباز جا همعصر ها. شاهه بلاول سائينءَ جي درگاهه هب جبل جو حقيقي سينگار آهي. هر سال رمضان مهيني جي نائين تاريخ درگاهه ۾ عرس لڳندو آهي، جيڪو سالده ٽي ڏينهن هلندو آهي...

عرس ۾ اڪثر مومن ئي شامل ٿيندا آهن...

(اوچتو درگاهه جو خادم خاموش ٿي ٿو وڃي. هو محسوس ٿو ڪري ته، شاهه لطيف ۽ جوڳين جو ڌيان هن جي ڳالهين ڏانهن گهٽ آهي. هو سڀ گانءِ جي ٿڻن جهڙي شڪل وارن پٿرن جي ڳوڙهن ڏانهن نهاري رهيا آهن، جن مان ٽمپو ٽمپو ڪري

روزي نماز جا پابند آهيو، تهان لاءِ "لاهوت" جي زيارت معنائي نه رکي ٿي ۽ توهان ان جا حقدار به آهيو... پر هي جوڳي...

شاهه لطيف: ادا، جي مون مومن هوندي به هنگلاج ۽ ماتا جي قدمن ۾ سر جهڪايو ۽ ماتا جو درشن ڪري اتاهه آنند ۽ مستي حاصل ڪئي ته ڪهڙو سبب آهي جو هي جوڳي "لاهوت" جي زيارت نٿا ڪري سگهن؟

خدمتگار: جوڳي "لاهوت" جي زيارت ڪن، ان ۾ ڪوئي هرج ڪونه آهي... رنڊڪ پيدا ڪري ٿو هي جوڳيا لباس - اهو گيرو رنگ..

پروتناٿ: (وچ ۾ ٽپي خدمتگار کي ڪٽي) بس لطيف! اسان سڀ جوڳي ڪاري ڪفني اوڍڻ لاءِ بلڪل تيار آهيون. اسان جوڳين جون پيون به جيڪي نشانيون ڪانئي اڙچڻ يا رنڊڪ پيدا ڪنديون، اسان ڪجهه وقت لاءِ انهن کي تياڳڻ لاءِ به تيار آهيون... پر هن بيابان ۾ اهڙيون ڪفنيون اينديون ڪٿان؟

خدمتگار: ان جو فڪر توهان نه ڪريو - اهو ذمو هن خادم جو...

ڪمل ناٿ: نه مهان، ڪاري ڪفني پائي لاهوت جو ديدار ڪرڻ جو ذمو اسان پنهنجو...

(سڀني کان هلڪي کل نڪري ٿي وڃي.)

خدمتگار: توهان مهرباني ڪري اتي ئي ترسو، مان اجهو ٿو ڪفنين جو بندوبست ڪري اچان...

(خدمتگار واپس وڃڻ لاءِ مڙي ٿو. پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ جوڳي اتي ئي ويهي ٿا رهن. خدمتگار تيز تيز قدمن سان شاهه بلاول جي درگاهه طرف وڃي رهيو آهي.) ✻

لاهوت واري صفي جي ٻاهران / ڏيکھن

(پروهت، يوگي ۽ شاھ لطيف خادم سان گڏ لاهوت واري صفي کان ٻاهر نڪري رهيا آهن. ڪجھ اڳي قدم هلڻ کان پوءِ پروهت ۽ شاھ لطيف سڀني جي اڳيان ٿي ٿا وڃن. باقي سڀ هنن جي پٺيان پٺيان اچي رهيا آهن. خادم سڀني جي پٺيان پٺيان هلي رهيو آهي.)

شاھ لطيف : سوامي جي، مان ڏن ٿي وٺس گوڪل جو درشن
ڪري، اکيون ٺري پوون گوڪل جي ڪلپنا* جو
ديدار ڪري!
ٿڌڙا چالھيا لـه چالھي،
جھڙو ٻسڻ پرينءَ جو!

پروهت : لطيف، هي گوڪل ناهي، گوڪل لاهوت ٿي ويو-
وجود ٿي وڃائي ويٺو...

شاھ لطيف : سوامي جي، خند و نه ڪريو- سڀ ٿيو سمجهان-
اهڙو اڻوجھ ناهيان...

(پروهت مرڪي ٿو.)

شاھ لطيف : سوامي جي، هيءَ سنڌ ناهي، بلوچستان جي سرزمين
آهي. هتان جا مڪاني ماڻهو "گوڪل" نالو ڪيئن
ٿي برداشت ڪري سگهيا؟ سو "گوڪل" لفظ
مسارڻ لاءِ هنن افواهه ڦهلايا ويا ته گوڪل هڪ
پيغمبر جن-پوٽ جو نالو آهي ۽ جيڪو ان لفظ
کي اچاريندو ان جو خير ناهي. گوڪل جن اچي
پرگٽ ٿيندو ۽ نالو وٺندڙ کي کائي ويندو... ان
طرح لاهوت وجود ۾ آيو.

(ڪجھ دير پوءِ چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاھ لطيف : گوڪل جي درشن کان پوءِ هنگلا ماتا جا بار بار

ٻاٽي سمي رهيو آهي.)

خادم : چوندا آهن ائين انهن ڏٺن مان ڪير وهندو هو-
هاڻي ته اس ٻاٽيءَ جا ڦڙا ٽي ڳڙندا ٿا نظر اچن...

شاهه لطيف : توهان انهن مان ڪير وهندو ڏٺو هو؟

خادم : نه ابا، اسان فقط ٻڌو آهي ته ائين ڪير وهندو هو...

شاهه لطيف : شايد انهن ڏينهن ۾ جڏهن هن استان کي "گوڪل"
ڪري سڏيندا ها...

(خادم ڪجهه تڪڻ لڳن سان شاهه لطيف طرف نهاري ٿو.
ڪملائت جي ڇهري تي مرڪ نمودار ٿئي ٿي ۽ هو منهن ڪٽي
ٿو ڦيري ڇڏي.)

خادم : هو ڏسو نغاريءَ جي شڪل جهڙو پٿر - اها آهي
ٻيبي فاطما جي ڏوڙي! ٻيبي فاطما سڳوريءَ الهيءَ
ڏوڙيءَ تي ماني پچائي هئي...

(ڏوڙيءَ جو ڪلوز - اپ.)

خادم : ... ۽ هن پٿرن ۾ ٻڏڪهو ڏڪي، ٻيبي فاطما
سڳوريءَ امامن کي ٻڏڪهي ۾ لوڏيو هو.........

عجب نه ڪاڻو. حضرت محمد ﷺ هتي آيا ها.
حضور جن هتي هڪ پٿر مان ڪشتي ٺٺدا ڪئي
هئي- اها ڪشتي اجا تائين هتي موجود آهي-
لاهوت کي معمولي جڳهه نه سمجهو سائين! هيءَ
مڪي شريف جو دروازو آهي- خاص دروازو ...

ماحول ڪرشڻ - مَيه، راس - مَيه، آنند - مَيه ۽ نرتيه - مَيه لڳي رهيو آهي.

ٻروتناٿ جوڳين جي اڳواڻي ۾ شاهه لطيف سوڍو دوارڪاناٿ مندر ۾ داخل ٿي رهيو آهي. سوترڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو) :

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
دوارڪا جو تيرٿ سڀني ڀارت جي مکيه تيرٿن مان هڪ آهي. هي آهي دوارڪاناٿ جو وڏو مندر. نهايت اوچو. وچ واري ڀاڱي ۾ ست ٿنڀا.	ٻروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.
هن استان کي گومتي دوارڪا چوندا آهن.	گومتي دوارڪا جو درشن. جوڳين جا ڪجهه شاٽس.
گومتي دوارڪا جي ڀرسان آهي مُول دوارڪا. مهاڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ ٻوڙي ويو هو. ان جي ٻوڙي اڇل ڀاڱي کي مُول دوارڪا چون ٿا...... ۽ هيءَ آهي رڻ - ڇوڙ جيءَ جو مندر.	ٻروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف مُول دوارڪا ۾ رڻ - ڇوڙ جيءَ جي مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.

(ٻروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هلندا هلندا هڪ تلاءُ وٽ اچي ٿا پهچن.)

مون کي پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي- مان ماتا ڏي
وينديس، اوس وينديس. اسان سڀ ماتا هنگلا ديويءَ
جي درشن لاءِ هلنداسين- هنگلاج هلنداسين!

(پروگرام شاهه لطيف جي پر خيال چهري ڏانهن نهاري ٿو ۽ مرڪي ڪنڌ لوڏي ٿو.)

✻

هنگلا ماتا جو ٿان / اندر / ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز هنگلا ديويءَ جي چهري تي. ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا پٽ تي ليٽيل هنگلا ديويءَ جي شرڻ تي مجاور ۽ جاتري ڪمر اوٿي رهيا آهن. شاهه صاحب ٽڪٽڪي لڳائي ماتا جي چهري ڏانهن نهاري رهيو آهي. لڳي ٿو ڄڻ ماتا جي ڪشش هن تي مقناطيسي اثر ڪيو آهي. پروگرام ۽ ٻيا جوڳي ڪجهه پريان بيٺا آهن ۽ اهو نظارو ڌيان سان ڏسي رهيا آهن.

هن وقت جوڳين چاهي شاهه لطيف جي بدن تي جوڳيا رنگ جو لمبو چولو پيو آهي ۽ جوڳين کي پهچڻ سڀئي نشانيون شرير تي ڌارڻ ڪيل آهن. شاهه لطيف جو هڪ بيت اوورلئپ ڪري ٿو. جنهن ۾ هو پاڻ سڏ - پنڌ ڪويل انسان جي حالت ۾ آئي پيو آهي ۽ ديويءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

بيت: ويئي ڏرڪي ڀونءِ، سڀئي ملن نه سهرين،
جي متي رلڻ رُنيون، ساڄن ملي تنکي...

(ڪجهه پل خاموشي)

ڏولي ڳولهي رهي آهي.)

پروتنات: ڪرشڻ جهڙو نه ڪوئي ٿيو آهي، نه ٿيندو.
ڪرشڻ جو مرتبو ۽ سنگيت ۽ نرتيه جي راس-ليلا
هو ۽ هڪ آنند ڀريو مها-اُتسوُ هو.

(جٿو اڳتي وڌي ٿو.)

پروتنات: هاڻي اسان هلنداسين پور بندر ڏانهن ...
جا حاڪم پاڻ کي ”راڻو“ چوائيندا آهن.
هو جيٺوا راجپوت آهن ۽ هنوُمان کي پنهنجو
اشٽ-ديوتا ۽ ڪل-پتا ڪري مڃيندا آهن. راڻن
جي گاديءَ جو هنڌ ”ڇايا“ نالي شهر آهي جتي
جهجهي وڻڪار آهي. ڇايا شهر کان ٿورو پريان
پور بندر آهي ...

(اڳالر هلندو ٿو رهي.)

پروتنات: چوندا آهن پور بندر اهو استان آهي جتي مهاڀارت
واري زماني ۾ ڪرشڻ جي ٻچپن جي سنگتيءَ ۽
اننيه ڀڳت سداما جو شهر ”سداما پوري“ اڏيل هو.

(جوڳي اڳتي وڌندا ٿا رهن.)

پروتنات: پور بندر جو ڪنارو ڪافي خطرناڪ آهي. تون
ان کي طوفاني ڏڙ چئي ٿو سگهين.

شاهلطيف: جهاز ضعيفن جو پاڻيءَ ۾ پرتوءَ،
سيد ساٿ سمنڊوءَ، پور بندر پهچائين!

پروتنات: پور بندر ...

(پروتنات جي اکين جو ڪلوز - اپ)

پروهت ناٿ: لطيف! هي آهي ”گوپي - تلاءُ“...
شاهه لطيف: گوپي - تلاءُ!... جنهن تلاءُ ۾ گوپيون سنان ڪنديون هيون يا جنهن تلاءُ جي اڳيان ڪرشڻ سان گڏ راس - ليلا ڪنديون هيون؟...
ڪمل ناٿ: (وچ ۾) يا جنهن تلاءُ ۾ سنان ڪندڙ گوپين جا ڪپڙا چورائي ڪرشڻ وڻ تي چڙهي ويو هو؟ ڇا اهو وڻ ڪٿي آهي؟
(هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڄڻ وڻ کي ڳولهي رهيو آهي سيئي کان گل تي لڪري وئي.)
پروهت ناٿ: ”گوپي - تلاءُ“ ۾ سنان ڪرڻ سان من ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ لاءِ اوترو ئي پريم پيدا ٿيندو جيترو گوپين جي هردي ۾ هو. لطيف! هيءُ سچو ڀاولا ۽ وشواس جو ئي ڪمل آهي. ڀاڳوت ۾ ٽڙهندين ته گوپين جي پريم ۾ صوفين واري مستي ڏسندين. ڀڳتي جي پريم ۾ ساڪار ۽ نراڪار ڪائي معنيٰ ئي ڪونه ٿو رکي. هڪ ڀڳت لاءِ پرماتما سدائين سامهون ئي آهي- ساڪار. ٻئي هن جي سامهون ڪو ئي آهي ئي ڪونه، ڀاولا ۽ ڪلپنا کان سواءِ - نراڪار.
(گوپي تلاءُ مان ٻن ئي ڪڇه چندا وجهي پروهتاڻي، جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌن ٿا. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. جيترو اڳتي وڌندو ٿو رهي. اوترو پروهتاڻ هڪ هنڌ اچي ٿو رهي.)
پروهت ناٿ: هيءُ آهي اهو استان جتي هڪ شڪاريءَ ڪرشڻ ڀڳوان کي تير هنيو هو...
(پروهتاڻ، جوڳي ۽ شاهه لطيف اُن استان کي پرڻام ڪري اُتي ئي ڌيان ۾ ويهي ٿا رهن. ماحول ۾ خاموشي ۽ چپن جي مڌر

مرڪي : ته ڇا بدناموسيءَ جي ڊپ کان هٿ تي هٿ رکي
ويهي رهون؟

ڪنگهار : ڪائي رمز ڪرڻي پوندي.

(ڪجهه دير هو سوچي ٿو.)

ڪنگهار : تون ۽ ڪونرو وڻجارڪو ويس ڪري، ديول بندر
وڃو ۽ ڪنهن حيلي حوالي سان وڃي چنيسر جي
ويجهڙائي حاصل ڪريو. پوءِ اُتان ڄاڻيو ته نياڻيءَ
جو ڪنهن هٿي وڃي هٿ ڪندو.

✻

ديول ڪوٽ ۾ گلن واريءَ جي گهر جو اڱڻ / اندر / ڏينهن

(ڪشمورا ڪاروز گلن جي نوڪريءَ تي. ڪشمورا جهڙي ڀل - ڀلڪ
ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته گلن جي نوڪري پٽ تي ويٺي
آهي ۽ ان جي ڀرسان ئي گلن واري مائي، مرڪي ۽ ڪونرو
ويٺيون آهن.)

گلن واري: ادي، مون کي پنهنجو سمجهي منهنجي اکيان اندر
ڪولهو اٿو ته مان به اندر جو ٿي ڏس ڏيندسانوَ.
ڏسجانءِ ادي، تنهنجي نياڻي جي راج-ڀاڳ نه ماڻي
ته تنهنجا ٻچا ۽ منهنجو منهن...

مرڪي : نه نه ادي، ائين ته نه چئو! ٻچا تنهنجن وارن تي!

گلن واري: ادي، تنهنجي من جي ڪامنا وڙيو ڇوڪري، هيئان
ئي پوري ٿيندي. ڇوڪرو آهي چنيسر جو ڇوڪرو،
چنيسر جي جان، چنيسر جي پرڇائي... ڇوڪري هيا
ڪنهن ته سمجهجانءِ ڪم ٿيو- هان..... هل ته
ادي مان ئي گڏ هلانءِ ڇوڪري وڙيو وٺ.

پوربندر جو ڪنارو / ٻاھر / پرڀات

(وائيڊ شاٽ. سمنڊ ڇولھون ماري رھيو آھي. پوربندر جي ڪناري تي مھاتوگي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاھ لطيف موجود آھن. اڪثر جوڳي يوگ جي ساڌنائن يا ڌيان ۾ رڌل آھن. ھرڪو پنھنجي پنھنجي منھن ڪجھه نه ڪجھه ڪري رھيو آھي.
پروتناٿ ۽ شاھ لطيف ھڪ پاسي ويٺا ھڪ ٻئي سان ڳالھائي رھيا آھن. ڪمل ناٿ ھنن جي سامھون ٿي پدم آسڻ لڳائي ويٺو آھي.)

پروتناٿ : جڳت-گرو شنڪر آچاريہ جو ھندوڌرم ڀارت جي ڌرمي اتھاس جي ھڪ اھم گھٽنا آھي. ھنجي منطقي اثر جي ڪري سمھل ۽ غافل سناتن ڌرم وري جاڳي اُٿيو ۽ ويدانت جي ادويتواد جو نغارو چئني ڏسائن ۾ وڄڻ لڳو.
ڀٽ لطيف، شنڪر آچاريہ جي تجسوي ۽ سوڀر ھستيءَ جي سامھون عياش، ولاسي ۽ ناستڪ ٻوڌ-ڌرم جا پير اُکي نه سگھيا...

(شاھ لطيف سوالي نظرن سان پروتناٿ طرف نھاري ٿو.)

پروتناٿ : ھائو ڀٽ، عجب نه ڪاءِ. ٻوڌ-ڌرم جنھنجو پايو گوتم وڌو ٿي ان لاءِ ھو جيئن سناتن ڌرم جي پاکنڊن کان عام جنتا کي ڇڪي ڌار سگھي، اھو ٿي ٻوڌ-ڌرم اڳتي ھلي خود به پاکنڊ ۽ اناچار جي جار ۾ ڦاسي ويو ۽ ننڍن-منترن جو سھارو وٺي عام جنتا کي اند-وشواس ۾ ڦاسائڻ لڳو. اڳتي ھلي سڌ-پرمپرا ۾ سھج-پالي ۽ وجر-پالي ٿيا. انھن ته اناچار جي حد ڪري ڇڏي.. اصل ھرڪو لڪو لٽاڙي ويا!

چنيسر : اسان آخري ڀيرو دهرايون ٿا ته ڀنڀراٽي ليلا جي وٺي ، پيءُ کيهن سان به ناتو نه رکنداسين اسان؛ توهان هاڻي وڃي سگهو ٿا...

☆

رستو / ٻاهر / ڏينهن

(رستي تي هڪ وڏي وڻ جي هيٺان گلن واري، مرکي ۽ ڪوڙو ويٺيون آهن. رستي تان ڪي لانگهائو اچي وڃي رهيا آهن. هنن ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان ڪونه آهي.)

گلن واري: هاڻي ڇا ڪنديونءَ اَدي ؟

(ڪوڙو ڏاڍو مايوس لڳي رهي آهي. هن جي اکين مان درد جهلڪي رهيو آهي.)

مرکي : هاڻي ته بس هڪ ئي رستو وڃي بچيو آهي...

(گلن واري ۽ ڪوڙو هن ڏانهن نهارين ٿيون.)

مرکي : ...... پٽي ليلا وٽ ٻانهيون ٿي ڪري وڃي ٻهارينديون سين. سندس سيوا ٽهل ڪنديون سين. جتي سالنٽ جا ماڻهو پوندا، اُتي ملڪون وڃائي ڇڏينديون سين. ايشور ڪندو ڪنهن ڏينهن اهڙو اوسر اوس ملندو جو چنيسر جو چت ليلا تان ڦري ويندو ۽ ڪوڙوءَ جا ڀاڳ سڀاڳا ٿيندا.

گلن واري: چنيسر کي گهٽ نه ڀانئجو، ليلا ۾ ساهه اٿس ۽ اَنڌو مت ويساهه اٿس.

مرکي : ادي، سيوا - ٽهل جهڙو جڳ ۾ نه ڪوئي جادو نه ڪوئي هٽيار.

جکري وزير جي محل جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(جکري وزير جي سامهون گلن واري هٿ جوڙيو بيٺي آهي)

گلن واري: سائين، هن آسودڙن جا بس توهان تي آسرا آهن...

(مرڪي هڪدم ڪٽي تي جکري جا پير ڇهڻ ڪونرڙ اُٺي جکري کي پيري پوڻ واري آهي ته جکرو هڪدم کٽي تان ڪونرڙ جا هٿ ٻڌي ڪري ۽ ٻاهر ڪجهه پوئتي هٽي ٿو وڃي.)

جکرو : توهان نباٽي آهيو، مون تي ڏنهن نه چاڙهه... اهو ادي، وڃ — دل نه لاهه — ڪجهه سائينءَ تي به رک.

(جکرو هاڻي پلنگ تي وڃي ٿو ويهي. مرڪي ۽ ڪونرڙ ٻاهي ۾ ٿي ٻه گديدار ڪرسين تي وڃي ٿيون. گلن واري اٿي ۾ وڃي ٿي ويهي.)

جکرو : ادي، سائينءَ تي رک، مڙئي ڀلو ٿيندو. سائين ڪندو سڀ سٺائي ٿيندي. سڀاڻي ٻارهين جي وڳي صبح سوير ٻاهر چنيسر وٽ چڙهي ويندس. اميد ته ڏيءُ، ٿورو آڪي نراس نه ڪندو، ضرور محل ۾ گهرائيندو.

چنيسر جي محل ۾ راجا جو خاص ڪمرو / اندر / صبح

چنيسر : منتري مهاشه، ٻڌائي ٿيا جي وڃي، اي ڪيهن سان ۽ ناتو نه رکنداسين اسان!

جکرو : (هٿ جوڙي) آسودڙن جي طرفان هٿ ٻڌي ورتي هڪ دفعو وڌيڪ ٿو ڪريان. ڪونرڙ تي ڪا ڪرپا جي ڪٽي وسايو... ٻاسيءَ جي آس اجهايو.

اسان مصيبت جي ماريل ابلائن تي همت رکڻ تہ
مهر ٿي هوي.

(ليلا ڪجهہ دير سوچي ٿي. ان وچ ۾ مرڪي ۽ ڪنورو اُٿي - ٽڙ پکڙيل نظرن سان هن ڏانهن نهاريندون رهن ٿيون.)

ليلا : ٺيڪ آهي، اڄ کان وٺي توهان ٻنهي ماءُ - ڌيءُ
منهنجون خاص ٻانهيون ٿيؤ... هاڻي منهنجو منهنجو
ڪم سمجهي ڇڏيو.

(مرڪي ۽ ڪنورو گڏجي ڪٽي ٿيون ليلا جا پير پڪڙن. ليلا هڪدم ڪين اُٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. ٻئي ڏاڍي ادب سان بيهي ٿيون رهن.)

ليلا : تنهنجو نالو ڪنورو آهي نہ؟... توتي ڪم ڏي
رکان راجا چنيسر جي سيج وڇائڻ جو - ۽ مرڪي،
تون منهنجي دل جي سرتاج چنيسر لاءِ پڳ اُڻنديڻ -
پڳ بہ اهڙي جهڙي ڏسي وڏن وڏن پڳن
جا سر جهڪي وڃن.

سوٽرڌار (فقط آواز) درشيہ

ڪنورو هر رات چنيسر جي
سيج سجائيندي رهي ۽ مرڪي
هر روز چنيسر لاءِ پڳ
اُڻندي رهي...

ڪنورو چنيسر جي سيج
سجائي حسرت ڀريل نظرن
سان اُن ڏانهن نهاري ٿي...
مرڪي پڳ اُڻي رهي آهي...

گلن واري: ٻڏوان ٻاهي ڪندو......

✲

چنيسر جي محل ۾ ليلا جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز ليلا جي چهري تي. ان وقت مرڪي ڳالهائي رهي آهي.)

مرڪي : سائڻ، اسان غريبڙن تي هٿ رک - پنهنجي ڪنهن هاج ۾ لڳاءِ.

(ڪئمرا جي پل ٽئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته مرڪي ۽ ڪونرو غريب عورتن جي ويس ۾ ليلا جي خاص ڪمري ۾ بيٺيون آهن. ٻنهي جا هٿ جوڙيل آهن ۽ نماڻائي ڇاهي عاجزيءَ جون تصويرون لڳي رهيون آهن. ليلا مهاراڻين جهڙي لباس ۾ شاهي ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. مرڪي جهڪي ڪري ڪٿي ٿي، ليلا جا پير اکڙي. ڪونرو اٿي ئي رهي ٿي.)

مرڪي : سائڻ، زماني جي ٺوڪري اسان کي روئي هڻي ڏر تائين آڻدو آهي. پئسو - پنجڙو، مڙئي چولڻي جو ڪجهه هو سوا آهي ۽ ويو. هاڻ ماڻها پنهنجيءَ ڪرها سان ترڪي پيٽ-راڻي ڪيو آهي، وڏا ڏان ڏنا آهن... اسان تي هٿ رک.

(ليلا مرڪيءَ کي پيرن تان اٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. مرڪي اٿي ڪونروءَ سان گڏ اٿي ٿي رهي.)

ليلا : ڪو هٿ جو ڏالو ۽ الو؟

ڪونرو : سائڻ! اما اٺمن جي ڪم ۾ ڪو ناهي ۽ رکي... مان وري گهرو ڪم ڪار ۾ ڪڙي تڙي آهيان.

درد، ڪهڙي سور توکي هيئن روئڻ لاءِ مجبور ڪيو؟

(ڪنورُ ڪجهه دير چپ رهي ٿي پر هن جي چهري ۽ اکين مان صاف ظاهر آهي ته هوءَ راز سلڻ لاءِ تيار آهي. ليلا هن ڏانهن نهاري ٿي.)

ڪنورُ : ڪو ڏينهن هو جو مان به راڻين وانگر راڄ ڪندي هيس ۽ هندورن ۾ جهولندي هيس... ساٿڻ، رات جي وقت منهنجي نو-لکي هار جا هيرا ائين چمڪندا هئا، جرڪندا هئا جو چوڻ ته اونده ۾ سوين ڏيئا ٻري پوندا هئا! سوين شمعون روشن ٿي وينديون هيون! اهي ڏينهن ياد ڪندي ۽ منهنجي اڄوڪي حالت ڏسي، تقدير جي تماشي تي روئي ڏنم.

ليلا : مون کي وشواس ڪونه ٿو اچي...

ڪنورُ : منهنجي ڳالهه جي اوچ ٿي؟

ليلا : نه، نو-لکي هار تي. اهڙو هار تو وٽ ڪيئن ٿي رهي سگهي.

ڪنورُ : ترس، ساٿڻ. ترس، هاڻي تو کي اهو هار ڏيکاريانءِ.

(ڪنورُ چوليءَ ۾ هٿ وجهي اندران هڪ ڏٻلي ڪڍي ٿي ۽ ان جو ڍڪ کولي ٿي. ڏٻليءَ جو ڍڪ کلندي ئي ڪمرو تيز پرڪاش سان ڀرجي ٿو وڃي. ڪنورُ نو-لکي هار جو هڪ هيرو ڪڍي ٿي ليلا جي هٿ تي رکي.)

ڪنورُ : ساٿڻ، هيءُ ته منهنجي نو-لکي هار جو فقط هڪ هيرو آهي. ذرا سوچ، جڏهن وقت اهڙا ڪيئن هيرا، هار ۾ پوئجي، منهنجي ڳلي جو سينگار

ان طرح ڪيترو ئي عرصو گذري، ويو پر ڪنروءَ لاءِ وصال جو وارو نه ويو...

سجايل سيج...

ڪنروءَ جون نراس اکيون...

ڪنروءَ جي دل ۾ بيقراري وڌندي رهي، نراسائيءَ جو دونهون وڌيڪ گهاٽو ٿيندو ويو... وڌيڪ گهرو ٿيندو ويو...

هڪ رات پنهنجي بدقسمتيءَ تي ڪنروءَ جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو...

❋

چنيسر جو ڪمرو / اندر / رات

ليلا : ڪنروُ، تنهنجي اکين مان پاڻي ڇو وهي رهـ
آهي؟ ڪهڙو درد آهي توکي؟ ڪهڙا سوُر ستائي
رهيا آهن توکي؟

ڪنروُ : روئان ڪونه ٿي سائڻ! راجا چنيسر جي سـ
وڇائيندي چادر جي ڪنڊ وڃي اکين ۾ لڳي
سو پاڻي اچي ويو...

(ڪنروُ منهن ڦيري اکيون اگهي ٿي ڇڏي.)

ليلا : مون کي ٻار ٿي سمجهين ڪنروُ؟ درد جـ
ڳوڙهن ۽ چادر جي ڪنڊ لڳڻ واري پاڻيءَ
فرق نه سمجهي سگهندس؟ ٻڌاءِ ڪنروُ، ڪهڙ

سوُتر ڌار : (فقط آواز)

ڪونرو ڪمار - ڪلا جي ڄاڻو هئي. اُن ڄاڻ جي
سوني ٽي سهاڳي جو ڪم ڪيو هن جي جدون،
ديوانگيءَ ۽ تشنگيءَ هڪ راس ۾ ٿي ڪونروءَ
چنيسر کي اهڙن ته جسماني سکن جي هندورن ۾
لوڏايو ۽ جهولايو جو هوُ داسڙيءَ مان داس ٿي پيو!
شاه لطيف اهو سڀ سمجهندي به لنوائي ويو. ان
گهڻدا کي ٿي اُڏائي ويو. هو جيڪڏهن اِئين نه
ڪري ها ته هن جي سچي روحاني اڏاوت اچي
پٽ پوي ها! پٽ پوڻ ته پري رهيو، روحاني
اڏاوت اڏجي ئي نه سگهي ها! شاه لطيف کي،
آخر به، چنيسر مان ڏٺيءَ جو ڪم وٺڻو هو! هن
جي پنهنجي مجبوري هئي.

پر، اسان جي ڪهڙي مجبوري آهي جو روحانيت
جي هڪ ڪالپنڪ اونچائيءَ کي دنيوي ۽ جسماني
پرتڪ سکن کان ۽ لذتن کان پرڀرو ۽ اهڙو مڃون؟
شاه لطيف جي مجبوري اسان سمجهون ٿا پر ان
مجبوري يا تمنا کي، اسان ڇو صليب وانگر ڪلهن
تي پيا کڻندا ڦرون؟

سچ پڇو ته شاه جي رسالي ۾ دنيوي ۽ جسماني
لذتن جي لفظي چاشني به ڪا گهٽ ڪونه آهي
۽ اها هر ڪنڊ، هر طرف کان ڪلاسڪ به آهي
ته ڪاويه - ميه به آهي...

پر عام ماڻهن ۾ ان ڪهاڻيءَ جو جيڪو روپ
مشهور ٿي ويو سو هي آهي!

ٻڌندا هوندا، ان وقت ڇا مان ستارن سان ڀريل
چانڊوڪي رات، ڀونر جي رات، نه لڳندي
هونديس؟

(هيرو ٻڌندي ئي ليلا جا هوش اڏامي ويا آهن. هوءَ ٽڪ ٽڪ هيري ڏانهن نهاريندي ئي رهي.)

ليلا : سچ ٿي چوين ڪونرو، سچ ٿي چوان... هيءَ
چوڏس جي چنڊ جهڙو چهرو، ڳلي ۾ هٿڙن هيرن
جو نو-لکو هار؛ تون اڄ جهرمر جهرمر ستارن
سان ڀريل ڀونر جي رات لڳندي هوندين، ڀونر
جي رات!

(ڪجهه دير لاءِ خاموشي. ڪونرو الجهن ۾ آهي ڇو ته ڪمس ٻڌڻجي منزل مشڪل ويجهي لڳي رهي آهي. ليلا پس و پيش ۾ آهي ڇو ته هنکي اهو هيرو گهرجي، اهڙن هيرن جو هار گهرجي.)

ليلا : گهر جهڙو گهرڙو هجئي، مون کي اهڙو نو-لکو
هار گهرجي. هن هيري سوڌو نو-لکو هار.

ڪونرو : تن-دولت ۽ مال-متاع جي مون وٽ ڪمي ڪون
آهي... فقط چئن سان هڪ رات گذارڻ ڏي،
فقط هڪ رات...

ليلا : فقط هڪ رات؟

ڪونرو : هائو سائڻ! فقط هڪ رات.

ليلا : قبول.

ڪونرو : قبول؟

ليلا : قبول.

(ڪاروُ چنبسر جا ٻه ڪُٽي لي ٻڪڙي. چنبسر ڏاڍي ٻيار ۽ قرب مان ڪاروُءَ کي هٿ ڪان ٻڪڙي اُتاري ٿو ۽ ڪُٽي ٿو کي سان لڳائيس .)

نديءَ جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته شاهه لطيف هالن ۾ ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي هڪ پٿر تي ويٺو آهي. هو ڪويل ڪويل نظرن سان لهرن ڏانهن نهاري رهيو آهي. اوچتو، هو چپن ۾ ڪجهه ٻڙ ٻڙ ٿو ڪري.)

شاهه لطيف: ليلا! او ليلا!

هُئينءَ ته گهڻو هوشيار، ڪل نه هُئي ڪانڌ جي،
تون پاڻهو موچاري تمام، ٿيهي پاڻي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نه وٺي، ستين پرين سينگار،
ڏهـر لهي وينجهار، ڏلهون ٿي ڪري ڏاڙهو.

(نديءَ جي لهرن ۾ ليلا جو چهرو ڪڏهن ڪجهه چٽو ۽ ڪڏهن ڪجهه ڌنڌلو ۽ ڪڏهن لهرن ۾ لهرائيندو نظر اچي ٿو. شاهه لطيف ٽڪ ٽڪ نگاهن سان لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ليلا جي چهري جو ڪلوز - اپ، اکين جو ڪلوز - اپ.

ڪئمرا ڪلوز ليلا جي اکين تي- اکين ۾ لرزندڙ ڳوڙها. ڪئمرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته، ليلا ويرانين جي وچ ۾ اڪيلي ويٺي آهي. ليلا جي چوگرد ڀانئڪ کنڊهر آهن ۽ دور، دور تائين ڪنهن انسان جو نالو نه ڪونه آهي. ليلا غم ۽ پڇتاءَ جي مجسم لڳي رهي آهي. هوءَ لڙڪ ڳاڙيندڙ نڌمن

چنيسر جو ڪمرو / اندر / ٻو پات

(چنيسر اڪيلو مهنڊڻ پلنگ تي اُلٽي ٿو وهي. هن جي پاسي ۾ ڪونرُو سمهي پئي آهي ۽ چنيسر هن کي ليلا ٿو سمجهي؛ هن ڏانهن نهاري ڪان سواءِ ٿي آلس ڀڃندو پلنگ تان هيٺ لهي جتي پائي، ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو ته اوچتو هڪ لڇون آواز هن جي ڪنن تي پوي ٿو.)

ڪونرُو : (مرڪندي، آتم - وشواس ڀريل آواز ۾) ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو منهنجا پراڻ - ناٿ! منهنجي سر جا سائين! پنهنجي لعل کي ڇڏي؟

(چنيسر هڪدم رڪجي ٿو وڃي ۽ پٺ ورائي ڪونرُو طرف نهاري ٿو. هن جي اکين ۾ عجب آهي.)

ڪونرُو : ليلا ته توهان کي نو - لکي هار تي وڪڻي ڇڏيو آهي!

چنيسر : تون ڪير آهين؟ اسان جي استري ٿي...

ڪونرُو : ليلا مون کان نو - لکو هار وٺي هڪ رات لاءِ توهان کي استري سوڌو وڪڻي ڇڏيو! ڪونرُو جي جند - جان جا مالڪ! هيءَ قرب جي ڪاتيءَ جي ڪُٺل، توهان جي محبت جي ماري، توهان جي پد - ڪملن جي داسي، هڪ ته ڇا لو لک نو - لکا هار، توهان جي پيار جي هڪ گهڙي لئي قربان ڪري ٿي سگهي...

چنيسر : اوهه! ته ليلا مون سان دوکو ڪيو! جنهن تي مون وشواس ڪيو، ان مون سان وشواس - گهات ڪيو! سو به هڪ معمولي هار تي هرکجي! ليلا! وڪڻي ڇڏيو، وڪڻي ڇڏيو - اسان کي تان پنهنجو مٽ وڪڻي ڇڏيو..

ليلا : اچي سار لهيج،

ساجن! سوُر تماري آئون ماري!

اچي سار لهيج.

١- سوُر تماري جي مران،

تان مون ڏوهه م ڏيڄ!

اچي ......

٢- ٻاڻ ٻري هنجڙا،

دارون دوست ڪريڄ!

اچي ......

(ليلا فرش تي اکيون ٻوٽي ويٺي آهي. هڪ طرف کان چنيسر اچي ٿو ۽ ليلا جي پرسان اچي بيهي ٿو. ليلا اکيون کولي ٿي ۽ ڪٺي ٿي چنيسر جا پير پڪڙي.

(شاهه جي چهري جو ڪلوز - اپ، اکين جو .E.C.U)

شاهه لطيف : ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،

سڀئي ساهه! مهن، سڀئي راحت روح جي!

(ٽرانس - سنگيت - ليلا شاهي ڪپڙي ۾ چنيسر جي سامهون ٿڪي عاجزاڻه نوع ۾ ٻاڏائي رهي آهي.)

ليلا : ورسيا ويڄ وچارا!

دل ۾ درد پرين جو!

ورسيا ويڄ وچارا!

١- اُٿو ويچارا م وهو، وڃو ٻاٻ ڪٺي،

ٻڪي ڏيندا ٻاجهه جي، آيا سوُر ڏٺي،

آيا جي جهارا،

دل ۾ درد پرين جو!

ورسيا......

(سنگيت ۾ ڦيرو)

سان هڪ طرف وڃي رهي آهي. شاهه لطيف جا بيت اوورليپ ڪن ٿا.

بيت (زناني آواز ۾):

اُڪنڊ ڪري انهار، ٿو ڏر آئيس ڏاسڙا!
جنين ٿو رسڻ سڄڻين روح ۾،
تنين سون پيٽي ناهه پيار!
سائين لڳي سنار، ميت ملڻ سون مهڄون.

(ليلا اڳتي وڌندي ٿي وڃي.)

جي موں موڙهي مٽ، ته تون ڀاڻ سڄاڻج سپرين!
اصل آواڻين جا، عيب ڍڪين تون اڀ،
اي، ڀر! ڏنڀڃي ڀٽ، جنين ولهون ڍڪين، ولها!

(ليلا دور ٿيندي ٿيندي ڊزالو ۾ غائب ٿي وڃي ٿي.)

شاهه جي اکين جو E.C.U. هو ڪالپنڪ دڙهه ٿڌڻ ۾ محو آهي.
ڊزالو سنگيت اوور ليپ ڪريو.
چمپسر جي تصوير جو ڪلوز اپ
هڪ شاهاڻو ڪمرو - فرش تي ڳاڙهي رنگ جو غاليچو وڇايل آهي. ليلا درد وغم جي تصوير بڻجي غاليچي تي اداس ويٺي آهي. ڪمرو بلڪل خالي آهي. ڪنهن ڪنهن وقت ڪنهن ٻاردي مان، ڪنهن آئيني مان، ڪنهن ڪٻٽ مان چمپسر جي صورت جهلڪ ڏيئي غائب ٿي وڃي ٿي. چمپسر جي جهلڪ ليلا کي ڀاڻ وڏيڪ اقرار ڪري ٿي چڙهي.
سنگيت جاري آهي.)

تنهن ليلا جو چهرو گهونگهٽ ۾ ڍڪيل آهي.
نرتڪي ۽ گيت شروع ڪئي ٿو.)

ليلا : دوس ڀيڄي گهر آيو ،
تنهن ملڪ جو ساڃهو !
دوس ...
١- ڏينهن ڀڳائون آئي اسان کي
مولي محب ملايو !
دوس ...
٢- وڏو وڇوڙو ، تنهن ملايو ،
واحد واڳ ورايو !
دوس ...
٣- هو جنهن جو ڏس ڏورانڊو ،
اوڏو اڄ سو آيو !
دوس :
٤- عبداللطيف چئي ، اچي عجيبن ،
ٻاجھ فضل فرمايو ،
دوس ......

(ليلا مجنون حالت ۾ رقص ڪندي ٿي رهي. منهن اڃا ۾ ڍڪيل اٿس. رقص ڪندي ڪندي جڏهن ٿي هوءَ چنيسر جي ڪچه. ويجهو ٿي اچي ته چنيسر اٿي ٿو ليلا جو هٿ پڪڙي ۽ ڇڪي پنهنجي ويجهو آڻيس.)

چنيسر : اي نازنين پنهنجي ماهتابي مکڙي مٿان گهونگهٽ هٽائي نوراني جلوه ته پسائينم .

(ليلا هڪدم اٿي ٿي گهونگهٽ هٽائي. ليلا تي نظر پوندي ئي چنيسر جي دل تي اهڙي ته چوٽ ٿي لڳي جو اتي ئي دم ڏئي ڪري ٿو پوي. حال ٿي اهو ڏسي ٿي ته ليلا به بيهوش

ليلا : ڳائيندو آئون ڳيت ،
داروُن منهنجي درد جو !
ڳائيندو ......
١- ڪي ڏينهن ٻاهر جي، اچي ڪال عجيب .
ڳائيندو ......
٢- ڪرڻ اچي لساڻ ڪيو، سندو غنڙو غريب .
ڳائيندو ......
٣- ڏ ڪندو سهو نه ڏور ڪيو، منهنجون تن طبيب
ڳائيندو ...
٤- ادئون عبداللطيف چئي، هاڻ ڪ آه عجيب
ڳائيندو ...
(نرتو - چنيسر جي ليلا ۾ داخلپي ونٿ.)
شاهه لطيف جو مقبرو شامت)

شاهه لطيف: منهنجو سچرائن لاشڪ ماهر و يبج آهي... سالن سد
سوُر هڪ لحظي ۾ لاهي، منهنجو آلهه اهڙو آهي
(شاهه لطيف جي ڇهري جو ڪلو ز - آپ.)

شهر جو ٻاهريون حصو / ٻاهر / شام

(لا ز ڪ شامت. شهر جي ٻاهران ڪڙو ڪمل ۽ شاهاڻي طرڻي
سينگارئل هڪ شاهي شاميانو . مکمه رسعي تسان ليلا ۽ سند
ساهڙيون نچنديون نچنديون شاميانو طرف وڌنديون ڏهون اچ
شاميانو ۾ اندر مخمل لڳي ٿي آهي جنهن ۾ مخمل جو
راڻو چنيسر هڪ شاهي ڪرسي تي ويٺو آهي.
ليلا ۽ هن جون ساهيڙيون نچنديون نچنديون مخمل ۾ داخل

ڪهاوت، ڪائي رسم،
ڪائي عادت، ڪوئي
درشيه، ڪوئي ويسهه-
وشواس، اهي سڀ ڪافي
هوندا ها شاهه لطيف جي
ڪلپنائن کي آڪاش ۾ اڏائڻ
لاءِ يا پاتال ۾ اونهو وڃڻ لاءِ!
اهڙو سنويدن-شيل ۽
ڪلپنا-شيل ڪوي جي
پنهنجن ابيتن کي آيتون يا
منتر ڪوٺي ٿو ته ان ۾ هو
سؤ في صدي حق بجانب
آهي.

جي تو ٻمڻ ڀانيا،
سي آيتون آهن......
(ڪجهه ٻل شانتي)

سنڌ جي ارهڻ سمراٽ چچ جي
زماني کان وٺي سمرن جي
حڪومت تائين ڪراچيءَ جو
لاڙ وارو ڀاڱو واپار ۽ هنرن
سبب ڪافي مشهور هو.
آڳاٽي وقت جا هاڪارا بندر
جهرڪ ديبل بندر ۽ لاڙي
بندر به ان طرف ئي ها.
ٻيو هڪ هاڪارو بندر جيڪو
خود شاهه لطيف جي ڏينهن

۽ ونڄ-واپار جي وکر سان
ڀرپور، ڇني دور وڃي رهيو
آهي.

وڻجارن جون استريون درياهه
جي ڪناري تي ٻهي امرلال
جي پوڄا ڪري رهيون آهن
۽ پاڻيءَ ۾ اکا وجهي رهيون
آهن.

شاهه لطيف جي تصوير...

لاڙ جي سرزمين جا نظارا...

ٿي چمڪي جي ٻرسان ۾ ڪري ٿي ٻري ۽ ٻرانڊ لڳائي ٿي.

شاه لطيف (اکيون آگهنديي)

ڏڙڪي اسي لڙڪ، ترڪي ٽڪبر ۾ اٿي...

(ڪجهه دير ترسي)

پاڻان ڏار ٻرپاڻ، ڪاڻڪ ڪنهنجو نه وٽي...

(شاه لطيف ڪٽي ٿو اکيون بند ڪري)

سوٽر ڏار (فقط آواز)

شاه لطيف جي دل ۾ عشق،
درد ۽ روحانيت جو سمنڊ
سدائين پيو ڇولين مارڻدو
هو ۽ سندس مستڪ ۾
ڪلپنائن جو ڇوڏسي چنڊ
چوويهه ئي ڪلاڪ ۽ پارنهن
ئي مهنا پيو چمڪندو هو.
شاه لطيف کي فقط ڪنهن
بهاني يا لنڊڙي سهاري جي
ضرورت هوندي هئي. بس،
پوءِ نه ولي پلڪ پلڪان
ڪندو هو.
ڪاڻي لنڊڙي ڪهاڻي، ڪاڻي

درشيه

شاه لطيف جون جدا جدا
تصويرون.
سمنڊ - آڌاه سمنڊ
آسمان ۾ ڪڙڪل چوڏس جو چنڊ
چنڊ جون ڪرڻيون سمنڊ ۾
جٽ طوفان آڻي ٿيون چڙين.

بندر تان هڪ جهاز، وڻجارن

كارو سمنڊ جهاڳيندڙ وڻجارا
سنڌو نديءَ جي مٿي ٻاڙيءَ
رستي موٽيا آهن-
ٻاڙيءَ جون لهي پٽي جيسون
لعلي كارو ٻاڙي ۽ مٿو ٻاڙي
كراچيءَ جي لاڙ واري ٻاڳي
۾ ئي فقط ملن ٿيون.
(كڇ ڀل شانتي)

عربي/سمنڊ ۽ سنڌو نديءَ جا
كڇ، درشيه.

شاهه جو رسالو سفرنامو ناهي،
تاريخ گرنٿ ناهي، نيتي-
شاستر ناهي، درشن- پستڪ
ناهي، ٻرچار جو سادن ناهي،
۽ نه ئي كويءَ جي كاويه-
كلا جي شكتين جو ثبوت
ڏيڻ اُن جو مقصد آهي...
رسالو تہ هك سچي انسان
جي دل جي اندرين تهن جو
چٽر آهي.

شاهه جو رسالو ڏيكاريو ويو
ٿو.

تنتر-شاستر چوي ٿو: كام رستي
۾ آڌياتمك اوچ پد پراپت
ٿي سگهي ٿو، سماڌي واري
استٿي اتي ٿي سگهي ٿي...
صوفي- پريم مارگي چون ٿا:
عشق مجازيءَ مان ئي
عشق حقيقي پيدا ٿئي ٿو.

كجراهو جي هك تصوير-
سانت چمع سان مٿن- كريا
كندڙ جوڙي جو درشيه.

مجنون حالت ۾ رقص ۾ مصو
صوفي.

پر ان زور هو ۽ جنهنکي ميان غلام شاه ڪلهوڙو پنهنجي نالي پٺيان ”شاه بندر“ ڪوٺائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو ۽ جنهن بندر تان جهاز به هلندا هئا، اهو ”شاه بندر“ به ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ هو.

”شاه بندر“ جو نظارو.

شاه لطيف جي رسالي جا ٻه سُر: سُر سريراڳ ۽ سُر سامونڊي پڙهندي اها حقيقت صاف ظاهر ٿي اچي ٿي ته شاه صاحب جوڳين سان گڏ ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي جو چاهي آس-پاس جي بندرن جو چڱو چوکو سير سفر ڪيو آهي ۽ سندس ڪلپنا جي چندرما سندس دل جي جذبات جي سمنڊ ۾ بيپناه چوليون اٿاريون ۽ اڀاريون آهن!

ٻنهي سُرن جا عنوان ڏيکاريا وڃن ٿا.

شاه لطيف جوڳين سان گڏ بندرن جو سير ڪري رهيو آهي.

شاه لطيف سُر سامونڊيءَ جي داستان ٽئين جي ابتدا ۾ چيو آهي:

ڪاري ڪيڙائو،
مٿي مٽي موتيا ...

سا سٽ سارياٿون، الف جنهنجي اڳ ۾،
"لا مقصود في الدارين"، ان ۾ اٿاٿون،
سڳر سوناٿون، ٿيا رسولا رحمان سين.

شاهه لطيف هڪ ياتري هو.
ٻرندڙ - راهه تي هلندي هلندي
وڃي روحاني - راهه تي پهتو.
عشق الاهه ۾ ٻڏلهجي ويو.
اها وچڙ ياترا ڪندي ڪندي
شاهه جي من ۾ جهڪي اُس
پاوناٿون آيون، جهڪي اُس
خيال آيا اُهي ئي رسالي جا
لمحا اُٿيا ۽ لفظن مان آيتون
ٻُڌجي ويون!

٥

شاهه بندر / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئميرا جي پوئتي هٽڻ تي اسان ڏسون ٿا ته شاهه لطيف ۽ مهايوگي پروتداٿ بندر تي چهل قدمي ڪري رهيا آهن. ڏور ڏور تائين ساگر ڦهليو پيو آهي. ڪناري وٽ ڪجهه ٻيڙا ۽ ڪجهه ننڍا جهاز نظر اچي رهيا آهن. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. هن وقت هنن سان گڏ ٻيو ڪوئي به جوڳي ڪو نه آهي. پروتداٿ ۽ شاهه اڪيلا آهن.)

شاهه لطيف: چنڊسر ڪسي ڏٺيءَ جي روپ ۾ لمس ڪرڻ سان

انساني برهم ٿي بدلجي
ايشوري برهم جو روپ ڌارڻ
ڪري ٿو...

هڪ سوال:
ته ڇا انساني برهم ۾ ڪام
شامل ناهي؟

(ڪجهه ٻيل شالٽي)

شاهه لطيف وٽ ڪوئي سلسلو
ناهي- سلسلو ٿي به ڪو نه
ٿو سگهي. سلسلي جو مطلب
ٿئي آهي- اول ٿي طئه ٿيل
ڳالهيون. شاهه جي زندگي،
۾ ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه
هو. ڪجهه به طئه ٿيل هجي
ها ته هو مهاڪاو به لکي ها،
کٿا ڪاوِيہ لکي ها يا
”مهاڀارت“ ۽ ”رامائڻ“ جي
طرز تي ”ڪربلا“ جي ڪٿا
ڪٿي هڪ مهاگرنٿ جي رچنا
ڪري ها. پر شاهه وٽ ته
ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه هو.
هن ته پنهنجي سڄي هستي،
سڄو وجود هڪ اڪال پرش
الاهه جي حوالي ڪري ڇڏيو
هو!

شاهه لطيف جي تصوير...

ڪوئي گدا هجي يا غني، مالڪ هجي يا غلام سڀ
هڪ ئي صف ۾ بيهندا آهن، هڪ ئي طريقي سان
سجدو ڪندا آهن ...

پروتڊات : جي ائين آهي ته ارغونن کي اعتراض ڇو آهي
هڪ سيد کي پنهنجي نياڻي ڏيندي؟ برابري هڪ
اصول آهي جنهنجو عملي روپ آهي روٽي- بيٽي
جو رشتو.

(شاهه لطيف جو منهن ڪجهه لهي ٿو وڃي. پروتڊات ڏسي ٿو
وٺي. هو هڪدم ڪٽي ٿو شاهه لطيف جي ڪلهي تي هٿ رکي.)

پروتڊات : پٽ لطيف! انساني من پاڻيءَ مثل آهي جيڪو
سدائين هيٺائين وهندو آهي. هيٺي هيٺائينءَ جو
مطلب امرتا ناهي پر نيچتا ۽ سوارٿ آهي. اوتار
۽ پيغمبر ڪهڙا به اصول ناهي رچن پر انساني من
جو شيطان پنهنجا سوارٿ ۽ مطلب پورا ڪرڻ لاءِ
ڪوئي نه ڪوئي رستو ڳولهي ئي وٺندو. انساني
سڀاءُ ۽ حالت جاڻڻ لئي نه گهڻو سوچ ۽ نه گهڻو
پريشان ٿيءُ. دنيا کي پنهنجي ڏنگ هلڻ ڏي توں
پاڻ کي مٿي چاڙهيندو وڃ.

(اچي ڪجهه دير چپ چاپ هلندا ٿا رهن.)

پروتڊات : اسلام جي مطابق الله هڪ آهي ۽ توهان سڀ
مومن بندا آهيو. توهان سڀ هڪ ئي ويڙهه ۾ شامل
آهيو- بندا ۽ ڀاءُ. ان ڪري توهان ۾ اصولاً
برابري آهي. پر هندن سان ائين ڪونهي. اسان
وٽ چار ورڻ آهن ۽ ڇٽن ڪسي ڇٽن هزارن ۾
ونڊڻ انساني من جي شيطان لاءِ هڪ معمولي
ڳالهه آهي...

ڪانئي اُچو ٿيندي ڇا سوامي جي؟

(پروتنات شاهه ڏانهن نهاري فقط مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: ڏٺي ٻه ته پساڻو ٿي ٿو سگهي- ڏٺيءَ کي گهرب ۽ ايهڙن کان سخت نفرت آهي. ڏٺي ڪڏهن ٻه اهو پسند نه ڪندو ته سندس پرڀي ڪو دنوي پدارٿن ۾ دل هرڪائي...

پروتنات: سوال ۾ پاڻ ٿو ڪريان ۽ جواب ۾ پاڻ ٿو ڏيان پنت لطيف! هندن جي ويچار-ڌارا ته اها آهي ته هي سڄو برهمانڊ پرماتما جو روپ آهي. جڏهن سڀ ڪجهه آهي ئي پرماتما ته پوءِ چيسر نه ڇا تون ٺڪر-پٿر کي به پرماتما چئي ٿو سگهين. سڀ گڻ-دوش، آڪار-نرڪار هن جا ئي آهن. هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه.

شاهه لطيف: منهنجو پاڻ وحدة الوجود ۾ ويسو آهي- ويدانت جي فلسفي ۾ مان سچائي ڏسندو آهيان... پر هڪ ڳالهه مون کي سمجهه ۾ ڪو نه ايندي آهي. توهان هندو ادويت ۾ وشواس رکندي به ذات-پات ۽ اونچ-نيچ جو ڀيد ڇو رکندا آهيو؟

(ڪجهه دير پنڊت چپ چاپ هلندا رهن ٿا)

شاهه لطيف: اسلام ۾ ته پاڻ دويت واد آهي. الله الاحد آهي يعني هڪڙو ئي هڪڙو آهي. قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته فاذڪروني أذڪرڪم - يعني ڪريو مون کي ته ياد ڪريان توهان کي. يعني الله ۽ بندو ٻه جدا هستيون آهن- هڪ نه آهن. لا تقنطوا من رحمة الله يعني الله جي رحمت مان اميد نه لاهيو. ان مان ٻه ثابت ٿو ٿئي ته اسلام ادويتواد ۾ وشواس ڪرڻ ٿو رکي. پوءِ به اسان مومنن ۾ اونچ-نيچ ڪانهي.

ٽو چئو هو:
جڏهن ڪريان پرک، تڏهن صاحب سامهون!
پٽ لطيف! تون جتي پهچندين اُن پد، اُن مقام بابت
هن وقت تون ڪلپنا به نه ڪري سگهندين.
(پروٽناٿ جي تيجسوي اکين جو ڪلوز - اپ)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ ٺٽو ٺٽو هو. اَن - ڌن سان ڀرپور، شور - شرابي سان ڀرپور، عاليشان عمارتن سان ڀرپور، حسين ۽ دلڪش نظارن سان ڀرپور ٺٽو، واپار جو پڻ مرڪز هو.	هوائي شاٽس. ٺٽي جو شهر ڌيري ڌيري ويجهو ايندو ٿو وڃي.
سڀ کان وڏي ڳالهه ته ٺٽي ۾ وڏا وڏا عالم ۽ عارف مقيم هئا. انهن مان ڪيترن سان ئي شاهه لطيف ۽ جوڳين جون ملاقاتون ٿيون ۽ روحانيت تي خيالن جي ڏي - وٺ ٿي.	مسلم عالمن سان شاهه لطيف ۽ جوڳين جي ملاقاتن جا ڪجهه شاٽس.
ٺٽي جي عالمن ۽ عارفن مان مخدوم معين جو هتي ذڪر	مخدوم معين ڪنهن ڪتاب جي ورق - گرداني ڪري

پر لطيف، قرآن شريف ۾ ضرور اهڙا ڪي اشارا هوندا جن جو سهارو وٺي صوفي اڳتي وڌيا آهن ۽ ادويت برهم تائين اچي پهتا آهن.

(شاهه لطيف ڪجهه دير سوچي ٿو.)

شاهه لطيف: ڪجهه آيتون ته هن وقت به منهنجي خيال ۾ اچي رهيون آهن...
هڪ هنڌ فرمايو ويو آهي:
مار أيت شيئا“ الاو رايت آلاهه.
اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو حسن نه ڏٺم.

پرونڌات: اشارو ڪافي چٽو آهي... اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ آلاهه جو حسن نه ڏٺم. هڪ قدم اڳتي وڌندا ته چوندا: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو روپ نه ڏٺم، الله جو ديدار نه ڪيم ۽ لطيف! آخر ۾ ڇا چوندا؟

شاهه لطيف: آخر ۾ چوندس: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله نه ڏٺم...

پرونڌات: درشن جو چڪر انهن تي هليو اچي...

(پنهي جي چهري تي آزاد مرڪ نمودار ٿئي ٿي.)

شاهه لطيف: پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.

پرونڌات: واهه!

شاهه لطيف: پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جر جي لهرين،
هيا اڳهين ڪنڌ، پڌڻ ۾ پسي ٿيا.

پرونڌات: جواب ناهي. پر پٽ، تنهنجي هڪ سٽ مان جيون-پر نه وساري سگهندس. ياد اٿئي هڪ ڏينهن

ڪلام - پاڪ ۾ موجود آهن. جيڪي شخص انهن
ٿا سمجهن ته تصوف ڪتان ٻاهران آڌار ورتو
ويو آهي، اهي عظيم غلطي ڪن ٿا.

شاه لطيف: صوفي انالحق جو نعرو ٿا هڻن، پاڻ کي بندو نه
مڃي حق ٿا مڃن. ڇا ان کي اسان ويدانت جي
هڪ سوتر ”اهم برهماسمي“ تان ڪنيل يا ورتل
نٿا مڃي سگهون؟

مخدوم: لطيف، جي اُهين سوچيندين ته ڪٿي به نه پهچندين.
لفظن کي ڪائي معنيٰ ڪونه آهي، ڪائي اهميت
ڪونه آهي. اصل چيز آهي اندر جي روشني،
اندرين سفر جا تجربا ۽ روحانيت جي آسمان ۾
تصور جو پرواز. جي الله هڪ آهي ۽ هن تائين
پهچڻ جا رستا علحدا علحدا آهن ته سطح تي
مونجهارا اُٿيا ٿي آهن. ٻي هڪ ڳالهه طئه آهي ته
آخرين آزمودا هر هڪ سالڪ جا ساڳيا ٿي هوندا.
پوءِ ڇا هي انهن جو بيان هن ڪهڙن به لفظن ۾ ۽
ڪهڙن به علامتن جي سهاري ڪيو هجي.

شاه لطيف: ساڳي ٿي مشڪلات وحدت الوجود جي باري ۾
به پيدا ٿئي ٿي.

مخدوم: ڪجهه مشڪل ناهي، ڪائي ڏکيائي ناهي. مشڪل
فقط اها آهي جو انسان پنهنجي دائري کان ٻاهر
نه ٿو نڪرڻ چاهي. انسان لاءِ دائري ۾ بند رهڻ
ذرا سهوليت پر آهي. پڃري ۾ بند ٿيل پکي
جهڙي حالت آهي انسان جي من جي. دائري کان
ٻاهر نڪري هو خطرا کڻڻ نه ٿو چاهي. دائرن ۾
سهوليت به آهي، سلامتي به آهي ۽ پيرائي اسـ

ڪرڻ تمام ضروري آهي
جيئن هن ودوان سان شاهه
لطيف جا وڏا ۽ لمبا بحث
ٿيا هئا تصوف تي ۽
روحانيت جي راهه ۾ ٿيندڙ
رهسيه ۽ اَدڀت اَنڀوَن
۽ آزمودن تي!

رهيو آهي.
مخدوم معين ۽ شاهه لطيف
هڪ ٻئي جي سامهون ويٺي
ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن.

ٽيون / مخدوم معين جي اوطاق / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز ڪتابن جي هڪ قطار تي. ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته ڪيترائي ڪتاب ديوارن ۾ لڳل ٽنڊن تي قطارن ۾ پيا آهن. اها مخدوم معين جي اوطاق آهي. اوطاق جي هڪ طرف مسند پيو آهي جنهن تي غلم وڇايل آهي ۽ آس پاس ڪجهه ٽول وهاڻا پيا آهن. مسند تي ٽول وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي مخدوم معين ويٺو آهي چهري تي لمبي ڏاڙهي ۽ مڇون اٿس. هن جي اکين ۽ پيشانيءَ مان علميت ۽ ذهانت جا ٽجلا لڪري رهيا آهن. هن جي سامهون ئي شاهه لطيف ويٺو آهي. ٻئي روحانيت ۽ تصوف بابت گفتگو ۾ محو آهن. اوطاق جي هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جو گهڙو پيو آهي ۽ ان جي پاسي ۾ لوٽي ۽ ڪجهه گلاس پيا آهن. اوطاق ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪجهه مجمون ۽ ٿون آهن.)

مخدوم : تصوف اسلامي اخلاق جو جوهر آهي، ست آهي، سار آهي. تصوف جا ارڪان، صوفي مت جا پنج

ڇو ته هو بيمثل آهي، يڪتا ۽ يگانا آهي. هن جهان ۾ اسان جو ڪجهه ڏسون ٿا اها ڪثرت وحدت مان ئي وجود ۾ آئي آهي. اها گهٽائي هڪ ڏٺي، جي هيڪڙائي آهي... ٻيو ڪجهه به ناهي.

شاه لطيف: وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي ۾ ٻل،
هوءَ هلاچو هل، ٻيا الاه سندو سڄڻين.

مخدوم: بلڪل ائين... هوءَ هلاچو هل،
يا الاه سندو سڄڻين!... سچ چيو اٿن ته عالم فاضل جيڪو ڄاڻن ٿا، صوفي سو ڏسي ٿو. هڪ سچي صوفيءَ جي سچي هستي هڪ چشمو آهي، ڪامل اک آهي.

شاه لطيف: جي ڏٺي وڃن اقرب- تنهن کان به ويجهو آهي ته ڇا هن جي جوڙيل ڪائنات نظر جي دائري کان ٻاهر ٿي ٿي سگهي؟ جن وٽ اک آهي انهن لاءِ ڪجهه به ٻاهر ڪو نه آهي. سائين، سڀ ڪجهه سڄو تماشو اکين جي سامهون ئي ته ٿي رهيو آهي.

مخدوم: ڏيهن رامت، هر حال.

شاه لطيف: هائو سائين، ڏيهن رامت هر حال.

نئو / ڌرمشالا جو ڪمرو / اندر / رات

ڪئمرا ڪلوز پروتمام جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪئمرا جي پل بيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته

ملي ٿي. دائرا لتاڙي پاڻ نڪرڻ معنيٰ دنيا جي
سامهون سپنو ٿي اڀرڻ، لطف، اهڙي همت،
جرئت (ڪجهه مرڪي) يا حماقت تمام گهٽ ماڻهون
ئي ڪري سگهندا آهن.

شاه لطيف: مان خود وحدت الشهود کان وحدت الوجود ڏانهن
وڌيڪ مائل آهيان. مڪمل ڪائنات ۾ فقط الله
ئي موجود آهي. هر شيءِ انهيءَ مان آهي ۽ انهيءَ
۾ آهي. ان فلسفي کي دل مڃي ٿي، دماغ مڃي
ٿو ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته روح ۾ هڪ قسم
جي لرزش پيدا ٿئي ٿي...
وحدت الشهود جو فلسفو پنهنجيءَ طبيعت سان
ميل نه ٿو کائي. ان جو ڪارڻ ته جيتوڻيڪ اسان
هر شيءِ ۾ واحد جي موجودگيءَ جي شاهدي ڏيون
ٿا، پر حقيقت ۾ اها موجودگي آهي ڪو نه،
ڪجهه ڍنگ وارو نه ٿو لڳي.

(مخدوم ڪجهه دير سوچيندو ٿو رهي.)

مخدوم: هون اون اون! وجود حقيقي هڪ آهي فقط
الله ئي موجود آهي. ٻيو ڪجهه به نه آهي...
موجون ۽ لهرون مٽجنديون رهنديون پر سمنڊ قائم
دائم رهندو. الله به هميشه کان آهي ۽ هميشه
رهندو...
هون اون اون! جيڪڏهن هن کان سواءِ ٻيو
ڪو وجود تسليم ڪيو ويندو ته — وجود حقيقي
نه واحد رهندو ۽ نه ئي لامحدود رهندو. هوائي
عالم تنزل ۾ موجود آهي ۽ هو ئي عالم تشبيهه ۾
به جلوه گر آهي. هو حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي

پڙهي رهيا آهن.)

پروتڌات : ڀيرون سچو جنسار ساڪشي - ٻاڦ سان ڍڪيل، ڪو پر دويت - ٻاو هوندو. تون ۽ جهڙيڪي تون ڍڪيل آهين پر هوندا ۽ الهن ڪي جوڙ پيدا هوندو درشن. درشن يعني ڍڪڻ جي ڪريا، ڍڪڻ جو ڪم.

(ڪجهه دير شانتي.)

پروتڌات : پوءِ، پٽ لطيف! هڪ وقت اهڙو به ايندو جڏهن تون، نظارو ۽ ڍڪڻ ٽئي هڪ ٿي ويندا. ڍڪيندڙ، ڍڪڻ ۾ ايندڙ شيون ۽ ڍڪڻ جو ڪارڻ الڳ نه رهندا، ٽئي ملي هڪ ٿي ويندا. اهو ئي آهي ادويتواد جو رهسيه. اها ئي آهي اها حالت جڏهن ڪي صوفي وحدت الوجود ٿا چون.

شاهه لطيف: (مرڪندي) سوامي جي، هڪ فلسفي طور ته اهو سڀ ٺيڪ آهي پر حقيقت ۾ ته سوامي جي سوامي جي آهي، لطيف لطيف آهي ۽ ڪملنات ڪملنات آهي.

پروتڌات : لطيف، تنهنجي شرارت سمجهان ٿو. حقيقت ۾ تون جيڪو ڪجهه ڏسي رهيو آهين، ٻڌي رهيو آهين، چئي رهيو آهين، اهو سڀ مايا ته آهي. مٿيا ئي ته آهي. هن هڪ پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪوئي حق آهي ڀلا؟

(شاهه لطيف مرڪي ڪٿي ٿو سر جهڪائي)

پروتڌات : هڪڙي ڀيري ادويتواد جو پرڪالب سمراٽ جڳت-گرو شنڪر آچاريه پنهنجن ششن سان گڏ هڪ سوڙهي پل تان لنگهي رهيو هو. اوچتو پل جي سامهون واري پاسي کان هڪ مست هاٿي ايندو نظر آيو. شنڪر آچاريه هڪدم رڙ ڪري ششن کي

پروٽيناس شاهه لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪمرو ڌيري ڌيري روشني هٽندي ٿي وڃي ۽ اسان جي سامهون ڪنهن ڌرمشالا جو هڪ وڏو ڪمرو آهي جنهنجي بناوٽ مستطيل قسم جي آهي. فرش تي فراسون ۽ تڪيا وڇايا پيا آهن جن تي پروٽيناس، جوڳي ۽ شاهه لطيف جدا جدا مدرائن ۾ ويٺا، اڌ ليٽيا يا ليٽيا پيا آهن. ڪمري ۾ ڪجهه جارا آهن جن ۾ ڏيئا ٻري رهيا آهن ۽ انهن جو ڌنڌلو پرڪاش انساني پرڇانئن کي لرزائي رهيو آهي. جوڳين جي هاوَ - ڀاوَ مان لڳي رهيو آهي ته تڏن ۽ فراسن تي ليٽڻ هنن لاءِ نه فقط نئين ڳالهه آهي بلڪ ڪجهه ڪجهه پريشان ڪندڙ به آهي.

مستطيل ڪمري جي سامهون واري لنبي ديوار سان وڇايل فراسي تي پروٽيناس ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن. هنن جي پاسي ۾ ٻي ڪمل ناٿ ۽ هڪ ٻيو جوڳي به ويٺو آهي.

پروٽيناس : پٽ لطيف! مخدوم سائينءَ جو ابياس به گهڻو ٿو لڳي. وحدت الشهود آهي ساکشي - ڀاوَ. يوگ - ساڌنا ۾ ساکشي - ڀاوَ جو وڏو مهتو آهي. هن مايا وي جڳت جي مٿيا ۽ ڪوڙائن شين کي پنهنجي اکين جي سامهون پاڻيءَ جي لهرن وانگر وهندو ڏس. ان وهڪري ۾ پنهنجي من کي، پنهنجي چت جي ورتين کي وهڻ نه ڏي. هن مٿيا ۽ مايامي سنسار جو شاهد - ماتر ٿي رهه. ڏس، لڙهه نه. اها جي ساکشي - ڀاوَ سان سنسار جي وهڪار کي ڏسڻ سکي وٺين ته پوءِ تنهنجي لاءِ ڪجهه به ڪرڻ ۽ ڪجهه به ٿي وڃڻ ناممڪن نه هوندو.

(شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ڌيان سان مهاڳرگي پروٽيناس جا وچن

هو. واپار، مال جي روانگيءَ ۽ ڌن - دولت جي آمد ھڪان جي ماڻھن کي ايترو ته ان-ڌن سان ڀرپور ڪري ڇڏيو هو جو انهن تي پهاڪا ۽ ڪهاوتون به جڙي ويون هيون.

مکهڙين جي اوڀان رڙهيءَ نالي هڪ ڳوٺ هو. هاڻي ته اتي فقط ڊٺل قبا ئي ڏسڻ ۾ ايندا. پر شاهه لطيف جي وقت ۾ ان رڙهيءَ جا واپاري ايتري قدر شاهوڪار ها جو هاڻي ان طرف ايڻگا-سڻنگا هرچ ڪندو آهي ته چوندا ئي اٿس: اڙي تون ته ڪو رڙهيءَ جو شاهوڪار ٿو لڳين!

شاهه لطيف سُر سريراڳ جي داستان پنجين ۾ لکيو آهي:

ڦرڦل، ڦوٽا، ڦارچا، پاٽمت پاڻائون،
ڪوٺون قيمت سندي پون، تر ۾ تاڪيائون،
لاڄون منجهه، لطيف چئي، ڀيڙا ڀڏائون،
نڌر نبيءَ جام جهڙو، چڙهندي چيائون،
جي چوهي چوڙ پائون، سي پڙيون رکن پاڄهه سين!

— ۽ سُر سامونڊيءَ جي داستان پهرين ۾ شاهه لطيف لکي ٿو:

سڙه لڳي سڀائون، اندر جن اُڙڻ تي،
ملان معلم خبرون، لڄي پورپائون،
سڙ سونيائون، اولڙ ڪيهن لهه اوليا.

درياهن ۽ سمنڊن شاهه لطيف جي دل کي ڇڳو ئي ڇڪيو ۽ ڏوڏيو هو. اهي پنهي سُر - سُر سريراڳ ۽ سُر سامونڊي ان جو ثبوت آهن. انهن ٻن سُرن ۾ شاهه لطيف سنڌ جي ان ڀاڱي جي چٽ ته زنده تصوير اسان جي سامهون پيش ڪئي آهي. ان ڪان

ڏسو ٿا - مڙو ۽ ٻڌو.
ٻڌندي ٻڌندي هڪ شش جڳت-گرو کان پڇيو -
سوامي جي، هي سڄو سنسار ته مايا آهي پوءِ ٻڌون
ڇو ؟
جڳت گرو شنڪر آچاريه چيس: مورک، اسان جو
ٻڌڻ به ته مايا ئي آهي.
(سڀني کان ٽهڪ نڪري ٿو وڃي.)
شاه لطيف: سوامي جي! روحانيت ۾ به چالاڪيون ٿينديون آهن
ڇا ؟
پروهتاڻ : پاڻ سمجهه پيا !

سنڌو درياه / ٻاهر / ڏينهن

(واقعو شام. سنڌو درياه چوليون مـاري رهيو آهي. تمام پريان هڪ ٻيڙو ترندو نظر اچي رهيو آهي. ڪئميرا ڏاڍي ڏاڍي درياه ڪـي ڪور ڪندي ٻيڙي جي ويجهو ايندي لـڳي وڃي. هاڻي اسان ڇٽيءَ ۽ ڇگيءَ طرح ڏسـي ٿـا سگهون ته ان ٻيڙي ۾ پروهتاڻ، جوڳي ۽ شاه لطيف سوار آهن. پروهتاڻ ۽ شاه لطيف هڪ ٻئي جي برسان ويٺا آهن.
سوتر ڌار جو آواز اوورلئپ ڪري ٿو.)

سوتر ڌار: شاه لطيف مهاپوڳي پروهتاڻ ۽ جوڳين جي جٿي
سان گڏ لٽي وٽان سنڌو درياه وارو ٻيڙو اڪري
سجاول ۽ مڪهر ٻنهي تعلقن جتيءَ ڏي ويو. شاه
لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هيءُ ڀاڱو جنسي ٻارس

(ڀڙو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. جوڳي جدا جدا ساڌنائن ۾ لڳا پيا آهن.)

شاهه لطيف: (جڏهن پاڻ سان ڳالهائيندي): انسان جا اهي ناٽڪ به ڪيڏو جڏهن ٿا طلبن ۽ ڪمزورين ڦرباني ٿا گهورن ... ته سڄاري جي ڪاري رات، ڪاري آسمان مان وسندڙ ڦڙي ميهن، ڪيڏو گهڻو! آها گهاٽي ميهن جي ديوانگي ۾ هٿن جهڙي آسري سٺي، پنهنجو پاڻ ڪٽي تڪيءَ وهڪ ۾ اڇلڻو ... هلو ته پڇون سٺي، جا ڪر جاٽي ميهن!

پروتناٽ : ديوانگي ته صوفين ۾ ئي هوندي آهي. سنگت جي لهرن ۾ جهومندي جهڙي حال کي وڃي رسندا آهن اهو درشيہ جڏهن ادويت جو ڇتر هٿي ڇڏيندو آهي.

شاهه لطيف: سائين مخدوم، اوائلي صوفين جي باري ۾ هڪ ڳالهه پڇائي هئي. سوامي جي، اهو وڃڻ واقعو پڇڻ ڪان پوءِ توهان پاڻ لئي فيصلو ڪيو ته صوفين جو بنياد کهڙن ته اوپن اصولن تي ٻڌل آهي. توهان خود محسوس ڪندا ته هڪ يوگيءَ ۽ صوفيءَ ۾ ڪوئي فرق ئي ڪو نه آهي.

پروتناٽ : ۽ هٿڻ ۽ ڇو گهرجي؟

(ڪجهه دير شاهه لطيف درياهه جي لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو جڏهن ته ڪهاڻيءَ لاءِ بنياد پختو ڪري رهيو هجي.)

شاهه لطيف: ناٿين صديءَ جي آخر ڌاري درٻار جي هڪ غلام خاندانءَ اُن وقت جي خليفي کي وڃي خبر ڏني ته عربستان ۾ هڪ نئون فرقو وجود ۾ آيو آهي. اُن فرقي جا پوئلڳ موسيقيءَ جا شاعق آهن. نهن ٿا،

سواءِ ان ٽرارخي هٿيئن ڏانهن بہ اشارو ڪيو اٿائين: هڪ ٽــ سنڌين جو واپار ڪاٺياواڙ، سيلان، بنگال ۽ ساموندي ڪناري تي آڏيل هر شهر تائين ڦهليل هو. ٻيو فرنگين، ترڪن، ساموندي ڌاڙين جو ذڪر ڪيو اٿائين جيڪي عربي سمنڊ تي لامارا هڻندا ها ۽ ڦرلٽ ڪندا ها.

(ٻيڙو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: (پنهنجي ئي موڙ ۾)

جتي وانءُ جهاز! گُذريو غراب سين،
ٻوڙيندي هن پار ڏي، سڌر ڪڻبج ساز،
اُچن ٿا آواز، سڻائي سمنڊ جــا.

ڪمل ناٿ: شاهه لطيف، آخر پنهنجي جهاز کي گهڻن غرابن سان جوٽيندين؟

(شاهه لطيف ڪمل ناٿ جي سوال جو نہ ڪو جواب ٿو ڏئي ۽ نہ ڪولي هن ڏانهن ڌيان ٿو ڏئي. هو دريا جي لهرن ڏانهن ٿــي نهاريندو ٿو رهي.)

پروتناٿ: پٽ لطيف! جي جهاز آهن نہ سدائين غرابن جي ڇاپا ۾ رڌ ها جڏهن هرد غوراب ٿين نہ پنهنجي ڇاپا جهازن تي ڌريندو اڇهان.

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا هڪ ئي ٻيڙو ڪنهن جي اڳيان جهاز ۽ ڪنهن جي سامهون غوراب نہ ٿو ٿي سگهي؟

پروتناٿ: اسان کي اهو ئي جواب ڪپندو هو. ڇاپا ۾ ره، ڇاپا ڏي. آهي تہ سڀ مايا ئي مايا، جهاز بہ مايا، غوراب بہ مايا، هڪ جو ٻئي سان جنجهڙ بہ مايا نہ سمنڊ بہ مايا ۽ سمنڊ ۾ وهڻ يا ٽرڻ بہ مايا. ٻر پٽ، مايا جا ناٽڪي پردا پار ڪرڻ لاءِ جيو کي اهي ناٽڪ تہ ڪرڻا ئي پون ٿا:

پر هنن جون اکيون ! اکين ۾ ڄڻ ته عشق ۽ عقل جا سمنڊ ڇوليون ماري رهيا آهن. جيتوڻيڪ خليفو ۽ درباري ڪافي غصي ۾ آهن ته به هنن کي ڪائي پرواهه ڪونه آهي. هنن جي سڄي وجود جو اطمينان ڄڻ اعلان ڪري رهيو آهي ته اسان لاءِ زندگي ۽ موت ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي.)

خليفو : (اوچتو ٿڪ ڏيئي) هي پاگل ديوانا! هنن ايئون فرقو جاري ڪيو آهي...... هٽايو هنن ڪافرن کي هتان. دور ڪيو هنن دوزخين کي منهنجين نظرن کان. چاڙهيو وڃي هنن کي ڦاسيءَ تي. هڪدم...

(درٻار ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي ٿي وڃي. موت جو فيصلو ٻڌڻ جي باوجود انهن ٻنهي ديوانن جي چهرن چاهي اکين مان نه خوف ٿو ظاهر ٿئي، نه معافيءَ جي خواهش! هو بلڪل لاپرواهه آهن. ڄڻ موت جي سزا کين نه پر ڪن ٻين کي ملي آهي. سپاهي هنن کي گهليندا درٻار کان ٻاهر وٺي ٿا وڃن.)

ڦاسيءَ جو ميدان / ٻاهر / ڏينهن

وائيڊ شاٽ. ميدان جي وچ ۾ ڦاسي ڏيڻ جو بندوبست ٿيل آهي. پنج ئي قيدي قطار ۾ بيٺا آهن. ڦاسيءَ جي اڳيان به جلاد موجود آهن. تختن جي آس-پاس ڪجهه سپاهي بيٺا آهن. ڦاسيءَ جو نظارو ڏسڻ لاءِ عام جنتا به دائرو ٺاهي بيٺي آهي. قيدي قطار ۾ هيئن بيٺا آهن: ابو حمزه، عرقام، شبلي، نوري ۽ آخر ۾ جنائد.

ڦاسيءَ جون تياريون مڪمل ٿي ويون آهن. جلاد سپاهين کي

ٽپا ٿا ڏين، ڳائن ٿا، جهومن ٿا، ناشائسته گفتا ٻولين ٿا. هو ايترا ته گستاخ آهن جو نه خليفي کان ٿا ڊڄن نه دين-ايمان کان. ٻاڻ ۾ ملندا رهن ٿا ۽ بدتميزي جي نمائش ڪندا ٿا رهن.

خبر پوندي ئي خليفو ۽ درٻاري تپي باهه ٿي ويا. الملان ڪمائون ته جهڙن نه اهو فرقو بد دماغ اپراڌين ۽ مجرمن جو آهي ان ڪري جيڪڏهن خليفو انهن جي اڳواڻن کي ڦاسي تي لٽڪائي ماراڻي ڇڏيندو ته باقي ديوانن جا هوش ٺڪاڻي ۽ ٺڪاڻي لڳي ويندا. خليفي حڪم ڪيو ته گهڻي اچو بدتميز بداخلاق گستاخن کي منهنجي سامهون درٻار ۾ ... ۽ ... ابوحمزه، عرفان، شبلي، نوري ۽ جنائد کي درٻار ۾ خليفي جي سامهون پيش ڪيو ويو...

(ڪئميرا شاهه لطيف جي چهري تي. شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز-اپ.)

خليفي جي دربار / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز خليفي جي اکين تي. ڪئميرا جي ٽلٽ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته خليفو تخت تي ويٺو آهي. درٻار لڳي پئي آهي. خليفي جي سامهون قيدين جي حالت ۾ ابوحمزه عرفان، شبلي، نوري ۽ جنائد بيٺا آهن. هنن جي آسپاس ڪجهه سپاهي به بيٺا آهن جن جي هٿن ۾ تلوارون آهن. سڀ ئي قيدي صورت شڪل مان بالڪل معمولي ۽ اڌ-پاگل لڳي رهيا آهن.

ڪندس، ٻيءَ دنيا ۾ اوترو ئي الله جي وڌيڪ
قرب ٿيندس- ويجهو ويندس.

(جلاد ۽ ٻيا موجود ماڻهون نوريءَ جي گفتن کي سمجهڻ جي اها ڪوشش ئي ڪري رهيا آهن ته هڪ درٻاري تڪڙو تڪڙو اتي اچي پهچي ٿو ۽ هڪ ٻئي درٻاريءَ جي هٿ ۾ فرمان ڏئي ٿو، درٻاري فرمان پڙهي ٿو.)

درٻاري : عالم پناهه جو حڪم آهي ته هن جي ڦاسيءَ کي روڪيو وڃي. قاضي صاحب اچي رهيو آهي. اهو هن سان گفتگو ڪندو، سوال جواب ڪندو ۽ ان کان پوءِ هن جي نصيب جو فيصلو ٿيندو.

(عام ماڻهن ۾ چؤ ٻولو مچي ٿو وڃي. پنجئي دوست خاموش آهن. درٻاري سڌائيءَ ۾ دور نهاري ٿو.)

❂

خليفي جي درٻار / اندر / ڏينهن

(واقعو شام. خليفو تخت تي ويٺو آهي. درٻاري موجود آهن. پنجئي دوست هڪ طرف ڪان قطار ۾ بيٺا آهن. خليفي جي سامهون قاضي بيٺو آهي.)

قاضي : عالم پناهه! جيڪڏهن ڪوئي هن پنجن الله جي عزيز عالمن کي بغاوتي ۽ ڪافر سمجهي ٿو ته مان هن ئي وقت صاف صاف لفظن ۾ لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ته سڄي زمين تي ڪوئي ديندار، ڪوئي مذهب جو پابند آهي ئي ڪونه.

(درٻار ۾ مڪمل خاموشي. خليفو سواليه نظرن سان قاضيءَ طرف

اشارو نه ڪري ته ابو هريره کي آڻدو وڃي. جنهن تي سپاهي
ابو هريره کي اڳتي قاضيءَ جي تخت ڏانهن وٺي وڃڻ چاهن
ٿا، نوري هڪدم اچي پنهنجن سائين جي اڳيان ٿو اچي. هو
ڪافي خوش لڳي رهيو آهي.)

نوري : مان سڀني کان اول موت کي گلي لڳائڻ چاهيان ٿو

جلاد : ميان، اجا تنهنجو وارو ڪونه آيو آهي. قاضيءَ جو
تخت يا تلوار ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن لاءِ تون
موت کي جلدي ڪرڻ لاءِ چئين. هيءُ موت آهي،
انعام ناهي.

نوري : برادر، منهنجي زندگيءَ جو بنياد ئي موت تي
ٻڌل آهي. زندگي دنيا ۾ سڀني شين کان وڌيڪ
قيمتي شيءِ آهي. مان لذاتي طور قربان
ڪرڻ چاهيان ٿو منهنجي زندگيءَ جا ڪجهه اهي
لمحا جيڪي بچيل آهن، پنهنجن دوستن تي، جئين
انهن جي زندگي، ڪجهه لمحا ئي سهي، دراز ٿي
وڃي.

(جلاد ڪاوڙي ڪنهي رهيا آهن. سپاهي چاهي عام ماڻهون عجب
ڀريل نظرن سان نوريءَ جا نه سمجهه ۾ ايندڙ ٻول ٻڌي رهيا
آهن. نوريءَ جا دوست پنهنجو پاڻ ۾ مگن آهن.)

نوري : منهنجو خيال آهي ته ٻيءَ دنيا يا جنت جي هزار
سالن جي عمر کان هن دنيا ۾ زندگيءَ جي هڪ
گهڙي، هڪ پل، هڪ لمحو وڌيڪ قيمتي آهي...
هتي مان بندن جي خدمت ڪري ٿو سگهان، هن
دنيا ۾ فقط الله جي قريب هوندس ٻيو بندن جي
خدمت کان وانجهيل...
هن دنيا ۾ جيتري بهتر نموني مان الله جي خدمت

سواءِ اسان کي ٻيو ڪجهه به نه گهرجي .

خليفو : توهان کي روڪي رکڻ ۽ توهان کي ٻڌائي ڇڏڻ نه ڪنهن لاءِ ممڪن آهي ۽ نه مفيد ......

(ٻيئي صوفي دربار مان وڃن ٿا. ڪئميرا هنن جي پٺن کي ڪوَر ڪري رهي آهي.)

۞

درياهه / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. هو ڪجهه چئي رهيو آهي.)

شاهه لطيف : شريعت ٻڌي رسمن رواجن جي سهاري انسان ۾ ويڇا وجهي ۽ دلين کي ڪٽي جدا ڪري ٿي پر صوفين جي طريقت ڪائنات جي هر شيءِ کي هڪ ٻئي سان جوڙي هڪ ڪري سگهي ٿي.

(ڪئميرا ٿوري پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان شاهه لطيف، پروتنات ۽ جوڳين کي ٻيڙي ۾ سفر ڪندو ڏسون ٿا.)

ڪمل نات : ڇئبو طريقت صوفين جو اهو ٻرهم - اَستر آهي جنهنجي سامهون نفاق جو گهٽو ٽڪيچ هڪ پل به ٽِڪي نه سگهندو !

شاهه لطيف : گهٽو ٽڪيچ ؟

ڪمل نات : ڀيمسين جو پٽ. وشال آڪار واري گهٽو ٽڪيچ مهاڀارت جي يڌ ۾ ڪورون جي سينا ۾ هاهاڪار مچائي ڇڏي هئي...

پروتنات : گهٽو ٽڪيچ کي مارڻ لاءِ ڪرڻ کي اندر - استر ڪم آڻڻو پيو هو، جيڪو اندر - استر هن ارجن

نهاري ٿو.)

قاضي : حضور، هي سڀ شخص جيڪي توهان جي سامهون مجرمن ۽ باغين جي صورت ۾ پيش ڪيا ويا آهن، سڄيءَ دنيا، مان ٻڌائيندو ڪوني ته اهي اصل ۾ ڪير آهن ؟

(هرڪو درٻاري هڪ ٻئي جو منهن تڪي ٿو. ڪنهن وٽ به ان سوال جو جواب ڪونه آهي. خود خليفو به حيران آهي.)

قاضي : هي سڀ ٿي اسان جي دور جا شان، عظيم صوفي آهن- ابو حمزه، عرقام، شبلي، نوري ۽ جنيد... هنن جي زندگيءَ جي طريقي تي عجب نه کائو. صوفين لاءِ اهو طريقو طريقت آهي ۽ ان جو سلسلو هو آنحضرت محمد صلعم صلي الله عليه وسلم جي سنت ۽ نباهي حضرت عليءَ سان ٿا جوڙين...... اهي هي پردي ۾ آهن. جلوه - نما ٿيندا ته زمين کي نور سان ڀري ڇڏيندا ۽ الله ۽ ٻانهي جي درميان جيڪي دوريون آهن اهي مٽائي ٻنهي کي هڪ ڪري ڇڏيندا.

(خليفي جي دل ڀرجي آئي آهي. هو آڱر سان اکين جون آليون ڪنڊون سڪائي ٿو.)

خليفو : اسان پشيمان آهيون جو اسان توهان جو قدر نه سڃاتو ۽ ٻنا سوچي سمجهي، تڪڙ ۾ سزا جو اعلان ڪيو. يا الله! هي اسان کان ڇا ٿي ويو...... توهان جيڪو ڪجهه گهرندؤ اسان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪو ڪجهه چوندؤ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان سڀ پشيمان ۽ شرمنده آهيون.

ابو حمزه : اسان کي هتان وڃڻ ڏيو ۽ ٻلائي ڇڏيو- اڻ کان

ڪئي انهن تيرٿن جو درشن ڪرڻو هو، ان ڪري ئي اها واٽ ورتائون.

شاهه لطيف ”سر رامڪلي“ ۾ نارائڻسر جو ذڪر ڪيو آهي:

منجهين ناسو ڀڪيا،
منجهين نارائڻسر.

ماتا جي مندر جو درشن.

نارائڻسر جي ڀرسان ئي ”ماتا جو مڙهه“ نالي استان آهي جتي ماتا جو مندر آهي. شاهه لطيف ”سر رامڪلي“ ۾ ئي هڪ هنڌ ان ڏانهن به اشارو ڪيو آهي:

مڙهيءَ جو من مذڪور، ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي.

چترالو جا شانس.

لکپت ۽ اُبڙاسو جي وچ ۾ چتراڙو نالي هڪ ڏونگر آهي، جتان اڳي هڪ درياهه وهي، مانڊوي جي ويجهو ڪڇ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندو هو. انهيءَ کي ”پورال“ يا ”پچڻهل“ درياهه چوندا ها.

سڪل درياهه جا درشن.

اهو درياهه ڪيترن سالن کان سڪي ڀڙون ٿي ويو آهي.

کي مارڻ لاءِ رکيو هو.
(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتماڻ طرف نهاريندو. پروتماڻ
هن جو مطلب سمجهي نه وڃي.)
پروتماڻ : ڪرڻ فقط هڪ دفعو ني پڙهه - استر ڪم آٿ
ني سگهيو.
(پڙهو اڳتي وڌندو نه وڃي. درياءَ ڇولين ماري رهيو آهي.)

سوتر ڌار (فقط آواز)

مکهه پٽن جي پرڻان ڪوري
ڪاري آهي. شاهه لطيف
مهاڀوڳي پروتماڻ ۽ پڻ
جوڳين سان گڏ ڪوري ڪاري
اُکري ٻـار ڪڻي ۽ ڪچ
جي هاڪاري بندر "لکپت"
اچي پهتو. جوڳين گرنار
وڃڻ لاءِ هيءُ رستو جنهن
مطلب کان چونڊيو هو اهو
بلڪل صاف آهي،
لکپت جي ويجهو ٻه
تيرٿ استان آهن. هڪ تيرٿ
جو نالو آهي نارائڻسر ۽ ٻئي
تيرٿ جو نالو آهي ڪوٽيسر.
اهي ٻئي تيرٿ هڪ ٻئي جي
بلڪل ويجهو آهن. جوڳين

درشيه

پوڙهي ۾ شاهه ۽ جوڳي...

لکپت بندر جا ڪجهه شاٽس

نارائڻسر ۽ ڪوٽيسر جا ڪجهه
شاٽس.

سالن کان ٻڌوءِ کهڙا
لاپ ٻڌا هيا تن جي
ته خبر ڪو نه آهي پر
مشهوري ڪيس واه جي ملي.
شاه لطيف ڪيس أمر ڪري
ڇڏيو .

جسودن جهڙا ٻار ،
ڪهڙا ويا وماس ۾ ...
۽ شايد جسودن جي حالت تي
شاه لطيف جي منهن مان
"سر ڏهر" ۾ چيو آهي :

صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون ،
ٻن ٻوڙن پاتال ۾ ، ٻيڙا تارڻ تون ،
جهڪر اچن مون ، ته مهرباني مان لهان !

۽ انهيءَ سر "ڏهر" ۾ پڪار
ڪئي اٿائين :

مديني جا مير ! سڀ منهنجا سڏڙا ...
۽ دل ۾ ڇڪو هونداٿين - شيءِ جي ڇاپا کان ڀڄاءُ !

شاه لطيف جوڳين سان گڏ
پڄ به ويو هو ۽ أتي ٻالا ٻهر
جي درگاه جي زيارت ڪئي
هئائين ..

ٻالا ٻهر جي درگاه جو درشن.

شاه لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ
مان ٻاٽيءَ رستي ڪڇ ڏانهن
وڃي سگهبو هو . ١٦ جون

درياه جو درشن .

شاهه صاحب رسالي جي "سر ڏهر" ۾ الهي، پڻ ويءي جو نالو ۽ اُتان جي حاڪم جسودن موراڻي بابت اشارا ڏنا آهن. راجا جسودن موراڻي تي شنيءَ جي سائيسٽوريءَ جو گره اچي ويو انهن سائين سٽن سالن ۾ ٿيهل ديباه سڪو ملڪ ۾ پيدائڪ ڏڪار پيو ۽ راجا پاڻ فقير ٿي ديش ڇڏي هليو ويو!

ڪٿا! تون ڪيڏو، جڏهن پاڻ پوءِ وهي، جسودن جهڙو، تو کو ڪڏهو ٿهڙو؟

شنيءَ کي سنتانيندڙ ۽ سخت ٿهڙائون ڏيندڙ گره ڪري ميڄيو ويو آهي. پر، شنيءَ بابت انهن بـ چڱو ويندو آهي ته ويندي ويندي هو فائدي واري لعاب هٽي ويندو آهي. شنيءَ جون سختيون انسان کي سون ۽ سون کي پارس بڻائي ڇڏينديون آهن. راجا جسودن موراڻي کي سائين سٽن

شنيءَ – ڌرتا جو چٽر جدا جدا ٿيهن کان ڏيکاريو ويو آهي.

شنيءَ گره جو چٽر.

سڀر سؤر – مدبل.

سؤ رمدبل جا پارنهن ڪالهنڪ حصا.

شنيءَ گره جو چٽر.

(ڪئمرا آهستي آهستي پل پل ڪندي ٽي وي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پروهت، شاه لطيف ۽ ٻيا جوڳي دوارڪاناٿ جي مندر ڏانهن وڃي رهيا آهن. عام رستو آهي ان ڪري ٻيا به ڪيترائي ماڻهو اچ - وڃ ڪري رهيا آهن- پرش، استريون، ٻار ۽ ٻڍا، جوان. ڪڏهن ڪن ياترين جي منهن مان "دوارڪاناٿ کي جئه" "ڀڳوان ڪرشڻ کي جئه" "جسودا-نندن کي جئه" وغيره جئه جئه ڪار جا نعرا به اڀرن ٿا.)

پروهت: هي لطيف، سنسار جي اوتارن، پيغمبرن ۽ ايشوري-پرشن تي نظر وجهي ڏس. سڀ جا سڀ گنڀير، اداس ۽ دکي لڳندا. تون اوتارن ۽ پيغمبرن کي نه نچندو ڏسندين، نه بانسري وڄائيندو ڏسندين، نه راس-ليلا ڪندو ڏسندين ۽ نه شرارتون ڪندو ڏسندين. ڪين يا ته وڻن جي ڇايا ۾ اُپديش ڏيندو ڏسندين، يا ريگستانن ۾ اڙندو ۽ جنگيون ڪندو ڏسندين يا ڪنهن ڪنڊ پاسي اڪيلائيءَ ۾ من سان واد - وواد ڪندو محسوس ڪندين. ڪرشڻ جهڙو پورڻ پرش ٻيو ڪو هن ڌرتيءَ تي ڄائو ئي ڪو نه آهي جيڪو بانسري به وڄائي سگهي ۽ سدرشن چڪر به هلائي سگهي- جيڪو سڀ ڪجهه ڪندي به هر ڪرم کان مڪت رهي...

شاه لطيف: منهنجو خيال آهي ته شوَ ۾ به اهي سڀ گڻ ۽ شڪتيون آهن.

(پروهت فخر، خوشي ۽ عجب ڀريل نظرن سان شاه لطيف طرف نهاري ٿو. شاه هلڪو مرڪي ٿو.)

پروهت: توهانجو چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي. شو جهڙو ٻيو پورڻ پرش سنسار ۾ پيدا ٿيڻ ممڪن ناهي. پر هيءُ،

١٨١٩ع ۾ هتي نهايت خوفناڪ
زلزلو ٿيو هو. رڻ جو علائقو
۽ رهندڙ ماڻهن جا ست هزار
کن گهر زمين دوز ٿي ويا ها.
هزارين ماڻهو اجل جو بک
ٿي ويا ها. ۽ ان زلزلي ۾ ئي
پاڻيءَ پنهنجو پاسو بدلائي
ڇڏيو ۽ ڪڇ سنڌ کان ڪٽجي
ويو. ٻنهي ڀرائن جي وچ ۾
ڪوئي دريائي رستو رهيو
ئي ڪونه ...
شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
ڀڄ کان مانڊوي ويو ۽ اتان
ڪڇ جي نار اڪري دوارڪا
ويو ...

زلزلي جو درشن.
زمين دوز ٿيندڙ جڳهون ...

ڪڇ جي رڻ جو نظارو.

دوارڪا مندر طرف ويندڙ رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز مهايوگي پروتمانت جي چهري تي. هو هلندي هلندي ڳالهائي رهيو آهي.)

پروتمانت: ڀٽ لطيف، ڪرشڻ جهڙو پورڻ پرش نه اڳي ڪوئي ٿيو هو، نه هن وقت آهي ۽ نه آئينده ۾ ٿي ٿيندو. ڪرشڻ ڪرشڻ آهي. ڪرشڻ جهڙو ڪوئي ٻيو ٿئي، اهو سوچي ئي نه ٿو سگهجي.

ماحول ڪرشن - مي، راس - مي، آنند - مي ۽ ڀڪتي - مي لڳي رهيو آهي.
پرونتيت جوڳين جي انسالي ۽ شاه لطيف سوڌو دوارڪاناٿ مندر ۾ داخل ٿي رهيو آهي. سوترڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو) :

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
دوارڪا جو ترت سڄي ڀارت جي مکيه تيرٿن مان هڪ آهي. هي آهي دوارڪا- ناٿ جو وڏو مندر. نهايت اونچو. وچ واري ڀاڱي ۾ ست ڏنيا.	پرونتيت، جوڳي ۽ شاه لطيف مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.
هن استان کي گومتي دوارڪا چوندا آهن.	گومتي دوارڪا جو درشيه. جوڳين جا ڪجهه شاٽس.
گومتي دوارڪا جي ڀرسان آهي مول دوارڪا. مهاڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ ٻاڏي ويو هو. ان جي ٿوري اڳهل ڀاڱي کي مول دوارڪا چون ٿا...... ۽ هي آهي رڻ - ڇوڙ جي جو مندر.	پرونتيت، جوڳي ۽ شاه لطيف مول دوارڪا ۽ رڻ - ڇوڙ جي جي مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.

(پرونتيت، جوڳي ۽ شاه لطيف هلندا هلندا هڪ تلاءُ وٽ اچي ٿا پهچن.)

شو اوتار ناهي. شو ديواديو آهي- ديون جو به ديو آهي. نٽراج ته تاندو نرتيه سان پوري سرشٽيءَ ۾ پرليه به ڪري ٿو سگهي. مهاديو جو ترشول نه فقط هڪ هٿيار آهي بلڪ "اوم" جو پرتيڪ به آهي ۽ ٽنهي لوڪن ۾ ٽنهي قسمن جي آپدائن کان مڪتي ڏيندڙ آهي. ٽي لوڪ آهن: آڪاش، پرٿوي، پاتال. ٽن قسمن جا دک، يعني ديوتائن طرفان ملندڙ دک، پرڪرتيءَ طرفان ملندڙ دک ۽ سنسار طرفان ملندڙ دک...

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا رهن.)

پروتداس : بيت لطيف، جوڳ ۽ تنتر جي باري ۾ ڪڏهن وارتالاپ ٿيو ته شو ۽ شڪتيءَ جي باري ۾ به ڪئين وچتر وارتائون ٻڌائيندو هو. تو شو جو پرتيڪ لنگ ته ڏٺو ئي آهي. جڏهن ڌيان ڪندين ته اهو به ڏسڻ ۾ ايندو ته استريءَ جي يونيءَ جي شڪل جهڙي هڪڙي شيءِ هوندي آهي جنهن ۾ لنگ استاپت ٿيل هوندو آهي يعني ان جي مٿان رکيل هوندو آهي. لطيف، اهي سڀ پرتيڪ آهن، اشارا آهن. پرش ۽ استريءَ جي گڏجاڻي الڳن ڪئي شو ۽ شڪتيءَ جو پرتيڪ ڇو ٺهيو ويو؟ ان سوال جي مٿان انساني من جون وڏيون وڏيون ڪرامتون ۽ شرارتون لڪل آهن.

(پروتداس، شاه لطيف ۽ جوڳي اڳتي وڌي رهيا آهن. ڪجهه دوري تي دوارڪا ناٿ جو وڏو مندر نظر اچي رهيو آهي. ڀڳتن ۽ درشن-ابلاشين جي اچ وڃ جاري آهي. ڪجهه جوڳي ڀڳتجن ٻانهن تي دوارڪا جي ڇاپ هڻائي رهيا آهن. سچو

ڏوڻي ڳوڙهي رهي آهي.)

پروتناٽ : ڪرشڻ جهڙو نه ڪوئي ٿيو آهي، نه ٿيندو.
ڪرشڻ جو مرلي ۽ سنگيت ۽ نرتيه جي راس-ليلا
هو ۽ هڪ آنند ڀريو مها - اُتسوُ هو.

(جيٽو اڳتي وڌي ٿو.)

پروتناٽ : هاڻي اسان هلنداسين پور بندر ڏانهن ...
جا حاڪم ڀاٽ ڪي ”راڻو“ چوائيندا آهن.
هو جيٺوا راجپوت آهن ۽ هنومان کي پنهنجو
اشٽ-ديوتا ۽ ڪل-پتا ڪري مڃيندا آهن. راڻن
جي گاديءَ جو هنڌ ”ڇايا“ نالي شهر آهي جتي
جهجهي وڏڪار آهي. ڇايا شهر کان ٿورو پريان
پور بندر آهي ...

(اڳالر هلندو ٿو رهي.)

پروتناٽ : چوندا آهن پور بندر اهو استان آهي جتي مهاڀارت
واري زماني ۾ ڪرشڻ جي ٻچپن جي سنگتيءَ ۽
الهه ڀڳت سداما جو شهر ”سداما پوري“ اڏيل هو.

(جوڳي اڳتي وڌندا ٿا رهن.)

پروتناٽ : پور بندر جو ڪنارو ڪافي خطرناڪ آهي. تون
ان کي طوفاني ڏڙ چڙهي ٿو سگهين.

شاهه لطيف: جهاز ضعيفن جو پاڻيءَ ۾ پرتيو،
سهڻ ساٿ سنڌوءَ، پور بندر پهچائين!

پروتناٽ : پور بندر ...

(پروتناٽ جي اکين جو ڪلوز - اپ)

پروتناٿ: لطيف! هي آهي ”گوپي - تلاءُ“...

شاهه لطيف: گوپي - تلاءُ!... جنهن تلاءُ ۾ گوپيون سنان ڪنديون هيون يا جنهن تلاءُ جي اڳيان ڪرشڻ سان گڏ راس - ليلا ڪنديون هيون؟...

ڪمل ناٿ: (وچ ۾) يا جنهن تلاءُ ۾ سنان ڪندڙ گوپين جا ڪپڙا چورائي ڪرشڻ وڻ تي چڙهي ويو هو؟ ۽ اهو وڻ ڪٿي آهي؟

(هيڏانهن هوڏانهن نهاري جڻ وڻ کي ڳولهي رهيو آهي جنهن کان ڪل ئي نڪري وڃي.)

پروتناٿ: ”گوپي - تلاءُ“ ۾ سنان ڪرڻ سان من ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ لاءِ اوترو ئي پريم پيدا ٿيندو جيترو گوپين جي هردي ۾ هو. لطيف! هيءُ سڀ ڀاونا ۽ وشواس جو ئي ڪم آهي. ڀاڳوت پراڻ ۾ تون گوپين جي پريم ۾ سوهڻن واري مستي ڏسندين. ڀڳت جي پريم ۾ ساڪار ۽ نراڪار ڪائي معنيٰ ئي ڪونه ٿو رکي. هڪ ڀڳت لاءِ پرماتما سدائين سامهون ئي آهي- ساڪار. ٻيو هن جي سامهون ڪوئي آهي ئي ڪونه، ڀاونا ۽ ڪلپنا کان سواءِ - نراڪار.

(گوپي تلاءُ مان ٻن تي ڪجهه ڇنڊا وجهي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌن ٿا. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. جيئن اڳتي وڌندو ٿو رهي، اوچتو پروتناٿ هڪ هنڌ بيهي ٿو رهي.)

پروتناٿ: هيءُ آهي اهو استان جتي هڪ شڪاريءَ ڪرشڻ ڀڳوان کي تير هنيو هو...

(پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان استان کي پرڻام ڪري اُتي ئي ڌيان ۾ ويهي ٿا رهن. ماحول ۾ بانسريءَ ۽ جهانجهه جي مڌر

پٽ لطيف، ڪڏهن اسان کي خيال ايندو
آهي ته اسلام جو عربستان مان اچي وڏي-وڏي،
سنڌ جي دروازي کان ڀارت ۾ داخل ٿيڻ هڪ
اهڙو چمتڪار هو جنهن مان ڀارت کي ڪي قدر
لاڀ ئي پهتو آهي...
اسلامي اثر هيٺ، پاکنڊي ۽ آڊمبري ڌرمن ۽ متن
جي خلاف جيڪا جاڳرتي پيدا ٿي ان جو نتيجو
اهو نڪتو جو اتر ڀارت ۾ اخلاقي ۽ نيتڪ
قدرن ۽ قيمتن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندڙ
نانڪ-پنٿ جو پايو پيو ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ وشنو ۽
لنگايت متن جو اڀرڻ ٿيو... نه ته ڀارت اخلاقي
گراوٽ جي انتم چرڻ ۾ وڃي پهچي ها.

(شاهه لطيف ڌيان سان پروتدانت جا وچن ٻڌي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اکيون آئيو ماهه، سڀائين سهاسين جون،
واري ڏيڻ نباهه، جاڳي جهليا جوڳين!
جماعون جوڙ ٿي، جوڳيءَ لاتو جار،
سنڌو ٻُرپ ٻار، آڇيائين انڌن کي!

پروتدانت: لطيف، جوڳي انڌن کي ڪجهه به نه آڇيندو آهي.
جوڳيءَ کي جڳماءِ جو منهن ڏسندي ئي پتو
پئجي ويندو آهي ته هن اکين ۾ ڪائي روحاني
روشني آهي يا نه- هن خاڪ جي ٿيڻ ۾ لڪل
ڪوئي اثر آهي يا فقط مٽي ئي مٽي آهي......
ڇو ته پٽ لطيف! اهڙن کي ڪجهه ڏيڻ بدلي پاڻيءَ
۾ پيٽ اُجهائڻ يا بي گناهن لاءِ تڪليفون ۽ ڪشٽ
پيدا ڪرڻ.

شاهه لطيف: ڇا هر ڌرم، هر مذهب، هر پنٿ، هر قوم جو

پوربندر جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(واڳهه شانت. سمنڊ ڇولين ماري رهيو آهي. پوربندر جي ڪناري تي مهايوڳي پروتداس، جوڳي ۽ شاهه لطيف موجود آهن. اڪثر جوڳي يوڳ جي ساڌنائن يا ڌيان ۾ رڌل آهن. هرڪو پنهنجي پنهنجي منهن ڪجهه - نه - ڪجهه ڪري رهيو آهي.
پروتداس ۽ شاهه لطيف هڪ پاسي ويٺا هڪ ٻئي سان ڳالهائيندي رهيا آهن. ڪمل داس هنن جي سامهون ٿي پدم آسڻ لڳائي ويٺو آهي.)

پروتداس : جڳت-گرو شنڪر آچاريه جو اوتارجڻ ڀارت جي ڌرمي اتهاس جي هڪ اهم گهٽنا آهي. هنجي مقناطيسي اثر جي ڪري سمهيل ۽ غافل سناتن ڌرم وري جاڳي اٿيو ۽ ويدانت جي ادويتواد جو نعارو چئني ڏسائن ۾ وڄڻ لڳو.
پر لطيف، شنڪر آچاريه جي تيجسوي ۽ سورهيه هستيءَ جي سامهون عياش، ولاسي ۽ ناستڪ ٻوڌ-ڌرم جا پير کڻي نه سگهيا...

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتداس طرف نهاري ٿو.)

پروتداس : هائو پٽ، عجب نه ڪاءِ. ٻوڌ-ڌرم جنهنجو پايو گوتم ٻڌ وڌو هو، ان لاءِ هو جيئن سناتن ڌرم جي پاکنڊن کان عام جنتا کي مڪتي ڏياري سگهي، اهو ئي ٻوڌ-ڌرم اڳتي هلي خود به پاکنڊ ۽ اناچار جي جار ۾ ڦاسي ويو ۽ تنترن-منترن جو سهارو وٺي عام جنتا کي انڌ-وشواس ۾ ڦاسائڻ لڳو. اڳتي هلي سڌ-پرمپرا ۾ سهج-ياني ۽ وجر-ياني ٿيا، اُنهن ته اناچار جي حد ڪري ڇڏي.. اصل هرڪو ليکو لتاڙي ويا!

استادن مان مار کائي وديشن ۾ شرارتي ٻڌجي وڃي
وڃو! پرڀوءَ جي ليلا اپرمپار آهي، ٻت!

شاه لطيف: ڇاڪاڻ شنڪر آچاريه انسان نه پر وديا، گيان ۽ علم
جو اوتار هو...

پروتناٿ : شنڪر آچاريه لاءِ مشهور آهي ته:

अष्टवर्षे चतुर्वेदी اٺن سالن جي عمر ۾ ئي هن چار
ئي ويد ۽ زبان ياد ڪري ڇڏيا.

द्वादशे सर्व शास्त्र वित् ٻارهن سالن جي عمر ۾ سڀ هو
سڀني شاسترن جو پارنگت ودوان ٿي ويو.

षोडश कृतवान भाष्य سورهن سالن جي عمر ۾ ئي
هن شاسترن تي ڀاشيه لکيا ۽

द्वात्रिंशे मुनिरभ्यगात ٻٽيهن سالن جي عمر ۾ ئي هن
سدا لاءِ سمادي ورتي.

(جوڳي ٻنهي ڀينرن ڪارڻ ۾ مگن آهن. ڪمل ناٿ ٻسانٽ جيتوڻيڪ پدم-آسڻ سڀائي ويٺو آهي ۽ پاڻ کي ڌيان ۾ گم ڏيکاري رهيو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اکيون ٽمٽ ڪري سمنڊ جي ڇولين کي يا پروتناٿ ۽ شاه لطيف ڏانهن به نهاري ٿو.)

شاه لطيف! ماشاءَ الله! جگت-گرو شنڪر آچاريه گلاب جو گل
هو- ته گهڙيون ٿڙيو پر سڄي گلشن کي معطر ڪري
ويو، سگندين سان ڀري ويو.

ڪمل ناٿ : (اوچتو پنهنجون اکيون کولي): لطيف، گل ته مان
به آهيان- ڪمل جو! ڪيچڙ ۾ جنم وٺڻ پر
سدائين نرليپ رهان...

شاه لطيف: ڳالهه ته چڱي رکيو آهي ڪمل ناٿ! هار ڪڏهن ڪي گل
سڌ ڀٽائين ته ڇا نه مان خوشبوءِ اچي لڳندي؟ مون
ته اڪثر رهڻن ۽ ڪرين کي ڇنگهڙي ظلم ڪندو

انت اهڙو ئي نيٺو آهي؟

پروتناش: سنسار جا سڀ پدارٿ - جڙ، چيتن، ٿلهو يا سوکشم - وناشڪي آهن، پرتيومڪي آهن. ڪنهن تي ڪٽ چڙهندي، ڪوئي ٽڪجي ويندو، ڪوئي ڪاٽجي ويندو، ڪوئي گسي ويندو، ڪوئي رڃي ويندو، ڪوئي سڪي - سڙي ويندو ۽ ڪوئي لٽو ٿيندو ٿيندو نشٽ ٿي ويندو. پرت لطيف، سنسار جا سڀ پدارٿ وناش- مڪي ۽ پرتيومڪي آهن- اهو سدائين سچ آهي، اٽل نيم آهي.

(پروتماس ۽ شاهه لطيف ڪناري تي ڪجهه پنڌ ڪن ٿا. سمنڊ جون چولهون گهان - ورتا لاءِ بلڪل موزون اتڪ گرائونڊ ٺاهي رهيون آهن.)

شاهه لطيف: ڇا اهو سچ آهي ته جڳت-گرو شنڪر آچاريه ٻڌ - ڌرم جي هڪالي ڀارت کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو؟

(جواب ڏيڻ کان اڳ پروتماس ڪجهه سوچي ٿو.)

پروتناش: ان حقيقت کي اهن شبدن ۾ چئي ها ته سگهجي. واد - وواد ۾ جڳت - گرو جي سامهون ڪوئي اهي نه سگهندو هو. ٻڌمتن وچڙ - وچڙ دليلن سان سامهون واري جو آتم - بل ئي نشٽ ڪري ڇڏيندو هو... حقيقت ۾ جڳت-گرو جي دليلن مار سان گڏو گڏ ٻڌ - ڌرم ۾ گهسي آيل خاميون ۽ پاکنڊن ان کي عام جنتا جي دلين تان لاهي ڇڏڻ ۾ وڏو ڀاڱو ورتو... ۽ ان طرح هڪ مهان وچار - ڌارا، هڪ مهان ڌرم ٻڌمت جي جنم -

تہ ڪھڙا منتر پڙھجن ۽ جيءَ ڪنهنکي وس ۾ ڪرڻو هجي تہ وشيڪرڻ منترن جو جاپ ۽ ڌيان ڪيئن ڪجي. مطلب تہ موڙڪن کي هرڪائڻ جو اوُرو پوُرو اندو بست ڪيل آهي انهن گرنٿن ۾.

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا تنتر-شاستر آهي ئي انهن ۽ اهڙن شيطاني ڪارستانين لاءِ؟

(پروتناٿ شاهه لطيف جي سوال جو جواب هڪدم ڪونہ ٿو ڏئي. هو ڏوُر خلائن ۾ نهاري ڪجهہ سوچي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: سوامي جي! ڪرپا ڪري منهنجي سوال جو جواب صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايو. مون کي ڇٽو جواب گهرجي.

پروتناٿ: نہ، ائين ناهي. تنتر-شاستر ڪئين ڪرتوُتن جو وڏي-وڏان ڀنڊار آهي... تنتر يوگ کان بہ مهان شڪتي آهي. جتي يوگ پورو ٿو ٿئي، تنتر اُتان شروع ٿو ٿئي. يوگ ٿو ٻي ٻنڌن لاءِ وڃي. يوگ چوي ٿو: هي ڪر- هي نہ ڪر- هي سٺو آهي، هي برو آهي. يوگ تنهنجي ڌرتيءَ کي ڀاڱن ۾ ورهائي ٿو ڇڏي... پر تنتر ائين نہ ٿو چوي...

(ڪجهہ دير شانتي)

پروتناٿ: تنتر لاءِ نہ ڪجهہ برو آهي، نہ سٺو. تنتر ۾ ورجنا-روڪ ٿام آهي ئي ڪونہ. تنتر صفتن ۽ وشيشڻن ۾ وشواس ئي ڪونہ ٿو رکي. تنتر لاءِ نہ پوُڄب آهي نہ پوشيہ. تنتر لاءِ هڪ ئي ڪال آهي- ورتمان ڪال، زمان حال.

تنتر ڌارا سان گڏجي، هڪ ٿي وهندو وڃڻ ۾ ئي وشواس ٿو رکي. تنتر چوي ٿو: ڌارائن جي

ڏنو آهي.

پروتناٿ: ٻيا لاءِ ٽيا ڳرڻ جا مثال مشڪل سان ملندا آهن.

(ڪجهه پل ٻئي خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن. سمنڊ جون ڇولهون ڏاڍيون زور واريون لڳي رهيون آهن. ٻيئي ڄڻا هڪ هنڌ وهي ٿا رهن.)

شاهه لطيف: سوامي جي! ويدڪ ڌرم ۾ اناچار ڦهليو ته ٻڌ ڌرم جو ڇا ٿيو هو...

پروتناٿ: ٻڌ - ڌرم ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو - هينيان ۽ مهايان. هينيان سنياس-پرڌان رهيو ان ڪري عام جنتا تي نه - جهڙو اثر وجهي سگهيو. عام ماڻهون هينياني ٻوڌن کي مان عزت ته ڏيندا ها پر لوڪ لاءِ اُپيوڳي نه سمجهندا ها. مهاياني لوڪ - پرڌان ها. عام لوڪن سان لهه - وچڙ ۾ ايندا ها. ان هوندي به هو پنهنجي پراچين سنياس - پرڌان مدوو رتين جو تياڳ نه ڪري سگهيا. جيتوڻيڪ اڳتي هلي ٻوڌ - ڌرم ارڙهن شاخائن ۾ ونڊجي ويو، ان جي باوجود عام جنتا لاءِ ٻوڌ - ڌرم سنياس جو ڌرم ئي رهيو.

پت لطيف، اهو ٻڌ - ڌرم جڏهن پوريءَ طرح ٻڌايو ۾ پوُرڻ وشواس رکندڙ هو، هڪ ڏينهن منترن-تنترن جو جهملو وجي رهيو. ٻوڌ - تنتر-گرنٿن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙي سڌي ٻا شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ديوتا جي ۽ ڪهڙن پوڄا - اُپاسنا ڪجي. تنتر گرنٿن ۾ ٻڌايل آهي ته ڪنهنکي مارڻو هجي يا بيمار ڪرڻو هجي ته ڇا ڪجي، ڪنهنکي پنهنجو غلام بڻائڻو هجي

سڌ - پرمپرا جو آرنڀ ٿيو. سڌن جي سنکيا چوراسي آهي. هنن جي دل ۾ سناتن چاهي ٻوڌ ڌرمي ڌرمن لاءِ وروڌ جي ڀاونا هئي. ٻراهمڻن ۽ ٻوڌن جي پاکنڊ پربل وهنوار، سڌن جي آتما کي ڪنبائي ڇڏيو ۽ هو اناچار، اتياچار ۽ پاکنڊ جي جڙ ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي ويا......

شروع شروع ۾ سڌ سهج - باڻي هـا - ساڌوڪي، ٻوليءَ ۾ تياڳي! سهج - باڻي سڌن ساڌنا ۾ چمت - ڪريءَ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. هنن جي مکيه ٻه روپ ڪنبن - ممبن جي هوندي هئي. ساموهون واري فرقي جي مهنتن جو ڪئور لفظن ۾ ڪنبن ۽ ٻنهجي ممت جو ٻه ٻور ممبن......

شاهه لطيف : ڪنبن - ممبن... لفظ تمام سٺا آهن ۽ ٻنهجو ڀاڳ وڏا مطلب ٻه رکن ٿا.

(ڪجهه دير شانتي)

پروتناٿ : پٽ لطيف! سهج - باڻي پنهنجن اوتڪن وچارن، آدرشي هلت چلت ۽ سهج - سرلتا کي گهڻو وقت قائم نه رکي سگهيا. سهج - باڻين مان ئي وجر - باڻي ڦٽي نڪتا. وجر - باڻي سڌن جي مکيه ساڌنا وڃي ٿي : ڪمل - ڪلش ساڌنا!

(شاهه لطيف پروتناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪملناٿ: سوامي جي! لطيف کي ڪمل - ڪلش ساڌنا مان سمجهايان ؟

(پروتناٿ ڪملناٿ ڏانهن شوڪي نهاري ٿو.)

پروتناٿ : ڪمل يعني استريءَ جي يوني ۽ ڪلش معنيٰ پرش جو لنگ. وجرياڻي سڌ، ڪمل - ڪلش يعني

اُتر وهندين ته ٿڪجي پوندين ۽ ٿڪل انسان نه ڪجهه پراپت ڪري ٿو سگهي ۽ نه وري پراپت ڪيل وستن مان آنند ئي ماڻي ٿو سگهي. تنتر چوٿو: ڌارائن مان گڏجي هڪ ئي وهندو هو، نديءَ وانگر وهندو هو، سميٽيندو هو، گرهڻ ڪندو هو، پوکيندو هو، ڇڏيندو هو، پسائيندو هو ۽ آخر ۾ مهاساگر سان ملي هڪ ٿي وڃ.

شاهه لطيف: شايد ان جي ڪري ئي تنتر جو ارٿ ئي الٽو ٿي ويو آهي.

پروفيسر : تنتر هڪ مهاشڪتي آهي. پر جي ان جو اپيوگ فقط سنساري سک پراپت ڪرڻ لاءِ ڪجو ته اها شڪتي بدنام ته ٿي ئي ويندي.. هڪ تانترڪ لاءِ انسان جي دماغ کي، انسان جي سوچڻ وارن شڪتين کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ هڪ سادارڻ ڳالهه آهي. ۽ پوءِ لطيف، جي دماغ ئي پرروس ٿي ويو ته باقي ٿو وڃي رهي ئي ڇا ؟

شاهه لطيف : (اکين ۾ چمڪ آڻي) اوه! ائين آهي؟

پروفيسر : هائو، ائين آهي.

ڪملناٿ : هائو، لطيف! ائين ئي آهي. ڏسين ڪونه ٿو ته انسان سڀئي جوڳين جا دماغ ۽ مغز پرروس ٿيا پيا آهن! هڪ اسان جوڳيءَ جو دماغ پنهنجي وس ۾ ڏسين ٿو؟

(ويجهو اچي ٿو ۽ شاهه لطيف جي ڪن جي ڀرسان منهن ڏئي چوي ٿو.)

ڪملناٿ : تنهنجي دماغ جو ڪهڙو حال آهي لطيف؟

(شاهه لطيف فقط مرڪي ٿو.)

پروفيسر : پڇ - ڏيم ۾ ڦهليل اناچار جي پرتڪريا ۾ ئي

ڇڪرَيوهن ۾ قاتل سمجهجان ٿو ... جڏهن ان
"هائو" کي ڪلي اجازت سمجهندي ته پڻ ٿو پرماتما
۾ ليِن ٿيڻ جو ته سوال ئي نه ٿو اٿي، الٽو ڪرم-
واسنا جي دلدل ۾ وڌندين ڦاسندو ...

جن ڪبير تنهنجي سرن آيو،
راڪسه لهه ڀڳوان!

(سنگيت)

تنهنجي گمت توهي جاني،
ڪبير تو تنهنجي سرنا!

(شاه لطيف جون اکيون آنند ۾ ڀرجي جهڪي ٿيون وڃن. ڪمل نات اکين جون ڪنڊون اگهي ٿو. مهايوگي پروتنات جي تنهنجوي اکين جو ڪلوز-اپ.)

جهوناڳڙه ويندڙ رستو / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. مهايوگي پروتنات، ڪمل نات، جوڳي ۽ شاه لطيف جهوناڳڙه طرف وڃي رهيا آهن. سوترڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

سوترڌار (فقط آواز): جهوناڳڙه!... شاه لطيف مهايوگي
پروتنات ۽ جوڳين جي ٽولي سان گڏ جهوناڳڙه
وڃي رهيو آهي. ٻيو ٻندر جو دم سڪائيندڙ دهشت
ڀريو ساگر پوئتي رهجي ويو آهي. هاڻي هنن سڀ
جي ڳولهائن ۽ حق جي طالبن جي منزل آهي
جهوناڳڙه... سنگيت تي سڀ لاهي ڏيندڙ،
وڃن - وير راءِ ڏياچ جو جهوناڳڙه!

ٻُڌي - ليکي جي مطلب کي ٿي سڀ کان وڏي
مهانتم ساڌنا ۽ آتما - پرماتما جي مطلب جي هڪ
ٿي اڪيلي ۽ سرل راهه معلوم لڳا! جڏهن انسان
جي جسماني ڪامڪ سنگم کي پرماتما تائين پهچڻ
جي آڌياتمڪ ۽ روحاني ڏاڪڻ معلوم ٿئي ته آن
عالم ۾ لطيف، ڪهڙا نه الاچار ٿيا هوندا
ڌرم ۽ روحانيت جي نالي ۾؟... شاراڪ سگهه ٿي
ساڌنا جو مقصد وٺي رهيو هو لطيف! هو چوندا ها
ته ڌيان کي پختو ڪرڻ لاءِ شراب پيئڻ، شرير کي
ٻلوان رکڻ لاءِ گوشت کائڻ ۽ وڏي جي رکشا لاءِ
استرين سان سهواس ڪرڻ تمام ضروري آهي!

(شاهه لطيف پروتمامڪ ڏانهن نهاري ٿو. هن جي نگاهن ۾ شڪ
۽ سوال آهن.)

پروتمات : پت لطيف! هاڻي اسان ڏانهن نهارڻ ڇڏي ڏي.
پنهنجي آتما کان پڇ. پنهنجي آتما جو آواز
ٻڌي سگهه. پنهنجي آتما ڏانهن نهار ۽ پاڻ فيصلو
ڪر...

(ڪجهه پل خاموشي.)

پروتمات : اسان تنهنجي ايمان ۽ تنهنجي لاءِ وڌون ٿا ڪڏهن ن
ڪولمبدا- چولب جي جوابداري ٿو ٿي آهي.

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف: مون کي فقط هڪڙي سوال جو جواب ٻڌايو -
فقط هڪڙي... ڇا ڪمل- ڪلش ساڌنا رستي ئي
پرماتما ۾ ليه ٿي سگهجي ٿو، سوامي جي؟

پروتمات : (ڪجهه دير سوچي) لطيف، پت! جي هڪ شبد ۾
جواب گهرين ته: هائو! پر اهو "هائو" هزار

گيان جو امرت جو سار آهن. هڪ ڀڳت جو اهڙي
ويدانت آهي- اهڙي وديا جو انت آهي ۽ انتم
وديا آهي. جنهن ڀڳت ۾ ٻرانتي-ڀاؤ هوندو ان
لاءِ سڄو سنسار رچ-ڪڻ جي برابر آهي- مٽيءَ
جي هڪ ڪڻي جي برابر آهي!

(شاهه لطيف گيان وارتا ٻڌي ته ڪو ٻالڪ پڇي رهيو آهي.)

پروقنات : سنت دادو ديال هڪ آلمست ۽ آتؤڪلي انسان
هو. هڪڙي ٻهري رٿن ڪندو ڪندو وڃي
فتحپور سيڪري پهتو. اتي سمراٽ اڪبر سان
مڪاملو ٿيو.

اڪبر پڇيو- سائين، ڪرپا ڪري ٻڌايو ته خدا
جي ذات، انگ، وجود ۽ رنگ ڪهڙو آهي؟
دادو ديال ان ٿي مصرعي ٻرهو جواب ڏنو ته:
اسڪ الک کي جات هئه، اسڪ الک کا انگ!
اسڪ الک اوجود هئه، اسڪ الک کا رنگ!!
سمراٽ اڪبر سنت دادو ديال جو اهو جواب ٻڌي
باغ باغ ٿي ويو ۽ سنت دادو ديال کي اڪبري
درٻار ۾ رهي ان جي شوڀا وڌائڻ لاءِ عرض
ڪيائين. پر جنهن ديوانيءَ هڪ دفعو الک جڳائي
ڏنو، ٻر ٻوءِ جي شرط جو آنند ماڻي ڏنو تنهن جو
راج-درٻارن ۽ راج-محلن ۾ ته نسورو دم پيو گهٽبو.
سنت جي المستيءَ جي اڳيان سمراٽ جي هڪ نه
هلي......

(اوچتو آلاپ جو آواز اوور لئپ ٿيو ڪري- ڪمل ناٿ دادو
ديال جو هڪ سنڌي پد ڳائي رهيو آهي.)

جهوناڳڙهه جو شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گرهه پهرئين
ٻڌايو هو. راءِ گرهه ٻيو جنهن کي راءِ گوارو جي نالي
سان به سڏيو ويندو هو تنهن سنه ٨٩٢ع ۾ فاني
دنيا مان چالاڻو ڪيو. راءِ گرهه ٻئي کان پوءِ راءِ
ڪاوت گاديءَ تي ويٺو ۽ هن کان پوءِ سنه ١٠٠٣ع
۾ راءِ ڏياچ تخت نشين ٿيو. راءِ ڏياچ جو محلات
جهوناڳڙهه جي نزديڪ گرنار ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.
(جنهن اڃتائين وڌي رهيو آهي.)

پروتداٽ : پرم - پد پراپت ڪري پرماتما ۾ لئه ٿي وڃڻ جو
سولي ۾ سولو ۽ سلامتيءَ ڀريو رستو آهي ڀڳتي!
ڀڳتيءَ جي ڪٿن ۾ وري پريتي يعني شرڌا ڀڳتيءَ
جو وڏي ۾ وڏو ملهه آهي. ڀڳت جو سڀ ڪرم، سڀ
ڌرم، سڀ ساڌن ڇڏي هڪ ايشور جي اوٽ ۽
آسرو وٺڻ ئي پريتي آهي- شرڌا ڀڳتي آهي. ان
ڪري پٽ لطيفه! ڀڳت اهو ئي ڪندو جيڪو
پريو کي وڻندو هوندو. اُهو ڪُجهه نه ڪندو
جيڪو پريو کي ناراض ڪندو هوندو. ڀڳت
کي پورو پورو وشواس هوندو آهي ته پريو هر
حال ۾ هن جي رکيا ڪندو. ڀڳت سدائين ايڪانت
۾ پريو جو گڻ گان ڪندو رهندو آهي ۽ پريو
جي ئي ڌيان - چنتن ۾ مگن رهندو آهي. ڀڳت
پوريءَ رهت پريو جي ادين هوندو آهي ۽
سدائين دين - هين ۽ ويچارو ٿي ڪري ئي ڀڳت
ڀڳوان جي شرڻ ۾ ويندو آهي. پٽ لطيفه! هڪ
سچي ڀڳت ۾ انهن ڇهن گڻن جو هجڻ تمام ضروري
آهي. اهي ڇهه گڻ ڇهن شاسترن ۾ سمايل سموري

٣- قاتل ڪمائي ڪري وه ماڪيءَ جي ڪن

(اهمس ٽين ڪمٽن آهٽرن)

ڪمل ناٿ : حال اسان جو لال ڙي،
توکي سڀ مالوم ڙي! حال ...
١- منجهان ڪامان، منجهان ٻران ألا!
منهنجي لڳي ٻاري ڙي! حال ...
٢- منجهان سون ڙي مڇ ٿيو ألا!
ڪنهن ڊ ڙ ڪريان دانهن ڙي؟ حال ...
٣- ٻـــره ڪسائي مون گهر ألا!
منجهان ٻـــري ٻـــاه ڙي! حال ...
٤- سيکون ڪري ڪباب جئن ألا!
لئن داد وءِ جي هڻانوُ ڙي! حال ...

(ڪمل ناٿ جي درديلي آواز جوڳين تي ٻه اثر ڪيو آهي. هو ٻڌ جي لهه - تال اُتڙڪندا اڳتي وڌي رهيا آهن. يوگ جي بدران ڀڳتيءَ جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي.)

پروتناٿ : ڀٽ لطيف! رسيلو ٿي رهيانءِ، هٺيلو نه ...

شاه لطيف: ڀڳتيءَ ۽ عبادت جي رس ۾ ٻڏل رهان، هٺ-يوگ ۾ نه ... انهن سوامجي؟ سمجهم.

پروتناٿ : ڀٽ لطيف! ميران واري وشواس - ڀري مستيءَ
سورداس واري چمتڪاري ۽ تپسوي ڪلپنا ۽
تلسيداس واري هڪ ۾ نشا!:

شاه لطيف: تند تماريءَ تان، ڪهڙو سو قبول پيو،
خاڪ مٿيءَ ڪاپان، ڪانما ٻوءِ ڪجهه نهين!
سائين، ڪاٿيا ٻوءِ ڪجهه نهين... ڪجهه نهين!

(چنگ جو درديلو آواز. پروتناٿ ۽ شاه لطيف هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

گرنار ٽڪري / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. جهوناڳڙهه جي نزديڪ گرنار ٽڪريءَ جو درشيہ. راءِ ڏياچ جي محلات جون ڪجهه جهلڪون. ڪئميرا گرنار ٽڪريءَ جي مختلف چوٽين کي جدا جدا ڪور ڪري ٿي. آخر ۾ سڀ کان اونچي چوٽيءَ تي فوڪس.

وايو منڊل جهنگ مان نڪرندڙن سوز ڀريل سرن سان ڀرپور آهي. اوچتو "جئه گورکناٿ" جو نعرو اوور لئپ ڪري ٿو. گرنار ٽڪريءَ جي ترائيءَ ۾ مهايوگي ڀروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف بيٺا آهن "جئه گورکناٿ" جو نعرو انهن جوڳين ئي هنيو آهي.)

ڀروتناٿ : لطيف، گرنار جي ٽڪريءَ جي اِها جيڪا اونچي ۾ اونچي چوٽي ڏسي رهيو آهين، اِها اٿئي گورکناٿ شکر...

(جوڳي "جئه گورکناٿ" جو نعرو هڻن ٿا.)

ڀروتناٿ : هيءَ سڄي ٽڪري شوالن، مندرن، غارن ۽ گفائن سان ڀري پئي آهي. اسان جوڳين جو هيءُ هڪ تيرٿ استان آهي.

(سڀ اڳتي وڌن ٿا. شاهه لطيف چپ آهي. هو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن جي اندر جي جنگ هن جي خاموشي چهري مان سمجهي سگهجي ٿي. اوچتو شاهه لطيف ۾ هڪ عجيب ڦيرو اچي ٿو وڃي.
هوُ گرنار جي ٽڪريءَ ڏانهن نهاري ٿو.
راءِ ڏياچ جو محلات!
گورکناٿ شکر!
راءِ ڏياچ جو محلات!
شاهه لطيف مستيءَ ۾ ڀرجي ڳائڻ لڳي ٿو.)

شاهه -

قاتل ڪمائي ڪري، وهه ماکيءَ جي ڪن،
وڃان ويهي تن، مهڄ کي مانجهون.
(سر يمن ڪلياڻ-4)

ڏوري ڏوري ڏيهه، ڪاهوڙي آئيا،
مون پرين ڪيهه، ڪهه جاڻان ڪنهن پار جي.
(سر ڪاهوڙي-3)

جا ڪر ڏني گودڙي، سا ٿئي لاهيندي لڄ،
سندا تنهن سهڄ، ڇپلو ڇولند و ڪٿرا؟
(سر رامڪلي-9)

تان ڪي ساڻ اڻ ور، جان آهين او ظاهر
ڇوٽ
سندي جوڳيان ذات، ٿئي مهري مس مڙي
؟
ويا جي هنگلور، تن ڪرم ملنده ڪاپڙي
ان ڪري
ڏهه ڏهه پيرا ڏيهن ۾ پاڪ مٿانئن گهور.
(سر رامڪلي-8)

هر روپ ۾. هن تائين پهچڻو ناهي، هن کي ڏسڻو
آهي، سامهون، بلڪل سامهون. ان لاءِ ٻين جي
نه، پر اکين جي ضرورت آهي — اندر جي اکين
جي، ڪلپنا جي اکين جي ۽ گيان جي اکين جي!

(ڪجهه پل شانتي)

پروتڏات : ڏسان ... سمائي ... ۽ اندر جي اک جي سامهون
پرماتما ... ڪڏهن نه روپ ۾، ڪڏهن نه رنگ ۾!
۽ آنند ۾ ... لطيف پٽ! آنند ۾ ... ڪجهه نه نه —
شونيه — شونيه — شونيه — اوم! نه — اوم نه نه!
اوم کان به پري — شونيه — شونيه — شونيه!
پرم پد جي پراپتي آهي — شونيه!
پرماتما سان ۽ پرماتما ۾ ملي وڃڻ آهي — شونيه!
شونيه — ڪيول شونيه ...

شاهه لطيف: جهاڳي سڀ، وسڻن کي وڃها ڏٺا!

پروتڏات : نه! لطيف پٽ، نه! تنهنجي ان سڀ جو ان شونيه
سان ڪوئي سمبنڌ ئي ڪو نه آهي. تنهنجي سڀ
لڳاءُ کان پوءِ وسڻن ئي اچي... پر شونيه کان
پوءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه...

شاهه لطيف: شونيه کان پوءِ پرم پد جي پراپتي ناهي سوامي جي؟

پروتڏات : نه.

شاهه لطيف: شونيه کان پوءِ ايشور يا الله سان ميلاپ ڪونه ٿو
ٿئي؟

پروتڏات : نه... شونيه کان پوءِ ڪجهه ڪونه آهي. شونيه ئي
پرم پد آهي — شونيه ئي پرماتما آهي. پٽ، جڏهن
پرم پد پائڻ، پرماتما ۾ لين ٿي وڃون ته ان کان
پوءِ باقي بچيو ئي ڇا؟

شاهه لطيف: اوه!

شاهه لطيف: اکيون پور ڪري وڃي،

وو! وڃي.

١- سڀني جي ڳالهڙي،

ڪنهن سان ڪين ڪجي.

اکيون ...

٢- لڪائي لوڪ کان،

ڳجهڙي ڳوٺ نجي.

اکيون ...

٣- ڀڃي مهار جو،

سوُر نه ڪنهن سلجي.

اکيون ...

(شاهه لطيف جي سوز ڀري وائيءَ جو اثر نه فقط جوڳين تي بلڪ پروتمات تي به ٿئي ٿو. وائيءَ ماحول کي درد جي تصوير بڻائي ڇڏيو آهي. ڪمل ناٿ پروتمات ڏانهن نهاري ٿو. شاهه لطيف اڃا به خيالن ۾ گم آهي.)

پروتمات: (شاهه جي ڪلهي تي هٿ رکي) ڀٽ لطيف! اکيون پور ڪري وڃي! تو پرم پد پراپت ڪرڻ جي ڪنجي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي... سمجهن ٿو؟ سمجهين ٿو اسان جيڪو ڪجهه چئي رهيا آهيون؟ سمجهن ٿو، تو جو ڪجهه چيو آهي؟... اکيون پور ڪري وڃي! ڀٽ لطيف، پيو ڪوئي طريقو ئي ڪو نه آهي...

(شاهه لطيف پروتمات ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتمات: پرماتما ڪٿي ويو ڪو نه آهي، جو اسان ڳولا ڪريون، ڇاڙهون ڇڙهي، لڪ لڪاڙي هن ڳالهين پهچون. هو موجود آهي — هر هنڌ، هر وقت؛

شاهه لطيف: ره مصلحت منگڻا قصر ڪين اچن،
ٿُو ر ڄهلو نـوُر سين، نمو نئن پسن،
خمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوڻا چمڪن،
لڏائين لطيف چئي، سندا ڏاڻ ڏسن،
ٿملان ملڪ ڏٺين، منجهو منگڻهار ڪـي.

هڪ جوڳي: جئه گورکناٿ جئه...

(ڀروترناٿ جوڳيءَ جي اشاري سان روڪي ٿو، شاهه لطيف وري پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. جوڳي ڀروترناٿ جـي رخ مان سمجهي ٿا وڃن ته هو هاڻي ڪجهه وقت اتي ئي شاهه لطيف سان گڏ گذارڻ ٿو چاهي. ان ڪري هرڪو جوڳي پنهنجي پنهنجي ڪرت ڪار ۾ لڳي ٿو وڃي. ڪرت ڪار يعني ڀوڳ ابياس، آسڻ، ڌيان ۽ چنتن.
ڀروترناٿ ۽ شاهه لطيف کي اتي ئي ڇڏي اڳتي وڌي ٿو وڃي ۽ هڪ ڪنڊ وٽ ويهي ڌيان ۾ مگن ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوزاپ.
شاهه لطيف جي ڪلپنا ۾ ڪي درشيه اڀرن ٿا.)

(ٻيڪ گرائونڊ ۾ وڄندو رهندو ڪورس. سڄي افساني جو مرڪز آهي چڪر. سونهي مان نڪرندڙ زهن ٿا درديلا سرسوتمار سر!)
(درويش ۽ راءِ ڌياچ جي ٻهڻ)
درويش. توکي هڪ پٽ ڄمندو ۽ اهو تنهنجي ڀاءُ راءِ ڌياچ جو سر ڪٽيندو.

(ڪجهه ماڻهو هڪ صندوق درياه ۾ وجهي رهيا آهن. صندوق

پروتناٿ : سڀ لتاڙي وسنتي ۾ اچڻ جو مطلب سمجهين ٿو؟
(شاه چپ آهي)

پروتناٿ : نٿو سمجهين؟ وڏي پند تي ٿڪجي وري واپس
مايا جار ۾ ڦاسڻ چاهيندين؟ لطيف ڀٽ، تنهنجي
ان ست جي ٻڌان ڪلپنا اها آهي ته انسان جڏهن
حواسن جو تياڳ ڪري، تن کي تپسيا ذريعي پرماتما
کي پراپت ڪري ۽... هلي چلي جي اڌوسار حال
سنڌو آهي ۽ "شونيه" واري منزل چڙهي پئي آهي.
(پروتناٿ شاه لطيف ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ : تون ڪائي چنتا نه ڪر ڀٽ لطيف! سڀ جهاڳي
وسنتي ۾ داخل ٿيڻ ۽ اکين کسي پير ڪري پند
ڪرڻ جي وچ ۾ جهڪا ولي آهي، اها تو لاءِ ڀرڻ
بالڪل ڏکيو نه ٿيندو... اهي ته روحانيت جي راه
جا پڙاءَ آهن. پڙاءَ نه هٽندا آهن، ساهي نه پٽيندا آهن،
آس-پاس جو جائزو نه وٺندا آهن ته "شونيه" تائين
پهچي ئي نه سگهندا آهن.

(سڄو ٽولو گرنار تي چڙهندي چڙهندي اچي راءِ ڏياچ جي محلات
تائين پهتو آهي. محلات جي بلند شان جون نشانيون اڃا قائم
آهن.)

شاه لطيف: سو هي آهي راءِ ڏياچ جو محل— اُن سخي سردار
جو محل جنهن سنگيت تي سر ڏنو، جنهن ڪلا جي
قدر ۽ قيمت کي ان حد تائين پهچائي ڇڏيو جنهن
حد کي اڄ تائين نه ڪو ٻي لتاڙي سگهيو آهي ۽
نه ايندڙ ور لتاڙي سگهندو...
(اوچتو شاه لطيف چپ ٿي ٿو وڃي.)

(رتنو ڪنير درياه جي ڪپ تي پيل صندوق مان هڪ ننڍڙي ٻار کڻي رهيو آهي. هو ڪجهه پل ننڍڙيءَ جي چنڊ جهڙي چهري ڏانهن تڪيندو ٿو رهي.)

رتنو : ڪهڙي ڪچائيءَ تو سان هيءَ ڪاسائڪي ڪار ڪئي آهي؟ ملڪ جي راجا ڏياچ کي خبر پوي ته هوند ڪارائيءَ سان چيرائي ڇڏيس ان هچاري کي......

(ان وقت اوچتو ئي اوچتو دور کان منو مڌر آلاپ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. ڪوئي ساڌو پنهنجي موج مستيءَ ۾ يڪتاري تي ميران جو پد راڳ سورٺ ۾ ڳائيندو، درياه جو ڪپ وٺيو ڪيڏانهن هلندو ٿو وڃي.)

ساڌو : (ڳائي ٿو، راڳ سورٺ ۾)

ٿاني ڪانئي ڪهه سمجهائون
مهارا ٻالا گرڌاري! ٿاني...

١- پورب جنم ڪي پريت هماري
اب نهين جات نواري! ٿاني...

٢- ميران کهي گوبن ڪو ٻالهو
همسون نيهو نڀهاري! ٿاني...

٣- چرڻ سرڻ هئي داسي تمهاري،
پلڪ نه ڪيجئي نياري! ٿاني...

(گيت جي وچ وچ ۾ رتني کي ننڍڙيءَ کي پيار ڪندو ڏيکاريو ٿو وڃي. لڳي ٿو ڄڻ صندوق مان نڪتل ڪنيا کي به ميران جو ڀڄن آنند ڏئي رهيو آهي.)

رتنو : سورٺ راڳ وڻيئي، لڳي ٿو. ڏاڍو خوش ٿي نظر اچين. چڱو ڌيءُ هجو. رتنو ڪنير جهڙو مڻڪا ٺاهيندي ٺاهيندي مڻڪا وڃائڻ لڳو ۽ مڻڪا

لڙهندي لڙهندي اچي وهڪري ۾ وهندي ٿي وڃي.)

راجا آنبراءِ: (رڙ ڪندي) اسانجي ملڪ اول ۾ سٺ ڏينهن جو پوڄه آهي. هيءُ ايڪهٺون ڀلا ڪٿان آئي؟ ڦٽو ڪريوس وڃي درياهه ۾...

(سپاهي هڪ صندوق درياهه جي حوالي ڪري رهيا آهن.)

(چارڻ ۽ سندس زال درياهه جي ڪناري تي بيٺا آهن. هڪ صندوق ترندي ترندي هنن جي پاسان اچي ٿي بيهي. چارڻ صندوق درياهه مان ٻاهر ڪڍي کولي ٿو ته ڏسي ٿو ته ان ۾ هڪ لٺون چاول ٻالڪ مزي سان ليٽيو پيو آهي ۽ آڱوٺو چوسي رهيو آهي.)

زال : اڙي هي چنڊ جهڙو ٻالڪ ته ڪنهن راج-گهراڻي جو ٿو لڳي.

چارڻ : شل ٻيج جي چنڊ جيان وڌن ۽ ويجهن... آنبراءِ جي ديش ۾ چارڻ تنهنجو سواگت ٿو ڪري.

زال : جي هن لال کي ٻيج جو چنڊ ڪوٺيو اٿو ته نالو ٿا رکونس ٻيجل...

(زال مڙس ٻيجل کي گود ۾ ڪُڏائن ٿا. ٻيجل مرڪي رهيو آهي.)

لاءِ منچ ڇڏي وڃي رهيو آهي.

راءِ ڏياچ : ٽڪري وٺي اچوس رتني... ڪنور جي هٿ کي...

(راءِ ڏياچ جي سامهون رتنو ڪنور هٿ ٻڌي بيٺو آهي. هو ڏر ڏر ڪنبي رهيو آهي.)

راءِ ڏياچ : ڇو ڙي رتنا! ڪالهه اسان جو ۽ ڏيئر پهچائين انيراءِ وٽ! هن ٻڌي ڪوسٽ ۾ ڇا ڏٺو جو اسان ۾ نظر نه آيو ڙي؟ تنهنجيءَ ڏيءَ جي ڏوليءَ جي منزل اچي وئي. ڇاهي نالو تنهنجي ڏيءَ جو؟

رتنو : سائين سورٺ.

راءِ ڏياچ : سورٺ، مٺڙ راڳڻي سورٺ! سورٺ راءِ ڏياچ جي محلات ۾ جادو جاڳائيندي ۽ سون جون ٻهارون وسائيندي...

(انيراءِ بيحد غصي ۾ محلات جي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪري رهيو آهي.)

انيراءِ : اپمان! گهور اپمان!... هوڪو ڏيارو سڄي ملڪ ۾ ته جيڪو راءِ ڏياچ جو سر وڍي منهنجي سامهون پيش ڪندو تنهنکي سونين موهرن سان تورائي ڏنو ويندو... ٻيو به جيڪو ڪجهه گهرندو سو کيس ملندو! مٿو، مٿو! اسان کي راءِ ڏياچ جو وڍيل مٿو گهرجي!

وڃائيندي وڃائيندي ڇار - ٻنهي راڻين - راڻيون ٻه سڪي ويو... اهو رتو ڳاڙهو ٿالو ٿي ڪٽي ٿو رکي- سورت... راڻي پيڙو جي ٽُٽن ٿو ٿهن سورت...

⊛

(ريون ٻڪريون ڇري رهيون آهن. ٻيجل جوان ٿي چڪو آهي ۽ وڻ جي هيٺان ويهي چنگ وڄائي رهيو آهي. چنگ مان اهڙا ته مڌر سُر نڪري رهيا آهن جو نه فقط چوپايو مال مستيءَ مان چري رهيو آهي بلڪ ٻيجل جي آس پاس ڪيترا ئي پسُو ۽ پکي اچي ڪٺا ٿيا آهن.)

⊛

(رتنو منڪر وڄائي رهيو آهي. سورت نچي رهي آهي. سورت جون ساهيڙيون اچن ٿيون. سڀ کلنديون کلنديون ٻاهر نڪري ٿيون وڃن.)

(مڃ وڄي رهي آهي. شادمانا. شهنائيءَ جا سُر. ڍوليءَ ۽ ڪنوار. ڍوليءَ جي اکيان رتو اچيدو اچيدو وڃي رهيو آهي... پنهنجي محلات جي ڪُني تان راءِ ڏياچ شادمانا ڏسي ٿو.)

راءِ ڏياچ : هيءَ ڪنهن جي مڃ وڄي رهي آهي؟

انگه رکشڪ: سائين، مڃ لاهي— ٺهي آهي. رتو ڪنڀار پنهنجي ڌيءَ جي شادي راجا انيراءِ سان ڪرائي

شاهه لطيف: ادا ڪمل، منهنجو راڳ ڏياچ ۽ سُرت جي ڪهاڻي سان نه ڪوئي مطلب آهي ۽ نه ڪوئي لڳاءُ يا واسطو. منهنجي اکين جي سامهون ته هڪڙو ڪلاڪار آهي جنهنجي ڪلا ۾ جان کي جسم کان جدا ڪري ڇڏڻ جي طاقت آهي- جهڙو سرندي جي سُرن سان سر ويهي جاڳي!... منهنجي سامهون ڪلا جو هڪ پوڄاري آهي جهڙو سنگيت جي سُرن مان امرت آنند وٺي جاڳي جو ڪنهن زندگي ۾ خصوص لڳڻ ٿي لڳي، تنهن ٿي لڳڻ لڳي! ۽ منهنجي سامهون آهي هڪ مندر راڳڻي سُرت جنهنجي مٿاس ۾ اها مدهوشي ڀريل آهي جو ماڻهو پنهنجو پاڻ کان ئي جدا ٿي وڃي!...

ڪمل ناٿ: لطيف، پاڻ لطيف! ارت جو انرت نه ڪر.

پروتناٿ: پت ڪمل، لطيفي جي وچار ڌارا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. لطيفو قصن- ڪهاڻين جي لفظي ۽ دنيوي مطلبن کان گهڻو گهڻو مٿي چڙهي چڪو آهي.

(شاهه لطيف چپ آهي. ڪمل ناٿ مهاپرگي پروتناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ: لطيفي جو درشٽڪوڻ سمجهه. هڪ طرف پنهل جهڙو سنگيت جو جادوگر، ٻئي طرف سُرت جهڙي مندر راڳڻي ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ سنگيت جو پوڄاري راڳ ڏياچ.

آنند جڏهن انتم سيما ۾ پار ڪري ويندو آهي ته پوءِ سڀئي هستي فنا ٿي ويندي آهي. هستيءَ سان گڏ آهي سڀ شيون ۾ فنا ٿي وينديون آهن

(ٻيجل راءِ ڏياچ جي سامهون چنگ وڄائي رهيو آهي. راءِ ڏياچ جي حالت منتر مُگڌ انسان جهڙي ٿي وئي آهي- مدهوش، بيخود، مفتون، قربان ٿي وڃڻ واري تصوير.)

راءِ ڏياچ : گهر جيڪي گهرڻو اٿئي چارڻ!

ٻيجل : راڄن! ڏيڻو اٿئي ته ڪنڌ ڪپي ڏي.

(چنگ مان سُر نڪرن ٿا. راءِ ڏياچ ڪٽارو کڻي ڪنڌ ڪپڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.)

(شاهه لطيف جي جهڙي جو ڪلوز-اپ.)

شاهه لطيف: ڪنهن ڪرڙس ڪنرو، واڄو ولائي،
هنئي تند حضور ۾، تنهن ٻارس ٻرائي،
ڏسندئي ڏياچ کي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪيئي تنهن ڪاتي، وڌو ڪرت ڪاپار ۾.

(اوچتو ڪمل ناٿ شاهه لطيف جي سامهون اچي ٿو بيهي)

ڪمل ناٿ: لطيف! هڪ خوني هيبت کي ٻارس ڏنو چوڻ؟!
ٻروچ ڳرو جي ٻڌوي ٿو ڏئين؟! ٻيجل- پيٽ پرست
ڪلاڪار، جنهن ڪماچ ڪان ڪاٺيءَ جو ڪم ورتو!
بداخلاق ڪلاڪار جنهن ڪيتري کسي ڪٽارو
اٿاري ڇڏيو! ٻهس ٻيجل، ٻڇڙو ٻيجل، دشمن ٻيجل،
اهو ٻارس!

(شاهه لطيف ڪمل ناٿ کي هڪدم جواب ڪونه ٿو ڏئي. هو سوچ ۾ گم آهي. اسان ڏسون ٿا ته پرتناٿ به شاهه لطيف جي منهن ڏانهن نهاري رهيو آهي پرهيزگار مرڪندڙ نظرن سان.)

۾ ۽ انهن کي آيتن ۾ تبديل ڪري ٿو سگهن.
(مذاقيه انداز ۾ آشيرواد ڏيندي)
شل اهو مقام توسان ۽ تون ان مقام سان جُڳ-جُڳ
جڙيو رهين...
(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف مرڪن ٿا.)

هڪ جوڳي: (اوچتو اچي ڪري) جئه گورکناٿ! سوامي جي، هلون؟

(پروتناٿ ڪنڌ سان هاڪار ڪري ٿو. سڀ اڳتي وڌن ٿا.
گورکناٿ - شکر آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي.)

گورکناٿ شکر / ٻاهر / ڏينهن

(پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي گرنار ٽڪريءَ جي سڀ کان اوچي چوٽي گورکناٿ شکر تان پرماتما جي رچيل ليلا جو آنند ماڻي رهيا آهن. اهڙن اسٿانن تي پهچي انسان جو من خود بخود پرماتما ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي.)

شاهه لطيف: نه گندا، نه گودڙي، نه لانگوٽي لڪ،
جيڏانهن پرين وڪ، تيڏانهن صاحب سامهون.

(جوڳي پدماسن ۾ ويهي ”اوم - اوم - اوم“ جي ڌني لڳائن ٿا. سڄو ماحول اوم جي گهن گهور سُر سان ٻرجي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: جا اسلامان اڳي هئي، سا سڃاڻون ٻانگ،
سامي ڇڏي سانگ، ڪڍيا گورکناٿ کي!

(اوم شبد جي گونج اڃا برقرار آهي.
شاهه لطيف ٻاڙ ۾ پدماسن لڳائي ويهي ٿو رهي.)

شاهه لطيف: اوم......

(چئني طرفن کان اوم جو پڙاڏو)

جن جو آنند سان لاڳاپو هوندو آهي.

(ڪمل ناٿ ۽ شاهه لطيف پروتناٿ ڏانهن نهارين ٿا. هو اجا به وڌيڪ چٽائيءَ سان سمجهڻ چاهين ٿا.)

پروتناٿ: هڪ ڀڳت جي ڀڳتيءَ جي آنند جي وهڪري ۾ وهي اشٽ - ديوتا جي چرڻن ۾ پراڻ ارپڻ لئه ڪري ۽ شوليه ۾ سمائجي ٿو وڃي ته هن سان گڏ ئي ڀڳتي ۽ خود اشٽ - ديوتا به شوليه ۾ سمائجي هڪ ٿي ٿا وڃن.

(شاهه لطيف جي اکين ۾ آنند ڀري عجيب چمڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: اڪيلو راهه ڏيکاري ٿي منهنجا پراڻ لئو لاڳي، هن سان گڏ ئي ساڳي ٿي چڪيا ۾ سورٺ ۽ ٻيجل ا- ڀسم ٿين ٿا. آنند پوڄيندڙ ويو ته آنند پيدا ڪندڙ به ويو ۽ آنند جي وستو به وئي... اجا به وڌيڪ ڪولي چوان؟ راڳ - پريمي ويو نه پاڻ سان راڳ ۽ راڳي به ڪٺي ويو. لطيفي جهڙي سوچ جون اهي آهن سمائون.

(شاهه لطيف ڏاڍو گدگد لڳي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: سڄ سرن ساڻي، جي تند پڙ تو ڀان،
آڻل اوڏانهن ٿئي، جڏانهن ٻيجل ٻرائي،
سڪڻو هڏ آهي، سر ۾ سچن ناهه ڪي.

پروتناٿ: لطيف، تون پاڻ به سنگيت جو ڪمل راهه ڏيکاڙ آهين تڏهن تو اهڙا پول پولي سگهين. ٻئي جي جاءِ ناهي.

ڪمل ناٿ: ادا لطيف، جي تون پاڻ کي ٽئين راهه ڏيکاري ته پوءِ تو ٿي ڪانئي مهار ناهي. جو پولين سو واهه واهه! جو آکين سو سچ! ... منهنجو خيال آهي ته هاڻي تون ان مقام تي پهچي چڪو آهين جتان آئين کي بيهڻ

ڪنڀات ۾ مهاديو جو تلاءُ / ٻاهر / ڏينهن

(واتاورڻ شانت. شنتي تيرٿ تي جوڳي ڌيان مگن ويٺا آهن.
شاهه لطيف ٽڪٽڪ شولنگ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اوليارا در درون - ي - نغمهاست
طالبانرا زان حياتي - بي بهاست

ڪمل ناٿ: (اکيون کڻي) معني؟

شاهه لطيف: مولانا رومي جو ڪلام آهي. چوي ٿو: طالب مرشد وٽان روحاني رمز پروڙي پاڻ کي هن ۾ فنا ٿو ڪري. ان کان پوءِ طالب ۽ مطلوب ٻئي هڪ ٿي ٿا وڃن. راجا راڳائي هردو ٿي هڪ ٿيا...

ڪمل ناٿ: اڄ تنهنجو من ڏياچ ۽ ٻيجل کي پڪڙي ويٺو آهي. مهاديو جي لنگ ڏانهن نهار. سڄي سرشٽي ان ۾ سمائي پئي اچي.

شاهه لطيف: آءُ ٿي ته ڏسي رهيو آهيان. ڏسي رهيو آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان.

ڪمل ناٿ: لطيف، ڏسڻ ۽ سوچڻ کان سواءِ ٻيو انسان لاءِ آهي ئي ڇا ؟

شاهه لطيف: ڪڪ آهين ان حالت مان ؟

ڪمل ناٿ: ڪڪ ٿي ڪري ته ڪندس ڇا؟

شاهه لطيف: ڪميا ٿڙي ٿوري آئي ٿڙ واجهاءِ،
مان اچيئون ڪاهه، سواڻ ئي سڄڻين.

(ڪجهه پل خاموش رهي ٿو)

شاهه لطيف: ڏيهون ڏيهن ٿئون،
مون کي وره وڙهڻ جو،
ڏيهون ڏيهاڙ نئون......

گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز مهايوگي پروتناٿ جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

پروتناٿ : مهايوگي گرو گورکناٿ اسان ناٿ - پنٿين کي من - وچن - ڪرم جي پوترتا جو مها منتر ڏنو آهي. اسان ناٿ - پنٿين جي اٺ - ليلا جو اُپديش آهي : من - ساڌنا، پراڻ - ساڌنا، اندريه - ساڌنا، پاتنجل يوگ ۽ آچار - وچار جي پوترتا...

(پروتناٿ جي سنواد سان گڏوگڏ ڪئمرا به پوئتي هٽندي ٿي وڃي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پروتناٿ شاهه لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. آس پاس ٻيا جوڳي به ويٺا آهن. جيئن ته هو هن وقت گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا ۾ ويٺا آهن ان ڪري ڪجهه اونداهو محسوس ٿي رهيو آهي.)

پروتناٿ : اسر يوگيندر گرو گورکناٿ سوامي الهه پرڀاپي ۽ تپسوي ورلن پرش هئا. هو جنهن پرڀاو کان ڪنهن لاءِ به اڇو ممڪن نه هو - پوءِ اهو چاهي عام ماڻهو هجي، ڪوي - ڪلاڪار هجي يا تپسوي ۽ سنت پرش هجي. پيو لطيف، ڪڇ جي واٽ اڙهي ڏس. تون ڏسندين ته ڪڇ جهڙي اڪڙ ۽ فقير طبيعت انسان تي به يوگيراج گورکناٿ ۽ سنڌ سڌالعن جي امٽ ڇاپ آهي...

جوڳي : جئي گورکناٿ...
الک نرنجن......!

سڀ کان اول هُن ٿر ڏٺا
ننگر پارڪر ۾،
ننگر جهڙو شهر،
جنهن ۾ نمرياڙي ٿهر.

ٿر جي وڻن جون قطارون.

پر ننگر پارڪ آهي ڪارونجهر
ٽڪريءَ جي هيٺ ۾ —
ڪارونجهر ٽڪري جيڪا
پرلڌڙ جبل جي ڀائي آهي.

ڪارونجهر ٽڪريءَ جي چوٽي
مان گڙ گڙاهٽ جو خوفناڪ
آواز نڪري ٿو.

ڪارونجهر يعني ڪالنجر —
ڪال جو الف آڳڻدڙ مهاديو.
هتي انجلا سر، سارڌڙو ۽
گئو مکي نالي ٽي تيرٿ استان
به آهن.

جوڳي ۽ شاهه لطيف شو- لنگ
جي اڳيان سر جهڪائن ٿا...
انجلا سر وٽ شاهه لطيف ۽
جوڳي. سارڌڙو تي شاهه لطيف
۽ جوڳي. گئو مکي وٽ شاهه
لطيف ۽ جوڳي.

ستيءَ سيتيءَ سارنا جي پاڻي جا پنوهار...

سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري ٿر
کي ”پاڻي جو ٿر“ ڪري
سڏيندا آهن. هن سر زمين
ڏانهن جوڳي ۽ شاهه لطيف ڇڪ
چقمقي ڪشش سان ڇڪبندا
ڇڪبندا ان ڪري آيا جو
جوڳين کي گوريءَ جي مندر
جو درشن ڪرڻو هو ۽ شاهه
لطيف کي ڏسڻو هو مارئيءَ
جو ملڪ — ملير...

پرو ٽماٽ، جوڳي ۽ شاهه لطيف
تيز رفتار سان اڳتي وڌندا ٿا
وڃن.

ڪمل ذات: سچ آهي- بلڪل سچ آهي. پيار جو پاڻ آڌار نه وڻندو آهي، هڏهن ۾ انڪي پهو، حماڻي پير چيندو آهي. هڪ دفعو ٻڙ-ٻاڻ سان جو ڦٽيو سو ڦاٽو. پيو موٽ تائين ڦٽڪندو.

پروتدات: (اوچتو اچي ڪري) ڦٽڪندو، لچندو، پرلدو، چلدو پر هيٺ نه ڪرلدو......

گهٽ ۾ گهٽ لطيفي لاءِ ته اسان اهو دعويٰ سان چئي ٿا سگهون ... مهاديو شو شنڪر جي اڳيان سر جهڪائي، وڏو ن ٿا اڳتي...

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاهہ لطيف جي ڏينهن ۾ گجرات جي شهرن ۾ گوريءَ جو ميلو لڳندو هو. ميلي ۾ عام جنتا سان گڏو گڏ ڪيترا ئي جوڳي به ويچي ڪٺا ٿيندا ها ...

شاهہ لطيف ۽ جوڳي ڪنيامڪ ڪان سڌو جهلمير ڪرڻ ويا ها ۽ گجرات جا ڀٽ لطارڙي سمنڊ ڏالهن رخ رکيو هئائين.

درشيہ

پارسناٿ جي جهانڪي. ميلو.
گوري جا ڪجهه درشيہ
راس ليلا
اروتدارڪ، شاهہ لطيف ۽ جوڳي ميلو ڏسي رهيا آهن.
سب پارسناٿ (گوراڇو) جو درشن ڪن ٿا.

شاهہ لطيف ۽ جوڳي ڀٽ لطارڙي رهيا آهن.

ٻاٽي ٻڌندا آهن؟
(آواز کي رازدارانه ٺاهيندي)
هڪڙي اندر خاني جي ڳالهہ ٻڌايانءِ؟
عمر ڪوٽڙي ۾ ڪوشش ڪئي ته مارئيءَ جو
منڪو لاهي — پر نہ لٿو، نہ ٿيو — اڙي ميان!
ڏس الله جا ڪرشما! عمر ٿڪجي پيو. ٿڪي
پيو، ڳڙي ويو.
(اوچتو منڪي کي ڪٽي تي چاڙهيءَ سان لڳائي.)
اڌ-چريو: هيءَ مارئيءَ جو منڪو. مان ڪنهن کي نہ ڏيندس،
ڪنهن کي نہ ڏيندس، ڪنهن کي نہ ڏيندس...
(ساڳيا لفظ دهرائيندو دهرائيندو هڪ طرف ڀڄندو ڀڄندو
هليو ٿو وڃي.)
شاه لطيف: (اکين کان دور ٿيندڙ اڌ-چريي فقير ڏانهن نهاريندي)
اشارا سمجهڻ اٿائين سو اشارن ۾ ڳالهائي ٿو. زمان
۽ مڪان کي فتح ڪري چڪو آهي.
پروتناٿ: سَت لطيف، فقير جي جهو-ديا ٻاورا ٿا ڏسن. دنيا
جا هوش حواس دنيا کي ڏيئي ڇڏيا اٿائين، پر
لوڪ-ڪلياڻ کان منهن نہ موڙيو اٿائين... اخلاق
جي قيمت اها سمجهي ٿو...
(شاه لطيف ٻڪڙڪ ڪونڌيءَ طرف نهاريندو ٿو رهي.)
ڪملناٿ: ڪونڌيءَ جو ڪنڌ ڪويءَ جي قلب ۾ اڙجي
ويو! واهہ ڪوي ڪم ڪان!
پروتناٿ: ڏيهون ڏيهن لطيفو ڪم جو ٿيندو ٿو وڃي...
ڪمل ست، هي لوڪ-ڪهاڻيون ته ڪليون آهن
جن تي لطيفو آڌياتمڪ انڀون ۽ آزمودن جا وستر
ٽنگيندو. ڪيتريون ڪهاڻيون ته ڏاڍيون آهن جن ۾

(سنگيت ـ لهر جو زناڻي آواز ۾)

جهڙي آهيس جهڙن، جي تهڙي وڃان تن ڏي ،
تہ لالائيءَ جا، لطيف چئي، ڪر مڏن اُتا مهڻن،
مـاڙيءَ لڳـم مهڻو ، سڀ چـاندر سڀـئن ،
ٿيس ڪاڻـاري ڪانڌ جي، هتي اچي هيئن ،
ڪنڌ ڪڍنديس ڪيئن، منهن ماروئـڙن جي ؟

(درد ڀريو سنگيت ۽ هالڪو .)

ملير ۾ ميدان / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اپ ۾ رکيل پٿر جي هڪ وڏيءَ ڪوليءَ تي. هڪ اٺ ـ چاريو فقير مٽڪي مان ڪوليءَ ۾ پاڻي اوتيـ رهيو آهي . ڪئميرا جي ڦرڻي هيٺ تـي اسان ڏسون ٿا مهايوگي پروتنانند، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان ڪوليءَ جي آس پاس اٿدا آهن ۽ تنهن مان اٺ-چارني فقير ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

اٺ-چاريو : ايندي ـــ ايندي ـــ هاڻـي ايندي ـ پنهنجن چڱن ڀلن
سان گڏ ايندي ـــ هو هو هو ـــ

شاهه لطيف: اڙا ، ڪير ايندي؟

(اٺ-چاريو فقير عجب مان هنن سڀني ڏانهن نهاري ٿو ـ ڄڻ ڪنهن ڳالهه ئي ڪو نہ هجي تہ هن ڪان سواءِ بہ ڪوئي اُتي آهي.)!

اٺ-چاريو : (شاهه لطيف جي منهن سامهون هٿ لوڏيندي) ٻچڙن
ٿو ڪير ايندي؟ هو هو هو ـــ مارئي ايندي مارئي!
پنهنجن چڱن ڀلن سان گڏ مارئي ايندي...
خبر ڪو نہ اٿيئي تہ هن ڪوليءَ مان چڱا ۽ چڱيون

علاج آهن. ڪمراهو جي پٺين جي ٻاهرين ڀاسي
ڪام - ڪريا جون گنديون ۽ گنديون تصويرون
آهن ڪنهن ڪامي پاڳل جو من جهڙي ڪلپنائون
ڪري سگهي ٿو الهن کان ٻه گهڻو وڌيڪ پالڪ.
ڪمل ناٿ جهڙا آهي واسنا ڀريون تصويرون ڏسندا
رهندا، ڏسندا رهندا جيسين هن جو من ڀرجي نه
وڃي، ٿڪجي نه... پوءِ اندر داخل ٿيندا. اندر،
ديوارن جي پٺيءَ پاسي، ڪجهه به ڪونهي... سمجهيئه
لطيف؟ ڪجهه به ڪونهي.
ڪام - واسنا جون سڀ ڪلابازيون ٻاهر رهجي وڃن.
هاڻي آهي - ڪجهه به نه. شونيه - شونيه - شونيه. لطيف!
ٻوڙي، ٻوڙي، ٻوڙي، ٿڪجڻ ۽ ٿڪاوٽ کان سواءِ
پرم پد جي پراپتي، شونيه جي پراپتي ٿيڻي ئي
ڪونه آهي. هاڻي اسان گوڙي مندر جو درشن
ڪرڻ لاءِ هلنداسين. پارسناٿ گرو جي گوڙي
مندر ڏانهن...

گوڙي مندر / اندر / ڏينهن

(دالان. گوڙيءَ جو مندر حاطي اندر آهي ۽ اڳيان دالان اٿس.
پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف دالان جو ديدار ڪري رهيا آهن.
دالان ڏسڻ وٽان آهي. سڄو ڪم سنگمرمر ۽ جوڌپوري پٿر جو
ٿيل آهي. دالان جا ٿنڀا به سنگمرمر جا آهن. گولائيءَ واري ڇت.
ديوارن تي دلڪش چٽ چٽيل.
دالان جي سواءِ ڏسڻ کان پوءِ سڀ هڪ وڏي صفي ۾ داخل

لطيفو روحاني هيرا موتي جواهر، لعل پوئيندو.

شاهه لطيف: پاڇاهي نه پاڙيان، سرتيون سڳيءَ ساڻ،
پکي اڳهاڙن کي، ڪن پکهائين پاڻ،
پڇر چاڙي چاڻ، اهڙا جي اوصاف ڪسي!

ڪمل ناٿ: يعني سڳيءَ جا ڳڻ سمجهڻ لاءِ به ڀڳو جنم وٺڻو پوندو؟ يا اهنڪار مارڻو پوندو؟

پروتناٿ: ڪمل پٽ، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته لطيفو ڏينهون ڏينهن اڙجندو ٿو وڃي يا آزاد ٿيندو ٿو وڃي؟

ڪمل ناٿ: (شرارت مان) اهو ته سڀ ٺيڪ آهي گروجي! پر... ڪن پکهائين پاڻ... انهن لفظن جي پٺيان ڪائي صورت مورت ته ڪونه لڪائي رکي اٿئي؟ ڀڳوان ڄاڻي، ڪلپنا ۾ ڪنهن کي ٿو اڳهاڙو ڏسين!

(پهريون دفعو شاهه لطيف مڪ تاڻي ڪمل ناٿ تي جهپٽ ٿو ماري. پر ڪمل ناٿ هڪ طرف هٽي ٿو وڃي. شاهه لطيف چاهي ڪمل ناٿ جي چهري تي مرڪ آهي جو ٻئي ان مذاق مان آنند ماڻي رهيا آهن. اوچتو ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا، کلن ٿا ۽ کڻي ٿا هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀرن.)

پروتناٿ: پٽ لطيف، ڪمل جو علاج ڪرڻو پوندو. اسان هن کي ڪڇراهو جون غفائون ڏيکارينداسين.

شاهه لطيف: ڪڇراهو جون غفائون؟ ان مان ڇا ٿيندو سوامي جي؟

پروتناٿ: ڪمل جي وڪارن جو علاج - وڪرت سوچ جو علاج...

(ڪمل ناٿ مرڪي رهيو آهي. شاهه لطيف پروتناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ: ڪڇراهو جا پهاڪ ڪامڪ چتر واسنا جي روپن جو

سوترڌار (فقط آواز) : هي آهي وڏهي جهڙ ڳوٺ جي ٻاهران
پارو فقير جي سماڌي. پارو فقير جنهنکي عام طرح
"پار ڀرم" چوندا آهن سو اصل ڪڇ جي انجار
شهر جو وڻيل هو ۽ ڪڇي ڀرمڻ هو. مٺڪن ذالي
هڪ سنياسيءَ کان يوگ - ڪرياءُون سکيو ۽ سڄي
عمر ڀرمچاري ٿي رهيو.
سياءَ جو وئراڳي هو - گهمڪڙ هو. رٽن ڪندو ڪندو
اچي سنڌ پهتو. وڏهي جهڙ جو ڳوٺ اهڙو ته وڻي
ويس جو هتي ئي رهي پيو ۽ هن ڳوٺ کي لـــي
ڀنهنجو سيوا - استان، ڪرم - ڪيعو ۽ سماڌي - استل
ٺاهيائين !
ان وقت بـــہ هن ڳـوٺ ۾ ڀيل رهندا ها. شوُدر،
اڇوت ۽ گهٽ جاتيءَ وارا ڀيلن جنکان سڀ اوچين
جاتين وارا ڇوُ ڇوُ ڪري دور ڀڄندا ها ۽ جنکي
ڌڪاريندا ها ! ٻـر پارو فـقير ڀيلن جو سيوڪ ٿي
ڪري رهيو ! ڀرمڻ ٻو ڀيلن جو سيوڪ !!

(ڪڪل ڏـٽل ڀيل زمين تي سمهيا پيا آهن. پارو فقير گهر ۾ اندر
اچي ٿو. هنجي مٿي تي هڪ وڏي گهاگهر پاڻيءَ سان ڀريل آهي.
هو هڪ ڪنڊ ۾ رکيل مٽيءَ جي مٽڪن جي اڳيان اچي بيهي ٿو.
مٽڪا صاف ڪري ٿو ۽ گهاگهر جو پاڻي انهن ۾ اوتي ٿو.)
پارو فقير : ويچارا ڪم ڪري ڪري ٿڪا ٽٽا پيا آهن. سمهيا
ائين پيا آهن جهڙ ڀرن لوڙهن...
(پارو فقير هڪ گهر ۾ ڪاٺين جي ڀري رکي ٿو.)

ٿين ٿا. صفيءَ جي پٺيءَ پاسي کان ڇهه ڇهه ٻيون ڪل ٻارنهن
ڪوٺيون نظر آهن. جوڳي صفو ڏسي رهيا آهن. پروٽئگنسٽ ۽
شاهه لطيف هڪ ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿي ٿا وڃن. ڪوٺيءَ جي ڇت
گنبذ جهڙي آهي ۽ ان ۾ هڪ ننڍڙو ٿلهو به نظر آهي- يوگ
ابهياس لاءِ يا ڌيان-گيان ڪرڻ لاءِ.
ڪوٺيءَ ۾ ڏسڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. ان ڪري اهي
واپس صفي ۾ اچن ٿا. پوءِ سڀ هڪ ٻئي صفي ۾ داخل ٿين ٿا
جنهن ۾ هڪ وڏو ٿلهو نظر آهي.)

پروٽئگنسٽ : اڳين ڪال جو گرو ڪل لڳي رهيو آهي... هي
وڏو شاهي ٿلهو ڏسو، سڀ گروڪل واسي ملي ڪري
هتي پوڄا ڪندا هوندا... من پرسن ٿي ويو- آنند
اچي ويو.

(سڀ واپس ورن ٿا ۽ مندر جي ٻاهران پر احاطي جي اندر
هڪ غفا جي پرسان اچي ٿا بيهن. پروٽئگنسٽ، جوڳي ۽ شاهه لطيف
ان غفا ۾ داخل ٿين ٿا. غفا ۾ هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪا نظر آهن.)

پروٽئگنسٽ : هي گرڀ-گهر آهي آچاريه جي يوگ ابهياس لاءِ ۽
شاسترن جو چنتن ۽ منن ڪرڻ لاءِ...
ست لطيف! هي اُها آهي آستان جتان املهه لال
۽ هيرا تراشجي نڪرندا ها.

ويڙهي جهپ / پارو فقير جي سماڌي / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئمرا پارو فقير جي سماڌيءَ کي ڪور ڪري رهي آهي.
سوترڌار جو آواز اوورلئپ ڪري ٿو.)

ٻارو فقير : هاڻي مهنجي
مٿان مٽي وجهو
۽ مون کي
جهڙي ئي
سماڌي ڏيو.

ٻارو فقير جي سماڌي جڙندي
ٿي وڃي.

ٻارو فقير جي سماڌي / ٻاهر / پرڀات

(پرڀات جو سمو آهي. ٻڪرن جي ڇڻڇڻاٽ واري ماحول کي قدرتي سنگيت سان ڀري رهي آهي. سڄ اڃا نڪتو ڪونه آهي. اوڀر طرف اُفق ۾ لالاڻ آهي.

ٻارو فقير جي سماڌيءَ جي پرسان مهاڙڪي پروتداس ويٺو آهي. هن جي سامهون شاهه لطيف ويٺو آهي. باقي سڀ جوڳي اڌ-گول ٺاهي پروتداس جي سامهون ويٺا آهن.)

پروتداس : هيءَ جاڳرت سماڌي آهي. مهارشي ٻاربرهم جي هيءَ سماڌي جاڳرت سماڌي آهي. هيءَ سماڌي اُن شڪتيءَ جي سماڌي آهي جنهن جات-پات ۽ اونچ-نيچ جو ڀيد مٽايو ۽ منش کي منش ٿي ڪري جيئڻ جو پاٺ پڙهايو. هتي جيڪڏهن ڪائي شيءِ دفن ٿيل آهي ته اُها آهي نفرت. انسان جي انسان سان نفرت هتي پوريل آهي. ان ڪري اسان چئون ٿا ته هيءَ هڪ جاڳرت سماڌي آهي.

اڄ اسان هن جاڳرت سماڌيءَ جي سامهون ڌرم ۽

(ٻارو فقير هڪ گهر ۾ جنڊ هلائي اُن ۾ ڳائي رهيو آهي.)

⊛

سوترڌار (فقط آواز)

ڪجهه عرصي کان پوءِ ٻارو فقير موٽي انجار و ٻو ۽ ڏهه ڏينهن ماڻهن کي چوائين :
مان وڏي جهڳ ۾ ڦاٿل ٿيا ڳئمندس. توهان منهنجي سماڌي اُتي ٺهرائجو. دنيا کي پل ته ياد رهي ته ذات - پات جي ڀيد ڀاڃ جو آرلي سڀ کان اول سنڌ جي وڏي جهڳ ڪوٺ ۾ ٿيو هو ۽ سو به هڪ ٻرهمڻ جي هٿان...

پوءِ هو ڏهڏين ماڻهن کي وٺي وڏي جهڳ ۾ آيو.

۽ هڪ ڏينهن...

درشيه

ٻارو فقير ماڻهن سان ڳالهائي رهيو آهي.

ٻارو فقير وڏي جهڳ ڪوٺ جي ٻاهران هڪ ميدان ۾ لوڪ آسڻ لڳائي ويٺو آهي.
هن جي آس پاس هن جا مت مائٽ ۽ ڳوٺ جا ٻال ٻچا آهن.

مُولاڌار جو ڏنو، سواڌستان اُهو واپس ورتو. باقي جو ڪجهه رهيو اهو آهي: توهان پاڻ، توهان جي نج هستي... ۽ توهان جي نج هستي، توهان جي ماتا-پتا جي شريرن کان نه اڳ، هزارين هزارين سال اڳ نه وجود ۾ هئي......

پٽ لطيف، ٻڌاءِ: تون ڪرشڻ کي سڃاڻين؟

شاهه لطيف: ڪرشڻ؟ مان نه ڪرشڻ کان نه اڳ جو آهيان.

(جوڳين جي چهرن تي مرڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: بلڪل ٺيڪ، تنهنجو شرير ڀلي اڄ جو هجي پر تنهنجو "آتم"، تنهنجي "هستي" انادي ڪال جي آهي.

شاهه لطيف: انادي ڪال کان وٺي نه؟

پروتناٿ: ها ٻچا، نه ٻچا! "نه" ان ڪري جو چيتنا ڪونه ٿي رهي... اڳين جنمن ۾ پراپت ٿيل شريرن ۽ تن جي يادگيري ڪونه ٿي رهي. پر آتما امر آهي، توهان جي نج هستي امر آهي. گيتا جو سار به اهو ئي آهي. گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ ارجن کي اهو ئي سنديش ڏنو آهي ته مهاڀارت جي جنگ ۾ جيڪي به شور وير مرتيو کي پراپت ٿيندا آهي مولاڌار طرفان ڏنل قرض کان فقط آجا ٿيندا ۽ سواڌستان ۾ استٿت ٿي پنهنجي نج هستيءَ کان واقف ٿيندا. حقيقت ۾ موت ڪائي سزا ڪونه آهي، فقط قرض جي ادائگي آهي...... موت ئي توهان کي ٻڌائي ٿو سگهي ته توهان اصل ۾ ڇا آهيو ۽ توهان جو اصلي روپ، نج هستي ڇا آهي. ڪنڊلنيءَ جي ڏاڪڻ جو ٻيون ڏاڪو آهي:

مذهب جا ڀيد مٽائيندا سين. اڄ اسان ڀٽ لطيف جي سامهون ڇتن لفظن ۾ اهو ڀيد کوليندا سين جنهن جي ڄاڻ کان پوءِ ڪٿي به، ڪنهن به قسم جي فرق جو سوال ئي پيدا ڪو نه ٿو ٿئي.

اڄ اسان ڀٽ لطيف کي ياترا ڪرائيندا سين. ڪنڊلني - چڪرن جي ياترا - مولاڌار چڪر کان وٺي سهسرار چڪر تائين ستن چڪرن جي ياترا... ڪنڊلنيءَ جي چڪرن جي شروعات ٿئي ٿي مولاڌار چڪر سان. مولاڌار يعني بنياد. اهو بنيادي يا شروعاتي چڪر آهي. ان کي اسان واسنا چڪر به چئي ٿا سگهون ته جنم چڪر به چئي ٿا سگهون. استري ۽ پرش جا مولاڌار چڪر ئي ٻئي روپ ۾ ملي سرشٽي ڪن ٿا، جيوڻ کي اڳتي وڌائن ٿا. اسان سڀني جو شرير اسانجي ماتا - پتا جي مولاڌار چڪرن جي ڪري ئي اسان کي پراپت ٿيو آهي. مولاڌار کان مٿي آهي سواڌستان چڪر. سواڌستان يعني خود جي رهڻ جي جاءِ. اها جاءِ جتي جيو پنهنجي اصلي روپ ۾ رهي ٿو. ان کي مرتيو - چڪر به چوندا آهن...... عجب نه ڪاڻو. جيو، اصل ۾، مرتيو ۾ ئي نواس ڪري ٿو. ڀٽ لطيف، انسان مري ڪري ئي پنهنجي نج هستيءَ کي پراپت ٿئي ٿو... جو نه مري فقط اهو ٿو، انهن فقط ان جو اڇي ٿو جيڪو توهان نه آهيو. فقط توهان جي شرير جو انت اچي ٿو ۽ شرير نه توهان جي ماتا - پتا جي مولاڌار چڪرن جو ڏنل ته آهي. موت فقط ان تن کي ڪسي ٿو.

(پراڻناٿ ۽ سڀ جوڳي ھلڪي کِل کِلن ٿا. شاھ لطيف جي اکين ۾ ٻه چمڪ آھي.)

پراڻناٿ : وري شيطاني ڪميڻه! انسان جو منهنجو سوارٿ
لالچن کي ڀڪي تو رکي جھڙن ڏانءُ پڇن. وري
جي ڪوي ڇوي ته ليڪن کي پيڪي رکجي ته اھو
چوڻ ٻه ته ٻانڻ کي ٻڏرو ڪرڻ آھي. لطيف پُٽ،
دل جون ڀاونائون لڪائڻ جون نه آھن. انھن کي
انيڪ نڪال آھن...
پُٽ لطيف! ڏاڪڻ جا اھي ٽي ھيٺيان ڏاڪا آھن.
ھيٺيان، اھميت جي لحاظ کان نه، ٻھر سلسلي جي
لحاظ کان. ان کان پوءِ چوٿون چڪر آھي: اناھت
چڪر - ھردي ڪمل. ڪيترو نه سندر شبد آھي-
اناھت. اناھت يعني اھو آواز جيڪو ٽڪرائڻ
بنان ئي پيدا ٿئي! سمجھين ٿو لطيف؟ بنان آواز
جي آواز! شبد ھين شبد. ھڪ ھٿ سان وڄايل
تاڙيءَ جو آواز!

(شاھ لطيف عجب ڀريل نظرن سان پراڻناٿ ڏانھن نھاري ٿو.)

پراڻناٿ : ڪنڊليءَ جو اھو اناھت چڪر ڪاڻ سان ئي انھد ناد
ٻڌي سگھبو آھي. اناھت کي ئي ڪبير ۽ ٻين سنتن
انھد ناد چيو آھي. اناھت چڪر بلڪل وچ ۾ آھي-
ٽي چڪر ھيٺ، ٽي چڪر مٿي. اناھت چڪر
دروازو آھي- ھيٺان کان مٿي چڙھڻ لاءِ يا مٿان
کان ھيٺ لھڻ لاءِ... ھردي چڪر جو وڏو مھتو
آھي. نشڪام پريم، امر پريم، پورڻ پريم اناھت
يعني ھردي چڪر مان ئي اُتپن ٿيندو آھي. ڌيان،
سماڌي ۽ ڀڳتي ان ھردي چڪر مان ئي اُتپن ٿئي

مٿيون چڪر: اهو چڪر اِنسان جي جذبات ۽ احساس جو مرڪز آهي. انسان جون ڀاونائون ئي مٿيون آهن، هيرا آهن. ڀاونائن، جذبن ۽ احساس جي ڪري ئي اِنسان جو جيون قيمتي آهي. ورنه، انسان جي شرير ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ پرماتما ڀاونائن ۽ جذبن جي دولت فقط انسان کي ئي ڏني آهي. مٿيون چڪر ئي اِنسان کي انسان بڻائي ٿو. نه ته هو جانور آهي، حيوان آهي، درندو آهي، اتياچاري آهي- نرڪنور آهي. ڀٽ لطيف، هتي اسان هڪ ڳالهه چٽيءَ طرح صاف ڪرڻ چاهيندا سين ... ڀوڳ، خاص ڪري هٺ يوگ ڀاونائن، جذبن ۽ احساس کي روڪڻ جو آديش ڏئي ٿو پر تنتر شاستر چوي ٿو: وهڻ ڏيو، ڀاونائن کي نه روڪيو، وهڻ ڏيو. تنتر شاستر هر قسم جي ڀاونائن کي وهڻ، پڌرو ڪرڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ جي صلاح ڏئي ٿو...

شاه لطيف: سواميجي! ان معاملي ۾ توهان جو پنهنجو مت ڪهڙو آهي؟

پروتناٿ: هڪ ناٿ-پنٿي يوگي هئڻ جي ناتي هئڻ ته اسان کي هٺ يوگ جي طرف گهرجي پر اسان ڀاونائن جي وهڻ جي فائدي ۾ آهيون. آخر نه روڪڻ، ڪڍڻ ۽ پڌرو گهڻو ڪرڻ ۾ ڏوهه ئي ڪهڙو آهي؟ اهنڪار شين جو نيڪال هئڻ ئي گهرجي جيئن دل ۾ قيمتي شين لاءِ جاءِ پيدا ڪري سگهجي.

شاه لطيف: سواميجي!

نهائيءَ کان نيهن، سک مهنجا سڄڻين!
سڙي سارو ڏينهن، پر پاڻ نه پڌرو ڪري.

يا تہ ڏنا ويندا آهن. اسان توکي اڳي بہ ٻڌايو هوسي تہ هاڻي بہ ٻڌايون ٿا تہ ويدن جي رچنائن کي رشين ڏٺو هو- ان ڪري انهن کي منتر-درشٽا بہ چيو ويو آهي. رشين ويد-منترن کي سوچي ڪونہ لکيو هو، پر اهي پاڻمرادو هنن جي اکين جي سامهون پرگهٽ ٿيا ها... حضرت محمد بہ قرآن جون آيتون ٻڌيون هيون. جنهن ڏينهن حضرت محمد سان اِها گهٽنا گهٽي هئي ان ڏينهن هن جي جيڪا حالت ٿي هئي، ان کي عام ماڻهن لاءِ سمجهي سگهڻ بہ ممڪن ڪونہ آهي.

(جوڳي ڳالهہ ۾ ڪجهہ سس پس ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: گروجي، اسان اها گهٽنا ٻڌڻ چاهينداسين.

پروتناٿ: ڇا اناهت ناد جي توهان کي ڄاڻ ڪونہ آهي؟

هڪ جوڳي: گروجي، اسان کي ستن ئي چڪرن جي ڄاڻ آهي پر تہ بہ اسان جي پربل اڇا آهي اهو ٻڌڻ جي تہ حضرت محمد سان اها گهٽنا ڪيئن گهٽي.

(پروتناٿ ڪجهہ دير چپ ٿو رهي.)

پروتناٿ: هڪڙي ڏينهن محمد پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي ويٺو هو تہ اوچتو هن پنهنجي اندر مان پاڻمرادو پيدا ٿيل قرآن جون آيتون ٻڌيون. هو منجهي پيو. هن کي سمجهہ ۾ ئي نہ آيو تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي..... گهر آيو، ڏڪندو ڏڪندو، پگهر سان شل! پنهنجيءَ زال خديجہ کي چيائين: گهر ۾ جيترا بہ ڪمبل آهن، وجهہ منهنجي مٿان. مون کي الائي ڇا ٿي رهيو آهي. مون هيڏي ڏکيائي ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي آهي...

ٿي. ڌڙڪن ڪنڊلنيءَ جو چوٿون چڪر-هردي-چڪر
کُلي ٿو ته اندر مان ٿي انهد ناد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو -
اوم اوم اوم. اهو انهد ناد پاڻمرادو نرنتر جاري
رهندو آهي.

اِٿي هڪ ڳالهه جو ڌيان رکجانءِ پٽ لطيفه! منهن
مان چپن شبد، گلي مان نڪتل شبد يا سوچ سان
گڏ هلندڙ شبد اناهت ناد ۾ شامل ڪونه آهن. ٻاهري
ٽون زندگيءَ ۾ وڌو نام جو جاپ ڪر يا منترن جو
اُچارڻ ڪر، پر اهو انهد ناد ناهي. بي-آواز آواز
پاڻمرادو اندر مان اُٿڻ ٿي، اندر ۾ ٿئي وڃندو
رهندو ۽ ٽون اهو ناد فقط ٻڌي سگهين ٿو. ان ۾
تنهنجي ڪائي ڪريا، ٻڌڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي ڪرم
شامل ناهي. هردي جو آواز ٻڌڻ لاءِ ٽوکي ڪجهه
بولڻو ناهي، فقط شانت رهڻو آهي. اناهت ناد
شانتيءَ مان اُٿڻ ٿيل بغير آواز وارو آواز آهي.

پٽ لطيفه! توکي ته خبر هوندي. مسلمانن جي مڃتا
آهي ته حضرت محمد قرآن ٻڌو هو، اهو بلڪل
سچ آهي. محمد قرآن نه لکيو، نه چيو. ٻڌو،
فقط ٻڌو. دنيا ڪجهه به چوي پر اسان چونداسين-
اهو بلڪل سچ آهي. قرآن جهڙو گرنٿ فقط ٻڌي
ٿي سگهجي ٿو...

لطيفه. پٽ! هندن کي اها ڄاڻ پراچين ڪال کان وٺي
آهي. اسان وٽ سڀني ڌرم گرنٿن لاءِ هڪ شبد
آهي: شرتي! شرتيءَ جو ارٿ ئي آهي: اهو جيڪو
ٻڌو ويو. ويدن جهڙا گرنٿ، قرآن جهڙا گرنٿ
لکيا نه ويندا آهن. اهي گرنٿ يا ته ٻڌا ويندا آهن

جي شڪتيءَ سان ئي مهران زهر جو پيالو پي وئي ۽ هن کي ڪجهه به ڪو نه ٿيو!
وشدي چڪر جو نواس ڳلي ۾ آهي. تنتر شاستر جو مت آهي ته - تڏهن ئي ڳالهاءِ جڏهن پنجين چڪر ۾ پهچين، ڇهون چڪر پار ڪري - ڇٺين کان ڇلانگ لڳائي ڪري ٿو.

(جوڳين ۽ شاهه لطيف جو هلڪو ٽهڪ)

پروتنات: ڳالهائڻ اٿئي ته ٻولي ۾ ڳالهاءِ، نه ته نه ...
ڳالهائڻ اٿئي ته ڪروڙا ۾ ڳالهه، نه ته نه ...
جڏهن تنهنجو هردو چڪر ڪليل آهي، جڏهن تو اناهت وارو بي-آوازي شبد ٻڌو آهي، جڏهن تنهنجي اندر ۾ اوم شبد جو سوکم ولد پاڻمرادو گونجيو آهي ته پوءِ توکي ڳالهائڻ جي اجازت آهي. پوءِ تون پنهنجي ڳلي مان نڪتل آوازن جي رستي پرماتما جو سنديش لوڪن جي زبان ۾ لوڪن تائين پهچائي سگهندين. ان وقت تون چپ هوندين، تنهنجي منهن مان پرماتما ڳالهائيندو ... پٽ لطيف! جڏهن الاهه ڳالهائڻ شروع ڪيو ته تو وٽ چوڻ لاءِ باقي رهندو ئي ڇا!

شاهه لطيف: سوامي جي! وشدي چڪر بابت ڪجهه ٻيو به ٻڌايو.

پروتنات: وشدي چڪر جو استان آهي ڳلو. ڳلو سڀ ٿا ڪم آڻن پر اجايو. وشدي چڪر بند پيو هوندو آهي. پيجان! جڏهن وشدي چڪر کلي ٿو ته پوءِ لفظ ماکيءَ کان به وڌيڪ مٺا ٿي وڃن ٿا، لفظن مان خوشبوءِ اچڻ لڳي ٿي، لفظ سنگيت ۽ نرتيه سان ڀرجي ٿا وڃن. پوءِ تنهنجي منهن مان جو ڪجهه

خديجه کي مڙس جي چهري ۾ عجيب نور ڏسڻ ۾
آيو. هوءَ سوچڻ لڳي ته هيءَ ماجرا ڪهڙي آهي.
محمد جڏن اکيون ٻوٽي ٻيون ننڊون ٿيون. پر ڪنهن
بيحد دلڪش نور سان! جيئن ئي گهر ۾ قدم رکيو
اٿائين ته سڄو گهر چڻ نور سان ڀرجي ويو آهي.
خديجه خود به ڪجهه ڀٽڪڻ لڳي. سو مڙس کي
چيائين: توهان کي ڪجهه به ڪونه ٿيو آهي. الله
جو رحم ٿيو آهي توهان تي! ٻڌو نه. مون کي
سڄو حال ٻڌايو ته، اڄ توهان سان ڇا ٿيو آهي...
مون کي لڳي ٿو الله جي توهان تي خاص مهرباني
ٿي آهي- خاص رحمت ٿي آهي. توهان جي دل
مان ڪجهه نڪري سڄي گهر کي ڀري رهيو آهي.
توهان خود سراپا نور ٿي ويا آهيو.
۽ محمد خديجه کي سڀ ڪجهه ٻڌايو...
۽ خديجه بيگم، اسلام کي قبول ڪندڙ پهرين
شخص هئي!
ڀٽ لطيف! اهو اٿئي چمتڪار انساهت چڪر جو-
هردي چڪر جو...
ٻيجون ڏاڪو آهي- وشدي چڪر. پويترتا جو
چڪر. اهو بلڪل سياويڪ آهي. هڪ دفعو انسان
جي اندر ۾ جي سڄي پاپ جو نواس ٿيو ته پوءِ
هن جي هر ڪاريه ۾، هر ڪرم ۾ پويترتا رهندي
۽ ٻالڪ جهڙي معصوميت رهندي. پويترتا جو جنم
پاپ مان ئي ممڪن آهي پر پاپ امرت آهي.
پاپ ۾ موتمار زهر کي به پاڻيءَ جهڙو
نرمل ڪري ڇڏڻ جي شڪتي آهي... وشدي چڪر

جيڪو سنڪلپ ڪندين سو اوس پورو ٿيندو.
پٽ لطيف! ڪن فيڪون جو مطلب هاڻي ڇڱيءَ طرح سمجهي ويو هوندين. حضرت محمد انهن لفظن ۾ ان استثنيٰ جو ذڪر ڪري رهيو آهي جيڪا ڇهون چڪر ڪراس ڪرڻ کان پوءِ پيدا ٿئي ٿي. ان وقت بندو بندو نٿو رهي، هو مالڪ ٿي ٿو وڃي. ڪن ۽ فيڪون - ٿيءُ ۽ ٿي ويو!

(شاهه لطيف اکيون مهٽي ٿو.)

پروتقاث: ڏاڍيءَ مشڪل سان ڪوئي انسان ڇهين چڪر تائين پهچي سگهندو آهي. جيتوڻيڪ ڪنڊلنيءَ جا ست چڪر آهن پر حقيقت ۾ ڇهون چڪر ئي انتم چڪر آهي. جيستائين هن دنيا جو واسطو آهي، ڇهون چڪر ئي آخرين چڪر آهي. بندو مالڪ ٿي ويو! ان کان وڌيڪ هن دنيا ۾ ٻيو ٿيڻو ئي ڇا هي؟ هن دنيا جي حوالي ۾ ڇهون چڪر آخرين سرحد آهي، انتم سيما آهي. ان کان پوءِ جي گهٽنائن سان هن سنسار جو ڪوئي به واسطو نٿو رهي. ڇهين چڪر تائين پهچڻ يعني سنسار جي سرحد تائين اچي پهچڻ. هاڻي جي اڃا به اڳتي وڃڻ چاهيندين ته سنسار سان سمورا سنبنڌ ٽوڙڻا پوندءِ. اسان ته انهن چوندا سين ته ان کان پوءِ سنسار آهي ئي ڪونه. سمجهئين؟ سنسار آهي ئي ڪونه.

(شاهه لطيف پوري پوري ڌيان سان ڪنڊلني چڪرن جي باري ۾ ٻڌي رهيو آهي.)

پروتقاث: ڪنڊلنيءَ جو انتم ۽ ستون چڪر آهي: سهسرار چڪر! هڪ هزار پنکڙين وارو ڪمل جو گل!

نڪرندو سو ڪويتا ٿي پوندو، منتر ٿي پوندو، آيت ٿي پوندو. تون جو ڪجهه ٻوليندين تنهن ۾ آنند ئي آنند هوندو.

شاهه لطيف: سوامي جي!

”مون“ موهن ۾ سپجي، مون کي ”مون“ جڳاهه،
موهن جي ساڃاهه، موهن منجهان ”مون“ ٿئي،
انهن اِئين جڳاهه، آن کي اِئين نه چوڙو.

پروتناٿ: جيستائين تيم جي ويٻاڪما جو سوال آهي، ايڪ ٺيڪ آهي. پر وشڌي چڪر جي ڪلڻ جو پتو سمپورڻ ڪاوي ماڻ ٿي پئجي سگهندو. آنهنجي ڪلام جي مڌرتا، سڳنڌ، اثر ۽ سنگيت ٿي ٻڌائيندا نه ڪمر ٿو ٻالهائي- تون، تنهنجو اهنڪار ۽ پرماتما! وقعت اچڻ ڏي، ٿانون کي پچڻ ڏي پت!

(ڪجهه پل خاموشي ٿي رهي.)

پروتناٿ: ڪنڊلنيءَ جو ڇهون چڪر آهي ”آگيا چڪر“ انهيءَ چڪر جي ڪلڻ تي انسان جي جيون ۾ هڪ سلسلو اچي ٿو وڃي، هڪ ترتيب اچي ٿي وڃي ۽ انسان کي زنده رهڻ جو صحيح شعور ۽ صحيح طريقو ملي ٿو وڃي. انسان جيون-ڪلا کان پوريءَ طرح واقف ٿي ٿو وڃي...

پنجن چڪرن جي ڪلڻ تائين ته اِنسان غلام آهي، گولو آهي، ڪنهن نه ڪنهن جو ڪاٽيارو آهي پر، ڇهين چڪر جي ڪلڻ سان ئي هوُ مالڪ جو پد پراپت ٿو ڪري.

ڇهين چڪر جي ڪلڻ کان پوءِ تون جيڪي ڪجهه چوندين، سو ٿيندو ۽ جيڪو ڏهرنڊين سو ملندو،

ڪم ڪندو ؟

پروتناٿ : جنهن ڀاڳيشاليءَ جو سڄون چڪر ڪلندو، ان جي
سامهون جي شعلن ۽ ڇمتا چٽڪجي ڪري آيا ٻـ
تـ هن جا ٻهر چٽڪ ۽ ڇمڪ لڳندا. سهسرار چڪر
ڪلڻ ڪان ٻوء تون ٽيج ۽ نور جي ڌارا ڦٽجي پوندين.
اهو هزار ٻنڪڙين وارو ڪمل ئي آهي نرواڻ، ٻرم-ٻد
۽ پرماتما ۾ لين ٿيڻ!
ان ڪري ئي اسان چئون ٿا، هن سنسار جون
حدون ڇهن چڪرن تائين آهن. سڄون چڪر آهي
نرواڻ، مڪتي، سنسار کي پار ڪري اناديءَ-اننت
استتيءَ ۾ نواس!
مول آڌار شرير ۽ حواسن واري جيون کي جنم ڏئي
ٿو. سهسرار اننت انادي جيون ڏئي ٿو - اهڙو
جيون جنهن ۾ نه شرير آهي، نه حواس آهن، نه
من-وچن-ڪرم آهي، نه چنتا آهي. شولم، شولم ۽ شولم!

(شانتي-ڪجهه پل بلڪل شانتي)

پروتناٿ : پيت لطيف! ڌرتيءَ پنهنجو ڌرم نباهيو - پنهنجو
فرض پورو ڪيو. ٻج کي سانڍيو. ٻج کي شڪتي
ڏني. ٻج کي ڦوٽايو. هاڻي ٻج سلي جي روپ ۾
ڌرتيءَ جو سينو ڦاڙي ٻاهر نڪتو آهي. ٻج پوٽو
ڦٽجي چڪو آهي. پوٽو وڌندو. وڌندو ۽ نم، پپل
۽ ٻڙ جهڙو مضبوط وڻ ٿيندو. ان شڪتيشالي وڻ
جي ڇانو سڄي سنسار کي ٻاڻ ۾ سمائي ڇڏيندي.
اهو وڻ بيشمار جگياسن جي اڪ - اڄ دور ڪندو -
آڌياتمڪ مارگ تي هلندڙن کي سڌڙن ڏئي لڳائيندو.
پيت لطيف! اڄ اسان ٽوڪي آهي لفظ ٿا پڙايون

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا ان جي ڪري ئي ڪمل ۽ ڪپ ڇڪ
ڪي ايترو مهتو ڏنو ويو آهي؟

پروتناٿ: هائو. پٽ لطيف، تو بلڪل ٺيڪ سمجهيو. مولاڌار
يعني واسنا يعني ڪپ ڇڪ. انسان جي شڪتي
اتان متي چڙهي ٿي ۽ آخر ۾ هڪ هزار پنکڙين
واري ڪمل جي گل جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي ٿي!
ان ڪري ئي سنت ڪوين "ڪمل جهان ڪن ۾
رهڻ" واري ڪلپنا ڪئي آهي. آخر ۾ هڪ هزار
پنکڙين واري ڪمل جي گل جو مول ڪارڻ - واسنا
جي ڪن ۾ ئي ته آهي نه! اها آهي ڪمل جي
ياترا. اها آهي انسان جي چيتن جي ياترا. اها
آهي انسان جي اوچائيءَ تائين پهچڻ جي ياترا.
اها آهي انسان ۾ سمايل شڪتيءَ جي ياترا.

(سڀ ڌيان سان ٻڌي رهيا آهن.)

پروتناٿ: جڏهن ستون چڪر - سهسرار - کلي ٿو ۽ تنهن جي
شڪتي اوستائين پهچي ٿي ته پوءِ توهان خود هڪ
ڪمل جو گل ٿي ٿا وڃو. هاڻي، ماکيءَ لاءِ توکي
پين گلن ڏانهن وڃڻ جي ڪائي ضرورت ڪانه
آهي. هاڻي ماکيءَ لاءِ مکيون تو وٽ اينديون.
ستون چڪر کلڻ کان پوءِ توهان چمڪ جو پهاڙ ٿي
پوندا. هر شيءِ - جاندار چاهي بيجان - توڏانهن
ڇڪبي رهندي...

ڪمل ناٿ: (وچ ۾) گروجي! سهسرار چڪر جي کلڻ ته وڏيون
معجزيون پيدا ڪري ٿو سگهي - جيڪڏهن شمعون،
چمتا، ڳگهڙ، نانگ، بلائون سڀ ڇڪجندا ڇڪبا
اچي ائين پهچندا ته... ڪمل جي گل جي رکيا

دوزخين کي پريم جي برسات ۾ ٻڏ لاٿو آهي...
دوزخ مان جنت جي راهه ڪڍي آهي ...
دوزخين مان دلبر جو ديدار ڪرايو آهي ...
پسڻ جي پرواهه ڇو ٿو ڪرين؟ تون ڪمل جو گل
آهين- سهسوار !... هزار پنکڙين وارو ڪمل جو گل!

شاهه لطيف: پيو جو پاتار ،
سو ڪيئن پسڻ کان پالهو رهي؟

پروتناٿ : ان سوال جو جواب تہ دنيا کي تون ٻڌائيندين!

(ڪمل ناٿ چاهي ٻين جوڳين جي چهري تي گنڀيرتا ڇانيل آهي اُها گنڀيرتا هنن جي سڀاءَ کان جدا آهي ڇو تہ ان گنڀيرتا جي پٺيان دک جي لهر صاف نظر اچي رهي آهي. جوڳي هرک-سوک کان مٿي هوندا آهن - ان هوندي بہ هنن جي زندگيءَ ۾ ڪي گهڙيون اهڙيون گهنجنديون آهن جڏهن هنن جي انساني سڀاويڪ رد-عمل جو اُهڃاڻ ڏيئديون آهن. هرڪو جوڳي سمجهي رهيو آهي تہ شاهه لطيف کان موڪلائڻ جو ويلو اچي ويو آهي. ڪن ڪن جوڳين جا چهرا اهڙا ٿي ويا آهن جو لڳي ٿو- اِجهو رنا ڪ رنا !)

پروتناٿ : هلو آءُ ٿت لطيف !

(پروتناٿ ڪٽي ٿو ٻئي ٻانهون ڦهلائي، شاهه لطيف جي اُٿندي ٿي ڪٽي ٿو ڪيس ڳلي سان لڳائي. ٻوٿر ٻريم جو هيڙو نرمل نظارو ڏسي جوڳي بہ گد گد ٿي ٿا وڃن. هنن جي اکين ۾ اُٿلڪي آلاڻ آهي ۽ منهن تي آنند جي لهر!... پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي سامهون بيٺا آهن. ڪمل ناٿ ۽ ٻيا جوڳي هنن جي ارد گرد بيٺي هنن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پروتناٿ : ٻار ٻوهه جي هيءَ سماڌي سنگم - استان آهي-جاٿين
جي سنگم جو - فرقن جي سنگم جو ، ڌرمن جي
سنگم جو ۽ وشواس جي سنگم جو! اسان لاءِ بہ

جيڪي گوتم ٻڌ چنڊڪ کي ان وقت چيا ها جڏهن وقت ٻڌ چنڊڪ کان جدا ٿي ويراڳين ڏانهن وڃي رهيو هو. گوتم چنڊڪ کي چيو هو: چنڊڪ، مون کي سڄي سنسار ۾ باهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿو اچي. سڄو سنسار ڄڻڪر باهه ۾ جلي رهيو آهي. مان ڪجهه به تياڳي ڪونه رهيو آهيان. سنسار ۾ تياڳڻ جهڙو ڪجهه آهي ئي ڪونه! باهه کي تياڳڻ ۾ ڇا ڪو تياڳڻ آهي؟ مان ته فقط باهه کان پاڻ بچائڻ لاءِ فرار ٿي رهيو آهيان- پنهنجي پاڻ بچائي رهيو آهيان. پٽ لطيف! ڄڻڪر اگنيءَ ۾ جلندڙ سنسار کي توکي بچائڻو آهي. گوتم ٻڌ وانگر توکي باهه کان پري ڀڄڻو ناهي. توکي باهه ۾ رهي، نه فقط پنهنجو پاڻ کي باهه کان بچائڻو آهي بلڪ سنسار کي به باهه جي ڄڻڪرتا ڏيکاري اچڻ جي راه ڏسڻي آهي... اسان توکان اها گرو-دکشا ٿا طلبيون.

(مهاڀوڳي پروتمات سڏو ٿيو پيئو آهي. شاه لطيف ڏيري ڏيري جهڪندو هن جي قدمن ومت و لهي ٿيو رهي. هن جو من ڏاڍو اُداس آهي ڪجهه دير کان پوءِ منهن مٿي ڪري پروتمات ڏانهن نهاري ٿو.)

شاه لطيف: مون کي مون ٻڌائي، ٻڌي ونڌو ٻار ۾،
اڀـا انهن چون — مڃڻ پالڊ ڀسائين!
سوامي جي!
هن ٻيرڙ ۾، دوزخ جو دونهون...
ڄمدرا پيهوران، ٻڌو ٽسان ابهو...

پروتمات: نه، پٽ لطيف! توکي ڀڄڻو ناهي. دوزخ جي

پيا لهرن واري مٿان - ساگر ۾ ٿي،
عڪس صاف نظر اچي سڀني کي،
۽ عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف جي اکين مان ڳوڙها نڪري سندس ڳلن کي آلو ڪري ٿا ڇڏين.)

شاهه لطيف: عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!
مان هرگز ڪين وساريندس ته:
عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف پروتناٿ جي پيرن تي هٿ ٿو رکي. پروتناٿ کيس ڳلي سان لڳائي ٿو. پوءِ شاهه لطيف ڪمل ناٿ ۽ ٻين جوڳين سان ڳلي ملي ٿو. هڪ گراموفون ۾ شاهه جو ڪلام مڌر آواز ۾ ترنم انداز ۾ ڳايو ٿو وڃي.)

ڪلام: واجهه وراڳين جا، مون وٽ وڏي وٿ،
سون سيئي سگهون، پسي ڪين ڪٿ،
وساهي ويل کڻي، پورب ويندوءِ،
هل! ڪمائون هٿ، آئون نه جيئندي اُن ري!

(سنگيت)

وائي: ڪي آهن منجهه آهي،
هوءَ جي جهونا پسن جهوپڙا!
ڪي آهن منجهه آهي!
١- اُن در سڀئي اکيا،
جن کي ڪو نه چتائي!
ڪي...

هي سنگم - استان آهي. هن استان تان اسان ان طرح الڳ ٿيندا سين جو سدا لاءِ ملي هڪ ٿي ويندا سين. گنگا - جمنا ملي سرسوتيءَ جو روپ ڌارڻ ڪنديون ۽ پت لطيف، سرسوتي ڏسڻ ۾ ايندي ئي ڪونه آهي! سرسوتي هڪ خيال آهي، هڪ ڪلپنا آهي. گنگا ۽ جمنا جي شونيه ۾ لڪي ٿي وڃڻ جي هڪ اسٿتي آهي! شونيه - جهڙو
برهم آهي، پرم پد آهي، نرواڻ آهي!

(پرونتات ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري چپ نماڻن جي ڏي - وٺ ڪن ٿا. سڀ جوڳي هنن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پرونتات: پت لطيف، اسان پنهنجي جوڳين جي جٿي سوڌو ڪجهه ڏينهن گڏ ئي مندر ۾ رهڻ ٿا چاهيون. اتان جي گروڪل جهڙي واتاورڻ اسان جي من کي موهي ڇڏيو آهي.

شاهه لطيف: سوامي جي، مان ملير جي اُن مٽيءَ جي سڳنڌ سان پنهنجي هستيءَ جو ڪڻو ڪڻو سرابور ڪري ڇڏڻ ٿو چاهيان جنهن مٽيءَ مارئيءَ کي جنم ڏنو......
ملير ماڻهائون، حڪم ساڻ حبيب جي!

(پرونتات ۽ شاهه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. پرونتات جون اکيون ڀاو - هين آهن پر شاهه لطيف جي اکين ۾ ڪجهه ڪجهه آلاڻ آهي.)

پرونتات: (شاهه لطيف جي ٻنهي ڳٽن کي هٿن جي وچ ۾ جهليندي ۽ اکين ۾ نهاريندي) نه، نه، نه! پت لطيف! من کي لڏو ڏي، اڏول رهه......

ڀٽ جو ڏيک / ٻاهر / ڏينهن

(آسمان مان ورتل شاٽس. ڀٽ جو ڏيک. هر طرف واري ئي واري سڄو ڀٽ ڀٽن سان ڀريو پيو آهي. قسمن قسمن جون ڀٽون. ڪي ڀٽون هڪ ٻئي سان لڳيون پيون آهن. ڪٿي ڀٽن جي وچ ڪشادو ميدان آهي ڪٿي ڀٽن جي وچ ننڍا ڳوٺ پکڙيل آهن جتي ماڻهون پنهنجن روزمره جي ڪمن ۾ مشغول آهن. ڪٿي ڀٽن جي وچ پوک آهي . ڪن ڍورن ۽ ٽلين ۾ پوکن جا نشان صاف ظاهر آهن. جن ٽلين ۾ پوک نه ڪئي آهي اتي ڪافي انداز ۾ قدرتي وڻ، ٻڙ ۽ ٻوٽا نظر اچي رهيا آهن جن ۾ چوپايو مال چري رهيو آهي.

شاهه لطيف هڪ ڀٽ تان هيٺ لهي رهيو آهي. ميڙهو لتاڙي ٻيءَ ڀٽ تي چڙهي ٿو ...

چوطرف ڀٽون ئي ڀٽون!)

سنگيت+سور+ ڪلام	درشيه
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جهڳندي اَن ري ...	شاهه لطيف ميڙهي جو وچوارو ٽڪر ”مدر“ لتاڙي رهيو آهي .
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جهڳندي اَن ري...	عورتون کوهه مان پاڻي ڀري رهيون آهن. شاهه لطيف اتان لنگهي ٿو .

٢- ڏاڍيا پانڌيئڙن ڏاڍيرو ،
پاڻ پريان سين ڪاڻي !
ڪي ...

٣- ٻنهجي ڇڏي پٽ ڀر ،
رڙهه آئين جي رائي !
ڪي ...

٤- خدمت ڪر خلق سين ،
پاند ڳچيءَ ۾ پائي !
ڪي ...

٥- آديسون عبداللطيف چئي ،
الاهين ڪي آهي!
ڪي ...

(وائيءَ جي هلندي ئي شاهه لطيف هڪ طرف هلندو ٿو وڃي. هو هڪ پيرو بہ پٺ ورائي جوڳين ڏانهن ڪونہ ٿو نهاري. مهابوڳي پروتناٿ ۽ ٻيا جوڳي هن ڏانهن نهاريندا رهن ٿا. شاهه لطيف دور ٿيندي ٿيندي اکين کان اوجهل ٿي ٿو وڃي. جوڳي بہ ٻنان آواز جي ڳوڙي مندر جي طرف جي راهه وٺيو رمندا ٿا رهن.

آس-پاس جي ويرانين کي ڪور ڪندي ڪندي هڪڙا پار ٻرهم جي سماڌيءَ تي ڪلوز.)

ڏري : نه سائين نه! اسان ڏر وارن سان اهڙا وچن ڏٺي ئي
ڪو نه ٻاري... گاهه کائون ۽ رب ٻٽون...

شاهه لطيف: رب ڪهڙن رڏيو؟

ڏري : ٻه چار لپون ڪڻهن گا جي آئي جون وڏي ڪني
۾ وجهون. ان ۾ اڌ سير دلو پاڻي وجهي پوءِ واهي
رڌيون. جڏهن اٽو رڌجي رهي تڏهن وٽو ٻه وٽا پي
ٻهت ڀريون.

شاهه لطيف: ابا، اهو ته ٿيو ڏلو پاڻي!

ڏري : سائين جي اهو ملهو ته ٻه لڪ ڪٽياسين. سڪار، هتي
ڪڏهن ڪڏهن مهن ڏڪاري. ڏڪار جا ڏينهن
سدائين رهن. سوڪهڙن تي ٻاڻ کي هيرڙو ٻوندو
آهي سائين! ڏر جا ڏڪار اهڙا جو مسڪين پنهنجا
ٻچا وڪڻو ڇڏين. ٻچا ته ڇڏيو، اَن ڪڻن تي
ننگ به وڪڻو ڇڏين! ڪاڻ لاءِ وٽن جا چوڏا به
نه ملن! وڻ - ٽڻ سڪو وڃن، مال مري وڃي!

شاهه لطيف: ابا، هتي ته نسورا ناحق ٻها ڏين!

ڏري : (آسمان ڏي هٿ ڪڻي) هن وڏي سرڪار سان
ڪهڙو ٻجي؟ ڪهڙو سوال ڪري؟... سائين، مارئيءَ
جهڙي ستي ستاڻيءَ کي جڏهن سومر سهڻا ٻها ته
اسان کهڙي حساب ۾ آهيون؟

شاهه لطيف: برابر ابا! ماڻهو کهڙي مڇهه حساب؟

(جنهن وقت شاهه لطيف ڏريءَ سان گفتگو ڪري رهيو آهي ان
وچ ۾ ڪجهه ٻار ۽ ڪي ٻيا ڏري به آئي اچي ٻيهن ٿا. ٻه چار
ڏر ٻاڻيون به هن جي گفتگوءَ ۾ دلچسپي وٺندي ٻريان اچي
ٻيهن ٿيون.)

پيرسن ڏرياڻي: ابا، اسان ڏر وارن کي اهڙا پاپ ڪيا آهن جو

هون اون اون اون
هون اون اون اون
هون اون اون اون
آئون نہ جيئندي آن ري ...

شاهہ لطيف ڪن ڏکن ۽ ٻنگن
واٽان لنگهي رهيو آهي جنهن جي
آس پاس ٿوري ۽ ٿورياڻيون
نظر اچي رهيون آهن جيڪي
پنهنجن ڪمن - ڪارين ۾
پو رڌون آهن.

(شاهہ لطيف جي چهري جو ڪلوز - اَپ)

شاهہ لطيف: ٿوري ۽ ٿاري جو ڳهڙا جهان ۾،
پري جن پاري آئون نہ جيئندي آن ري!

وارو! ويراڳڻن کي، ويل ۾ وساري ڇڏ،
قدم ڪاپڙين جا، ليلائي لهيج،
پرس ماڻهو پٽ جي، وڃڻ کي وچيج،
راتو ڏينهن رڙهيج، آئون نہ جيئندي آن ري!

(شاهہ لطيف هڪ پکيءَ جي پاران کنهن ٿوريءَ سان ڳالهائي رهيو آهي.)

ٿوري : سائين، ڪهڙا ٿو حال پڇين؟ ٿو آهي ٿڻ ٿي، نہ ڪڻ ٿي. پر تنڪا ۽ ڪمو تڏهن ڏني جڏهن وسي . سو اَبا، وسڻو تہ ٿر نہ تہ پٽ ۽ ٿر .

شاهہ لطيف: اَبا، ڏکي ٿي ولا ڏيڻ لاءِ تہ پڪل آهي.

ڪلام (عورتاڻي آواز ۾)

الا! ائين ۾ هوءَ
جڏهن آن مران بند ۾!
جسو زنجيرن ۾
راتو ڏينهان روءَ،
ٻهر ٻن وڄان لوءَ،
ٻوءِ مر ٻچم ڏينهڙا!

درشيه

مارئـي عمر جي قيد ۾ بند
آهي.
وار اٽيا،
زرد چهرو،
اکين ۾ ڏرا،
قاتل ۽ ميرا ڪپڙا...
مارئيءَ جي اکين جو ڪلوز-اپ.

آئون اندياڻي بند ۾،
ڪ ڪي ٻيس بند؟
مهين لڳو مهڻو
ڪ مهين ڪڙو ڪنڌ؟
مران جي هن هند،
ت نجانءِ مٽت ملهر ذي!

ڪوهه جي ٻرسان
مارئي عمر کي
پاڻي پياري رهي آهي.
ڪوهه تي مارئيءَ جون سرتيون
به بيٺيون آهن...

واڄهائي وطن کي،
ساري، ڏيان ساهه،
بند منهنجو بند ۾
قيد ۾ ڪر ٻجاهه،
ٻرڏيهاڻي ٻرٻن ري
ڏار ۾ ڏرجاهه،

عمر مارئي کي ڪنهي زوريءَ
اُٺ تي چاڙهي ٻچائي ڏسو
رهي...

سڀني ۾ به سڪ نه پسون... ڏک سور ته اسان سان سڄا ڀڳا آهن، ادا!

شاه لطيف: تن ونهن وڻڪڻن ۾ سدائين سڪار،
چمڪيو، آنهو چاڙهين، سندو ڏونگرن ڏار،
هن جو وڻن سڀن واپار، سي ڏوتي هون نه ڏيرا.

(سڀ عجب مان شاه لطيف طرف نهارين ٿا.)

شاه لطيف: ٿوريءَ قسمت قرارئا، رهن سڀر سٽ،
ڪتيءَ ۾ ڪڪه ڪلها، پوڻ اهڙيءَ پٽ،
پنوهارڪي پٽ، پنهنجي ملهير ۾!

ڀيرسنڌري: ادا، توڻ ته اسان جو آهين، اسان وانگيان پڻ پولهين! ڪوهسر آهين. هن پٽ ۾ اهڙ ڏري اسان جو مان وڌايو اٿئي ادا! جي اٺين اسان کي وسئين ته اسان جا سور ۽ سڏون کي پوندا، اسان جا ڏک ـ ڏاکيڙا امر ٿي ويندا.

شاه لطيف: پنهنجي پارو ڪڙيءَ رهي، جنهن ۾ اچي اُن،
تن پٽ ۽ پني وانديان، ٿوڙي پولس تن،
غافل رک غريب کي، عمر! منجهه امن،
سرتين ساڻ سڀن، آهي الهي سهڙي!

(ٿري مرد، عورتون ۽ ٻار شاه لطيف ڏانهن نهاريندا ٿي ٿا رهن. هو ٿڪڙو ٿڪڙو اڳتي وڌي ٿو وڃي. عجب ڀريل نظرن سان، ويندڙ شاه لطيف طرف نهاريندڙ ڀيرسن ٿريءَ جي چهري تي ڪئمرا ڪلوز.)

شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ.
پورٽريٽ مٺو مرڪي رهيو آهي.
جوڳين جو جٿو هڪ طرف گامزن آهي.
شاهه لطيف جوڳين کان دور هلندو ٿو وڃي.
شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ.
شاهه لطيف: اکين ۾ ٿي ويهه، ته آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نه پسان ڪي ٻيو!
(ڪجهه دير پنهنجن ئي خيالن ۾ گم سم ٿو رهي.)
شاهه لطيف: هڪڙو ڏک ٻئي ڏک سان ڪٺو ٿو چاهيان...

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سنه ١١٥٦ع ۾ ٻڌو ۽ اتي قلعو به جوڙايائين. علاؤالدين جي لشڪر اچي قلعو اڏائي ڇڏيو ۽ سڄو جيسلمير جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو. جيسلمير ڪيترا سال ويران پيو هو...	جيسلمير جي ويراني جا ڪجهه درشيه......
سنه ١٦٥١ع ۾ سبلسنگهه نالي هڪ ڀٽي راجپوت پنهنجي وڏن جا وسايل پٽ وسايا ۽ شهر جو اصلوڪو نالو قائم	اوسر جا ڪجهه درشيه

ٿڌي وسائڻان ٿون جي
مٺي مٺيءَ مٽاڪ،
جي ٻوليون ڳٺي ٻساهه،
ته نهاري مرڪ ملير ڏي.

واجهائي وطن کي
ساري ساهه ڏيان،
هيءَ سر سانڍيه ساهون
مهنجو اڄ ، مان !
ماڻهاڻي مارئڙن
وڃي ٿو ٿيان !
مياڻي جيان ،
جي وڃي مڙه ملير ڏي.

عمر مارئيءَ کي قيد ۾ بند
ڪري ٿو .
مارئي جي اڳيان زيورن ،
اطلس ۽ ڪمخاب جي لباس
۽ سوادي طعامن جا ڍير ٿو
لڳائي ڇڏي.
پر مارئي انهن ڏانهن ڌيان ئي
نه ڪري ٿي.

واجهائي وطن کي
آئون جي هيءَ مهاس،
ڳوڙ مهنجي، سومرا !
ڪچ پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي
منجهان ولڙين واس،
مياڻي جهاس،
جي وڃي مڙه ملير ڏي.

مارئي ڏينهن رات ٻاهر نهاري
ڇڙ وطن ڏانهن واجهائي رهي
آهي.
پوءِ قيد جي هڪ ڪنڊ ۾
وڃي لڪي وهي.
سڏڪا ۽ سڏڪا ...

ڪاڪ نديءَ جو ڪپ / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلو جهڪي ڪاڪ نديءَ جي لهرن ۾ ٻڏندڙ
پڙڇانئي ڏسي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اڙي او لطيف!

ڪهڙو نصيب ڪٿي آڻين تون جهان ۾؟
محبت ڪيئي - دل جا درد مليئي،
جوڳين جو سنگ ڪيئي - وڇوڙي جا سور مليئي،
مارئيءَ جي ملڪ جي مٽي مشڪ لائيئي تن،
مسڪينن جي مصيبتن ماري وڌو...

(شاهه لطيف اُٿي ٿو ۽ آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون ڪڍي منهن
مٿي ڪري ڄڻ ڌڻيءَ کان ٿو پڇي.)

شاهه لطيف: او منهنجا ڌڻي! تون ئي ٻڌاءِ شاهه لطيف جو ڇا
ٿيڻو آهي؟

(شاهه لطيف ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تان اٿي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: جيءُ منهنجو جن، اڱڙيارو وَيئو.
پيچاڙان پرين، سڄان، سڄو نه لڌئي،
پيچاڙا پرين، سڄان، سڄو نه لڌئي.

(ڪجهه وقت شانتي)

شاهه لطيف: مٿ مٿ سورن سپ ڪهڻن، مون وٽ وٿاڻان،
پريون ڪيو پٺاڻ، ويا وهائو نڪري.

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف: مون ڀانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو، ٻهري ويا پٽ،
ساهه جنين جي سٽ، وڪيم تني ونڪار ۾.

(ڪجهه پل شانتي)

رکيو جيسلمير.
هي آهي اهو جيسلمير شهر
جنهن سنڌ جي شاعرن جو
سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي
پنهنجا پير گهمائڻ آيو هو.

جيسلمير شهر جا ڪجهه درشيه

جيسلمير کان ٻه ڪوه پري
اُلهندي طرف هڪ نهايت
قديم شهر آهي لڊاڻو!

لڊاڻي جا ڪجهه درشيه

مومل - راڻي جو قصو انهيءَ
لڊاڻي شهر سان واسطو آهي.
لڊاڻي جي اتر طرف ڪاڪ
جي ڪنڌيءَ تي هڪ پٿر
جي عمارت جا نشان بيٺا
آهن جنهن کي عام طرح "مومل
جي ماڙي" سڏيو وڃي ٿو.

مُومل ۽ راڻي جون تصويرون

ڪاڪ نديءَ جو درشيه

اهو ئي آهي اهو "ڪاڪ
محل" جنهن کي مُومل جي
ڀيڻ سومل پنهنجي جادوءَ
جي ڪلا سان اڏيو هو؛
جنهن ڪيترن ئي قسمن جون
طلسمي ڪاريگريون رکيون
ويون هيون.

طلسمي ڪاڪ محل جا ڪجهه درشيه

پورو پورو ٿيان مومل-راڻي ۽ سومل-ڪاڪ محل جي لوڪ-ڪٿا ڏانهن لڳاءُ. پنهنجن ساٿارڪ ڪشش ڪري، دنيوي درد ڪري ڪاڪ محل جي طلسمي ٿلاءُ ۾ پوڙي ڇڏ. تنهنجي درد جو اهوئي دارون آهي...

هت لطيف! پوءِ ڪرم-ڪٿر ۾ ٿيي پؤ...
ڏس ته پوءِ ڪهڙا ٿا چمتڪار ٿين...

(پروتنات جو آواز اوچتو ان طرح بند ٿي ٿو وڃي جڻ ڪنهن آواز جي ڏور ڪٽي ڇڏي هجي. شاهه لطيف ٿوري ڪند ڏوڻ ڪري، ڪيون مهٽي ٿو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. هر طرف ويراني آهي ڪٿي به ڪوئي به نظر ڪونه ٿو اچي. باقي مومل جي ماڙيءَ جي ٽٽل عمارت جا نشان پيا آهن جيڪي جڻ ته پروتنات جي ڳالهين جي شاهدي ڀري رهيا آهن.
مومل جي ماڙي—هڪ پٿر جي ٽٽل عمارت!)

⊛

سوتر ڌار (فقط آواز)

ٻارهينءَ صديءَ جي شروعات ۾ گجر جاتيءَ جو راجا نند مهر پور ماٿيلي تي راڄ ڪندو هو. ڪيس نَوُ ڌيئر هيون، انهن مڙني ۾ مومل سونهن ۾ بيمثل هئي ته وري سومل سياڻپ ۾ پنهنجو ثاني نه رکندي هئي. سومل جادو ۽

درشيه

راجا نند دربار ۾ تخت تي ويٺو آهي.

مومل پنهنجي ڪمري ۾ هار سينگار ڪري رهي آهي.
سومل اگني-ڪنڊ جي اڳيان ويهي ان ۾ آهوتيون وجهي رهي آهي.

شاهه لطيف: ڏيهي سهڻ ڪڇن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
لڏيو لاڏوڻا ڪيو، پنهنجي ڏيس وڃن،
پڇاڙان پورن، ڪجي اس پڇور ڪان.

(شاهه لطيف ڪناري ڪناري اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: جان جيئن تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ تتيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي!...

(شاهه لطيف اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو يوگيراج پروتناٿ جو آواز هن جي ڪنن تي پوي ٿو.)

پروتناٿ: (فقط آواز) پٽ لطيف!... پٽ لطيف!

(شاهه لطيف هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. پر هر طرف ويراني لڳي پئي آهي— نه آدم نه آدم ـ ذات.)

پروتناٿ: (فقط آواز) پٽ لطيف! ڪيڏانهن ڳولهي رهيو آهين اسان کي؟ اسان ته تنهنجي اندر ۾ آهيون. اسان ته تنهنجي اندر مان پولي رهيا آهيون.. پٽ! ڪاڪ ندي جنهن جو ڪنارو وٺيو تون اڳتي وڌندو ٿو وڃين اها ڪاڪ ندي ليداڻي شهر جي ٽڪر تان هڪ چشمي مان نڪري ٿي. ڪنهن زماني ۾ ان چشمي وٽ هڪ يوگي رهندو هو جيڪو مهان تانترڪ به هو. ان تانترڪ يوگيءَ جو نالو هو ڪاڪ. ان ڪري هن نديءَ کي به ڪاڪ ندي ڪري، ڪوٺين ٿا. ڪاڪ نديءَ جي آس پاس ٽڪر جون ڪيئن ساڌنائون ٿيل آهن. ان ڪري هن استان کي پنهنجو مهتو آهي...
پٽ لطيف! سمجهه، ان ڪري ئي طلسمي ڪاڪ محل جي رچنا هن جڳهه تي ڪئي هئي...
پٽ لطيف! جو ٿيو، سو وساري ڇڏ. هاڻي پنهنجو

انگ جي آهي. جڏهن سُوئر جو ڏند پاڻيءَ سان ڇهائي ٿو ته پاڻي سڪي ٿو وڃي.)

راجا نند : اڇا! ته هيءَ سچي ڪرامت هن ڏند جي آهي.
هاڻي اسان پنهنجو سڄو خزانو سنڌو نديءَ جي پيٽ ۾ لڪائي رکنداسين......

سنڌو نديءَ جو هڪ وڏو ٽڪر سڪو پيو آهي. ان سڪل ٽڪر ۾ وڏي کڏ آهي جنهن ۾ راجا نند پنهنجي خزاني جون پيٽيون لڪائي رکي رهيو آهي. اها شاهي کڏ پيٽين سان ڀرجي ٿي وڃي.

اونداهي رات. ڀيانڪ سناٽو. شمشان، ڪي مردا جلي رهيا آهن. آگ جي لرزندڙ روشنيءَ ۾ اسان ڏسون ٿا ته هڪ شاهي بڙ جي وڻ جي هيٺان هڪ تانترڪ ڌيان ۾ ويٺو آهي.
تانترڪ ڌيان ۾ ڏسي ٿو:
راجا نند پنهنجو خزانو صندوقن ۾ ڀري رهيو آهي.
راجا نند صندوقون سنڌو نديءَ جي سڪل پيٽ ۾ ٺهيل قدرتي شاهي کڏ ۾ رکي رهيو آهي.
راجا نند جي ساڄي هٿ ۾ هڪ ڏند آهي جنهنجي ڪري پاڻي وڃي ٿو سڪندو ۽ نديءَ ۾ رستو وڃي ٿو ٺهندو.
تانترڪ : هاڪ هو! ته اِهو آهي اُهو سُوئر جو ڏند جنهنجو ذڪر سامري شاستر ۾ ڪيل آهي... هاڪ هوُ!

تنتر- وديا جي به ڄاڻو هئي.
هڪڙي ڏينهن راجا نند
پنهنجن اميرن سان، سنڌو نديءَ
جي ڪناري تي شڪار پٺيان ڪهيو
ته سندس نظر وڃي هڪ سوئر
تي پئي جيڪو سنڌو نديءَ پار
ڪري رهيو هو. راجا نند جي
حرص جي حد نه رهي جڏهن
ڏٺائين ته جتان جتان سوئر
ويو ٿي هلندو تتان تتان
پاڻي ويهو ٿي سگهندو.

راجا نند ۽ سندس امير گهوڙي
تي سوار، شڪار ڪري رهيا
آهن.

سوئر جي اڳتي وڌڻ سان
ندي وڃي ٿي سڪندي ۽
رستو ٺهندو ٿو وڃي.

راجا نند : اسان جا پيارا ۽ وفادار مترو ! هاڻي توهان واپس وڃو. اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...
هڪ امير : پر سائين...
راجا نند : (حڪم ڀرادي سان) وفادار متر سوال نه پڇندا آهن- اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...
(سڀ امير هليا ٿا وڃن ۽ راجا نند اڪيلو رهجي ٿو وڃي. هو پنهنجي گهوڙي تي چڙهي سڪل نديءَ جي ٺڪر رستي سوئر جي پٺ ٿو وٺي ۽ جيئن ئي سوئر ۽ راجا نند نديءَ جي ٻيءَ پار پهچن ٿا ته راجا نند ڏڪو هڻي سوئر کي ماري ٿو ڇڏي.)
راجا نند : ضرور هن سوئر جي ڪنهن عضوي ۾ اهڙو ڪو اسرار آهي جو پاڻيءَ کي سڪائي ٿو ڇڏي!...
(راجا نند سوئر جا عضوا هڪ هڪ ڪري ڪٽي ٿو ۽ ڪناري وٽ ٿوري پاڻيءَ ۾ وجهي آزمائي ٿو ته آخر اها ڪرامت ڪهڙي

تانته ڪ راجا نند جي خزاني جون صندوقون ڀنيءَ تي پيو وٺي شاهي ڪڏ کان ٻاهر ڪڍي رهيو آهي.

⊛

(راجا نند تمام گهڻو غصي ۾ آهي. هن جي هٿ ۾ ننگي تلوار آهي)

راجا نند : ڀاڳڻ! نالائق! بيوقوف! تو اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو - برباد ڪري ڇڏيو. اسان توکي اصل نه ڇڏينداسين.

(راجا نند غصي ۾ مؤمل کي تلوار سان ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارو ئي آهي ته وچ ۾ سؤمل اچي ٿي وڃي.)

راجا نند : تون هٽي پري ٿي وڃ سؤمل! اسان اڄ مؤمل کي هرگز نه ڇڏينداسين!

سؤمل : مؤمل کي مارڻ مان ڪو خزانو ڪونه ملندو - شائد ڏيو. اهو خزانو توهان مون کان لهڻو.

⊛

سوتر ڌار (فقط آواز)

مؤمل جي ڀيڻ سؤمل تنتر - وديا جي ڄاڻو هئي ۽ جادوءَ جي فن ۾ به ماهر هئي. هن سوچيو ته اهڙو ڪو رستو اختيار ڪجي جو دؤلت جو وهڪرو سدائين اسان ڏانهن

درشيہ

سؤمل اسان ڪمري ۾ اڳني- ڪنڊ جي ڀرسان ويٺي آهي ۽ آهوتيون وجهي رهي آهي. سؤمل جي ڪلپنا ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي اڏيل ڪاڪ محل جي ڌنڌلي تصوير

اِهو ڏند اسان هر حال ۾ حاصل ڪنداسين - اِهو هزاري ڏند اسانجو آهي، اسانجو!

راجا نند جي محل جو باغ. باغ جي وچ ۾ ٺهيل هڪ شاندار گول چبوترو. چبوتري جي وچ ۾ پيل هڪ شاهي گديدار ڪرسي. ڪرسيءَ تي مؤمل ويٺي آهي. آس پاس ڪجھ ساهيڙيون بيٺيون آهن. چبوتري کان ڪجھ دور هٿياربند پهريدار بيٺا آهن. چبوتري جي ڏاڪڻ وٽ ٽانٽرڪ بيٺو آهي. هن وقت هو ڪمزور، روڳي ۽ بيمار ويچارو لڳي رهيو آهي.

ٽانٽرڪ : سائينءَ! مان هڪ اهڙي ڳري مرض ۾ ڦاسي ويو آهيان جنهنجو علاج سونَ جي ڏند سان ئي ٿي ٿو سگهي. توهان راڄ-ڌڻي آهيو، اهڙيون بيشقيمتي شيون توهان وٽ ضرور هونديون. سونَ جي ڏند جي آس رکي راجا نند جي در تي سوالي ٿي آيو آهيان.

مؤمل : (ڪجھ وقت سوچي) پتاجيءَ وٽ اهڙو هڪ ڏند آهي ته سهي پر پتاجي ياترا تي ويا آهن...

ٽانٽرڪ : سائينءَ! هي غريب سوالي وڏيون آسون رکي توهان جي در تي آيو آهي.

مؤمل : تون اِتي ترس، مان اُهو ڏند ڳولهي اچي ٿي توکي ڏيان.

ٽانٽرڪ : ڀڳوان توهان جي ڀلي ڪندو - سدائين شان - مان وڌندو رهندو، اِقبال بلند ٿيندو رهندو...

گهگهوڙ آسمان تي ڏاريو ۽
دليون تي لرزائون !

ديوان خاني ۾ هڪ جهڙا
سهڪار ٻل سنواريل ست ڪٽولا !

ديوان خاني ۾ ٻهل ست هڪ
جهڙا ڪٽولا.

ڇهه ڪٽولا ڪهڙي ست سان
واٽهل-
جن جي هنان اونها ڪوهہ !
باقي هڪ ڪٽولو ڏوهہ ۽ فريب
کان آجو !

هڪ اونهي مونجهار ڪوهہ جو
درشيہ.

ڪاڪ محل آڏجي راس ٿيو
تہ ليلاٽي شهر ۾ هوڪو
گهمايو ويو.

هوڪيوارو : (ڪجهه پل دهل تي ڏنڪو هڻڻ کان پوءِ)
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو .
ڪاڪ محل جي رچناڪار، راجڪماري مومل جو
ڍنڍورو ٻڌو -
جيڪو بہ ماڻهو ڪاڪ محل جو باغ لنگهي، تلاءُ پار
ڪري، شينهن جي چنبي کان پاڻ بچائي، ديوان
خاني ۾ وڇايل ستن ڪٽولن مان سچي ڪٽولي تي
اچي ويهندو تنهن کي سونهن جي ديوي راجڪماري
مومل جو هٿ نصيب ٿيندو ...
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو !

(هوڪيواري جي ارد گرد ڪٺا ٿيل ماڻهون پاڻ ۾ ڳالهائڻ شروع
ٿا ڪن. ماڻهن جا آواز هڪ ٻئي سان ان طرح وڃي ويا آهن جو

جاري رهي ۽ هميشه مال متاع هت ايندو رهي.	جهلڪ ڏيکاري غائب ٿي وڃي ٿي.
هڪڙي ڏينهن سوُمل پنهنجين پيرن ۽ ڏاسين کي ساڻ ڪري، ماٺيلو ڇڏي، جيسلمير جي ويجهو ليداڻي شهر ۾ وڃي ديرو ڄمايو.	سڄو آڳاٽو گامزن آهي.
اُتي ئي عرصي ۾ سوُمل ليداڻي جي پرسان ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي هڪ طلسمي رنگ محل جوڙايو.	ڪلپنا ۾ ٺهرگهڙت ٿيل محل جڙي راس ٿي ويو آهي.
ڪاڪ محل جي چوڌاري هڪ عمدو ۽ خوشنما باغ!	باغ جا ڪجهه درشيه.
باغ جي چوگرد وڏاه ۾ پوُل پلٽمان وارو پهرو!	پوُل-پلٽمان جا هوائي شانس.
محلات جي اندر وٽ هڪ شيشي جو تلاءُ - هر ڏسندڙ کي اُتي لڳي ٿو ته درياءَ چولهون ماري رهيو آهي! ساڳي مهاپارس واري ڪارستاني!	تلاءُ جو درشيه.
محلات جي چئني ڪنڊن تي ۽ دروازي وٽ جادوءَ جا شينهن! شينهن جي ٻاڪي	شينهن گجگوڙون ڪري رهيا آهن.

جي همت ۾ ٿورڙل خزاني کان سوڻو خزانو لڪل آهي، سو توهان کي ملي رهيو آهي. سومل کي ماري ڇا ملهوَ ها ؟

راجا نند : سومل ڌيءُ، اهو ته سڀ سچو، پر ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته توهان اسانجون ڌيئر ڪنهن ڏينهن ڪنهن مصيبت ۾ نه ڦاسي وڃو!

سومل : اهڙيون اڻٿيون ڳالهيون توهان سوچيندا ئي نه ڪريو. جيڪي ڏيوان نوجوان ۽ راجڪمار ڪاڪ محل ۾ لڦندا آهن، اهي شرم کان پاڻ به ٻاهر نه ڪڍندا آهن. اهڙو منهن ڪري لڪائي مان ئي لڏي ويندا آهن.

راجا نند : پر ڌيءُ سومل، ڪي ته ديوان خالي ڦاٿين اچي ڦهڪندا هوندا ؟

سومل : اهڙا نڪ - ڪٽا، فريبي - ڪنٽولي ٿي وڃي وڃي ڪنوه جي تري ۾ پوندا آهن ۽ اتي ئي چهچلائي چهچلائي دم ڏيندا آهن.

راجا نند : سومل! اهي ته نسورا اجاڙ ٿيا، ڪون ٿيا!

سومل : پتاجي، بيشمار هزارنا ڪٽ ۾ ويهي هري رام هري رام جپڻ سان ڪونه ملندا آهن!. تنتر - وديا جو سڌانت آهي ته ڪامنا جي پراپتيءَ لاءِ ڪوئي رستو ٻيو نه آهي. دراصل سنسار ۾ ڪجهه سچو - ٻيو آهي ئي ڪونه. ڪرم ڪرم آهي- بس!

ٽن لفظن "سُومل"، "مومل" ۽ "ڪاڪ محل" ڪانسواءِ ٻيو
ڪجهه بہ سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿو اچي.)

(هيڪڙو ٺاهوڪو ڏٺوان نوجوان ڪاڪ محل جي مکيہ ڦاٽڪ وٽ رکيل نغاري تي ڏونڪو هڻي رهيو آهي. جلد ئي مُومل جي خاص خدمتگار ناتر ڦاٽڪ جو ننڍو دروازو کولي ٻاهر اچي ٿي ۽ نوجوان کي پنهنجي پٺيان پٺيان اچڻ جو اشارو ڪري ٿي.

نوجوان ناتر جي پٺيان پول پٺيان واري پڇري تان هلندو ٿو وڃي.
اوچتو ناتر غائب ٿي وڃي ٿي.
نوجوان وائڙن جهان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ٿو.
مُومل جا نوڪرا اچي ٿا نوجوان جي مٿان مارو ڪن ۽ هن جا سڀ هيرا جواهر ۽ زيور ڦري اڌمئو ڪري ڦاٽڪ جي ٻاهران ڦٽي ٿا ڪري اچنس.

(راجا نند جي محل ۾ راجا نند ۽ سُومل)
سُومل : مهاراجي، جيڪڏهن سُومل ڏنل ڏيتي چڙهڻ واري غلطي نہ ڪري ها تہ بيشمار خزانا توهان وٽ ڪيئن ڪنا ٿين ها؟ توهان جي پاڳ ۾ سڌو نہ ٿي.

هوس ۾ ڪاڪ محل جي
مومل مون سان هيءَ ڪار
ڪئي آهي...

٭

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ)
شاهه لطيف: ڪالهه ڳڏيو سون ڪاپڙي پهر سج کان اڳ ۾،
اسو سونهن ساويءَ جي، رس ورلو روءِ،
جو منهن مومل جي ٻوءِ، موٽي تنهن مس ٿئي!
(جوڳيءَ تي ڪيف (خمار) چڙهي ٿو وڃي. هن جي اکين مان
جهر جهر ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن. هڪ وقت جي اوس وٺي هو اٿي
ٿي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ليٽي ٿو پوي.
همير ۽ سنڌس ساٿي ڏڪ ۽ عجب مان جوڳيءَ طرف نهارن ٿا.)
شاهه لطيف: ڀڪاريءَ کي اسر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا الڳ آڙي، جنهن ڇنا قت ڇڙي ٻيا!

٭

سوتر ڌار (فقط آواز)

هلو هلو ڪاڪ ٽڙن
ڇپرو جت چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن
ٻانوڙي ٻيڪ سمن!

درشيه

همير ۽ سنڌس ساٿي ڏاڍو
جوش ۽ خروش سان مومل جي
ڪاڪ محل طرف وڌندا ٿا
وڃن.

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
جنهن وقت مهراڻ ماٿيلي ۾ راجا نند حڪومت ڪري رهيو هو ان وقت ٿر جو ملڪ سومرن جي حڪومت هيٺ هو. اُنهيءَ گهراڻي جو پوئين حاڪم همير سومرو ١٤٠٠ع ۾ گاديءَ تي ويٺو هو. سندس راڄڌاني هئي امر ڪوٽ. همير سومري کي ٽي پڪا يار ها: ڏونگر ڀٽي، سنهڙو ڏاماچاڻي ۽ راڻو مهندرو. راڻو مهندرو همير سومري جو سالو به هو.	راجا نند جو محلات همير سومرو پنهنجي محل ۾ خاص ڪمري ۾ ويٺو آهي. سندس ڀر ۾ سندس ٽي يار ويٺا آهن. ڏونگر ڀٽي- سنهڙو ڏاماچاڻي- راڻو مهندرو ...
چار ئي يار عيش و عشرت جا ڪوڏيا ۽ شڪار ڪرڻ جا شوقين!	شراب جو دور - ٽهڪ. شڪار جا ڪجهه درشيہ.
هڪ دفعي شڪار ڪندي کين رڻ ۾ هڪ "ڀڳوو رنگ پوش" گڏيو. جوڳيءَ جو سچو رلو مسڪ ڏسي کيس نمسڪار ڪيائون ۽ کانئس رڻ ۾ ڀٽڪڻ جو ڪارڻ پڇيائون:	همير ۽ سندس يار جوڳيءَ کي نمسڪار ڪن ٿا ۽ ڪجهه ڳالهائن ٿا.
جوڳي: مان به هڪ راڄڪمار	

هوُمل : چار شڪار اچي ويا آهن ناٿر؟
ناٿر : هائو راجڪماري، پوُرا ۽ پڪا چار شڪار.
هوُمل : صبح ٿئي- پوءِ هنن جي خبر وٺڻ وڃجانءِ.
ناٿر : ٺيڪ آهي...

ڪاڪ محل جي ٻاهران ميدان / ٻاهر / پرڀات

(چار ئي ڄڻا ميدان ۾ وڇايل فراس تي ويٺا آهن. ناٿر خوب هار- سينگار ڪري هنن جي مرحبا لاءِ آئي آهي. اُهن سان گڏ چار ٻانهيون به آهن جن مان هر هڪ جي هٿن ۾ هڪ ٿالهي آهي. ناٿر هر هڪ اُميدوار جي اڳيان چڻن جي ٿالهي رکي ٿي ۽ منجهيل سٽ جي ٿاري رکي پاڻ پوئتي هٽي بيهي ٿي رهي.
راڻي مينڌري کان سواءِ باقي ٽنهي ڄڻا چڻن کي جهٽي ٿا وڃن ۽ ڪائي پوءِ ٿا ڪن. صاف ظاهر آهي ته هو ڪجهه ڏينهن جا بکايل آهن.
ناٿر سڀ ڪجهه چتائي ڏسي رهي آهي.
راڻو چڻن جي ٿالهي کڻي گهوڙي جي اڳيان ٿو رکي.
همير ۽ هن جي ٻن يارن چڻا کائي پيٽ ڀريو آهي ۽ هاڻي هو منجهيل سٽ سلجهائي رهيا آهن پر ڪاميابي ملڻ جا آثار نظر ڪونه ٿا اچن.
راڻو منجهيل سٽ کي ڪاتيءَ سان ڪپي ٿو ۽ اُن مان مکڻهارو ٺاهي پنهنجي گهوڙي جو سينگار ڪري ٿو. ناٿر سڀ ڪجهه عجب مان ڏسي رهي آهي.)

راڻو : وچ ۽ وڃي پنهنجي راجڪماريءَ کي ٻڌاءِ ته گهوڙي لاءِ موڪليل مال گهوڙي کي ئي ڏنو ويو.

هلو هلو ڪاڪ ڙڻن،
جتي گهڙجي ٻيهن،
نه ڪا راهه نه ڏيهن،
سيڪو لاسي لڙاڻن کي!

هوءَ سڀ آئسان ۽ اي ڊيانيءَ
جي تصوير لڳي رهيا آهن.
ڏن اُٺن جي تيز رفتار جا
ڪجهه درشيه.
راڻو گهوڙي تي سوار آهي-
سمند گهوڙي تي.

ميدان / ٻاهر / نماشام

واڻيڪ شام. ڪاڪ محل جي ٻاهران سنهه-دوار جي ڀرسان همير ۽ سندس يارن اچي ديرو ڄمايو آهي. اُٺن جي سواريءَ سبب چار ئي يار ٿڪجي پيا آهن ۽ ميدان تي ليٽي ٿڪ مٽائي رهيا آهن.

ڪاڪ محل صاف نظر اچي رهيو آهي.

ڪاڪ ندي مستاني وَهڪ سان وهي رهي آهي.

ٽي اُٺ جگالي ڪري رهيا آهن. سمند گهوڙو گاهه چري رهيو آهي.

ڪاڪ محل ۾ مومل جو خاص ڪمرو / اندر / رات

(ڪمرو بيحد خوبصورت طريقي سان سجايل آهي. مومل پلنگ تي ليٽي پئي آهي. سندس ڀرسان هن جي خاص داسي ناتر ويٺي آهي.)

ميدان.
(راڻي جي ڀرسان ناٿر بيٺي آهي. هن جي هٿن ۾ ٿالهه آهي.
راڻو پيڪٽ لاهي ٿو ۽ پستن، باداممن، ڪاجن ۽ طرح طرح جي
سڪل ميون سان ڀرپور حلوو ڏسي ٿو. راڻو هڪدم زور سان
ڪڍي ٿو پيڪٽ ٿالهه جي مٿان رکي.)

راڻو : ڇا تنهنجي راجڪماري اسان کي ڌاريون سمجهيو
آهي جو هٿئون زنانو طعام موڪليو اٿائين؟
(ناٿر ٻچي ٽڪڙو ٽڪڙو واپس وري ٿي.)

همير : راڻا مهندرا! تون آهين ته اسانجو سالو،
پر ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ اٿئين چئندو آهين
چٽ ڪو زهريلو پالو!
گهوڙن وارا چٽا اسان کي ڪانه ڏنئه، پر پستن باداممن
وارو حلوو موڪلي ڇڏيئه...

راڻو : منهنجا يار همير! دل نه لاهه!
اچو پيو طعام آيو، آيو...

ڏونگر . اڙي — آيو — آيو...

سهڙو : سچ پچ آيو — ٻلڪ اچي ويو —

ناٿر : (اوچتو فريم ۾ داخل ٿي.)
هي چيمهن ٻڌارئن وارو پوچن راجڪماري مومل
پنهنجي شي هٿن سان پاڻ تيار ڪيو آهي ۽ منت
ڪئي آهي ته ڪرپا ڪري هي پوچن سوُ يڪار
ڪري اسان کي ڪرس-ڪاريه ڪريو...

(ناٿر پاڻ سان گڏ آيل چئن داسين جي هٿن مان سونيون ٿالهيون
وٺي هرهڪ نوجوان جي اڳيان رکندي ٿي وڃي. پنجين داسي

(ناٿر جو منهن لهي ٿو وڃي. هوءَ ڇڙهي پنهنجي سُوڙي واپس
وڃي ٿي. راڻو هن ڏانهن نهاري به ڪونه ٿو. گهوڙو ڇڙا کائي
رهيو آهي.)

مومل جو خاص ڪمرو / اندر / ڏينهن

(مُومل جي سامهون ناٿر بيٺي آهي.)

ناٿر : راجڪماري، چار پروانا توهان جي روپ جي جوالا
۾ پاڻ اُرپڻ لاءِ آيا آهن. آهن ته چارئي ڏاهُوڪا
۽ مَن-موهيندڙ پر ... پر، راڻو راڻو آهي...

(مُومل ناٿر جي اکين ۾ نهاري ٿي .)

ناٿر : منهنجي نه مرضي به آهي ۽ صلاح به آهي ته راڻي
کي ڪٽي پنهنجي هردي جي سنگهاسڻ تي ويهاريو...
هُونئن به اهڙي روپوان ۽ پڙهيل نوجوان جي جان
ولڻ کو عقل جو ڪم ڪونهي.

(مُومل ڪجهه پل سوچي ٿي.)

مُومل : ناٿر، جي روپوان راڻو سچ پچ اهڙو سماڻو به آهي
ته پاڻهي اچي اسان تائين پهچندو ... هُو سامهون پيو
اٿئي حلوي جو ٿالهه - مهمانن جي ناشتي لاءِ ڪٽي
وڃ ...

(ڪمري جي هڪ طرف ميز تي چانديءَ جو وڏو ٿالهه پيو آهي
ٿالهه جو ڍڪڻ به چانديءَ جو ئي آهي. ناٿر ٿالهه ڏانهن وڌي ٿي.)

ميدان

(راڻي جي سامهون ناٽر بيٺي آهي.)

ناٽر : جي همت اٿوَ ته هڪ هڪ ٿي اچي ملاقات ڪريو ۽ پنهنجو نصيب آزمايو.

سڀ : (هڪ آواز ۾) ائين ٿي ايندو .

(ناٽر واپس وڃڻ لاءِ پوئتي مڙي ٿي.)

هميرُ : ترس ۽ اسان هميرُ سومرا آهيون- ٿر ملڪ جا حاڪم. سڀني کان اول اسان تو سان گڏ ڪاڪ محل ۾ داخل ٿينداسين ۽ پنهنجو نصيب آزمائينداسين.

ناٽر : ته هلو حضور!

ڪاڪ محل جو باغ / ڏينهن

(هميرُ ۽ ناٽر ڪاڪ محل جي باغ مان لنگهي رهيا آهن. باغ جو در لتاڙي پول پاڻمان واري ٻيڙي ۾ داخل ٿين ٿا. اوچتو ناٽر غائب ٿي وڃي ٿي ۽ هميرُ اڪيلو رهجي ٿو وڃي. ناٽر جي لاپتا ٿيڻ ٿي سڄو وايو منڊل ڀيانڪ آوازن سان ڀرجي ٿو وڃي. آواز اهڙا ته خوفناڪ آهن جو انسان کي پاڳل ڪيو ڇڏين. هميرُ جيئن تيئن ٿاٻا کائيندو پيو جان بچائي ٿو. ٺهڪن جو ڀيانڪ آواز.

هميرُ پنهنجي ٻانهن جي اڳيان ڦان ٿي اچي ٿو ڪري. سڀ حمرُن ٿي ٿا وڃن.)

هميرُ : مومل معنيٰ موت. پڇي جان بچايو. سر سلامت هوندو ته مومليون به ماڻيون...

سونيءَ صراحي نوجوانن جي پرسان رکي ٿي ۽ اُن جي پاسي ۾ چار
سونا گلاس به رکي ٿي.
همير ۽ هن جا ٻه يار کائڻ شروع ڪرڻ وارا ٿيا آهن ته راڻو هنن
کي روڪي ٿو.)

راڻو : همير، تون اڄ منتريءَ جي صلاح شايد ڀلائي ويٺو
آهين... او ٻري جو ذليل ڪاڌو ۽ پاڻي بنا جاچ
ڪرڻ جي ڪڏهن به نه ورتائجي.

(راڻو ڪجهه ڪاڌو سامهون ويٺل هڪ ڪتي جي اڳيان ڦٽي ٿو
ڪري. ڪتو ڪاڌو کائڻ سان ئي وٺي ٿو ڪوڪون ڪري ۽
ڦٿڪي ڦٿڪي اُتي ئي مري ٿو وڃي.
همير هڪدم هوش ۾ اُٿي ٿو کڙو ٿئي. هن سان گڏ ٻيا به اُٿي
ٿا اچن.)

همير : هلو ته موٽي وطن هلون- اسان لشڪر وٺي ايندا سين
۽ هن طلسمي محل جي هڪ هڪ پرزي جا پرخچا
اُڏائي ڇڏينداسين.

راڻو : (شانت - ڀاو سان) دوست، واپس ورڻ وارن جو
ڪم ناهي. هاڻي ته مانجهي مڙس ٿي ميدان ۾ ٽپي
پونداسين ۽ ميدان مارينداسين.

(ان وچ ۾ ناٽڪ ۽ پهرون داسهون ڪسڪي هلي ٿيون وڃن.)

مومل جو ڪمرو

(مومل جي سامهون ناتر ائني آهي.)

مومل : ڇوڪري! زبان بند ڪر. راڻي جي اڳيان ڇهڪي مان
ڪا ڳالهه ڪي ڪرڻ - هاڻ ڪنديس ڇا؟ ...... هاڻي
سڏو وڃ ۽ وڃي چئين ته......

ڪري رهيو هو. ويچارو باغ مان ئي وٺي ڀڳو.
سڀ ئي جوانن جي پول-پلٽڻان ۾ ڀرتي ڪيا ها ته
پڪ ئي پڪ دل ڏڪي پوس ها ۽ اسان کي...

مُومل : (وچ ۾ ئي ناٿر کي ڪٽي) هڪ ٻئي لاش جي
انتم ياترا جو بندوبست ڪرڻو پوي ها.

(ناٿر زور سان کلي ٿي. مُومل جي منهن تي هڪ خوني مرڪ
آهي — ڀيانڪ، ڪٺور ۽ حيواني.)

ناٿر : ٽين راتِ وري سڀڪڙي سينو ساهيو. سڀڪڙو ته
پنهنجي ڪان ۾ به رتيون وڏ بزدل نڪتو. باغ جي
ٻاهران ئي هيبتناڪ آوازن جا پڙاڏا ٻڌي وٺي لانچ
پائي ڀڳو.

مُومل : باقي ڪيڏو آهي راڻو؟

ناٿر : هائو راجڪماري! پر... مان چاهيان ٿي ڪاش هو
سوڀارو ٿئي — توهان ٻنهي جي جوڙي لاجواب
رهندي.

مُومل : (اک ٻوٽي ڪري) ناٿر! مٿان اسان کي ديوتائن
۽ راڻي جي مدد ڪرڻ.

(ناٿر چپ آهي.)

مُومل : چڱو، هاڻي وڃ ۽ وڃي راڻي مهندري کي آزماءِ.

ڪاڪ محل جو باغ / رات

(ڪيمرا ڪلوز راڻي مهندري جي ڇهري تي. ڪيمرا جي پل
پٺ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو گهوڙي تي سوار آهي ۽
پول - پلٽڻان واري پهري تان اڳتي وڌي رهيو آهي. ناٿر

راڻو : دوستن، تو پنهنجو نصيب آزمايو . پر ڪي به
وارو ڏيڻ گهرجي . اجايو نہ تہ خلق اڳيان شرمندا
ٿينداسين .
(هن جواب ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿو چوي.)

ميدان / رات

(پيچيدو ماحول. جهڪي روشني)
ناٽر : (ٿلهولي ڪندي) قبيلا! توهان تہ هميشہ سورما آهيو!
تہ ملڪ جا حاڪم آهيو! طلسمي آوازن کان ڏکي
وڃي پيا! وهون اِئين همت ڪيئون آهن؟
(ناٽر چپ ٿي وڃي ٿو. چار ئي يار شرم کان خاموش آهن.)
ناٽر : آهي ڪو پر جو ڪاڪ محل ۾ داخل ٿيڻ جي
همت ڪري؟
ڏونر پني : (مچون مروڙي) مان ٿو هلان— مان ڏونر پني!

مومل جو ڪمرو / رات

(مومل پلنگ تي ليٽي پئي آهي. ناٽر ٿورڪ ڏيئي رهي آهي—
مومل جي پلنگ جي پاسي ۾ اهي ڪري)
ناٽر : سو راجڪماري، ڏونر پني هليو. يمانڪ راس .
اولده . هر پاڇو چڙ ڪر پوءِ. باغ جو هڪ هڪ
گل پوءِ جي يمانڪ اک اٿجي پئي، جو روح لبض

محلات جي اڳيان راڻي کي ائين ٿو لڳي جڻ ڪوئي تلاءُ هجي
پاڻيءَ جي ڇولين جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي.)

راڻو : تلاءُ ۾ ڇوليون!؟ يعني طلسم ـــ هون...

(راڻو زمين تان هڪ ڳول ننڍڙو پٿر کڻي تلاءُ ۾ اُڇلي ٿو. پٿر
ٻڏي ڪونه ٿو بلڪ ترڪندو ترڪندو اونده ۾ غائب ٿي ٿو وڃي.
راڻو اُهو طلسمي تلاءُ گهوڙي تي سوار ٿي پار ٿو ڪري ۽ محلات
جي ڏيڍيءَ تي وڃي ٿو پهچي.
اوچتو هڪ داسي اچي ٿي ۽ رگهت ٿئي.
راڻو گهوڙي تان هيٺ لهي ٿو.)

داسي : (هٿ جوڙي) سائين، ڪاڪ محل ۾ توهان جو
سواگت آهي... اچو.

(اُن وقت هڪ ٻي داسي به اچي ٿي اُتي پهچي.)

داسي : توهان پنهنجي گهوڙي جي چنتا نه ڪريو. گهوڙي
جو به پورو پورو خيال رکيو ويندو.

(راڻو اول آيل داسيءَ سان گڏ محلات ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ هن
جي پٺيان پٺيان هلندي هلندي اچي ٿو ديوانخاني ۾ پهچي. اُتي
ست ڪٽولا هڪ جهڙا سينگاريل پيا آهن. راڻو ڪٽولن ڏانهن چٽائي
نهاري ٿو)

داسي : سائين، توهان ڪٽولي تي ويهي آرام ڪريو — مان
راجڪماري مومل کي وٺي ٿي اچان.

(داسي هڪ طرف هلي ٿي وڃي.)

راڻو : طلسمي محل ۾ ست ڪٽولا — يعني حرڪتبازي ۽
حرفتبازي. چڱو، جي تون مومل آهين ته اسان به
راڻا آهيون. تو وٽ طلسمي تالا آهن ته اسان وٽ
طلسمي چاٻيون...

(راڻو مياڻ سوڌي تلوار سان ڪٽولي تي ٺڪ ٿو هڻي. ڪٽولي

گهوڙي جي اڳيان اڳيان هلي رهي آهي. ڀيانڪ رات. ڌنڌلي روشني.
هڏ ڪنبائيندڙ آواز. ٻوڏن. هانڪا. چيخون. ڀوتن جا ٽهڪ.
سرگوشيون. اهڙا لفظ جيڪي ڪوئي ارٿ نه ڏين. شين جو
ڪرڻ. سازن جو وڄڻ. چهڙ جي چماچم. پر راڻي جو هوش
برقرار آهي. هو هڪ پل لاءِ به پنهنجي نظر ناٽر تان ڪونه ٿو هٽائي.
اوچتو راڻي جو گهوڙو ٽهڪ جي ڪري ٿو.)

راڻو : يار سمند! هيءُ وقت ٽهڪ جو ناهي. فولادي دل
سان هر مصيبت جو مقابلو ڪندي اڳتي وڌڻ جو
آهي.

(راڻي جو ڌيان گهوڙي طرف ويندي ڏسي ناٽر گوهي ڏيئي
کسڪڻ جي ڪري ٿي ته راڻو هڪدم گهوڙي تان ڇلانگ لڳائي
وڃي ٿو کيس پٺتي کان جهلي ۽ گهلي پٿري تي آڻي ٿو ٻاهرس.)

راڻو : خبردار! جي چالاڪي ڪئي اٿيئي. ورنا اسان جي
تلوار جي پياس سڀ کان اول تنهنجي خون سان
اجهندي. گهوڙي جي اڳيان اڳيان هل ۽ شرافت
عورتن وانگر نه ڪاٻي ٻهار نه ساڄي نه ٻنيان. اکيون
جهڪائي اسان جو رستو صاف ڪندي هل.

(اڳيان اڳيان ناٽر ۽ پٺيان راڻو سمند تي سوار ٻوُل ٻلنا وارو
ٻيهڙو پار ڪري رهيا آهن. پيهڙي جي پڇڙيءَ وٽ بلڪل
اونده آهي. اوچتو ناٽر وجهه وٺي گهوڙي کي ٽپاهو تي ڏئي ۽
اونده ۾ غائب ٿي وڃي ٿي. راڻو گهوڙي تان هيٺ ڪري ٿو پوي.
راڻو پاڻ سنڀالي اٿي ٿو. اکيون مهٽي ٿو. سامهون محلات جو
ڪارو روپ ڏسي ٿو. ڪاريءَ اونده ۾ پڌل محلات ۾ اندر ڪٿي
ڪٿي روشني آهي جنهن جا هلڪا ترورا محلات کي ڪجهه
ڪجهه پڌرو ڪري رهيا آهن.
خوفناڪ آواز اڃا به جاري آهن.

راڻو : اڃا به ڪو امتحان هجي ته اسان تيار آهيون.
مومل : (حجاب ۾) اي ور مهر راڻا! اسان کي وڌيڪ شرمندو نه ڪريو. اسان جي جان، توهان تي قربان.
اسان زندگيءَ ڀر توهان جا گولا ٿي گذاريندا سين.
(راڻو ۽ مومل ڀرپور ڀاڪر پائن ٿا.)

⊗

شاديءَ جا شاد مانا.
شادي.
سهاڳ رات.

⊗

(شاه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز - اپ.)
شاه لطيف: گجر گهڻا ئي گهائيا،
هاڻي لهه —
ڀاڻا لڳندس گهاءُ!
ڪان ڪپار ۾!

⊗

امر ڪوٽ: همير جو قيد خانو / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز راڻي مينڌري جي ڇهري تي. ڪئمرا جي پل پٺڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو قيد آهي. قيدخاني جي ڪمري جي ٻاهران سپاهي پهرو ڏيئي رهيا آهن. راڻو پنهنجن تي

تي وڇايل گديون، غاليچا ۽ طول وهاڻا وڇي ٿا هيٺ اوڙاهه ۾ ڪرن. راڻو اندر اوڙاهه ۾ لهڻو پائي ڏسي ٿو ۽ سندس اکيون ڦاٽي ٿيون وڃن.)

راڻو : مُومل! ڇڪون آهين ۾ خونخوار به آهن، پالا! ٻرڇيون!

(راڻو هڪ ڪتولي کي آزمائي ڏسي ٿو. ڇهن ڪتولن جا ٻسترا وڇي ٿا اوڙاهه ۾ ڪرن. ستين ڪتولي جو ٻسترو جهڙين جو تهڙين برقرار رهي ٿو. پوءِ به پڪائيءَ جي خيال کان راڻو ان جي هيٺان ۽ آس پاس چڪاس ڪري ٿو. سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ آهي — اهو پڪ ٿيڻ کان پوءِ راڻو پالم ٺڳجي، طول وهاڻي کي ٺيڪ ڏيئي ڪتولي تي ويهي ٿو رهي. تلوار پنهنجي پاسي ۾ ڪٽي ٿو رکي. ان وقت هڪ داسي اچي ٿي.)

داسي : ڪرپا ڪري مٿي هلڻا اچو.

ڪاڪ محل جو شاهي ڪمرو / رات

(ڪمري ۾ شاهي لباس پهري پندرهن روپوتيون جو پتليون جدا جدا جڳهن تي ويٺيون آهن. سڀني جي ڇاتي تي هڪ جهڙي مُرڪ آهي.

(راڻو داسيءَ سان گڏ اندر داخل ٿئي ٿو.)

داسي : هنن پندرهن مُومل مان پنهنجي مُومل پاڻ ڳولهيو.

(اُن وقت هڪ پردرو پون پون ڪندو اچي ٿو ۽ هٿيڻي مُومل جي چوڌاري ڦيرون پائي ٿو. راڻو اندازو لڳائي ٿو ته اها ئي ڪاڪ محل جي راجڪماري مُومل آهي. هو سڌو وڃي ٿو مُومل جي اڳيان بيهي رهي.)

ڪري ٿو ڪي ان شرط تي آزاد ڪيوسين ٿا، اُن زهريلي نانگڻ جو وري مٿن نه ڏسندين. ڇا تو انجام ٻڌو؟... نه، تو انجام ڪونه ٻڌو. تون اسان جي اکين ۾ سرمو پائي مومل سان ملڻ لاءِ ويندو رهين... ثبوت ملڻ تي اسان وري ڪٽي توکي قيد ڪيو...... اسان جي راڻي يعني تنهنجي ڀيڻ جهڙي منٿن ۽ ايلازن جي ڪري اڄ اسان هڪ دفعو وري توکي آزاد ڪري رهيا آهيون... دل ته اسان جي بلڪل نٿي چاهي ته ڪو تنهنجا بند خلاص ڪجن، پر... پر اسان پنهنجي راڻيءَ کي به هرو ڀرو ناراض نٿا ڪرڻ چاهيون. راڻا تون آزاد آهين... اسان اُميد ٿا ڪريون ته تون وري اسان کي ڪوئي اڳرو قدم کڻڻ لاءِ مجبور نه ڪندين......

(هيمر تيز تيز قدم کڻندو بندي خاني مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

راڻو ڏاچيءَ جي هڪ ڳوٺروءَ تي سوار ٿي مومل سان ملڻ لاءِ ڪاڪ محل طرف وڃي رهيو آهي.

خيالن ۾ گم ھڪ ڪنڊ ڪان زمين تي ويٺو آھي.
ھمير اچي ٿو. پھريدار کيس باعزت سلام ڪن ٿا. ھمير پھريدارن کي قيدخاني جو دروازو کولڻ لاءِ اشارو ڪري ٿو. پھريدار دروازو کولين ٿا. ھمير اندر وڃي راڻي جي سامھون بيھي ٿو رھي.
راڻو پنھنجن ئي خيالن ۾ گم آھي. کيس اھا به سڌ ڪونه ٿي ٿئي ته ڪو دروازو به کليو آھي ۽ ھمير اندر داخل ٿي چڪو آھي. پر جڏھن ھمير ھن جي پرسان اچي بيھي ٿو ته ھن قدمن جي آواز ۽ ٻن ٽنگن جي اڳيان اچي بيھڻ جو درشيه ھن جي تندرا کي ٽوڙي ٿو ۽ ھو اکيون مٿي کڻي نھاري ٿو. پر پوءِ وري اکيون جھڪائي ويٺو ئي ٿو رھي.)

ھمير : جنھن حسن جي اسان تمنا ڪئي اھو حسن اسان کي، فقط اسان کي حاصل ٿيڻ گھرجي. اسان پنھنجي پيار کي ٻئي جي ٻانھن ۾ ھرگز - ھرگز گوارا نه ڪري سگھنداسين؛ پوءِ چاھي اھو اسان جو سالو - اسان جي راڻيءَ جو ڀاءُ ئي ڇو نه ھجي ا...

(راڻو ڪوئي رد عمل ظاھر نٿو ڪري. ھو نروڪار روپ سان سڀ ڪجھ ٻڌي رھيو آھي.)

ھمير : تنھنجي ڪري اسان جي سراسر بي عزتي - زبردست بي عزتي ٿي آھي. اسان مھاڙڪو وس ڪري توسان گڏ ڪاڪ محل ۾ ھلياسين ته مومل جاڙي واڙي اسان کي منھن ڏيڻ لاءِ ڇڏيو! ۽ تون؟ تون مومل کي پاڻ سان گڏ وٺي ھليو وئين ۽ وڃي عيش ڪيئه! ڇا اسان غلط آھيون؟

(راڻو اڃا به خاموش آھي.)

ھمير : اسان غصي ۾ ٻيھي راھ تي وياسين ۽ توکي ڪٺي ڪاٺ ۾ وڌوسين؛ پر چئن چڱن جي وچ ۾ اوڻ

روڪي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي تلوار مومل جي پاسي ۾ رکي ڇپڇاپ پويان پير ڪري هلندو ٿو وڃي.)

(ڪاڪ محل ۾ مومل تڙڦي رهي آهي. بيت اوورلئپ ڪري ٿو - زناني آواز ۾.)

بيت : شمع پاريندي شب، پره پاڪون ڪيون،
موٽ، مران ٿي، مينڌرا! راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجيءَ تاس طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا!

(مومل، سومل ۽ سندن داسيون ڪاڪ محل ڇڏي امرڪوٽ طرف وڃي رهيون آهن.
بيت اوورلئپ ڪري ٿو - آواز زنانو.)

بيت : سوڍا صبر تنهنجو، مرڪ لڄائين،
ڇپ سڄڻ جي ڇون، ادب ڪجي اُن جو.

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ)

شاهه لطيف : جڏهن انسان جا سڀ حيلا وسيلا ناڪام ٿيا ٿين، هارائي ٿا وڃن تڏهن هڪ ئي آخرين سهارو وڃي ٿو بچي...

(مومل باهه ۾ جلي رهي آهي. راڻو ٻه ٻه ڪندو اچي ٿو مچ ۾ ٽپي پوي!)

سوتردار (فقط آواز)

اسر ڪوٽ جي قيدخاني ۾،
جي هڪ طرف راڻو مومل
جي ياد ۾ بيقرار هو تہ ٻئي
طرف ڪاڪ محل ۾ راڻي
جي جدائيءَ ۾ مومل بہ بيحال
هئي!

ڏينهن تہ جيئن تيئن ڪري
گذاري ڇڏيندي هئي پر
جدائيءَ جي رات جو هڪ
هڪ پل ڪارنهر ٿي ڪيس
ڏنگيندو رهندو هو.

پاڻ کي پرچائڻ لاءِ ۽ اڪيلن
من کي ڪجهہ تسلي ڏيڻ
لاءِ مومل پنهنجي وڏي ڀيڻ
سومل کي راڻي مهندري جا
ويس وڳا پهرائي رات جو
پلنگ تي پاڻ سان گڏ سمهاريندي
هئي- ۽ ڪيس ڪهڙي خبر تہ:
هڪ ڏينهن......

درشيہ

راڻو قيدخاني ۾.

مومل اداس پنهنجي ڪمري
جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي آهي

مومل بستري تي ڦر ڦر پاسا
بدلائي رهي آهي.

مومل ۽ سومل هڪ ٻئي کي
ڀاڪر پائي ستيون پيون
آهن. سومل کي راڻي جو
لباس پهريل آهي.

(راڻو مهندرو ٻارڙ و هٽالي مومل جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو
۽ اوچتو رڪجي ٿو وڃي. مومل هڪ غير مرد سان ڀاڪر پائي
سمهي پئي آهي !

راڻو غصي ۾ ٿي اوه ٿي ٿو وڃي. تلوار ڪڍي انهي جا
ڌڙ ڪان ڌار ڪرڻ وارو ٿي آهي تہ اوچتو ڪجهہ سوچي هـ

سائين، اها ست ساهه سان وڃي اهڙي نموني سڀجي
ويٺي آهي جو ساهه وڃي ته وڃي، ان ست جو
سڳو نه ٽٽندو...

شاهه لطيف: ممان، جي مرضي هجيئي ته سڄو ٻيٽ پڌايانءِ جنهن
جي هيءَ ست آهي.

جت : سائين، ان کان وڌ ته مون جهڙا لاءِ قارون جو خزانو
به ڪو نه ٿيندو... ڏٺي توهان جو ڀلو ڪندو...

شاهه لطيف: سڻ ممان -
هڪڙائي هئل، پورهيتس ٻنهون ڏي،
(جت خوشيءَ ۾ اٿي نچڻ ٿو لڳي.)

شاهه لطيف: آڏا ڏونگر لڪئون، سُور ٻئون سجن سيل،
(جت وجد ۾ اچي رقص ٿو ڪري.)

شاهه لطيف: ته ڪر ٻئلي آهن ٻئل، جي سُور ٻريان جا ساڻ مون!
(جت جو تنهن ست ٻڌڻ ۽ بيهوش ٿي ڪري پوڻ.
شاهه لطيف جهڪي جت کي ڏاڇي ٿو. هو مري چڪو آهي.)

شاهه لطيف: ممان، تنو جهڙو درد وارو انسان نه، مون ڪڏهن
ڏٺو آهي ۽ نه وري ڏسڻ جي اميد ئي آهي...
رب تنهنجي روح کي مغفرت بخشي.

(شاهه لطيف پنهنجن هٿن سان اڪيلي سر قبر کوٽي ٿو ۽ عشق
جي تصوير، جت جو لاش دفن ڪري ٿو. زمين جي اُن ٽڪر
تي شاهه لطيف خاص قسم جون سرُون رکي نشان - دهي ڪري
ٿو جنهن اڄ تائين هلي قبر جڙي سگهي.
شاهه لطيف ان جڳهه ڏانهن ڪجهه ڏينهن لڳاتار ايندو رهي ٿو.
شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ.)

— فيڊ آئوٽ

ٻاهه جا الا آسمان ڇهي رهيا آهن.)

شاهه لطيف: اگني... اگني... ۽ اگني......

سڀ ڪجهه سواها... سواها... سواها......

ننگر ٺٽي ڏانهن ويندڙ رستو / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلو ئي اڪيلو ننگر ٺٽي ڏانهن واپس وري رهيو آهي. اوچتو سندس کي ڪلام جي هڪ سٽ ڏاڍي دردناڪ آواز ۾ ادا ڪيل ڪن پوي ٿي.)

سٽ : هيڪلائي هل،

پور پنڌ پرهه ڏي...

هيڪلائي هل، پور پنڌ پرهه ڏي...

(شاهه لطيف دردناڪ آواز طرف نهاري ٿو.

(سامهون هڪ غار ۾ هڪ شخص مايوسيءَ جي عالم ۾ ويٺو آهي ۽ ور ور ساڳي سٽ پيو ٿو دهرائي.

شاهه لطيف غار طرف وڃي ٿو.)

شاهه لطيف: ابا، تون ڪير آهين؟

شخص : سائين، مان هڪ جت آهيان.

شاهه لطيف: ابا، تون ور ور ڇا پيو ٿو دهرائين؟

جت : سائين، خون ۾ ڪالڪ پوري لکيل ڪنهن دردناڪ ڪلام جي هڪ سٽ آهي.

شاهه لطيف: ابا، اها سٽ ڪٿان مليئه؟

جت : سائين، هالن جي پرسان لنگهي رهيو هوس ته ڪن فقيرن اها سٽ ور ور پئي دهرائي...

ويڊيو پبليڪيشن جو اسڪرپٽ - ساهت

(١) جوڳي جادو لائي ويا (١٩٨٧) - منوهر - جگديش
[مرڪزي سرڪار جو انعام حاصل ڪيل]

(٢) ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان (١٩٨٧) - منوهر - جگديش

(٣) ٻؤ - ڦٽي ٻوٽي (١٩٨٨) - منوهر - جگديش

(٤) ڪريو نہ تنهنجو ڪير (١٩٩٠) - منوهر - جگديش

(٥) جل ۾ جوتين وارو (١٩٩٢) - منوهر - جگديش

(٦) نيڻين ننڊ حرام (١٩٩٣) - منوهر - جگديش

Cover Designed & Printed by **ART SPOT**, BOMBAY-Tel: 464134-395057



منوهر بيدي - جڳديش لڇاڻي

عشق تمام، بِرهه تمام، ورا! مئن لوُنئي يار لوڪو!
سيجَ سُتي نوُن جهپَ نه آوي، نيڻين ننڊ حرامُ،
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيراندا ڪامُ،
مَتِ عقلَ دي مُنجهه گئي، آيا عشق اِمامُ.

NENEN NIND HARAM —MANOHAR BEDI
JAGDISH LACHHANI.

VEENA PUBLICATION PUBLICATION
وينا پبليڪيشن
VEENA PUBLICATION